ويتنامي کهاڻيون

(پهريون پاڳو هڪ جلد ۾)



مرتب/ مترجم

رسول بخش پليجو

روشني

ويٽنامي کهاڻيون

(ٻئي ياڳ هڪ جلد ۾)

سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار

رسول بخش پليجو

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2015ع

Roshni Book No. 712

کتاب جو نالو: ويٽنامي کهاڻيون

سهيڑيندڙ ۽ سنڌيڪار: رسول بخش پليجو

ڇاپو ڦهريون: © روشني 2015ع

ڪمپوزنگ : رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ.

VETNAMI KAHANYOON

Compiled & translated by: **Rasool Bux Palejo**

Composed by: Rafique Hussain Kolachi
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2014

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتي حيدرآباد

پٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد+ حيدرآباد لا هائوس، سامهون حبيب بئنڪ اسٽيشن روڊ، حيدرآباد

ڪائياواڙا اسٽور، اردو بازار، ڪراچي.

حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول + لال بخش نيوز پيپر ايجنٽ، ٺٽو

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ ايڪيڈمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو

مدني بڪ ڊپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو

اشرف بوڪ اسٽال مسجد روڊ، نوابشاهه + رائوڙ ڪتاب گهر، سڪرنڊ

سڪندري بوڪ ڊپو، ڪپرو + حافظ ڪتب خاني ڪپرو+ مهراڻ بُڪ ڊپو، ڪپرو

المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ.

العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٽر ڪتاب گهر، عمرڪوٽ.

سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + چنيد بوڪ ڊپو، دادو + مراد بڪ اسٽال، سيوهڻ

مرچو لال بوڪ ڊپو، بدين + رحيم بوڪ ڊپو، بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين

ٽر ڪتاب گهر، ميٽي + ساگر ڪتاب گهر، ميٽي

ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز، سکر

گل ڪتاب گهر، لکي در، شڪارپور

تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

لغاري بڪ ڊپو، ٽري ميرواهه + مڪتبه عزيزيه، کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا

قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو.

انتساب

سنڌ جي مظلوم مسڪين

پورهيت هارين مزدورن جي نالي

فهرست

- مهاڳ — رسول بخش پليجو — 07

ونڊنامي کهاڻيون: پاڳو پهريون

- موٽڻ جنين ميهڙو — رسول بخش پليجو — 17
- ڏرتي منهنجي ماءُ — نجم عباسي — 39
- آءُ وطن دوست گورويلو ڪيئن بڻيس — علي محمد پرويز — 51
- ڳوناڙو انجنير — سيد اڪبر — 74
- وڏي ادي — نسيم سنڌي — 81
- سوپو سر گهرن — پناهه جگر سنڌي — 95
- ويٽ ڪانگ گوريلو — پناهه جگر سنڌي — 108
- چوڏهن سالن جو ويٽ ڪانگ — سلام — 115
- مڙيا مٽي مچ — ظفر علي — 119
- جي لوڙ لڳين لائين... — جمال سنڌي — 154

ونڊنامي کهاڻيون: پاڳو ٻيو

- شهر ورائي ونندا سين — 179
- انقلابي مجاهد — 212

- وسڪارو 219
- هوئي شهر ۾ چوويهه ڏينهن 232
- ڏرتيءَ جو قرض 255

مهاڳ

اٽڪل ساڍا چار سال اڳ مون هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي "موٽڻ جنين ميهٽو" جو ترجمو ڪيو هو ۽ ان جي مهاڳ ۾ لکيو هوم:

"جيئن انساني بدن جو مرڪز دل ۽ دماغ آهي تيئن سموريءَ ڌرتيءَ" سموريءَ انسان ذات جا به ڪي مرڪز هوندا آهن. اهي وقت به وقت بدلبا رهندا آهن. سڄي دنيا مڃي ٿي ته اڄ سموري ڌرتيءَ، سموري انسانيت جي دل ويٺنام آهي. ويٺنام اڄ روءِ زمين جي انساني نيڪي، ڏاهپ، مڙسيءَ، قرباني، سورهيائيءَ، سچائيءَ، سونهن ۽ پيار جو مرڪز آهي. ويٺنام انسانيت جي هزارين لکين سالن جي واڌاري جي اوچي ۾ اوچي منزل آهي. ويٺنام انسان ذات جي سيني اڳين، پوين ۽ هاڻوڪن اعليٰ گڻن جو نچوڙ آهي.

جيڪڏهن اڄ سمورن اڳين، پوين ۽ هاڻوڪن نيڪن، ڏاهن، شاعرن، فيلسوفن، سهڻن عاشقن، سورمن کان پڇي سگهجي ته 'توهان جنهن نيڪي، ڏاهپ، شاعري، فلسفي، سونهن عشق يا سورهيائيءَ جا گهورا آهيو تنهن جو ملڪ ڪهڙو؟' ته گهٽا يقيناً ويٺنام ڏانهن اشارو ڪري چوندا "اهوا"

دنيا جي هر دور ۾ هر ملڪ ۾ دودا، دريا خان، هوشو ۽ هيمون پيدا ٿيندا رهندا آهن. انهن جي جذبي، جرئت ۽ جولان مان اڄ هر هنڌ، هر ملڪ ۾ وڏي ويجهي راڄ ٿي پيا آهن، پر ويٺنام سڄي جو سڄو دودا ۽ دريا خان آهي، سڄي جو سڄو هيمو ۽ هوشو آهي. ٻارڙا، جوان، ٻيڙا، مرد، عورتون سڀ جا سڀ دودا ۽ دريا خان، سڀ جا سڀ هوشو ۽ هيمون، پر نا حق جي ڀالهه ڪجي ته اها ڀالهه به ايڏا سورنهن آنا صحيح ناهي. دودا ۽ دريا خان، هوشو ۽ هيمون سندن حياتيءَ جي ڪنهن هڪڙي پل، ڪنهن

هڪڙيءَ گهڙيءَ، ڪنهن هڪڙيءَ يا ٻن ڇڻن يا پنجن ڏهن ڪارنامن ڪري دودا ۽ دريا خان، هوشو ۽ هيمون سڏجن ٿا. پر ويٽنام جا سورهيه ٻار ۽ ٻيدا، مرد، عورتون، جمڻ کان وٺي مرڻ تائين حياتي جي هر پل ۽ هر گهڙيءَ ۾ هر ڏينهن ۽ هر رات جو هر ڳالهه، هر ڪم، هر ڳڻ، هر هلت ۾ سڄي دنيا جا دودا ۽ دريا خان، هوشو ۽ هيمون آهن.

ويٽنام سدا ملوڪ سونهن جو گهر آهي. ويٽنام پيار جو وطن آهي. ويٽنام سهڻين، سسين، ماروين ۽ مومل جو ديس آهي، پر ويٽنامي سُهڻيون ۽ سسيون، مارويون ۽ مومل سڄي دنيا جي اڳين پوين ۽ هاڻوڪين سهڻين ۽ سسين، ماروين ۽ مومل کان اور آهن. ويٽنام جو جهڙو حسن نرالو آهي، تهڙو پيار.

هيءَ ڪهاڻي ويٽنامي سونهن، پيار ۽ سورهيائيءَ جي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ دفعو نه پر ٻه ٽي يا اڃا ٻه ڳڻا پيرا پڙهڻ جهڙي ڪهاڻي آهي، ياد ڪرڻ جهڙي ڪهاڻي آهي، ٻين کي ٻڌائڻ جهڙي ڪهاڻي آهي خاص ڪري پنهنجن ٻارن ۽ ٻچن کي. ڪهڙي خبر سنڌ ۾ ٻه ٽُو لاليءَ، هيڪنگ، زيت ۽ پوڙهي ميٽ جهڙا ٻار، جوان، مرد، عورتون ۽ ٻيدا پيدا ٿي پون. ڪهڙي خبر هت ٻه ڪڏهن ٽُو ۽ لاليءَ جهڙو عشق، جنم وٺي وجهي! ڪهڙي خبر هتي ٻه ڪڏهن ڪوئيت جهڙا گاروڙيءَ انقلابي قومي ڪارڪن پيدا ٿي پون! ڪهڙي خبر سنڌ ٿي ٻه ويٽنامي جي سڪ، سونهن، سچ ۽ سورهيائي جا ترورا پئجي وڃن....

ان کان ٻه سال پوءِ 1975ع جي بهار جي موسم ۾ ويٽنامي قوم انساني تاريخ جي وڏي ۾ وڏي ظالم ۽ هيبتناڪ سامراجي طاقت، يعني آمريڪي سامراج کي دسي، سندس ڪنڌ مروڙي، سندس طاقت جي نسي، غرور ۽ تڪبر کي ڏوڙ ۾ گڏي، پنهنجي مڪمل آزادي حاصل ڪئي.

دنيا ۾ ڪورو ۽ ظالم ماڻهن، ٽُولن، طبقن ۽ قومن جي ڪوٽ ڪاڻ پئي رهي آهي، پر انساني تاريخ ۾ هن دور جي يورپي- آمريڪي سرمائيدار سامراج کان وڌيڪ ڪورو ظالم، طاقتور ۽ قهري سامراج انساني تاريخ ۾ ڪڏهن ٻه پيدا نه ٿيو. اٽڪل 5 سؤ سال ٿيا جو اهو سامراج دنيا تي چائنجڻ لڳو. اهو پنهنجي عروج تي اوچي ۾ اوچي ڏاڪي تي تڏهن پهتو جڏهن اٽڪل 50 سال اڳ ان جي اڳواڻي آمريڪي سامراج ڪرڻ شروع

ڪئي. آمريڪي سامراج گذريل ٻن مهايارين جنگين ۾ انساني خون چوسي، مچي ماڙا ٿي. دنيا جو سياسي سَانُ بنجي. ٽاڏيون ڏيڻ لڳو. سڄي دنيا جون قومون، خاص ڪري ايشيا، آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جون غلام قومون، يورپي- آمريڪي سرمائيداري سامراج خلاف سورهيائيءَ واري شاندار ڀڳمي جدوجهد ڪندين رهيون آهن. پر ڪيترين صديون ماڻهن تي اهو عام تاثر هو ته گوري سرمائيدار سامراج سان ٽڪر کائڻ آهي، جبل سان ٽڪر هٽي. پنهنجو مٿو ڦاڙائڻ. سڄي دنيا ۾ اهو وهم ويهي ويو ته يورپي آمريڪي گورا سرمائيدار سامراجي جڙ هن ڌرتيءَ جا سياسي مالڪ، آقا ۽ خدا آهن. ۽ آفريڪي، ايشائي، ڏکڻ آمريڪي ڪارن ماڻهن جو ڪم آهي ته رڳو سندن فرمانبرداري، بندگي ۽ پوڄا ڪري، سندن قهر کان بچڻ ۽ سندن راضپو هٿ ڪڻ.

1905ع ۾ پهريون پيرو جڏهن هڪڙي ايشيائي ملڪ، يعني سرمائيدار جپان هڪڙي يورپي سامراجي قوت، يعني زارشاهي روس کي فوجي شڪست ڏني، تڏهن جڙ کان ٽيٽي ڳالهه ٿي پئي. سڄي دنيا ۾ رڙ پئجي ويئي ۽ ٽرٽلو مچي ويو. هي جنگ عظيم سوين کان پوءِ يورپي سامراجي ملڪ کافي ڪمزور ٿي ويا ۽ ڪيترن غلام ملڪن کائن آزادي حاصل ڪئي. 1949ع ۾ چيني عوام آمريڪي چاڙتي چيانگ کائي شيڪ ٽولي کي شڪست ڏيئي شاندار فتح حاصل ڪئي. آمريڪا چيانگ ٽولي جي مدد ۾ زمين آسمان هڪ ڪري چڏيو پر چينين سندس هر هٿيار ۽ هر چال کي ناڪام بنائي چڏيو. 1951ع ۾ هڪڙي ايشيائي ملڪ ڪوريا جي ماڻهن دنيا جي وڏي ۾ وڏي سامراجي طاقت آمريڪا سان دوبدو ٽڪر کاڌو. دنيا سمجهيو ٿي ته ننڍڙو ڪوريا اجهو ٿو هستيءَ جي صفحي تان ميٽجي. پر سالن جا سال ٽيهن ئي نسن جو زور لڳائڻ کان پوءِ به آمريڪي ديو ڪوريائي جيتامڙي کي دسي نه سگهيو ۽ لاچار صلح ڪري جند چڏائڻ تي مجبور ٿيو.

انهن سوين کان پوءِ، انهن سوين جي مدد سان ويٽنامين هڪٻئي پويان فرينچ، جپاني ۽ آمريڪي سامراج کي لڳاتار پرپور قطعي ۽ ڳاڙي توڙ شڪستون ڏنيون. هنن جهڙي شاندار تجليدار ۽ ڌرتي

ڏوڏيندڙ سوچ حاصل ڪئي. تنهن کان بهتر سوچ جو مثال روءِ زمين جي انسانن جي هزارين سالن جي تاريخ ۾ نٿو ملي. انساني تاريخ ۾ ڪنهن به ملڪ ۽ قوم هن کان گهٽ ۽ هن کان وڌن ۽ طاقتور دشمنن سان پلاند ته انڪايو ڪنهن به هنن کان وڌيڪ ڏکي، وڌيڪ سورهيائي، حرفت ۽ ڏاهپ واري ۽ وڌيڪ سچ طرفي آزاديءَ جي ويڙهه نه ڪئي هوندي.

انهن حيرت انگيز سوچن جو راز ڪهڙو آهي؟ ڇا ان جو اصل ڪارڻ رڳو اهو آهي ته هو غير معمولي دليرَ ۽ سورما آهن؟ نه. فقط اهوڪارڻ ناهي. اصل ڪارڻ ٻيا آهن. هو تاريخ جي اهڙي سوچاري دور ۾ آزاديءَ جي ويڙهه وڙهيا. جڏهن سڄي دنيا ۾ طاقت جي ساهميءَ ۾ مظلوم طبقن ۽ قومن جو پڙ آهستي آهستي وڌيڪ ڳرو ٿي ويو آهي. هو تاريخ جي سچ کان ترقي پسند، دليرَ ۽ دانا طبقي، يعني پورهيت طبقي ۽ ان جي انقلابي پارٽي جي سوچاري اڳواڻي هيٺ وڙهيا. هنن پنهنجي ڏکي ويڙهه هن دور جي سچ کان روشن ۽ ڪامياب سياسي نظريه جي روشنائي ۾ ڪئي. هنن ويڙهه جي اها هڪ ٽڪ حڪمت ڪتب آندي ۽ يگاني ڏاهپ واريون هوشياريون، گر ۽ انڪلون استعمال ڪيون جيڪي سڄيءَ دنيا جي انقلابين لکين جانين جون قربانيون ڏيئي، ايجاد ڪري، آزمائي، ڪامياب ثابت ڪيون هيون. تنهن کان سواءِ هنن رڳو نقل به نه ڪيو ۽ رڳو لڪير جا فقير به نه رهيا. هنن دنيا جي انقلابي دانائي جي خزاني کي وڏي سمجهه، عقل، ڪاريگريءَ ۽ ڏاهپ سان ڪتب آندو ۽ خود پنهنجي طرفان ان ۾ قيمتي وڌارا ڪري، ان کي وڌيڪ شاهوڪار ۽ مالا مال ڪيائون.

جرمن قوم جي انقلابي فرزندن دنيا کي نئون انقلابي نظريو ۽ نئين انقلابي حڪمت عملي تيار ڪري ڏني. روسي انقلابين ان ۾ واڌارو ڪري، دنيا کي هڪ نيئن نموني جي انقلابي پارٽيءَ جو نمونو تيار ڪري ڏنو ۽ پهريون ڪامياب عظيم پورهيت انقلاب آڻي، سامراجي ڪوٽ جي ڪنگرن ۾ زلزلو وجهي ان جا بنياد ڏوڏي ڇڏيا. چينين اهڙو انقلاب آڻي ڏيکاريو جو جاگيرداريءَ ۽ سامراج جي ٻٽي پاجاريءَ ۾ ڦاٽل هڪڙي مظلوم قوم يڪو چال ڏيئي،

وڏيرڪيءَ ۾ سامراجي غلامي مان نڪري وڃي قومي آزاديءَ ۾ سوشلزم جي دور ۾ پهتي.

هن کان اڳ ائين ڪونہ ٿيو هو. چيني انقلاب دنيا جي وڏي ۾ وڏي هاري قوم ۾ وڏي ۾ وڏي غلام قوم جو انقلاب هو. اهو وڏي ۾ وڏي ۾ ڏگهي ۾ ڏگهي فوجي ويڙهہ وارو انقلاب هو. چيني انقلاب دنيا جي انقلابي عوام کي عوامي فوج تيار ڪرڻ، عوامي جنگ لڙڻ ۾ ويڙهہ جي عوامي وات ونڊ جا ۾پور مثال قائم ڪري ڏنا. چيني انقلاب دنيا جي ٻهراڙين جي محڪومي ۾ مظلوميت ختم ڪرڻ جو ڏس ڏنو. ان سيکاريو تہ دنيا جون مظلوم ٻهراڙيون، ڪيئن شهرن جي غريب عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، شهرن جو گهيرو ڪري، منجهن ديرو دمائي وينل رجعت پرستن جو نڪ ۾ دم ڪري، کين نيڇو نوائي سگهن ٿيون.

ويٽنامين انهن سڀني انقلابي هٿيارن کي گهڙي سنواري، وڌيڪ تيز ۾ وڌيڪ اثرائتو بنايو. هنن پهريون پيرو دنيا کي ڏيکاريو تہ هڪڙو ننڍو ملڪ، جنهن جي ٻاري ٻاري تي دشمن جو ظالم ۾ هيبتناڪ قبضو هجي ۾ جيڪو چوويهہ ئي ڪلاڪ دشمن جي چنبي ۾ هجي سو ڪيئن دشمن جي گهيري اندر هوندي بہ اٽلو دشمن کي گهيري ۾ آڻي، ملڪ جي ٻاري ٻاري تي، چوويهہ ئي ڪلاڪ، دشمن سان ويڙهہ ڪري سگهي ٿو. هنن سيکاريو تہ صحيح معنيٰ ۾ سچي جو سچو عوام سچي جو سچو ملڪ، ويڙهہ ۾ شريڪ ڪيئن ٿي سگهي ٿو ۾ اها ڳالهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا طريقا ڪاميابيءَ سان ڪتب آڻي سگهجن ٿا. ويٽنامين دنيا جي انقلابي عوام کي روز مرهہ جي سنهين ويڙهين ۾ ننڍين ننڍين بيشمار بغاوتن ذريعي آخري سوياري عام بغاوت ڪري، آزادي ونڊ جو گر سيکاريو. ويٽنامين دنيا کي پهريون پيرو سياسي فوج ۾ خاص ڪري "ڏگهن وارن واري فوج" يعني، زناني سياسي فوج جو ۾ باقاعده رٽيل سياسي ويڙهہ جو روپ تيار ڪري ڏنو. هنن دنيا جي انقلابي عوام کي گڏيل نفسياتي ۾ روحاني، ثقافتي ۾ نظرياتي، سياسي ۾ فوجي ويڙهہ جي عظيم حڪمت عملي تيار ڪري ڏني. ويٽنامين دنيا کي سيکاريو تہ حالتون ڪٽي ڪهڙيون بہ ناسازگار ۾ اڻانگيون هجن، دشمن ڪٽي چا بہ ڪري، ڪهڙا بہ هٿيار استعمال

ڪري، هو ڪٽي ڪيترو به طاقتور ۽ فيل مست هجي، ڪٽي پاڻ کي ڪيترو به "دانا بينا"، "حاضر ناظر" ۽ جڙ 'غيب جو علم' رکندڙ ليکي، تنهن هوندي به سندس گهيرو ٽوڙي، خود ڪيس گهيري ۾ آڻي، آخر ڪيس هٽي ڌاهي ناس ڪري سگهجي ٿو.

هنن ڪهاڻين ۾ حيرت انگيز دليرين ۽ سورهيائيءَ جي ڪارنامن جا داستان بيان ڪيل آهن، تن جو راز اهو ئي آهي ته ها سورهيائي ذاتي ناهي، گڏيل آهي. چڑوچڙ يا اتفاقي ناهي، سڄي ملڪ لاءِ سڄي انقلابي دور لاءِ تيار ڪيل حڪمت عملي ۽ رٿابنديءَ پٺاندر آهي. فقط اڪيلا جوڌا نٽا وڙهن، پر انقلابي پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ سڄي قوم لڙي - ٻڌا، ٻار، زالون، مڙس، پوڙها، جوان، پڙهيل، اڻ پڙهيل، ڏاها، پورا، جاهلو شهري، ڳوٺاڻا سڀ رٽيل نموني گڏجي وڙهن ٿا. رڳي فوجي ويڙهه ناهي، سياسي به آهي، نظرياتي به آهي، اقتصادي، ثقافتي ۽ روحاني به آهي. رڳي سڪٽي ويڙهه به ناهي- سمجهاڻي آهي، تعليم آهي، تبليغ آهي، دشمن جي فريب ۾ آيل پنهنجن کي ميڙ منٽ، آزي تيزاري، شرمائڻ ۽ پرچائڻ به آهي. مطلب ته گهٽن طرفن، گهٽن هٿيارن، گهٽن طريقن، گهٽن ماڻهن، گهٽن علائقن ۽ گهٽن قسمن جي قوتن کي پاڻ ۾ ملائي، هڪ ڪري، هڪڙي اهڙي نرالي ۽ يگاني آزاديءَ جي جنگ لڙي ويئي، جنهن جهڙو مثال اڳي انسان ذات ڪڏهن به نه ڏٺو هو.

اسان جي روح کي عام طرح جيڪي مجبورين ۽ بيوسين جا زنجير وکوڙي ويٺا هوندا آهن سي هنن ڪهاڻين کي پڙهڻ سان هڪ پيرو ست ڏيو ٽُٽيو پون.

اسان غلام ماڻهن جي اندر ۾ جيڪا نا اميديءَ ۽ مايوسيءَ جي ازلي ۽ اوندهه آهي، تنهن جو سينو چيري، آسن ۽ اميدن جون نيون جوتيون جاڳيو پون. اسين تصور ۾ پاڻ کي هڪڙي نئين انسان، هڪڙي نئين طبقي، هڪڙي نئين قوم ۽ نئين ملڪ جي روپ ۾ ڏسڻ لڳون ٿا. اسين سوچڻ لڳون ٿا ته اسان جا ٻار به آيوئي ۽ هينگ ٿي سگهن ٿا، اسان جون ڀيٽيون به 'لالي'، 'زيت'، 'ادي سوڪ' جهڙيون ٿي سگهن ٿيون. اسان ۾ به 'ٽو' جهڙا جوڌا جوان ۽ چاچي 'ميٽ' جهڙا سورهيه پريا مڙس، 'ڪوبيت'

جهڙا گاروڙي انقلابي ڪارڪن موجود ٿي سگهن ٿا. رڳو ويٽنام ۾ نه، پين هنڌن تي به ماڻهو گوريلا بنجي سگهن ٿا. "ڳوناڻا انجنيئر ٿي" سگهن ٿا. سيڪجهه ٿي سگهن ٿا. ويٽنامين جي سونهاري ست ۾ دنيا جون پيون مظلوم قومون به شريڪ ٿي. ان شاندار سوپاري راهه تي هلي، پنهنجي منزل ماڻي سگهن ٿيون ۽ ماڻي رهيون آهن. عوامي ويڑهه جي سائنس ۽ فن ۾ نت نوان وڌارا اچي رهيا آهن ۽ نت نيون سوپون حاصل ٿي رهيون آهن. ائين ئي ٿيڻو آهي ۽ اوس ائين ئي ٿيندو. اسين ماڻهو به پڪ آهي ته دنيا جي ڪنهن به قوم کان پوئتي نه رهنداسين.

رسول بخش پليجو

حيدرآباد

10 نومبر 1977ع

ويٽنامي ڪهاڻيون

ـ ياگو پهريون ـ

موٽڻ جنين ميهڙو

هي ڳوٺ دشمن جي پاسي واري فوجي ٽاڙي جي توپن جي مار اندر آهي. ڪين اها عادت پئجي ويئي آهي ته روز ٻه دفعا گولي بازي ڪندا آهن، يا ته فجر ۽ سج لٽي مهل يا ٻن پهرن ۽ سومهڙي مهل يا وري آڏيءَ ۽ فجر جو ڪڪڑن جي ٻانگ مهل. گهڻا گولا اڪثر چشمي جي پاسي واري ٽڪريءَ تي ڪرندا آهن، جا سڄي خانوءَ نالي وڙ جي گهاٽي ٻيلي سان ڀڪي پئي آهي. اهي جيڪي هزارين وڻ آهن، تن مان گهڻين تي گولن جا گهاوَ آهن. ڪي وڻ اڌ کان وڌيڪ ائين اچي ڪريا آهن، جڙ ڪنهن طوفان جو شڪار ٿيا آهن. سندن وڻن مان جامر رس سنجري نڪرندو آهي. اهو خوشبودار رس پهريائين سج جي ترورن ۾ چمڪندو آهي. پوءِ ڪاراٽجي، سسي، رت جي ڏڻ وانگر ٿي پوندو آهي.

خانوءَ جي وڻ جهڙو جانٽو ۽ وڏو وڻ ٻيو ڪو ورلي هوندو. ايڏا هڪڙو وڻ ڪرندو ته چار پنج نوان وڻ ڦٽي پوندا ۽ سندن ساوا ڇهڇ تيز جهڙا نوڪدار مٽان، آسمان ڏانهن پڙڪو ڪائي اُٽندا. ان وڻ کي سڄ جي روشنائيءَ جي ڏاڍي اُڄ آهي. ننڍڙا ٻوٽا ٽڪڙو ٽڪڙو سڄ جي روشنائيءَ طرف وڌندا آهن. اها روشنائي ٻيلي اندر ائين ڇٽندي آهي، جڙ ڪنهن ڇاٽيءَ مان ڇٽي آهي. ڦوٽي جا هيڏا سُرها ذرڙا روشنائيءَ جي ترورن ۾ سهڻا نقش ڇٽي ٻيهندا آهن. جڏهن ڇاتيءَ جيترا ننڍا وڻ توپن جي گولن سان واڙوڙ جي ڪرندا آهن، تڏهن سندن گهاوَ ڇٽي ڪونہ سگهندا آهن. منجهانئن سنهڙو ۽ نبار رس پيو ڳڙندو آهي. هو پنجن ڏهن ڏينهن ۾ مري ويندا آهن، پر جيڪي وڻ وڏي وڏا ٿي ويا هوندا آهن ۽ سندن ٽُلهيون تاريون ۽ پن ڪري ويندا آهن، تن کي گولا

ماري نہ سگهندا آهن. سندن ڦٽ جلد ڇٽي ويندا آهن ۽ سندن جوان بدن چاڪ ڇگو ٻلو ٿي ويندو آهي، تنهنڪري گذريل ٻن ٽن سالن کان وٽي خانوءَ جي وٽن جو ٻيلو ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ سپر ۽ چپر ٽيو ٻيٺو آهي.

ماڻهو انهيءَ ٽڪريءَ تي بيهي آسپاس نهاريندو ته چوڦرف نظر جي آخري ڇيڙي تائين، هڪ ٻئي ٻنيان ٽڪريون نظر ايندیون، جي سڄيون خانوءَ جي ٻيلن سان ڍڪيون پيون آهن.

ٽوءَ جڏهن کان آزاديءَ جي فوج ۾ شامل ٽيو هو تڏهن کان ٽن سالن ۾ ڪيس پنهنجي ڳوٺ اچڻ جو ڦيريون دفعو اهوئي موقعو مليو هو. چشمي وٽ ڪيس ننڍڙو هينگ مليو جنهن چيس ته، "ادا! هل ته توکي ڳوٺ ڏيکاريان." جنهن ڏينهن ٽوءَ ڀرتي ٽيو هو تنهن ڏينهن هينگ ٽنڍڻ جيڏو ننڍو هو ۽ ٽوءَ کي چيلهه تائين ٻه ڪونہ ٿي آيو. هو ٽُوڪرو ڪلهي تي رکيو وٽن جي ٻنيان ٻيلي منجهه جيڪي چوڪڙيون هيون اتي ويندو هو. هاڻي ڪيس ڪلهي تي رائيفل هئي. هو پراڻو گس وٽي اڻي هليا. واٽ تي گس ٻنيءَ مان لنگهيو ٿي ۽ پٽر جي چاڙهين تان چڙهي ٻيلي مان منيو ٿي. مينهوڳيءَ ڪري ٻيلي ۾ جهنگ جو ڇوڙون پيرن کي ڇهڻي ٿي وين. جنهن گس تان هو آيا هئا اهو ٽوءَ جو ڄاتل سڃاتل گس هو، پر اڄ سونهين بنا ان تان هلڻ وڏو جوکم جو ڪم هو. اهو گس سڄو ڪوڙڪين ۽ ڪڏن سان ڀريو پيو هو. واٽ تي ڪٽي مڙيل بانس جا وڻ هئا. جن کي جي ڇڏجي ها ته گس تان لامارو ڏيئي واٽ ويندڙ دشمن جون ٽنگون ڇيڻي رکن ها. ڪٽي پالن جون ڪوڙڪيون هيون، ته ڪٽي زبردست ڪمانون لڪل هيون، جن مان اوچتو ٻٽا ٻٽا نيزا بي خبر دشمن تي وڄي ڪڙڪن ها.

خومان ڳوٺ جي ٻين ماڻهن وانگر ننڍڙو هينگ ڳالهائڻ ۾ ڏاڍي ڪفايت ڪندو هو. ڪيس هڪڙي ٽوپي پيئي هئي، جيڪا ڪنهن آزاديءَ جي مجاهد ڏني هيس. هڪڙي اجائي ڊگهي صدري پاتل هيس. هيٺ لنگ ٻڌو پيو هوس، ڪلهن تي رائيفل پئي لڙڪيس. هو ڏسڻ ۾ سچو پچو سپاهي پئي لڳو. ڪنهن ڪنهن مهل جڏهن ڪنهن اهڙي هنڌ آيا ٿي، جتي دشمن لاءِ ڪوڙڪيون تمام زبردست هيون، تڏهن هن ٽوءَ کي اک ٿي ڇڪي. ڇڻ ته ڇيائينس پئي: 'ادا ڪيئن ٿو ڀانئين!'

سندس اکيون فخر وچان چمڪڻ ٿي لڳيون. ڪيس خوش ڏسي ٿوءَ به جواب ۾ مرڪي ڪنڌ ٿي لوڏيو.

هو هڪڙي بانس جي نلڪي وٽ اچي بيٺا. اهو نلڪو ٽڪريءَ جي هڪڙي ڏر مان نڪتل هو ۽ منجهائنس پاڻي گرڙاٽ ڪري پئي نڪتو. هينگ چيو "هن پاڻيءَ ۾ پير پلي ڏئو پر پيجانءَ نا نہ ته ادي زيت تنقيد ڪندي!" ٿوءَ ٽهڪ ڏنو ۽ پڇيائين: "ادي زيت ڳوٺ جي هيلٿ آفيسر آهي چا؟" هينگ چيو: "نہ هوءَ ڳوٺ جي پارٽي ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽياٽي آهي. ۽ ها، سڄي ڳوٺ جي عوامي پوليس جي سياسي استاد به آهي." ٿوءَ سوچيو: "هون! ته چئبو اها ڳالهه آهي!" هن ٽُوپي لاهي صدري جا بٽڻ کولي، جهڪي منهن ۾ مٽي تي پاڻيءَ جا چنبا هنيا. پاڻي ڏاڍو ٺڏو هو. سندس بدن ۾ رت جو دورو تيز ٿي ويو ۽ ڪيس ڳلن ۾ سيسڙاٽ اپرڻ لڳا. هن دل ۾ چيو 'اڇا! تڏهن چئبو ته مائي زيت هاٽي ڳوٺ جي پارٽي ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽرياٽي ٿي ويئي آهي! هينئر ڏسڻ ۾ الائي ڪيئن لڳندي هوندي؟. زيت لالييءَ جي ننڍي پيڻ هئي. لالييءَ جي موت جي ٻئي ڏينهن جڏهن ٿوءَ ڳوٺ ڇڏيو. آزاديءَ جي فوج ۾ پرتي ٽيڻ لاءِ ويو تڏهن ننڍڙي زيت سڄي رات پئي جاڳي ۽ تاندي جي پرسان وينديءَ هٿ سيکيائين. ڇو ته رات جو پارو پئي پيو ۽ زيت جي بدن تي پورو ڪپڙو به ڪونہ هو. فجر جو هن اٿي ٿوءَ لاءِ اُکريءَ ۾ چانور چڙيا هٿا. هن ٽيهه ڪٽورا چانور چڙي، ڳوٽريءَ ۾ وجهي، ٿوءَ کي ڏنا هٿا. پيٽس جي موت تي ٻيا ته ٽهيو پر وڏو ميڙ به روئي روئي بيحال ٿي ويو هو. پر ننڍڙي زيت ڳوڙهو به ڪونہ ڳاڙيو ۽ نڪي وات مان ڪو اکر ڪڍي.

هينگ چيو: "ٽورو وک وڌاءِ! ٺڏو پاڻي تپ ڪري وجهندءِ. رات پئجي ويندي."

ٿوءَ پنهنجا وار ڪونہ سکايا. هن ٽوپي پائي چوڪري جي پٺ ورتي. ٻيلي جي چيڑي وٽ هڪڙو وڏو وڻ رستي تي ڪريو پيو هو. ان کي اورانگهي اڳتي وڌيا. پاسي ۾ انقلابي گوريلن جي کوٽيل ڪاهي هئي. جنهن ڏينهن ٿوءَ ڳوٺ مان روانو ٿيو هو تنهن ڏينهن اهو وڻ اڃا ٻيٽل هو. ٿوءَ ٻيهي رهيو. لالييءَ سان ٿوءَ پهريون دفعو انهيءَ وڻ وٽ گڏيو

هو. خير هروپرو پهريون دفعو ته نا هو ڳوناءِ هئا ۽ جڏهن کان سندن مائرون کين پچيرڻ ۾ پئن تي ڪٽي هلنديون هيون. تڏهن کان وٺي هڪيئي کي سڃاڻندا هئا! پر ٿوءَ جيل ٽوڙي پڄي نڪرڻ کان پوءِ پهريون دفعو لاليءَ کي هت مليو هو. هوءَ ڏاڍي وڏي ٿي ويئي هئي. جنهن مهل لاليءَ سندس هٿن کي رني هئي، تڏهن سندس ڳوڙها بالڪپڙ جي ساٿيءَ جا ڳوڙها ڪونہ هئا. اهي ڳوڙها حجاب واريءَ چوڪريءَ جا پيار ۽ قياس سان ٽمٽار ڳوڙها هئا. انهيءَ ملاقات کي ياد ڪري ٿوءَ جي چاتيءَ ۾ ڏک جي سوٽ اپري هن سور وچان پنهنجون اکيون ايئن ڦاڙيون، جيئن ڪيترا ورهہ اڳ جڏهن دشمن کيس عذاب ڏنا هئا، تنهن مهل ڦاڙيون هئائين.

ننڍڙي هينگ کي ٿوءَ جي حياتيءَ جي انهيءَ واقعي جي خبر ڪانہ هئي. هن ان ڪريل وڻ تي چڙهي پوئتي لوٽو هٽي ٿوءَ کي سڏ ڪري چيو: "ادا تڪڙو اچ، ڳوٽ کان هيترا ڏينهن پري رهيو آهين تہ ننڍڙي چاڙهي بہ چڙهي ڪونہ سگهيو آهين!" ورن وڪڙن واري گس تي هر هنڌ اهڙيون ڪاهيون هيون، جن ۾ تکا نيزا لڪائي رکيل هئا، جي ڪو اتفاق سان ان ڪڏ ۾ ڪري ها، تنهن کي نيزا آرپار لنگهي وڃن ها. ٿوءَ ماٺ ڪيو پئي هليو. سندس منهن جا وصف سخت تي ويا هئا. پري کان کيس مُهرين ۽ اُکرين جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هن محسوس ڪيو تہ ڳوٽ کان جيڪي ٽي سال ٻاهر رهيو آهيان، سي انهن اُکرين ۽ مُهرين جي آواز لاءِ ئي واجهائيندو رهيو آهيان. سندس ڪن بالڪپڙ کان وٺي انهيءَ آواز تي هريل هئا. اهي آواز سندس ماءُ، لاليءَ، زيت ۽ ڳوٽ جي ٻين محنتي زالن جي اَن چڙڻ جا آواز سندس بالڪپڙ جا ساٿي هئا. هنن سانتيڪو رهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس دل زور زور سان پئي ڌڙڪي. سندس پير هر هر وڻن جي ٽڻن سان لڳيون ٽاپڙي تي پيا. هو هينگ کي وڃي پهتو ۽ کانئس ست ڏيئي اڳتي نڪري ويو. چوڪري رڙ ڪري چيو: "چؤطرف ڪوڙڪيون اٿئي! اڳي واري ڳالهہ ڪانهي! منهنجي پڻيان ٽي!"

هو سج لٿي کان ٿورو اڳ ڳوٽ پهتا. هينگ رائيفل جو ڪنداڪ زمين تي اُپو رکيو ۽ واکو ڪري چيائين "هڪڙو مزمان آيو آهي!" هر

ڪنهن دروازي مان چار پنج سسيون نڪتيون، جن جي منهن تي مونجهه هئي. پوءِ سندن اکيون ڦاٽي ويون ۽ خوشي پريا واڪا ٻڌڻ ۾ آيا. "الا! ٿوءَ اچي ويو! تو تون سچ پچ اچي وئين؟" ڪي ڏاڪڻ ڪي چڏي بانس جي پيهن تان ٽپو ڏيئي لهي آيا. ڪراڙيون زالون آهستي آهستي هٿوراڙايون ڏيندي نڪري آيون ۽ ٿوءَ تي پيار پري ڪاوڙ چنبڙ لڳيون. "ننڍڙا بدمعاش! شيطان ڪٽي ويو هيئي چا جو ايڏا ڏينهن وڃي لاتا اٿئي؟ پانيان ٽي ته منهنجي مرڻ کان اڳ اچڻ تي دل ئي نٿي ٽيئي!" ٿوءَ دل ۾ سوچيو: 'رب منهنجا پناه! ڏاڏي لينگ ايڄا به جيئري آهي!' درن جي ٻيڪڙن مان ايڄا به سسيون نڪتيون پيون هيون. ننڍڙيون چوڪريون، جن کي لڄ وڇان ٻاهر نڪري ٿوءَ کي ڪيڪارڻ جي همت نٿي ٿي، سي پنهنجي منهن کل کل لڳايو بيٺيون هيون جلد ئي ڪيس وڏو ميڙ ورائي ويو. هن سيني کي سڃاتو. هن ٻُڇيءَ ڏاڙهيءَ واري پوڙهي ٽانگ کي سڃاتو جنهن جي وات ۾ هڪ ڏگهو پائيپ هو جيڪو دشمن جي هڪڙي ماري ڪرايل هيليڪاپٽر مان هٿ چڙهيو هوس. هو ادا پريو هو جيڪو هاٿي عمر ۾ اچي چڙهيو هو. هوءَ ادي بلوم هئي، جنهن جي مٿي ۾ اڃا پٽجي ويا هئا. هوءَ اما تروئي هئي، جنهن جا سپ ڏند ڪري پيا هئا. ٻارن جو ولر اچي مڙيو جن سيني جا منهن ڪوئلن جي ڪارٽ سان پريا پيا هئا. هن دل ۾ سوچيو ته 'پوڙهو ميٽ الائي ڪيڏانهن ويو؟' ٿوءَ ايڄا پڇا ڪرڻ وارو هو ته. هڪڙي ڳري هٿ سندس ڪلهي کي اچي چڪي جهليو. هن لوٽو هٽي ڏٺو ته. پوڙهو ميٽ بيٺو هو. هو اڳي جهڙو ئي جاننڙو هو سندس لسي ڪاري ڏاڙهي اهائي چيلهه تائين هئي. سندس اکيون ساڳيون پئي چمڪيون ۽ سندس ڳل تي ساڳيو پراڻو نشان هو. سندس اگهاڙي ڇاتي اهڙي مضبوط تي ڏسڻ ۾ آئي، جڙ ڪنهن خانوءَ جي وڻ جو مضبوط ٽڻ هئي. ان ٿوءَ کي آهستي ٽيلهو ڏنو. کيس ننهن کان چوٽيءَ تائين جاچي ڏٺائين. پوءِ اچي وڏن ٿهڪن ۾ چٽو. "ها ها! تامي گن! آزاديءَ جي فوج جو انقلابي مجاهد! ٺيڪ!" ٿوءَ سمجهي ويو ته پوڙهي جو مطلب ڇا آهي. هو "ڏاڍو سٺو" يا "واهه واهه" جا اکر ڪڍهن به ڪونه چوندو هو هو جڏهن گهٽي ۾ گهٽو خوش ٿيندو هو تڏهن چوندو هو "ٺيڪ!"

پوڙهي ميٽ جو ڳالهايو تہ سڀ ماڻ ٿي ويا. جڏ تہ هن سيني کي حڪم ڀئي ڏنو. ست سالن جو هوتہ بہ زبردست گونجندڙ آواز هوس.

پوڙهي ميٽ پڇيو: "موڪل گهٽي اٽئي؟" "بس هڪڙي رات!" "ٽيڪ! ڪماندر هڪڙي رات جي موڪل ڏيئي تہ هڪڙي رات رهہ جي ہن جي ڏيئي تہ بہ راتيون رهہ. حڪم حڪم آهي. سانجهيءَ مون وٽ رهہ!" ڪنهن بہ حجت ڪانہ ڪئي. هو وري چوڙ لڳو "هاڻ سڀ گهر وڃو! سج لهي ويو آهي. اوهين ہار سڀ وڃي منهن ڏوئي ڪارٽ لاهيو هينئر جمڙا ناڪي پيا لڳو! جيڪي منهن نہ ڏوئن تن کي سندن سنگتي ٽيڪ ڪن. ٿوءَ! تون وڃي پير ڏوئي اڃا خبر اٽئي تہ چشمو ڪٽي آهي؟ اٽئي تہ چڳو. ٽيڪ! نہ هجيئي ها تہ آءٌ جهنگ ڏانهن ڊوڙائي ڪيئين ها." پر ڪائنس رهيو نہ ٽيو ۽ ٿوءَ ڪان سندس ٽيلهو ۽ رائيفل وٺي. ڪيس ساڻ ڪري. هو ڳوٺ جي مهڙ وٽ جيڪو چشمو هو اتي ويو. ہارن جا ولر سندن پويان پيا. ڪن چوڪرين بانس جي نلڪي مان بانس جون ٽهيل سانداريون ڀئي پريون. ٿوءَ سندن مهانڊا تہ سڃاتا. پر نالا ياد ڪونہ هئس. هنن پاسيرو ٿي ٿوءَ کي جاءِ ڏني. هن وري بہ پنهنجو منهن ڏوتو ۽ پوءِ پنهنجي قميص لاهي پنهنجي مٿي. پٽ ۽ چاتيءَ تي ٽڏو پاڻي وڏو. ائين ڪندي ڪيس اڳوٽن ڏينهن جون يادگيريون آيون. جڏهن هو ساڳيءَ جاءِ تي هڪڙي تراکڙي پٿر تي بيهي وهجندو هو. پٿر جي هڪڙي ڪنڊ گٽل هوندي هئي. پوڙهو ميٽ ان تي پنهنجو چاقو سريندو هو.

پوڙهي ميٽ ماڻ ڪري ٿوءَ جا پٽا پئي ڏٺا. پٽا سڃا ڳاڙهن نشانن سان پريل هئا. پوڙهي جي اکين مان لڙڪن جي لار وهي اٽي هلي. هن ان کي تکڙ ۾ اگهي ڇڏيو. ٿوءَ ڪجهہ ڪونہ ڏنو پر ہار ڏسي واڙڙا ٿي ويا. گهر جي چتين تان دونيهن جا ڪارا گلابي ڏاڳا ايرڻ لڳا.

مانيءَ ۾ بنان لوڻ جي پاڃيءَ جو ٻوڙ ۽ مڇي هئي. مڇي خاص مهمان لاءِ رڌي هئي. ٿوءَ پنهنجي مانيءَ جي پيٽڙي کولي ۽ پوڙهي ميٽ کي لوڻ جو هڪڙو چمچو ڏنئين. پوڙهي چيو "زيت جڏهن ضلعي جي انقلابي مجاهدن جي ڪانفرنس تان موٽي. تڏهن مونکي لوڻ جي اڌ ڇَلَ آڻي ڏني هئائين. اها مون وٽ اڃا رکي آهي. هو لوڻ ڪيس

ڪانفرنس ۾ انعام طور مليو هو. هن ٻيو سيپ لوڙ سيني ۾ ورهائي ڇڏيو. باقي مون واري اڌ ڇل بيمارن لاءِ رکي ڇڏي اٿئون."

ٿوءَ جيڪو لوڙ ڏنو سو پوڙهي ميٽ ٻوڙ ۾ ڪونہ وڏو هن اهو ويٺلن ۾ ورهايو. سيپ ڪنهن کي ٻٽي ٻٽي ڪٽا مليا. سيپ ڪنهن ڪٽو ڪٽو ڪري لوڙ وات ۾ وڏو جڏهن اهو ڳري ويو تڏهن آهستي آهستي ان مان چشڪا وٺڻ لڳا. پٽ ۾ پامچو وڙ جو ڦريون رڏل هيون. پوڙهي ميٽ پنهنجي پٽ جو پيالو مٽي ڪري چيو: "اسان وٽ اَن جي ڪوٽ ڪانهي. اسان وٽ ڪافي اَن آهي. پر هر گهر کي ٽن سالن جي گهرج جيترو اَن بچائي رکڻو آهي. تون تہ انقلابي فوج سان آهين. تنهنجي ڪمانڊر تہ توکي ٻڌايو هوندو تہ پاڻ کي آمريڪين سان ڊگهي لڙائي لڙڻي پوندي."

تنهن کان پوءِ هن ڇڻ تہ مٽاچري نموني پڇيو "تنهنجو آڳريون اهڙيون ئي سنڊن کان سواءِ آهن نہ؟ سنڊن بل وري نٿا موڙي سگهن، هان؟" هن ڪاوڙ مان پيالو ڪٽي هيٺ رکيو ۽ چيائين، "پر اها تہ سڄي ڳوٺ جي ماڻهن کي خبر آهي تہ آڳر جا رڳو ٻہ سنڊ سلامت هوندا تہ بہ رائيفل جو گهوڙو هلائي سگهجي ٿو. وڏي چشمي جي پرسان خانوءَ جي وٽن جي ٻيلن مان لنگهيو هئين نہ؟ اهي وڻ زور وٺندا. پنهنجي خانوءَ جي وڙ کان زور واري ڪا شيءِ ڪانهي. هڪڙو ڪِري ٿو تہ ٻيا ڏهہ موريو پون. انهن حرامزادن کي موڪل آهي تہ پلي سڄو ٻيلو تہ ناس ڪري ڏيڪارين! پٽ ڏئو ڪري ڪاءِ. پاڻ اسڪرا قوم جا ماڻهو عاليشان چانور اُپائيندا آهيون. انهن جهڙو چانور سڄي ويٺنام ۾ ٻيو ڪونہ ڏسندين."

ماني ڪائي ورتائون تہ ڳوٺ جي گڏيل اوطاق کان سنڪ جا ٽي ٽڪاءِ ٽيا. ڳوٺ جا ماڻهو پوڙهي ميٽ جي گهر ۾ گڏ ٽيڙ لڳا. چوڪرين گهر ۾ گهرڙ کان اڳ پنهنجو اُماڻيون وسائي ڇڏيون، پر ڪي پوڙهيون ٻريل اُماڻين سان ٽي گهر ۾ گهڙي آيون تہ ٿوءَ کي چڱيءَ طرح ڏسون. پوءِ اُماريون ڪٽي چلهہ ۾ وڌائون ۽ سنڊن جيئيون پڙڪي اٽيون. پوڙها ايجا پريان ئي هٽا تہ رڙ ڪري پڇيائون: "ٿوءَ آهي ڇا؟ ميٽ! ماني کارائي اٽئيس؟" هڪڙيءَ پوڙهي چيو "مرد ماڻهو پاسي ٽي، زيت کي جاءِ ڏيو! ڏيئڙي هِتِ اچي ويها!"

ٽوءَ متي نهاريو. زيت سندس اڳيان بينل هئي. سندس ٽنگون هڪڙي پاسي ويڙهيل هيون ۽ ڪڙيءَ تائين چولي ۾ ڍڪيل هيون. نوجوان ٽوءَ کي جڙ ڏکڻي وٽي ويئي. سندس اڳيان جهڙي لالي ويئي هئي. زيت اهڙي ته هوبهو پنهنجي پيٽ تي ويئي هئي، جو ٽوءَ کي پنهنجي اکين تي ويساهه ئي نٿي آيو سندس نڪ جي نوڪ جي اڳي ٻالپڻ ۾ ٽوروگول هئي، سا سڏي ۽ سنهي تي وئي هئس. سندس ڪارن پرن هينيان اکيون موڪريون، ڪليل، صاف ۽ سانتيڪيون هيون. چار پنج ٻار زيت جي پرسان جاءِ وٺڻ لاءِ پاڻ ۾ اٽڪيا پيا هئا. تيستائين زيت ٽوءَ کي پئي جاچيو. تنهن کان پوءِ هن ڪجهه رُکي آواز ۾ ٽوءَ کان پڇيو: تو وٽ ڪاغذ آهي؟" ٽوءَ ڳالهه نه سمجهي ۽ چيائين: "ڪهڙو ڪاغذ؟"

"تنهنجي موڪل جو ڪاغذ. تون باقاعدي ڪاغذ ڪانسواءِ ڳوٺ گهمڻ نٿو اچي سگهين. نه ته ڳوٺ جي ڪاميٽي توکي گرفتار ڪندي!" ٽوءَ اچي ڪل ۾ چٽڪيو. پهريائين ته دل ۾ چيائين ته، چوانس: 'مون وٽ ڪاغذ ٻاغذ ڪونهي. ڳوٺ جي سڪ لڳي، سو پنهنجو دستو چڏي، پنهنجو اباڻو ڳوٺ گهمڻ آيو آهيان!' پر زيت جي ڪرڙي نظر چؤطرف انتظار پري ماڻ کي ڏسي، هن پنهنجو خيال بدلايو ۽ ڪيسي مان ڪاغذ ڪڍي زيت کي ڏنو. "حاضر ڪامريڊ سياسي استاد! اجهو هي منهنجو ڪاغذ!" چوڪريءَ ٽوءَ کان ڪاغذ وٺي، ٽانڊي جي سوجهري اڳيان ڪيو. درجن کن مٽا جهڪيا. ٻار ڪاغذ ۾ لکيل اکرن جي هِجي ڪرڻ لڳا. زيت پڙهڻ ۾ ڪچ وقت لڳايو. ٻٽي دفعا وري وري پڙهيائين. پوڙهي ميٽ پڇيو: "ٺيڪ؟ باقاعدي موڪل اٿس نه؟" زيت ڪاغذ موٽائي ٽوءَ کي ڏنو. تنهن کان پوءِ مس مرڪي چيائين: "سپ ٺيڪ! تنهنجي ڪمانڊر جي صحيح آهي، تون فقط هڪڙي رات ترسندين." تنهن کان پوءِ چيائين، "بدڪل ٺيڪ آهي. ڳوٺ جا ماڻهو رڳو اهو ڏسي وٽن ته هاڻ ڪيئن ٿو لڳين. اسين تنهنجي باري ۾ الاهي ساريون پيا ڳالهيون ڪندا آهيون."

ڪمرو ڳالهائڻ ۾ ڪل سان پئي گونجيو. ماڻهن ٺيڪا ٽپڻي پئي ڪئي. "ڪاغذ تي ڪمانڊر جي صحيح آهي." "سپ صحيح آهي."

"فقط هڪڙي رات، ايترو ٿورو وقت..." سڄي گوڙ گمسان جي مٿان پوڙهي ميٽ جو آواز گونجيو "ها ها! نيڪا!"

پوڙهو هارن کي آهستي آهستي پاسيرو ڪري چلهه جي پاسي ۾ ٿوءَ جي پرسان اچي ويٺو. هن پنهنجي پائپ کي چلهه ۾ چنڊيو. بانس جي هڪڙي تيلي کڻي پائپ صفا ڪيائين. پوءِ چوڌاري گهر ۾ ويٺل ماڻهن کي ڏنائين. هنن جڻ انتظار پئي ڪيو تہ هو ڪڏهن ٿو ڳالهائي. باهر هلڪي پوند پئي پئي ۽ هلڪي هوا پئي لڳي. پوڙهي جو آواز جهيڙو هو. "ڳوٺ جي سيني وڏن کي هن قصي جي خبر آهي. ننڍين مان ڪن کي آهي، ڪن کي ناهي. هارن کي ڪا خبر ڪانهي." اِئين چئي پوڙهي بس ڪئي ۽ هارن کي گهوري نهاريائين. هار پنهنجا وات بند ڪريو ۽ اکيون ڦاڙيو ويٺا هئا. هن پنهنجي ڳالهه وري شروع ڪئي.

"ٿوءَ توهان جو پاءُ ٿوُ اجهو هينئر موٽي آيو آهي." هن ائين چئي پنهنجو مضبوط هٿ نوجوان ٿوءَ جي ڪلهي تي رکيو. پوءِ چيائين "مون گهٽا پيرا اوهان سان هن جي ڳالهه ڪئي آهي. هي آزاديءَ جي فوج ۾ شامل ٿيو آهي. هاڻ ڳوٺ گهمڻ آيو آهي. ڪيس هڪڙي رات جي موڪل آهي. سندس موڪل جي ڪاغذ تي ڪمانڊر جي صحيح آهي. پارٽيءَ جي سيڪريٽرياٽيءَ اها صحيح تپاسي آهي. اجهو هي اٿوَ ٿوءَ. هو پنهنجي استرا قوم جو ماڻهو آهي. هو اڄا ٻار هو تہ سندس مائٽ مري ويا. پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن ڪيس نپائي وڏو ڪيو. هن جي حياتي سخت هئي. پر سندس دل چشمي جي پاٽيءَ وانگر صاف هئي. هو ڳوٺ گهمڻ آيو آهي، انهي خوشيءَ ۾ آءُ اڄ رات توهان کي سندس سڄو قصو ٿو ٻڌايان. توهان استرا قوم جا ماڻهو جيڪي پنهنجن جبلن ۽ چشمن سان پيار ڪريو ٿا ۽ جن وٽ ٻڌڻ لاءِ ڪن آهن سي منهنجي ڳالهه ٻڌو ۽ ڪوشش ڪري اها ياد رکو. جڏهن آءُ مري وڃان، تڏهن پنهنجي پٽن ۽ پوٽن کي ٻڌائجو..."

سڀ ماڻ ۾ رهيا. ان وقت رڳو بانس جي نلڪي مان وهندڙ پاٽيءَ جو ڏوراهون ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. جنهن سان وٽن جي پنن تي مينهن جي ڦڙن جي ڪرڻ جو دهيل آواز ملي هو. ٿوُ به ماڻ ۾ رهيو. هن پوڙهي ميٽ ڏانهن نهاريو. ٽمڪندڙ باهه جو سوجهرو پوڙهي جي جاڻني بدن تي

راند ڪري رهيو هُو ۽ ٽوءَ کي پراڻن داستانن جا اُهي سورما ياد اچي ويا، جن جا قصا هو ننڍپڻ ۾ راتين جو راتيون جاڳي ٻڌندو هو. هن زيت ڏانهن نهاريو. هوءَ ايڏي ڏکوئي ٿي ويئي هئي، جيڏي ڏکوئي لالي ان ڏينهن هئي، جنهن ڏينهن هوءَ ڪيس ٻيلي جي مهڙ وٽ ٻيٺل وڻ جي هيٺان گڏي هئي. اهو وڻ هاڻي رستي تي ڪري پيو هو ۽ گوريلن ان جي چوڌاريءَ ڪاهين جو ڪوڙڪيون وڇائي ڇڏيون هيون. زيت سانتيڪين ڪليل ۽ سوچيندڙ اکين سان ڳالهه ٻڌي، پوڙهي ميٽ چوڻ لڳو: "پوڙهن اها ڳالهه ڪاڪ وساري آهي، مئلن وساري ڇڏي آهي. جيئرن کي ڪير ٿو اها ياد رکن. انهن ڏينهن آمريڪا ۽ سندس چاڙتن جا سپاهي ٻيلي ۾ سوئرن وانگر رومڙ ڏيندا گهمندا هئا. سندن سنگينون رت سان ڳريل هيون ۽ سندن ٽوپيون رت جهڙيون ڳاڙهيون هيون. ٽوُ اجا ننڍڙو ٻار هو منهنجي چيلهه تائين مس ٿي آيو هو نوريئڙي جهڙو تيز هوندو هو..."

ها پوڙهن ڳالهه ڪاڪ وساري هئي، نڪا وري جوانن ٿي وساري هئي. ٽوءَ پاڻ به ڪاڪ وساري هئي. هن پنهنجي تصور ۾ هڪڙو ننڍڙو ٻار ڏٺو هو. هڪڙو ننڍڙو ٽوڪرو ڪنيو پئي ويو. جنهن لاءِ سندس ماءُ چئي ويئي هئي ته، ٽوڪري ۾ پاڇي پيل هئي. پاڇيءَ جي هيٺان به چليون چانورن جون پيل هيون. ننڍڙو ٻار ٻيلي مان وروکڙ ڪائيندو ڏڙتائيءَ سان هڪڙي ڇپ ڪان ٿي. ٻي ڇپ تي پئي چڙهيو. هو انقلابي قومي ڪارڪن لاءِ ماني ڪنيو پئي ويو. هڪڙي ڪائنس به ننڍڙي ٽوڪري سندس ڪنيان ڏوڙندي پئي ويئي. هن هڪڙي هٿ ۾ پنهنجو چولو ڇڪي مٿي جهليو هو. جو اهو وڏو هو. هوءَ پڪيءَ وانگر هڪڙي ڇپ ڪان ٽپڪڙي ڏيئي ٻيءَ ڇپ تي چڙهي ٿي ۽ واڪا ڪري ٿي چيائين: "ٽوءَ بيهه ته آءٌ اچان." سندس ساٿيءَ لوٽو هٽي ڏانهس گهور ڪري ٿي نهاريو ۽ کيس دڙڪو ڏيئي چيو ٿي "لالي! وات بند نٿي ڪرين! پاڻ ڳجهو ڪم پيا ڪريون ۽ تون ڏڳن وانگر پئي رنيين!" لاليءَ ٽهڪ ڏيڻ چاهيو ٿي، پر دڙڪي جي ڊپ ڪان ماڻ رهي....

ها سندس حافظي ۾ ڳالهيون اجا جيئريون هيون. هر شيءِ، هر ماڻهو ياد هو. ٽوُ لالي، پوڙهو ميٽ، انقلابي قومي ڪارڪن... جڏ ته اها ڳالهِ اجهو ڪالهه ٿي گذري هئي.

انقلابي قومي ڪارڪن جو نالو ڪوييت هو. جڏهن ڪان آمريڪي ۽ سندس چاڑتا سپاهي ملڪ جي هن پٽ تي آيا هئا تڏهن ڪان هو ڏينهن رات ٻيلن ۾ جهوتون پيا ڏيندا هئا. سندن نوس نوس ڪندڙ جاسوس ڪتن جي ٻوٽڪ ۽ سندن بندوقن جي ٽڪائن جا پڑاڏا پري ڪان ٻڌڻ ۾ پيا ايندا هئا. پر خومان ڳوٺ جي ماڻهن کي هڪڙي ڳالهه تي ناز هو. پنجن سالن ۾ سندن پاسي ٻيلي ۾ هڪڙو به انقلابي قومي ڪارڪن دشمن هٿان نه جهليو هو نه شهيد ٿيو. پهريائين پهريائين انقلابي قومي ڪارڪن جي ماني نوجوان پهچائيندا هئا ۽ اهي ئي سندن پاران دشمن جي نظرداري ڪندا هئا. تنهن کان پوءِ آمريڪين ۽ سندن چاڑتن جي جاسوسن کي پتو پئجي ويو ۽ هنن نوجوانن تي وار ڪيو. نوجوان خوت کي ڳوٺ جي منهن وٽ ڪجيءَ جي وڻ ۾ لٽڪائي ڦاسيءَ تي چاڑهيو ويو. آمريڪين ۽ سندن چاڑتن ڳوٺ جي ماڻهن کي چتاءُ ڏنو "جيڪو به هنن ڪميونسٽن کي ماني ڪارائيندو تنهن جو اهو ئي حشر ٿيندو!"

تنهن کان پوءِ هنن جوان چوڪرن ۽ چوڪرين کي ٻيلي ۾ وڃڻ کان منع ڪري ڇڏيو. انقلابي قومي ڪارڪن لاءِ ماني پوڙها ۽ پوڙهيون ڪٽي وڃڻ لڳا. آمريڪين ۽ سندن چاڑتن کي وري خبر پئجي ويئي، هنن پوڙهي مائي نان کي پڪڙي وڏو ۽ سندس سسي لاهي وارن ۾ بندوق جي ناليءَ سان ٻڌي لٽڪائي ڇڏيو.

پوڙهن ۽ پوڙهين جي جاءِ ٻارن ورتي. ٻارن ۾ سيني کان سچار ٿوُ ۽ لالي هوندا هئا. جڏهن ٿوُ ٻيلي ۾ چوڪڑين ۾ ڪر ڪندو هو تڏهن لالي انقلابي قومي ڪارڪن ڏانهن ماني ڪٽي ويندي هئي. جڏهن لاليءَ کي پنهنجي ننڍڙي پيٽ زيت کي سنيالڻو پوندو هو تڏهن وري ٿوُ ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻئي گڏجي ويندا هئا. ڪڏهن ته رات به اتي ٽکي پوندا هئا. انقلابي قومي ڪارڪن کي جهنگ ۾ اڪيلو ڪيئن ڇڏبو؟ جي دشمن پيرو ڪٽي اڇي مٿان پويس ته هن گجگاهه ٻيلي ۾ هو پڇڻ جو گس ڪٿان لهندو؟ هڪڙي پيري انقلابي قومي ڪارڪن ڪوييت کانئن پڇيو: "ڇا اوهان کي آمريڪين ۽ سندن چاڑتن جو ڊپ نٿو ٿئي؟ متان هو توهان کي به

نوجوان خوت ۽ پوڙهي مائي نان وانگر قتل نہ ڪري چڏين؟" ٽوُ ان مهل سُري ڪوييت جي پرسان ڪرونڊڙو ٽيو ليٽيو پيو هو. هو اها ڳالهہ ٻڌي تپ ڏيئي اٿي بيٺو ۽ مضبوط آواز ۾ چيائين: "پوڙهو ميٽ ٿو چوي تہ، انقلابي تومي ڪارڪن پنهنجي قوم جو جنگي محاذ آهن، جيستائين پاڻ وٽ انقلابي تومي ڪارڪن آهن، تيستائين پنهنجو تومي جنگي محاذ پاڻ وٽ آهي ۽ جيستائين اهو محاذ سلامت آهي، تيسيتائين پنهنجا جبل ۽ پنهنجا چشما پنهنجائي رهندا." جهنگ ۾ ڪوييت ٽوُ ۽ لالي‌ءَ کي الف، ب ب سيکارينڊو هو. هن بانس جون ٻہ ٽي شاخون وڍيون ۽ انهن کي چپي، پوءِ انهن کي گڏي 12 آگر ويڪرو ڪيائين. انهن جي مٿان پهريائين ڪوئلن جي ڪاراٽ هنيائين، پوءِ ڪونئر جو هٽ هنيائين. پوءِ ٽوُ ٽي ڏينهن پنڌ ڪري نگولن جبل تان اڇن پٽرن جون ٽوڪريون پري آيو انهن پٽرن مان چاڪ جو ڪم ورتائون. لالي ٽوُ کان پڙهائي ۾ سٺي هئي، هوءِ ٽن مهينن ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ سکي ويئي. ڇهن مهينن کان پوءِ ڏاهڪن تائين وند، ضرب، ڪٽ ۽ جوڙ سکي ويئي. ٽوُ ڪجهہ موڪو هو. ٻيو تہ وري جهٽ چڙي پوندو هو. هڪڙي ڏينهن لالي ڪائنس امتحان ۾ زور ٽي ويئي، تنهن تان ڪاوڙجي ٽوءَ پنهنجي بانس جي سليٽ پيچي چشمي ڏانهن هليو ويو. سڄو ڏينهن پريو ٿوڪيو چشمي جي ڪناري تي ويٺو هو. هن ڪوييت سان ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ لالي‌ءَ کي چيائين تہ، "مون سان ڪچندئينءَ تہ اڻٽ ماريندوسئين!" پوءِ لالي وڃي سندس پاسي ۾ ويٺي ۽ نرميءَ سان کيس چيائين، "تون جيترو وقت اتي ويٺو هوندين، آءٌ اوترو وقت اِتي ويٺي هوندیس. ٽوا هل تہ موٽي هلون، مون تو لاءِ نئين سليٽ ٺاهي آهي." پوءِ ٽو ست ڏيئي هڪڙو پٽر ڪٽي پنهنجي نراڙ ۾ هنيو. نراڙ مان رت ٽينڊيون ڪري وهڻ لڳو. ڪوييت کي ملم پٽي ڪرٽي پيئي.

ان رات ڪوييت ٽوءَ جي پاسي ۾ ليٽي پڻ پڻ ڪري ٽوءَ جي ڪن ۾ چيو "جي دشمنن مون کي ماري چڏيو تہ پوءِ توکي منهنجي جاءِ پرٽي پوندي، پرجي توکي لکڻ پڙهڻ نہ ايندو تہ تون انقلابي تومي ڪارڪن جو ڪم ڪري نہ سگهندين."

ٿوءَ ائين ٻهانو ڪيو جڏ اگهور ننڊ ۾ ستو پيو هو پر سندس اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون. جڏهن صبح ٽيو تڏهن هن لالي‌ءَ کي سڏ ڪري ان اوٽ ۾ ويهاريو جتي هو لڪي ويٺا هوندا هئا. چيائين: "لالي! ٻڌاءِ اهو اکر ڪهڙو آهي، جيڪو گول گول آهي ۽ ڪنڊو بہ اٿس ۽ ٻيو جيڪو ان جي پاسي ۾ اکر آهي، جنهن جو وڏو پيٽ آهي." لالي‌ءَ ڏاڍي ڪوشش ڪري پنهنجي ڪل روڪي، پڙڪو ڪري چيائينس، "ٿو! تنهنجي يادگيري ڏاڍي تيز آهي. ٿلهي پيٽ واري اکر جو نالو آ بي b."

ٿوءَ چيو: "اڙي ها. مون کي تہ وسري ويو."

اکرن ياد ڪرڻ ۾ ٿو افلاطون کونہ هو پر ٻيلي جي واڻن جي ڄاڻ ۾ سندس کو مٽ کونہ هو. هو ڪوييت جو سڄي ضلعي سان لاڳاپو رکندڙ عيوضي هو. هو عام پيچرن تان ڪڏهن کونہ هلندو هو. جڏهن دشمن سمورا گس بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. تڏهن هو وڻ جي چوٽي‌ءَ تي چڙهي آسپاس جو سماءُ ونندو هو ۽ پوءِ ٻيلي مان اهڙي‌ءَ هوشياري‌ءَ سان لنگهي ويندو هو. جو ڪٽي بہ ڪونہ پلبو هو. جڏهن بہ ڪيس ڪا نئين ندي پار ڪرڻي هوندي هئي، تڏهن هو اهڙو هنڌ جانچي ڪيندو هو جتي وهڪرو تيز ۽ ڇتو هجي، پوءِ اتان مڇي‌ءَ وانگر تري‌ پي پاسي ويندو هو. هو چوندو هو: "آمريڪي ۽ سندن چاڙتا گهٽ اتي جهليندا، جتي پاڻي ماڻو هوندو. جتي پاڻي تيز ۽ خوفناڪ هوندو اتي ڪونہ ايندا."

پر هڪري ڀيري جڏهن هو ڪوييت جو وڻ جي ڦنن ۾ ويڙهيل خط پنهنجي وات ۾ وجهي درياهہ ٽپي پرار ٽي ويو تہ. مٽس رائفلون اُڀيون ٽي ويون. ڪيس خط ڳڙڪائڻ جو وقت بہ مس مليو. ٽن ڏينهن ڪن پوءِ خومان جي ڳوٺ وارن ڏٺو تہ ٿو موٽي آيو. سندس هٽ پٽيان بدل هئا ۽ هو دشمن جي سپاهين جي پهري هيٺ هو. هنن درڪو ڏيئي چيس، "اسان کي ٻڌاءِ تہ ڳوٺ جي ماٺهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪميونسٽ آهن. نہ تہ مري ويندين!" چوڌاري ڳوٺ جا ماٺهو بيٺا هئا. پوڙهو ميٽ ٿوءَ جي پاسي ۾ بيٺو هو. پوڙهي ڪيس پنهنجي استرا قبيلي جي ٻولي‌ءَ ۾ چيو "خومان قوم جي ماٺهن کي متان لڄائين!" ٿوءَ رڳو ڏانهنس هڪ نظر اڇلي ۽ پوڙهي چيو: "ٺيڪ!"

ٽوءَ جا پٽا سڄا چاقن جي وڍن سان چلڻيا پيا هئا. سپاهين رڙڪري چيو "اسان کي ڪميونسٽ ڏيڪارا!" ٽوءَ چيو "منهنجا هٿ کوليو تہ ڏيکاريانءَ هونئن ڪيئن ڏيکاري سگهندس؟" هنن هٿ کوليا. هن پنهنجي ڇاتيءَ تي هٿ رکي چيو "هڪڙو ڪميونسٽ هي آهي!" هڪڙي ٻئي ڇهڪ سندس پٺن کي چيريو. سندس پٽا ماٽس جي ڇڏيل ٽوکري جيترا ويڪرا مس هئا. ڇهڪ مان رت وهي هليو جو ڪجهہ وقت کان پوءِ ڦري ڪارو ڳاڙهو ٿي پيو. جڙ خانوءَ جي وڻ جو رس هو.

جنهن مهل سپاهي کيس وڻي ويا ٿي، تنهن مهل لالڻيءَ ڪٽي کيس ياکر پاتا ۽ اکين مان ڳوڙها وهي هليس. ٽوءَ جڙ تہ ڪاوڙ ۾ کيس چيو "رو نہ. نہ روا مڙس ماڻهو ٿي پڙهـا جڏهن آءُ مري وڃان، تڏهن تون منهنجي جاءِ تي انقلابي قومي ڪارکن ٿج..."

ٽي سال پوءِ ٽوءَ ڪونتم شهر جو جيل ٽوڙي، خومان جي ڳوٺ موٽي آيو. سندس پٺن جا ڦٽ چٽي ويا هئا. هو لالڻيءَ کي ٻيلي جي مهڙ وٽ وڏي وڻ هيٺان گڏيو. جڏهن لالڻيءَ سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليا، تڏهن لالڻيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا، جڏهن ٽوءَ لالڻيءَ کي ڏنو تہ کيس عجب ٿيو هوءَ ڪيڏي نہ ڏکي ٿي ويئي هئي! هوءَ کيس ڳوٺ وڃي ويئي ۽ ڳوٺ جا ماڻهو اڇوکيءَ رات وانگر پوڙهي ميٽ جي گهر گڏ ٿيا هئا. بلڪل اڇوکي رات وانگر.

پوڙهي ميٽ جو آواز گونجندو رهيو جڙ تہ هو گهٽو اڳ جي زماني واري انهيءَ رات جو پڙاڏو هو. هن چيو "بنهہ هن رات وانگر. ساڳئي گهر ۾، ساڳيءَ چلهہ جي چوڌاريءَ ڦڙ ڦڙ پئي پئي، آءُ هتي وينو هوس، ٽوءَ هتي وينو هو ۽ لالي اتي وينو هئي جتي هينئر زيت وينو آهي... ٽو ائين برابر آهي نہ؟"

ها، ائين برابر هو. اڄ رات جهڙي ئي ساڳي رات هئي. ڪجيءَ جي پٺن تي مينهن جي بوندن ان رات وانگر ئي ٽک ٽک پئي ڪئي. چلهہ ۾ اڄ وانگر خانوءَ جي وڻ جو اُماڙيون پئي هريون. بانس جي نلڪي جي منهن مان اهڙو ساڳيو پاڻي نڪرڻ جو آواز پئي نڪتو. ماڻهو ٽوءَ کي ڪاميابيءَ سان جيل مان ڇڄي نڪرڻ کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ ٻڌي ميٽ جي گهر اچي گڏ ٿيا هئا. جيئن اڄ زيت سندس اڳيان وينو هئي، تيئن

ان رات لالي اڳيان ويٺي هيس. لاليءَ جا پيرون زيت وانگر ڪارا هئا. اهڙا ته ڪارا هئا جو سندس چمڪندڙ اکين تي پاڇولا پئي وڌائون. البت سندس اکيون شايد زيت جي اکين کان گهٽ گنيير ۽ وڌيڪ قربائتيون هيون. پر منجهن زيت جي اکين جهڙي ساڳي سانتيڪائي ۽ محڪم ارادو هو. ٻيو ته پوڙهي ميٽ ان ڏينهن ائين ڪونہ ٿي ڳالهايو جيئن اڄ پئي ڳالهايائين. هن فقط ايترو چيو هو "لالي" ڪوبيت جيڪو ڪاغذ ڇڏي ويو آهي، سو ته ڏي. ٿوَ تون اهو پڙهه!" ٿوءَ جي گرفتاريءَ کان ترت پوءِ ڪوبيت پئي ضلعي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هليو ويو هو. پر جلد ئي هو دشمن جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي ويو ۽ جهنگ ۾ گذاري ويو. دم ڏيڻ کان اڳ ۾ هن خومان جي ماڻهن ڏانهن هڪڙو پيغام لکي ڇڏيو. ٿوءَ ڪاغذ باهه جي اڳيان جهليو ۽ زور سان پڙهڻ لڳو.

خط ۾ لکيل هو:

"پيارا ٿوَ! لالي ۽ خومان قوم وارو!! آءٌ مرڻ وارو آهيان. توهين جيڪي جيئرا آهيو تن کي ڪپي ته پنهنجا نيزا ڇرا ۽ تير ڪمان تيار رکو. انهن کي جهنگ ۾ لڪائي رکو جيئن دشمن ڏسي نہ سگهي. اهو ڏينهن اچڻو آهي، جڏهن توهان کي انهن مان ڪم ونڊو پوندو. باقي ٿوَ! توکي ڪپي ته محنت ڪري پڙهه ۽ منهنجي جاءِ تي انقلابي قومي ڪارڪن ٿج..."

ها سپ اتي موجود هئا. پوڙهو ٽانگ، پريو دي بلوم، پوڙهي مائي پروئي ۽ ڏاڏي ولينگ هڪڙي ڳالهه البت ٻي هئي، ان رات لالي موجود نہ هئي. جڏهن ٿوءَ ڪوبيت جو پيغام پڙهي پوريو ڪيو تڏهن سڄو ڳوٺ اُماڙيون ٻاري پوڙهي ميٽ جي پٺ ونئي ٻيلي ۾ ويو هو اتي لڪايل هٿيار ڪٽي آيو هو. ٿو ٽي ڏينهن پنڌ ڪري نگولن جبل تي ويو هو. پر هو اڳي وانگر چاڪ ڪٽڻ ڪونہ ويو هو. هو اوزار سرڻ جي پٽرن جو ٽوڪرو پرڻ ويو هو. نگولن جبل تي اوزار سرڻ جا پٽر ايترا ته هئا، جو هڪڙي بغاوت ته ٺهيو سؤ بغاوتن جي لاءِ گهربل رُکُ ٻه انهن تي سري سگهجي ها.

خومان جا ماڻهو هر رات پنهنجا هٿيار سري تڪا ڪندا هئا. ڏينهن جو هو پوڙهي ميٽ جي هدايت موجب ٻيلي ۾ جهنگ وڌي، اتي فصل پوکيندا هئا، تان جو ٻيلي جو هڪڙو سڄو حصو سايون ٻنيون ٿي ويو.

پوءِ دشمن جي ڏکيا نالي فوجي چوڪيءَ تي خبرون پهتيون تہ ’خومان جا ماڻهو پنهنجا نيزا ۽ ڇُرا پيا تکا ڪن!‘ جڏهن لابارا پئي پيا، تڏهن دشمن جو هڪڙو سجو فوجي دستو اچي سهڙيو. ان کان ٿورو اڳ لالي‌ءَ ۽ ٿوءَ کي پهريون پٽ جائو هو. انهي‌ءَ دستي جو ڪمانڊر ڏوڪ، جنهن کي رت جهڙي ڳاڙهي ٽوپي پيل هئي، تنهن رنپ ڪري چيو "اهو وري به ٿوءَ جو ڪم آهي، ٻيو ڪنهن جو به ڪونهي. جيسين انهي‌ءَ چيتي کي نہ ماربو تيسين روز ڪاڪ کا مصيبت کڙي ڪريو بيٺو هوندو!"

پوڙهو ميٽ ۽ ٿوءَ ڳوٺ جي جوانن کي وٺي جهنگ ۾ هليا ويا هئا. هو ڳوٺ جي پرسان ڇُپن ۽ وٽن پٽيان لڪي رهيا هئا ۽ اتان دشمن جي فوجن جي اڇ وچ پئي ڏٺائون. دشمن چار ڏينهن چار راتيون ڳوٺ ۾ رهيا، سندن چهبڪن کان کو به ڪونہ بچيو. ڳوٺ دانهن ۽ اوچنگرن سان پرجي ويو. ڏوڪ پنهنجي بندوق لوڏي واکو ڪري چيو: "جيڪو به ڳوٺ مان ڀڄندو پڪڙيو تنهن کي اڌ شوٽ ڪري ڇڏيندا سين!" کو به ڀڄي نہ سگهيو. فقط ننڍڙي زيت ڦڙتائي ڪري بانس جي نلڪي تان سري، جهنگ ۾ سج لٿي مهل پوڙهي ميٽ کي ڪجهہ پت وڃي ڏيندي هئي. چوٿين ڏينهن فجر جو هوءَ ٻيلي مان موٽندي پڪڙجي پيئي. بدمعاش ڪيس اگهڙ جي وچ ۾ ويهاري ۽ مٿس تامي گن سان لڳاتار گوليون هلايون، پر اهڙي نموني جو اهي ڪائنس ٿورو گسي وڃن. گوليون سوسات ڪري سندس ڪنن وٽان لنگهيون. سندس مٿي جي وارن کي لهسايائون ۽ سندس پتڪڑن پيرن جي هيٺان زمين کي چيري ويون. جڏهن گولي بازي شروع ٿي، تڏهن زيت اچي روئڙ ۾ چنڪي، پر ڏهين‌ءَ يا ٻارهين‌ءَ گولي‌ءَ کان پوءِ هن پنهنجا ڳوڙها اگهي چپ پڪوڙي ڇڏيا. هوءَ سپاهين جي گهيري جي وچ ۾ بيٺي هئي، جنهن وقت گولي‌ءَ جونکاءُ ٿي ٿيو تنهن وقت سندس نازڪ بدن لڇڪي ٿي ويو پر هن پنهنجي ايڏاءُ ڏيندڙن کي اهڙين سانتيڪين اکين سان ٿي ڏٺو جهڙيون سانتيڪيون اکيون هينئر ٿوءَ جي اڇيان ويٽل پارٽي سيڪريٽرياٽي زيت جو هيون. جڏهن دشمن جو ڪمانڊر ڏوڪ ٻارڙي کان ڏرڙي جيتري به خبر چار وٽي نہ سگهيو

تڏهن هن لاليءَ کي گرفتار ڪرايو. هن رنپ ڪري چيو: "جيڪڏهن چيتڙ ۽ سندس ٻچي کي هٿ ڪنداسين تہ، چيتو جلدي هٿ چڙي ويندو!" ٿوءَ اهي اکر ٻڌا. ٿو ڳوٺ جي مهڙ وٽ چشمي جي پرسان وڃ پنڌيان لِڪو وينو هو. اتان هو ڳوناڻيءَ اوطاق جي اڳڙ ۾ جيڪي وهيو واپرايو ٿي، سو چٽيءَ طرح ڏسي سگهيو ٿي. جڏهن هن ڏٺو تہ دشمن جا ڏهہ سپاهي لاليءَ کي جهلي اڳڙ ۾ آيا آهن، تڏهن سندس هٿ سختيءَ سان وڃ جي تڙ ۾ ڪُپي ويا. لاليءَ جي پٺن تي سندس مهيني جو ڄاول ٻار هو جنهن لاءِ سڄي ڳوٺ ٿي چيو تہ هوبهو پٽس جهڙو آهي. ٿو شهر مان ڪپڙو وڻي نہ سگهيو هو تنهن ڪري هن پنهنجي چادر جو اڌ ڦاڙي لاليءَ کي ٻار جي ويڑهڻ لاءِ ڏنو هو. ٻار ان چادر ۾ ويڑهيو الوٽ ننڊ ۾ ماٽس جي پٺن تي پچيرڙ ۾ ستو پيو هو. ڏوڪ پڇيو: "گندي ڪميونسٽ! مڙسهن ڪٽي آهي؟" لاليءَ جو ٻار ننڊ ۾ هڪڙي پاسي ڊرکيو پيو هو. هن پچيرڙ کي چڪي، ان کي سڌو ڪيو. پوءِ پنهنجو ڪنڌ مٿي کڻي ڏوڪ ڏي گهوري نهاريائين. ڏوڪ رنپ ڪري چيو: "ڪُتِي! وات کي مهر لڳي ويئي اٿئي چا؟" پوءِ سپاهين ڏانهن منهن ڪري رڙاٽ ڪري چيائين: "ڏسو چا وينا؟" هڪڙو ڏاڙو بدمعاش هٿن ۾ لوهہ جي چڙي کڻي وڌي لاليءَ ڏي آيو. بدمعاش پنهنجي چِيَ ڪڍي ان سان چپن کي آلو ڪيو. تنهن کان پوءِ آهستي، سيخ اُلاريئين. لاليءَ کي ڪرکو ڪري پنهنجو ٻار پٺن تان لاهي پنهنجي چاتيءَ سان لڳايو. انهيءَ وچ۾ ۾ لوهہ جي سيخ سندس پٺن تي سڪو ڪيو. "ٻڌاءِ! ٿو ڪٽي آهي؟" ٻيو ڏڪ سندس چاتيءَ تي لڳو. پر ان کان اڳ هن ٻار کي سڌ ڏيئي پٺين پاسي ڪيو. سپاهيءَ وري ٻہ سيخ الاري ۽ لاليءَ وري ٻہ ٻار کي ڏڪ کان پري ڪيو پر سپاهيءَ پنهنجي ڏڪن جي رفتار تيز ڪري ڇڏي. لاليءَ جون رڙيون بند ٿي ويون. پوءِ ٻار هڪڙي ڪيڪ ڪئي ۽ چؤطرف ماڻ ٿي ويئي، سواءِ ڏڪن جي شپڪي جي ٻيو ڪجهہ ٻڌڻ ۾ ڪين ٿي آيو.

ٿوءَ جا هٿ وڃ جي تڙ مان نڪري ويا. هو چال ڏيئي اُٿي بينو پر هڪڙي هٿ سندس ڪلهي کي پڪڙي وڌو. هن ٻڌي ميٽ جو آواز ٻڌو. ميٽ چيو "نہ ٿُو نہ وچ! ڇڏ تہ آءٌ تو..." ٿوءَ پوڙهي کي ڏڪو ڏيئي

پري ڪيو. ٻڌي ميٽ وري چيو: "تو!" ٿوءَ لوٽو هنيو ۽ ٻڌو سندس چهري ڪي سڃاڻي نه سگهيو. ٿوءَ جون اکيون به هرندڙ ڏنبا ٿي پيون هيون. پوڙهي ميٽ نوجوان جي ڪلهن کي ڪٽي ڇڏيو. هڪڙي زبردست گجگور ٿي، تو اڳڙ جي وچ ۾ ڏوڪي پيو. هن ڏٺوت جيڏي بدمعاش وجي پٽ پر ڦهڪو ڪيو ۽ ذوڪ ڳوٽ جي اوطاق ڏانهن وٺي ڳڳو. بندوق جي بولٽن جي ڪٽ ڪٽ ٿي. پوءِ لاليءَ پنهنجي ٻار کي جهلي رڙهي اچي ٿوءَ جي ٻانهن ۾ پيئي ۽ هن کين پنهنجي زبردست ٻاڪر ۾ ڀڪوڙي ڇڏيو. ٿوءَ واڪو ڪري چيو "آدم خورو! آءٌ موجود آهيان! تو موجود آهي!" پر ٿوءَ لاليءَ ۽ سندس ٻار کي بچائي نه سگهيو.

پوڙهي ميٽ پنهنجي گونجندڙ آواز ۾ چيو: "نا! ٿوءَ نکي لاليءَ کي بچائي سگهيو نڪو سندس ٻار کي." پوڙهي ڦڪو اٿي هڪڙو لڙک اگهي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ هن پنهنجي وڏي آواز ۾ چيو: "تو نکي پنهنجي زال کي بچائي سگهيو نکي ٻار کي لالي ان رات گذاري ويئي- ٻار ته ٽڏي تي ئي مري ويو. جنهن مهل ماٽس ڪري ۽ ڪيس بچائي نه سگهي، تنهن وقت لوهه جي سيخ وجي ٻارڙي جي پيٽ تي لڳي، باقي توکي، ٿوءَ! هنن قيد ڪيو تو وٽ خالي هٿن ڪانسواءِ ڪجهه ڪونه هو. توکي ٻڌي ڇڏيئون، آءٌ وڃ جي پٽيان بيٺو هوس. مون ڏنو پئي توکي نوڙيءَ سان پئي ٻڌائون. آءٌ توکي بچائڻ لاءِ ڊوڙي ڪونه آيس. منهنجا هٿ به سکڻا هئا. آءٌ ڳوٽ جي ٻين جوانن کي وڙهڻ لاءِ جهنگ ۾ ويس، هو جهنگ مان پنهنجا نيزا ۽ ڇُرا کڻي ويا هئا. منهنجا ٻچا! ڏيان سان ٻڌو ۽ ياد رکو! جڏهن آءٌ مران، تڏهن توهان مان جيڪي جيئرا هجن، سي پنهنجن ٻارن کي ٻڌائين ته. "جڏهن دشمن بندوقون کڻي اچن، تڏهن اوهين پنهنجا نيزا ۽ ٻالا ضرور کڻي اچجو." سپاهين ٿوءَ کي نوڙين سان ٻڌي، ڳوٽ جي اوطاق جي ڪنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو. پوءِ هو ادا بروهيءَ کان هنن جيڪو ڊڳو ڪسيو هو ان جو گوشت کائڻ هليا ويا."

"رات پئجي ويئي، ٿوءَ کي اهو ڏسي ڏاڍو عجب ٿيو ته آءٌ ايڏو سانتيڪو آهيان. هن سوچيو، ٻارڙو مري ويو. شايد لالي به مري ويئي. آءٌ به مرڻ وارو آهيان. هاڻ انقلابي قومي ڪارڪن ڪير ٿيندو؟ جڏهن انقلابي جنگي محاذ تان بغاوت جو حڪم ايندو، تڏهن خومان قبيلي

ڀر بغاوت جي اڳواڻي ڪير ڪندو؟ پوڙهو ميٽ اڳيئي وڏو ٿي ويو آهي، پرواهه ناهي! نوجوان ايڏا به پيا آهن. زيت وڏي ٿيندي هوءَ پيٽس کان به وڌيڪ محڪم ارادي واري آهي. افسوس رڳو اهو آهي ته جڏهن خومان قوم جا ماڻهو هٿيار کڻي اتي ڪڙا ٿيندا، تڏهن اهو ڏينهن ڏسڻ لاءِ آءٌ جيئرو ڪونه هوندس....."

ڏوڪ ٿوءَ کي بروقت ماري ڪونه ڇڏيو. هن اوطاق جي وچ ۾ وڏي باهه ڪٽي ٻارائي ۽ ڳوٺ جي سيني ماڻهن کي باهه جي چوڌاريءَ گڏ ڪيائين، تنهن کان پوءِ هن ٿوءَ کي کوليو ۽ ڳوٺ وارن ڏانهن منهن ڪري چيائين: "مون ٻڌو آهي ته توهان حرامزادن پنهنجا ڇرا ۽ پالا تکا ڪرڻ شروع ڪيا هئا. ڇگو جيڪي ڇرا ۽ پالا ڪٽڻ چاهين ٿا، سي ٿوءَ جي هٿن ڏانهن ڏسن!" هن سندن سپاهين ۾ جيڪو سيني کان جانٽو هو تنهن کي اشارو ڪيو. هنن سپ ڪم تيار ڪري ڇڏي هو. سپاهيءَ ڪارتوس وارين پيتين مان ڪجهه اڳڙيون ڪڍيون. اڳڙيون کونئر ۾ ٻڏل هيون. سپاهيءَ ٿوءَ جون آڱريون انهن اڳڙين ۾ ويڙهيون ۽ هڪڙي اماڙي کنيائين. پر زوڪ چيو "اهو ڪم آءٌ ڪندس!" ۽ اماڙي ست ڏيئي پنهنجي هٿ ۾ ورتائين. ٿوءَ جي چپن مان هڪڙي به رڙ ڪانه نڪتي. هن گهور ڪري ڏوڪ ۾ نهاريو. ڏوڪ هڪڙو شيطاني ٽهڪ ڏنو ۽ ٻرندڙ اماڙي کڻي ٿوءَ جي منهن وٽ جهليائين ۽ چيائين، "ان ڪميونسٽ جو ڇگيءَ طرح منهن ڏسو جيڪو هٿيار کڻڻ گهري ٿو! ٻڏو بدمعاشو! هٿيار کڻڻ توهان جي وس ۾ ناهي! اهو خام خيال دماغ مان ڪڍي ڇڏيو!"

ٿوءَ جي هڪڙي آڱر ٻري ويئي، تنهن کان پوءِ ٻي، تنهن کان پوءِ ٽي.... خانوءَ جي وڻ جو ڪونئر ڏاڍو ٻرٽو آهي. ٿوءَ جون آڱريون هاڻي ڏهه ننڍڙيون ٻرندڙ ڏياڻيون ٽي ويون. ٿوءَ پنهنجو اڪيون پوريون تنهن کان پوءِ وري کوليائين، پنهنجي اڃيان گهوري ڏنائين. خدا جي پناهه! ائين ٽي لڳو جڙ باهه رڳو سندس آڱرين کي ڪونه ٽي ڳڙڪايو پر سندس ڦڦڙن ۽ آنڊن کي به کائيندي پئي ويئي. سندس وات ۾ رت جو ڪارو ڏائقو هو هن پنهنجي چپن کي ڏاڍو زور سان ڪرٽيو هو پر هن هڪڙي به رڙ ڪانه ڪئي. انقلابي قومي ڪارڪن ڪوييت چيو هو ته 'انقلابي ڪڏهن به رحم جي

بکيا ڪونہ گھرندا آھن.' ٿوءَ پاڻ کي چيو 'آءٌ ڪڏھن بہ رحم جي بيک ڪانہ گھرندس!' شعلا جڙ تہ آندن کي چڪ پائي رھيا ھئا. ٿوءَ اندر ۾ دانھن ڪري چيو: 'ادا ڪوييتا' پوءِ دل ۾ چيائين. 'چا آءٌ رڙ ڪريان وارو آھيان؟' پوءِ پاڻھي پاڻ کي جواب ڏنائين: "ارڙي نا ڪڏھن نہ نہ!"

ڏوڪ جا شيطاني ٿھڪ وڄڻ لڳا. پوڙھا ءِ پوڙھيون ٽپ ڏئي اٿي ڪڙا ٿيا. پر سپاھين کين ڏکي پري ڪيو. اوچتو واڪا ٿيا ءِ پيرن جي دٻ دٻ ٿي! چا پئي ٿيو؟

ٿوءَ ھڪڙي تيز رڙ ڪئي. فقط ھڪڙي "ماريو!" ماڻھن مان رڙ جا يڪدم ڪيترائي پڙڏا ٿيا: "ماريو!"

ٻيا واڪا ٿيا ءِ پيرن جي دٻ دٻ سان راڄ جي اوطاق جي زمين دھلجڻ لڳي. چاڙتن سپاھين رانيارڙ ڪيا. پوءِ ٻڌي ميٽ جو گونجندڙ آواز اُپريو: "سيني کي پورو ڪريو!" پوڙھو ميٽ اچي پھتو. سندس ھٿ ۾ ھڪڙو ڏگھو ڇرو ھو ءِ ڏوڪ سندس پيرن ۾ پيو ھو. سندس چوڌاري ڳوٺ جا نوجوان ٻيٺا ھئا. جن ما ھر ڪنھن وٽ ھڪڙو ڇُرو ھو. انھن ڇرن جا منھن چلڪيا پئي. اھي ان پٿر تي سريا ويا ھئا. جيڪي ٿوءَ نگولن جبل تان ڪٽي آيو ھو. ءِ تنھن کان پوءِ ٿوءَ ادا پريو جو سانتيڪو آواز ٻڌو: "ٿو! ٿو! ھوش ۾ آيو آھين؟ ڏس! اسان سيني کي ماري ڇڏيو آھي! ڏھن ئي کي پنھنجن نيزن ءِ ڇرن سان ختم ڪري ڇڏيو اٽئون!" ٿوءَ جي آڳرين جي ٻاھہ کي وسايو ويو. گھر جي وچ ۾ جيڪا وڏي ٻاھہ پئي ھري. سا اچان ھري پئي. دشمن جي چاڙتن سپاھين جا لاش ان جي چوڌاري پيا ھئا. پوڙھو ميٽ گھر جي وچ ۾ ٻيٺو ھو. سندس ٻالي جو چيڙو زمين تي ٽڪيل ھو. سندس آواز وري گونجڻ لڳو: "ھاڻ ڪم شروع ٿي ويو آھي. اچو تہ وڏيون ٻاھيون ھاريون. ھر ننڍو وڏو مرد زال ٻالو نيزو يا ڇرو ھٿ ڪري! جنھن کي اھي ھٿ نہ اچن. سو بانس جو ڇھنبياريون کتيون ٺاھي. ھر ڪو پنج پنج سو ڪُتيون ٺاھي! ٻاھيون ھاريو." سنڪ وڄڻ لڳا. ان رات جيڪڏھن ڪو ماڻھو وڏي چشمي جي پرسان خانوءَ جي ٻيلي سان ڊڪيل ٽڪريءَ تي چڙھي نھار ڪري ھا تہ. کيس ٻيلي جي خومان قوم جي علائقي پاسي وڏو ترٽلو ڏسڻ ۾ اچي ھا. چؤطرف وڏا مچ ھري ويا ھئا.....

گهٽي رات پئجي ويئي هئي. پر ڪنهن کي به ان جو پتو ڪونہ پيو. مينهن زور ٿي ويو هو پوڙهي ميٽ پنهنجو ڪنڈ متي ڪنيو ۽ چؤطرف نهاريو. سندس چيلهه تائين ڊگهي ڏاڙهي پئي ڏڙڪي. هن نيٽ چيو "مون توهان کي سڃو قصو ٻڌايو آهي. خومان جا ماڻهو ان رات هٿيار ڪٽي اٽي ڪڙا ٽيا. ٽوءَ جون آگريون جلد ڇٽي ويون ۽ هو روانو ٿي ويو. سندس هر ڪنهن آگر ۾ به ڏوڏا وڃي باقي رهيا هئا. پر هو اچان پالو ڪٽي سگهيو ٿي ۽ رائفل ڇوڙي سگهيو ٿي. اسان ٻڌو هو ته نگولن جبل جي ٻي پاسي کو ٻيو دشمن جو چاڙتو ۽ غدار اچي سهڙيو هو. کو ٻيو ڏوڪ پيدا ٿيو هو ۽ اتي جا ماڻهو به هٿيار ڪٽي اٽي ڪڙا ٽيا هئا. سو اسان ٽوءَ کي موڪليو ته وڃي انقلاب جي ڳولا ڪر. ان ڏينهن کان ونڊي هو ٻاهر رهيو آهي.

ننڍڙا شيطان ايڏي دير ڇو ڪيئي؟ ڳوٺ جون سڀ ڇوڪريون تولاءِ پيون سڪنديون هيون! ڇڪو هاڻ مون پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي. هاڻي تنهنجو وارو آهي. ٻڌاءِ ته هي ٽي سال تو ڇا پئي ڪيو؟ اسان کي لڄائڻ جو ڪو ڪم ته ڪو نہ ڪيو اٽئي؟ ڇا ڪيو اٽئي؟ ڪيترا آمريڪي ۽ ڪيترا سندن چاڙتا ماريا اٽئي؟"

ٿو اٽي ٻيئو هو. هو وڏي باهه ڏانهن آيو. هو ڇا چوي؟ پنهنجي ماڻهن لاءِ پيار سندس دل ۾ چلڪڻ لڳو. آخر هن چيو: "پوڙها ميٽ! ڳوٺ جا ساٿيو! آءٌ. ها. آءٌ هن ٻئي ڏوڪ سان مليس...." "ڪٽي؟" "سندس چوڪيءَ تي." "ماريئيس؟" "ها!" "شوٽ ڪيئيس؟" "نا" "چو؟" ٽوءَ پنهنجي ڪلهي تان رائفل کولي پٽ تي رکي. پوءِ چيائين. ؟هيئن ٽيو نا اسان سندس چوڪيءَ تي حملو ڪيو ۽ سندس سيني چاڙتن سپاهين کي ماري ڇڏيوسين." "سيني کي؟" "ها. سيني کي. سندن ڪمانڊر هڪڙي زير زمين آجهي ۾ وڃي پناهه ورتي. اسان چيس پيش پئو! پر هن انڪار ڪيو اسان دستي بم اڇلايا. پر پناهه گاهه ۾ اهڙيون چرون هيون. جن جي ڪري دستي بم جا ٽڪرا ڪيس لڳي ڪونہ سگهيا. اسان جي ڪمانڊر پڇيو 'هن جي ٻڌيان ڪير ويندو؟" مون چيو "آءٌ ويندس." سو آءٌ هيٽ ويس. اونداهي هئي. مون وڃي جهليومانس. هن فائر ڪيو. مون. هن جي بندوق کسي ورتي. هو مون سان ٻکين پئجي ويو. آءٌ ڪائنس ڏاڍو هوس. مون گوڏو ڪٽي چاتيءَ

تي رکيس ۽ پنهنجي تارچ ٻاريم. پچيومانس 'ڏوڪ، مونکي سيجاتئي؟' هن پنهنجو ڪنڌ ڏوٽي انڪار ڪيو. چيومانس: 'چڱو منهنجا هٿ ڏس! اهي هٿ اڃا بندوق هلائي سگهن ٿا، هودهشت ۾ پنهنجو اکيون ڦيرائڻ لڳو. چيومانس "ڏس ڳالهه ٻڌ. مون وٽ رائفل آهي، مون وٽ چرو به آهي، پر آءٌ توکي نڪو شوٽ ڪندس. نڪو چرو هٽندس! ٻڌ ڏوڪ! آءٌ توکي پنهنجي هٿن سان گهٽو ڏيئي ماريندس.' "ها." "پر هو ڏوڪ هو سهي؟" "ها، بلڪل، اهي چاڙتا ۽ غدار سپ ڏوڪ آهن."

پوڙهو ميٽ اٿي بيٺو. هن پنهنجو ڳرو هٿ ٿوءَ جي ڪلهي تي رکيو ۽ گنيير ٽهڪ ڏيئي چيائين: "ٺيڪ." سندس آواز پڙاڏو ڪرڻ لڳو ۽ سڄو گهر ٽهڪن سان ڀرجي ويو.

ان مهل وڏي چشمي جي پرسان خانوءَ جي ٻيلي سان ڍڪيل ٽڪريءَ تي گولا ڪرڻ شروع ٿيا، پر ڪنهن به انهن ڏانهن ڌيان ڪونه ڏنو. گولن جا ڌٻيل ٽڪاءَ ماٺهن جي آوازن ۾ ٻڏي ويا. صبح جو ٿو روانو ٿي ويو. پوڙهو ميٽ ۽ زبت ساٿس گڏجي هليا. هو وڏي چشمي جي پرسان خانوءَ جي وٽن جي ٻيلي وٽ پهتا. راتوڪيءَ گولي بازيءَ ڪيترا وڻ وڍي ڪيرائي ڇڏيا هئا. سندن گهاوَن مان جيڪو رس ڦٽي نڪتو هو سو اونهاري جي سج جي ترورن ۾ پئي چمڪيو. چؤطرف بي انداز اپري پيا هئا، سندن گونڇ سنگينين جي پچڑيءَ وانگر اُڀا ٿي نڪري آيا هئا. هو گهٽي دير اتي بيٺا، پري پري تائين ڏسندا رهيا، جيستائين نظر ويئي ٿي، تيستائين خانوءَ جي وٽن جا ٻيلا هڪ ٻئي جي پويان هلندا پئي ويا.

(سنڌيڪار: رسول بخش پليجو)

ڌرتي منهنجي ماءُ

اهڙي طرح هي زيرِ زمين پناهگاهه ٺاهي پورو ڪيم. جڏهن کان وٽي بندوق سان وڙهڻ ۽ ڪاهيون ڪوٽڙ شروع ڪيون اٿم. تڏهن کان وٽي اڇوڪي ڪاهيءَ جي ڪوٽائي ڏکئي ۾ ڏکي هئي. مان وڙ کي ٽيڪ ڏيئي، اوکڙو ٽي ويٺس. ٽڪاوٽ کان منهنجو بدن چُور چُور ٽي ويو هو.

هيڊ ڪوارٽر وٽان، ڪجهه دير لاءِ بندوقن جا ٽڪاءَ گونجيا ۽ پوءِ وري مائ ٽي ويئي. مون وڌيڪ حملي جو انتظار ڪيو. پر ڪجهه ڪونہ ٽيو.

"هائو ٻيلي، دشمن جي منهن تي دانگي گهمي." مون دل ۾ ويچاريو ۽ آسمان ڏي نهاريم.

مٽان تڙيل پکڙيل ٽارين جي چٽي هئي. دشمن جي جهازن جي ڪيرايل بمن مان نڪتل چٽگن جو چمڪو پريات جي جهڪي روشنيءَ سان ملي ويو هو ڏينهن آهستي آهستي جنم وٽي رهيو هو. جهنگل مٽان ڪوهيڙو پيدا ٽي رهيو هو جو جيئن پوءِ تيئن گهاٽو ٽيندو ٽي ويو.

"اهڙي موسم ڪري، گهٽ ۾ گهٽ ڪلاڪ کان اڳ جهاز حملي واسطي ڪونہ ايندا." مون پنهنجو پاڻ کي چيو.

مون اوپاسي ڏني، ۽ پنهنجي پناهگاهه کي ڏکڻ لاءِ پاسي واري وڙ مان ٽاريون ڪپڻ لاءِ کهاڙي ڪٽي اڳتي وڌيس.

منهنجي پلٽڻ جا ٻيا ساٿي پڻ، نيم دائري جي ايراضيءَ ۾ ساڳئي ڏنڈي ۾ رڌل هئا. هتي واري زمين ڏاڍي سخت هئي، پر مون جيڪو پناهه گاهه کوٽيو هو سو بہ ڪو گهٽ محفوظ ڪونہ هو. مون ان جي مٽان ڏک رکيو ۽ ان تي ڪجهه مٽي وڌي. ۽ لڪ خاطر ساريءَ

ٽڪريءَ تي ساوا پن پکيڙي ڇڏيم. هن ڪِرت ۾ مون کي اڏ ڪلاڪ کن لڳو. پوءِ مون پنهنجا متيءَ هٿا هٽ سوٽ جي ڪيسن سان اُگهي، ڪپڙي جو ٽڪرو پيٽرول ۾ پسائي، پنهنجي بندوق صفا ڪئي، ۽ ان ۾ گوليون پريم. تنهن کان پوءِ سنگين کي تيز ڪندي سوچيم ته، "جي ڪو آمريڪي منهنجي وَرَ ۾ آيو ته، ان جي جسم اندر هيءَ تمام اونهو ٽنبي ڇڏيندس!"

مون بندوق جو قنداق پنهنجي ڳٽي سان لڳائي، ۽ ان جي ٽڏاڻ مون ۾ تازگيءَ ۽ توانائيءَ جو احساس پيدا ڪيو.

پوءِ نهايت آهستگيءَ سان بندوق وڻ سان لڳائي رکيم. ٽيلهي مان ڪجهه ٻيا ٻه ڪارتوس ڪڍي ڳوٽريءَ ۾ وڌم. ڪجهه تماڪ ۽ ڪاغذ پنهنجي قميص جي گيدي جي حوالي ڪيم ۽ پوءِ ٽيلهو بند ڪري، ڪاهيءَ جي ڍڪ تي رکيم ۽ ان مٿان بندوق رکيم.

هاڻي چانورن جا چار گرهه کاڌم ۽ ان مٿان پاڻي پيتم. پوءِ ٻيڙي ڏکائي ٻه چار سوٽا هنيم. هاڻي مان سجو ڏينهن وڙهڻ لاءِ تيار هوس.

هينئر ڏينهن جو سوجهرو پکڙجي ويو هو. ڏنڈ غائب ٿيندو ٿي ويو. سج جا ڪرڻا، زمين تي روشن پٽا ٺاهي ٻيٺا. مينا، ماڪ جي ڦڙن کي چهنب سان چُڳڻ لڳي ۽ هڪ وڻ کان ٻي وڻ تي ٽپندي ڪڏندي، مٺي ٻُولي ٻولڻ لڳي. جنگ جي ميدان جي خطرن جي وچ ۾ مون کي هن جي منڙي آواز ۾ وڏي آسيس ملي.

هونهه، جو منهنجي پرسان ئي ڪاهي ڪوٽي رهيو هو، تنهن اکيون ڦڙڪائي، پکيءَ طرف ڏنو ۽ ٻار وانگر مُرڪي ڏنائين. پلٽڻ جي اڳواڻ، ڦوانگ ٻه مينا طرف نهاريو ۽ پوءِ سڄي پلٽڻ جون اکيون هن پکيءَ تي جميون، پر اسان هي ڏيک ڳڃ وقت ماڻي ڪين سگهياسين. ڦوانگ اسان کي لڪل وڏي وڻ ڏڏ ٽيڻ جو حڪم ڏنو ۽ چيائين:

"اسان جي ڪاهين جي ڪوٽائيءَ جو ڪم پورو ٿيو آهي، پر انهن کي ڍڪڻو ۽ لڪائڻو پوڻ آهي. توهان کي سڏ آهي ته اسان جي ٻي پلٽڻ، دشمن کي ٺاهوڪا ٽوٽا ڇهايا آهن. هنن هڪ ٽئنڪ ٻه هٿ ڪئي آهي ۽ ان ۾ ڪتل توبن سان دشمن جي اڏامندڙ هوائي جهازن کي

بہ نشانو بنايو آهي. اڄ اسان جو وارو آهي. اسان کي بہ هنن جي همسري ڪري، دشمن کي ناڪام بنائڻو آهي."

هن ساهي ڪنئي، اهو سوچڻ لاءِ تہ هو ڪهڙا عملي حڪم ڏئي. مينا وڻ تي ٻولينديءَ رهي. ٿوانگ ان تي هڪڙي تڪڙي نگاهہ وڌي ۽ چيائين:

"هاڻي توهان کي پنهنجي پنهنجي مورچي جي لِڪ ڪرڻي آهي، پوءِ سيڪو پنهنجو ڪاڏو ڪائي، پچاڙيءَ ۾ هر ڪو پنهنجي پناهگاهہ ۾ هٿيڪو ٿئي، سواءِ هڪ پهريدار جي، جو باهر جو سڏ سماءُ رکندو رهي، پر پاڻ کي خبرداريءَ سان لڪائي پوڻ."

پهري جو ڪم منهنجي ۽ هونهہ جي سپرد ڪيو ويو. اسين پنهنجي ڪاهين ڏانهن موٽياسين ۽ انهن مٿان سرس ٽاريون وڌيونسين، ۽ هيانوَ جهل ڪري جيتري منجهند جي ماني ڪاڌيسين.

جيت جنگي جهازن جي گجگوڙ مائيٽي هوا کي چيرڻ لڳي. هونهہ پنهنجا هٿ پنهنجي سئوٽ سان اُڪهيا ۽ پٽڪي چيائين:

"اچي ويا."

مون ڏي منهن ڪري چيائين:

"اسان مان پهرين ڪير پهرو ڏيندو؟ ڇڪو پهرين مان ٿو ڏيان. تون وچ پنهنجي مورچي ۾ ۽ جڏهن مان اُن تي ڇنڊَ اُڇليان، تڏهن اچي مون کان وارو وٺجانءِ."

مون ڪنڌ ڏوٽيو ۽ پاڻيءَ جو ڏڪ پيتو. جنگي جهاز بہ دفعا اسان جي مٿان چڪر هڻي چڪا هئا. ڪجهہ پنڌ پري، وٽن جي جهڳٽي وٽ، هڪ هيليڪاپٽر لهڻ جو هنڌ ڳولڻ جي ڪوشش ۾ "ڀُون ڀُون" جهڙو گوڙ ڪندي، ڦيرا ڏيئي رهيو هو. جنگي جهازن هيٺ گُهٽ هنئي ۽ بي اختيار اسان مٿان لامارا ڏيڻ لڳا.

"اُها ئي ساڳي پراڻي اٽڪل!" مون پنهنجو پاڻ کي چيو ۽ انهن ڏي وڏيڪ نهاريم.

هڪڙو جهاز ور کائي، اسان جي مورچن طرف اُڏامڻ لڳو. مون تڪڙ ۾ ٽاري ڇڪي، پنهنجي پناهگاهہ جو ڏڪ لڪايو ۽ هيٺ ويهي رهيس، پر ائين جيئن منهنجي بندوق متيءَ کان بچيل رهي. ساڳئي وقت بم گولن جا بٽڻ دٻائي رکيم ۽ پنهنجا ڪن ڪڙا ڪيم. جهاز ايترو

هيٺ آيو جو مون کي انديشو ٿيو ته ڪاهيءَ وارو ڏڪ نه اُڏامي ويجي. ان حوا ۾ اهڙو ٽرٽلو پيدا ڪيو جو ڏڪ مٿان رکيل ٽاريون جنبش ۾ اچي ويون. پرسان ئي هڪڙئي پٽيان لاڳيتو بم گولا ڦاٽي رهيا هئا. جنهن ڪري زمين ۾ مان لُڏي رهيا هئاسين. مون کي محسوس ٿيڻ لڳو جڻ ته مون واري ڪاهي نپوڙجي ويجي. ائين پئي سمجهه ۾ آيو ته بس مان طوفان منجهه سمنڊ اندر ٻيڙيءَ ۾ وينو آهيان. منهنجي هيئان ڏرتي ڏڏي رهي هئي ۽ منهنجي مٿان وارو ڏڪ اُڏامڻ تي هو. بم جا ٽڪرا ۽ چيتون، سُوسٽ ڪندين ٿي لنگهيون. مون ان وڻ کي اکڙندي ۽ ڪرندي ٻڏو جنهن تي ڪي گهڙيون اڳ مينا ٻوليون ٻولي رهي هئي.

ڦاٽندڙ بمن بعد، دشمن، باهه گولن جي بارش شروع ڪري ڇڏي. ان ڪري اسان جي پلٽڻ واري ايراضيءَ ۾ دل ڌاريندڙ ڏماڪا ٿيندا رهيا. دونهين ۽ گيسن جي ڏپ مون واري ڪڏي ۾ پهچي ويئي. ٻاهر باهين جا پيڙ هئا. مون ٽوال ڪيي پاڻيءَ ۾ پسايو ۽ گيسن کان بچڻ لاءِ پنهنجي منهن تي رکيو.

هاڻي جهاز مان مينهن وانگر گوليون ۽ وسايون ويون، جن جي شور ڪنن ۾ تاڙيون وجهي ڇڏيون. مون ۾ ڪابه گهبراهٽ پيدا ڪانه ٿي. پاڻ وڏيڪ خود اعتمادي محسوس ڪيم. مان پنهنجي پناهگاهه جي پٽ سان ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيس ۽ سگريٽ ٽاهي دکايم. بم گولو وڏ ۾ وڏ ڏڪ واري طرف کان مون تائين پهچي ٿي سگهيو. سگريٽ مان ۽ ٿي ڏگها ڏگها سوٽا ٻريم ۽ ڏاڍي مزي سان دونهين کي ساهه ۾ جذب ڪيم. دونهون منهنجي ٽڪاوٽ دور ڪري. مون کي عمل تي ايارينڊو نظر آيو. اهو جذبو جاڳندو نظر آيو ته مٿيون ڏڪ پري ڦٽو ڪري ٻاهر ميدان تي ٽپي پوان. پر اجان مون کي انتظار ڪرڻو هو. دشمن زمين تي لهڻ جو تياريون ڪري رهيو هو. آزمودي مان مون کي جاڻ هئي ته هيءَ رڳو شروعات هئي. ان کان پوءِ دشمن ۽ دفعا وڏيڪ خوفناڪ بمباري ڪندو ۽ تنهن بعد ئي پنهنجي فوج هيٺ لاهڻ جي همت ڪاريندو.

مان بي صبر ٿي رهيو هوس. ۽ پاڻمرادو اڳين رات ذهن تي ايري آئي. گذريل رات جهازن جي پرواهه نه ڪري. انهن جي ئي چمڪاٽ ۾ لاڳيتو زمين کوٽيندو رهيس. ايتريقدر جو ٽڪ وچان دم گهٽجڻ لڳو

اها منهنجي سپاهياڻيءَ حياتيءَ جي اڻ وسرندڙ رات هئي. هن پٿريلي زمين ۾ ڪوڏر جي هر لپي سان مونکي پنهنجو پورو زور لڳائڻو ٿي پيو پر منهنجي اها محنت مون کي سدائين زمين جي هن ٽڪري جي ياد ڏيارينديءَ رهندي.

مون لاءِ تو هارهن ڪلاڪ ڪوٺائي ڪئي هئي. مان اهو به باسيان ٿو ته ان بي آرام رات جو مون کي هن سخت پٿريليءَ زمين تي ڪجهه چڙ پڙ آئي، پر پلنڊ جي هيڊڪوارٽر وٽ بمن جي ڦاٽڻ جي آواز مون کي هن ڪم ۾ سستي نه ڪرڻ تي آماده ڪيو. نيٺ ڪم پورو ڪيم ۽ هينئر اهو پناهگاهه مون کي موتمار بمن کان بچائي رهيو هو. مون ان جي پٽين تي پنهنجا هٿ گهمايا ۽ مون کي ان جي ٽڏاڻ جو وٽندڙ احساس ٿيو ڏڪ مان چٽي ايندڙ روشنيءَ ۾ پٽيون اهڙيون لسيون ٿي لڳيون جڏ ته انهن تي پالش ڪئي ويئي هئي. ان گهڙيءَ هڪ نئون خيال جاڳيم. مون دل ئي دل ۾ حساب ڪيو ۽ چاتوءَ سان ڪُرڙي هن کاهيءَ جي پٺ تي "200" جو انگ لکيم.

سچ پچ ته هن کاهيءَ سميت مون ڪل ٻه سئو کاهيون کوٽيون هيون. ان خيال مون ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪئي. مون هي ڪارنامو هڪ اهڙيءَ سرزمين تي سرانجام ڏنو هئا، جا زمين، شايد ڏرتيءَ تي سخت ۾ سخت زمين آهي. مون پنهنجي لاءِ ۽ ٻين لاءِ، شهرن ۾ ۽ لڙائيءَ جي ميدان ۾ هي کاهيون کوٽيون هيون ۽ راتين جو راتيون انهن ۾ گذاريون ۽ پناهه ورتي هئي. هي کاهيون منهنجي جيون جو جزو بنجي چڪيون هيون.

ويجهڙائيءَ ۾ بمن جي ساندهه ڦاٽڻ سبب منهنجي ويچارن جو سلسلو ٽُٽي پيو. هڪ مٽ جيڏي جِنب اچي منهنجي کاهيءَ اندر ڪري، شايد هونهه مون کي، ڪائنس وارو وٺڻ ٿي چاهيو. مون ٻئي بم سوٽ جي ڪيسن ۾ وڌا. رائيفل هٿ ۾ سوگهي جهلي ۽ ريڑهيون پائيندو لنگهه وٽ آيس. هتي پهچي، آسپاس جو واءُ سواءَ لهڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نظرون ڦيرايم. هڪدم روشنيءَ ۾ اچڻ ڪري، حالي ته منهنجو اکيون ڪيريون ٿي ويون. هونهَ مون کي ڏسي پڇيو:

ٻاهر ڇو آيو آهين؟"

"توکان وارو وٺڻ واسطي!"

"نہ مون تہ ايجا توکي ڪونہ سڏيو آهي. شايد بہ ڪاٺ سبب ڪا جنب اچي تنهنجي ڪڏ ۾ رسي آهي." هونهن پنهنجي بجڪيءَ مان پٽي ڪيڏندي وراڻيو.

مون هن ڏي گهوري ڏٺو: "چا ڪو توکي زخم رسيو آهي؟"

هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ ڪاهو هٿ سامهو ڪيائين: "هنن مون کي ماس جي ٿوري ٽڪري کان محروم ڪري ڇڏيو."

هن پٽي کولي زخم تي ٻڌڻ شروع ڪئي.

مون چيو "هاڻي تون پناهگاهہ ۾ وڃ تہ مان ٿو چوڪسي ڪريان. هيءَ ٻي بمباري آهي نہ. هو هيٺ لهڻ کان اڳ ۾ ايجا بہ هڪ بہ حملو ڪندا."

هونهن زمين اندر غائب ٿي ويو. مون چوڌاري نهاريو. هر طرف بمن جي ڪرڻ سبب پيدا ٿيل ڪڏون هيون. ۽ ان ئي ايراضيءَ جتي اسان جي پلٽڻ لڪل هئي. ڪيترا نشان پناهگاهن جي صفا ويجهو هئا ۽ ڪيترا ڪافي پري. هڪ بہ ذري گهٽ هڪ ڪاهيءَ مٿان ڪريو هو ۽ پر واري وٽن جي جهڳٽي جا ڳچل وڻ پاڙان اکوڙي وڌا هئائين. پر اسان جا سڀ مورچا سلامت هئا. مون اطمينان جو ساهہ ڪنيو ۽ پنهنجون نگاهون آسمان ۾ ڦيريون ڏيندڙ جنگي جهازن ۾ ڪپايون. اُهي مٿي پئي اُڏاٽا. ايجا بہ مٿي. اوچتو سج واري طرف کان جنگي هوائي جهازن جي هڪڙي قطار ڪڪرن مان نڪري نروار ٿي. مڙئي ڪارنهن جهڙا ڪارا هئا.

"ٽين بمباري!" مون وڏي آواز سان پڪاريو ۽ پنهنجي پهري واري فرض ڏانهن ڏيان ڏنم. اسان جي مورچن مٿان بمن جي بارش وسائڻ شروع ٿئي. اهڙا ڏماڪا ٿيا جو زمين لڏي پئي ۽ مون کي ائين محسوس ٿيو تہ اسان ڪاهين مان اڏامي پرزا پرزا ٿي پري وڃي پونداسين. مان جنگهون ويڪريون ڪري پٽ جي سهاري ٿي بيٺس.

نيٺ ڏماڪا بند ٿيا. مون منهن ۽ ڳچيءَ تان مٽي صفا ڪئي ۽ پناهگاهہ جي پٽين تي هٿوراڻيون هنيم. اتي هڪ ڏار پيو هو ۽ مٿيون ڍڪ ڪجهہ سِرڪي ويو هو. اتي اوچتو ڪا چيز سئوسٽ ڪندي زون سان منهنجي ڪن وٽان لنگهي هيٺ فرش ۾ غائب ٿي ويئي. مان ذري گهٽ اونڌوئي ڪريو هوس. ڪن سوتن جو فرق هو نہ تہ مان ختم ٿي وڃان ها.

مون جدا جدا هنڌن تي ۽ سؤ ڪاهيون ڪوٽيون هيون. ڪي سامونڊي ڪناري واري پاسي جي ميدانن ۾ ته ڪي ويٽ نام جي وچ واري رپڙ ۾ ڪافيءَ جي ڪيتن جي ڳاڙهيءَ زمين ۾. هنن هنڌن مان جتي نرم ۽ چيڪي مٽي هئي، اتي ڪوٽائيءَ جو ڪم منهنجو هو. پر جتي سخت ۽ پٿريلي زمين هئي، اتي سر جون سٽون ڊيٽيون پوندیون هيون.

هر لڙائيءَ جو ميدان جتي مون کي لڙڻو پيو ۽ هر ڪاهي جا مون کي ڪوٽي پئي، تنهن منهنجي لاءِ اڻ مِنجندڙ يادگيريون ڇڏيون هيون. مثال طور، گيادنهه پرڳڻي ۾، مون تر وارن ماڻهن سان گڏجي نئين سال جو جشن ملهايو. هنن سان ملي جوابي حملي ۾ حصو ورتو ۽ هڪڙي گوريلا چوڪريءَ سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهيس. ان چوڪريءَ سان پوءِ منهنجي مڱڻو ٿيو. هاڻي مان ملڪ جي هن ٽڪري ۾ هوس، جو منهنجي ڳوٺ کان تمام گهڻو پري هو ۽ جتي اڃڻ لاءِ مان خواب ۾ لهي نه ٿي سگهيس، پر آزاديءَ جي جنگ مون کي هتي آندو هو ۽ رات ئي رات اندر هيءَ زمين مون کي جان کان وڌيڪ پياري ٿي چڪي هئي. ان مون کي دشمن جي بمن ۽ گولين کان بچايو هو. جيئن ماءُ پنهنجي ٻار لاءِ ڪندي آهي. مون کي ائين ياسڻ لڳو جڻ ته هيءَ ڌرتي منهنجي ٻي ماءُ آهي ۽ سچ پچ ته مان ان جو ئي سپاهي هوس. ڪجهه ئي ساعتن اندر جڏهن دشمن پنهنجي لشڪر کي هيٺ لاهيندو تڏهن مان ان جي سيني مان نڪري نروار ٿيندس، ۽ ان لشڪر کي ناس ڪري ڇڏيندس. مون کي ان جي انڇ انڇ جي حفاظت ڪرڻي هي، چو ته اها اسان جي آهي ۽ نه هُنن جي.

جنگي هوائي جهاز تکو اڏمندو غائب ٿي ويو. پنيان هيليڪاپٽر وڃي رهيا هئا. جي اسان جي سامهون واري ميدان مٿان ڇڪر ڏيئي رهيا هئا. هو پڪ ئي پڪ لشڪر اُتي لاهيندا. ان وقت مون ڏاڍهن جِنب اڇلائي ويئي. مون منهن ڦيرايو ۽ وڃ پنيان پنهنجي پلٽن جي ڪمانڊر ڦوانگ کي ٻيڙل ڏٺم.

هن چيو: "معلوم ٿيو آهي ته هو اجهو ٿا هيٺ لهن. توهين پوريءَ رازداريءَ کان ڪم وٺي. هنن جي آجيان ڪجو. جڏهن سرنگهه ڦاٽڻ جو ڦٽاڪو ٻڌو، تڏهن رڦيل ستا موجب هنن مٿان بم اڇلائجو. جڏهن ٻگل ٻڌو، تڏهن هنن تي بندوقون چوڙجو. جيڪڏهن هنن مان ڪو

توهان جي پناهگاهه ۾ ٽپي پوي ته پوءِ هينئن....." ڦوانگ پنهنجي سنگين سڌي ڪئي ۽ مُرڪيو ۽ وري چيائين، 'پٽڑا! اڄ صبح ڪان ڪا خاص ڳالهه ته ڪانه ٿي آهي؟ توهان جون سڀ ڪاهيون سلامت آهن، ائين نه؟ اسان کي هن ڏرتيءَ جو ٿورائتو ٿيڻ کپي. ڪيترا نه بم اڇلايا ويا آهن. چگو هاٿي هونهَ کي پنهنجي رڻا کان آگاهه ڪر."

مون هونهَ جي ڪاهيءَ طرف جِنب اڇلي، هن ٻاهر منهن ڪيو. مون هن کي پنهنجي ڪمانڊر جو هڪم ٻڌايو. مون اڃان ڳالهائي بس ڪئي ته، بمبار جهازن هيٺ لامارا ڏيئي بم اڇلايا. مان هڪدم پوئتي هٽي ويس، پر بم جو هڪ ٽڪرو منهنجي هٽ کي رهڙيندو ويو. مون کپي هٽ ۾ آلاڻ محسوس ڪئي. مون جهڪي ان ڏي نهاريو. چيچ ڏري گهٽ ڪتجي ويئي هئي. اها هٽ سان فقط چمڙيءَ جي ٽڪري ڪري ڳنڊيل هئي. مون ڪاوڙ مان جهازن کي گهوريو ۽ چيچ کي اصلي جڳهه تي لڳائڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ان ۾ ڪو فائدو ڪونه هو. ان ڪري هٽ جي چرپر کي آزاد رکڻ لاءِ مون ان بيڪار آگر کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو سوچيو. هونءَ به ظاهر هو ته اها آگر نه چٽي سگهندي ۽ نه هٽ سان ڳنڍيجي سگهندي. مون آگر وڍي اُڇلائي چڏي. ڦٽ تي پٽي ٻڌي چڏيم.

جهاز ڪو وقت انڌا ڏنڈ بمباري ڪندا رهيا، پوءِ سج واري طرف کان، مڪين جي ميڙ وانگر جهاز وڏندا آيا، وايو منڊل ۾ گجگوڙ جهڙو آواز گونجڻ لڳو. جيئن مان پنهنجي مورچي مان پنهنجي ڪمانڊر ۽ هونهَ کي اطلاع ڏيئي رهيو هوس، تيئن هڪڙوهيليڪاپٽر هيٺيرو آيو ۽ ڳاڙهي روشني ڪري ٻين جهازن کي ٻڌايائين ته ڪٽي لهڻو آهي.

"واهه واهه هاٿي واهه جو شڪار ملڻ جو وارو آهي!" خوشيءَ ۽ جوش کان ڏري گهٽ مون کان رڙ نڪري ويئي. دشمن ان حقيقت کان صفا بي خبر هو ته ڪو سوين ماڻهو زير زمين، سندن تاڙ ۾ وينا آهن. ۽ سندن چوڌاري تنگ ڄار پکڙيل آهي. مون هيٺان نِوڙي پنهنجو ٽيلهو ڪنيو. ۽ دستي بم پناهگاهه جي ڪنڊيءَ تي رکيم. خبرداريءَ سان رائيفل ۾ گوليون پريم ۽ هٿو هٽ وڙهڻ جي حالت ۾ سنگين سڌي ڪري لڳايم. پنهنجي متان ڪجهه ٽاريون چڪي، مان ماڻ ڪري انتظار ڪرڻ لڳس.

جهازن جو پهريون ستُ منهنجي سامهون هو. انهن ۾ وينل سپاهي مان چگيءَ طرح ڏسي ٿي سگهيس.

هنن کي سايون وردين پهريل هيون، هر هڪ جي هٿ ۾ بم هو ۽ هنن جون اکيون ميدان ۾ ڪُتل هيون. هاڻي جهازن جي رفتار ڊري ٿي. هو زمين کان ڇهه ست گز مٿي هئا. انهن مان ٿي رهگو ڪجهه والن جي مفاصلي تي منهنجي آڏو لنگهي ويا. سپاهين بم ڦٽا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ هيٺ ٽپ ڏنائون. گهٽن زمين تي پهچڻ سان ٽيڙ ڪاڏا. کي منهن ۾ ڪِريا ۽ کي پٽيءَ ۾. هڪڙو ته مون کان ڪجهه قدمن تي اچي زمين ۾ پيڙو ٽيو. آمريڪي ڪمانڊر جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر سنئون سڌو بيهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. هو نشائينِ وانگر لڏي رهيا هئا. هو چتا ٿي لڳا ۽ ائين پئي هليا جڙ ته ڪنهن ويران ۽ اجڙيل جڳهه ۾ هئا. شايد هنن سوچيو هو جي ويٽ ڪانگ هتي ڪاهين ۾ هجن ها ته آمريڪي گولن ۽ گولين جو بک ٿي وڃن ها. هنن جي هلت منهنجي صبر جو پيالو لبريز ڪري ڇڏيو.

"توهان رهگو چند گهڙين جا مهمان آهيو!" مون چپن ۾ چيو.

بي صبريءَ ۾ ٿهڪندي مون پنهنجا ڏند پيڪوڙيا، بم هٿ ۾ سوگهو ڪري جهليم. ان وقت اسان جي سرنگهه مان وڏو ڏماڪو ٽيو. مون ويجهي ٽوليءَ ڏانهن بم اُڇلايو ۽ ان جي ڦاٽڻ کان اڳ ٻيو بہ اُڇلايم. ڪيترا سپاهي زمين تي ڍگها ٿي پيا. سيڪنڊ بہ ضايع ڪرڻ کان سواءِ اسان جي پلٽڻ جا هڙئي ماڻهو پناهگاهن مان ٻاهر نڪري آيا.

"هاڻي اسين پنهنجو ڄار سوڙهو ٿا ڪريون." مون ويچاريو. دشمن جي منجهيل سپاهين جي صفن تي بمن جو مينهن وسڻ لڳو. چيءَ جي مشين گن منجهن لابارو وجهي ڇڏيو. ڪيترا جان بچائڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا ۽ هيبت وچان رڙيون ڪرڻ لڳا. مون پنهنجي بندوق سڌي ڪئي ۽ گاهه تي ريڙهيون پائيندڙ هڪڙي آمريڪي آفيسر کي نشانو بنايم. هن کا مهل ليڙيون پاتيون ۽ پوءِ هن جي چرپر بند ٿي ويئي.

پوءِ ڄاتل سڃاتل بگل وڳو. اک چنپ ۾ مان پنهنجي پناهگاهه مان ٻاهر آيس. مون ڪمانڊر ڦوانگ هونهَ ۽ هين کي مشين گنن سان دشمن کي پگڙن وانگر ڀُڄندي ڏٺو. ڪيترا دشمن ڏڪ لڳڻ

سان شيخ وانگر سڏا ٿي ٿي ٻيڻا ۾ پوءِ بند وانگر زمين تي ڊير ٿي ٽيا. رڳو ڪي ٿورا موٽ ۾ گوليون ڇوڙي سگهيا. ٻين ڇڙ تي زور رکيو يا هٿ مٿي کنيائون. هو سمجهي ئي ڪونہ سگهيا تہ اسين ڪٽان اچي پرگهٽ ٽياسين. يا هي سيکجهہ چا ٿي ويو. اسان جي سڃي پلٽڻ ميڪانگ نديءَ ۾ آيل ٻوڏ جي پاڻيءَ وانگر هنن تي چڙهي ويئي. مان ڪيترن ئي لاشن مٿان ٽپندو سڏو پنهنجي شڪار آمريڪي آفيسر وٽ آيس. هو ايڏا جيئرو هو منهنجي گولي هن جي ستر ۾ لڳي هئي. ويجهو وڃڻ تي مون پنهنجي ٻوليءَ ۾ هن کي ڪجهہ چيو. هن پنهنجو منهن ۾ پستول منهنجي طرف ڦيرايو. مان هڪدم پاسيرو ٿي ويس. گولي منهنجي ڪن وٽان شرڙاٽ ڪندي لنگهي ويئي. مون ڏند پڪوڙيا ۾ پنهنجي پوريءَ طاقت سان سنگين هن جي پاسي ۾ ٽنبي ڏنم. رهزن جو بدن ڪمان وانگر ٿي ويو ۾ پستول هن جي هٿ مان ڇڏجي ويو.

هيءَ سڃي ڪاروائي تيز طوفان وانگر اُپري ۾ هن ايراضيءَ ڪي پنهنجي لپيٽ ۾ آندائين. پر ڏهن منٽن کان پوءِ هن جنگ جي ميدان تي ماڻ ئي ماڻ ٿي ويئي. رڳو زخمي ٽيل دشمن جو ڪنجهڻ ۾ مٿان آسمان مان جهازن جي 'زون زون' جا آواز ٿي ٻڌڻ ۾ آيا.

اسان جي پلٽڻ جو اڳواڻ ڦوانگ مون ڏانهن ڊوڙندو آيو. مون هن کي آمريڪي آفيسر وارو پستول ڏنو ۾ دشمن جا اهي لاش ڏيکاريا. جي منهنجي هٿان ختم ٿيا هئا. منهنجي ڪاهي هٿ تي اچي پٽي ٻڌل ڏسي پڇيائين:

"ڇا زخمي ٿيو آهين؟"

"بم جي ٽڪر لڳڻ سان منهنجي چيچ ڪپجي ويئي. پر مان ايڏا بہ رائفل استعمال ڪري سگهان ٿو."

هو وڏي آمريڪي آفيسر جي مڙهہ وٽ ويو ۾ هن جي ڪيسن مان ڪاغذ ڪڍي پنهنجي ڪيسن ۾ وڌائين.

ڦوانگ مون ڏي نهاريو ۾ ڪجهہ ڳڻ ڳوت ڪري چيائين. "تون دشمن جي پڪڙيل سپاهين جي نظرداري ڪندو (CP) سي-پي ڪمپنيءَ ڏانهن وڃ."

"منهنجي هن پنهنجي پلٽڻ ۾ ڊيوٽيءَ جو چا ٿيندو؟"

"فڪر نه ڪر، هيءَ پلٽڻ ٻئي حملي تائين هتي هوندي"

"چا قيدين کي ڪئمپ تائين پهچائڻ لاءِ مون کي ويڙهو آهي؟" مون نراسائيءَ مان دريافت ڪيو.

"نه." ڪمانڊر ڪنڌ لوڏيندي چيو. "توکي فقط هن لڙائيءَ جي ميدان جي پٺئين سري تائين ويڄي، اتي هي قيدي ٻيءَ پلٽڻ جي حوالي ڪري واپس ورڻو آهي."

منهنجي چپن ۾ چهري تي مُرڪ ڦهلجي ويئي. ڦوانگ به مرڪي ڏنو. هو منهنجي من جي حالت کان پلي پت باخبر هو. پوءِ هن منهنجي ٻين ساٿين کي دشمن وارو جنگي سامان ۾ هٿيار ڪڍڻ لاءِ چيو. مان گرفتار ٿيل قيدين ڏانهن وڌيس. جي جهنگ اندر ٻُرن حالن ۾ ٻيٺا هئا.

مون کي ۾ منهنجي ڪن ساٿين کي منجهند کان وٺي ٽيپهري تائين، هنن قيدين جي چوڪسي ڪرڻي پيئي. محاذ واري پاسي کان رکي رکي بندوقن چٽڻ جا آواز ايندا رهيا ۾ اهي آواز منهنجي صبر جو امتحان هئا. مس مس چئين وڳي شام جو هن قيدين جي چارج ونڊڻ ٽولي ملي. انهن مان جند ڇڏائي، مان بنا دير پنهنجي محاذ ڏانهن پڳس. بار بار بمباري ٽيڻ ڪري مون مشڪل سان منهن اونداهيءَ جو پنهنجي ڪاهيءَ ۾ اچي جاءِ والاري. هونهه ماني ڪائي رهيو هو.

"منهنجي ويڙ کان پوءِ ڪو مقابلو ٿيو؟" مون سوال ڪيو.

هونهه ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو.

"پوءِ ايتري نڪاوڪي ڇاجي هئي؟"

"اُها ٻين محاذن تان هئي."

"ڪهڙيون خبرون آهن".

"هنن ۾ آمريڪي پلٽڻن جي صفائي ڪري ڇڏي، ۾ اسان هڪ جي." هونهه هٿ جي هڪڙي آڱر مٿي ڏيکاري وري چيو "هڪڙي آمريڪي پلٽڻ ناس ڪرڻ کان پوءِ مون کي انديشو آهي ته اسان جي وڙهڻ لاءِ وڌيڪ آمريڪي هتي ڪونه ايندا آهن."

"منهنجي ويڙ کان پوءِ هنن هتي ڪي بم اُڇليا؟"

"هائو". هن بمن جي پيدا ڪيل ڪوپن ڏي اشارو ڪندي چيو "هنن بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي." مون ارد گرد نهاريو ۽ مشڪل سان ساڳي جڳهه سڃاڻي سگهيس. بمن ۽ راڪيٽن سيئي وڙ پاڙئون پتي وڌا هئا. زمين ساري ائين ئي نظرئي آئي، جڙ تہ تازو هر سان کيڙي ويئي هئي.

"ڪو زخمي ٿيو؟"

هونتهه انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

پنهنجي پناهگاهه ڏانهن مون کي ڇڄ وقت لڳي ويو. ان جي آس پاس بمن جا پيدا ڪيل تي کوپا جي مون وڃڻ وقت ڏٺا هئا. هاڻي تي پيا بہ کوپا نظر آيا منهنجي پناهگاهه وري ڏڪ مٽان متيءَ وارو تهه اُڏامي ويو هو ان جو لنگهه پڙ بگڙيل حالت ۾ هو. مون هيٺ ٽپو ڏنو ۽ فرش تي متيءَ جون ڊيريون، ٽڪرن ۽ پٿرن جا ٽڪرا لڳم. مون پتين تي هٿ گهمايا. اهي صحيح سلامت هيون.

مون پنهنجي ڪمانڊر کي مون کي سڏيندي ٻڌو. مان ٻاهر نڪتس. مون کي اها جاءِ ڇڏڻ جو حڪم مليو. منهنجي پيڙ کان اڳيئي هن چيو "اسان کي دشمنن جي ايجا بہ ڄجهي تعداد ۾ اڇڻ جو اطلاع آهي، پر ٻئي هنڌ تي."

اسان جي پلٽڻ اتان لڏي اڳتي وڌي. وري اسين ڪنهن اڻ ڄاتل زمين طرف روانہ ٿياسين.

"اتي مان بہ سو هيڪوني (201) ڪاهي ڪوٽيندس. جا رات ئي رات ۾ منهنجي لاءِ پياري جڳهه بنجي پوندي. ۽ اها منهنجو ائين بچاءَ ڪندي. جيئن ماءُ پنهنجي ٻار ڪري جو. اتي مان ڏرتيءَ جي گود مان نڪري، هر ان دشمن کي ماريندس، جو اتي اڇڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ "تحريڪ" ايستائين هلندي رهندي. جيستائين سڄو ڏکڻ ويٽ نام آخر حملي آور آمريڪيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل نٿو ڪري"

ويٽنامي کهاڻيڪار: نامها

سنڌيڪار: نجم عباسي

آءٌ وطن دوست گوريلو ڪيئن بڻيس ؟

آءٌ 'هوئي' شهر ۾ هڪ گهورڙئي جو ڏنڏو ڪندو هوس. اوچتو شهر ۾ شاگردن جي جلسن جلوسن جي ڪري ڏنڏو بلڪل ٺپ ٿي ويو ۽ منهنجي لاءِ پيٽ گذر ڪرڻ گهٽي قدر مشڪل بنجي ويو. اڳين گڏ ڪيل پونجي به ٿورن ڏينهن ۾ ڪائي ختم ڪري ڇڏيم. شهر ۾ نوڪري ملڻ نهايت مشڪل هئي. نيٺ ڪنهن صلاح ڏني ته 'سائيگان وڃ، اتي ڪاڻ ڪا ننڍي وڏي نوڪري ملي ويندئي. پر نوڪري نه به ملئي، ته به محنت مزدوري ڪري پيٽ پالي سگهندين.'

آخر اهڙيءَ ريت آءٌ 'هوئي' ڪي ڇڏي، سائيگان اچي پهتس. سڄي شهر ۾ هُل هنگامي واري فضا ڇانيل هئي، پر مون ان ڏينهن ڪو به ڏيان ڪونہ ڏنو. آءٌ اسٽيشن تان هلي رستي تي اچي پهتس. شهر جي انهيءَ حصي ۾ ڪي دڪان کليل هئا ته ڪي بند. مون سوچيو ته، 'اهڙو حال ته پنهنجي شهر هوئي جو به هو.' منهنجي خيال ۾ شايد ڪو جلوس وغيره ايندو هوندو تنهنڪري آءٌ پنهنجو گس وٺي هلندو پئي ويس. ٿورو اڳتي هلي مون کي اهو خيال آيو ته 'هتي ته ماڻهن جي اڇ وڃ تمام گهٽ آهي، فقط پوليس ۽ فوج جون ٽرڪون ۽ جيپون زياده پيون ڏسجن، تنهنڪري مون کي ڪيڏانهن وڃڻ گهرجي؟' آءٌ ايڏا اهو سوچي ئي رهيو هوس ته، اوچتو پٽيان چئن سپاهين، جن وٽ رائفلون هيون، مون کي اچي وکوڙيو. آءٌ ساڻن سوال جواب ڪريان ئي ڪريان، تنهن کان اڳ ٻن سپاهين مون کي ٻنهي ٻانهن کان ورتو ۽ هڪ ٽرڪ ڏانهن وٺي ويا ۽ مون کي زوريءَ ٽرڪ ۾ ويهاري ڇڏيائون.

اِها سموري ڪاروائي اهڙي اوچتي ۽ ايتري جلد ڪئي ويئي جو آءٌ فقط حيرت ۽ عجب ۾ اکيون ڦاڙيو هيڏانهن هوڏانهن نهارينڈو ئي

رهيس. ٽرڪ جي پٺيان رستي تي هڪ سپاهي رائيفل تاڻيو بينو هو. ٽرڪ ۾ نگاهه ڦيرايم ته ان ۾ مون جيان ڪي ٻيا ماڻهو به ويٺا هئا. سيني جي چهرن تي مايوسي ڇانيل هئي ۽ سڀ ائين ويٺا هئا جڙ منجهائنئن هر هڪ کي اوچتو ڪو نانگ سونگهي ويو هجي.

"پائو! آخر هيءَ ڪهڙي مصيبت آهي؟ ٻيلي! آءٌ ته هن شهر ۾ نئون آيل آهيان، پلائي ڪري ٻڌايو ته. آخري اسين ڪهڙي ڏوهه ۾ جهليا ٻيا ويون؟" منهنجي طرفان اهڙي سوال پڇڻ تي هڪ همراهه جي چهري تي ڪجهه تبديلي آئي ۽ مون ڏانهن چتائي نهاريو ڪان پوءِ مرڪندي وراٽيائين: "چا، تون ڪنهن ٻئي ملڪ مان ٻيو اچين؟ پائو توکي هتي جي حالتن جي واقعي خبر ڪانهي!"

"ادا، آءٌ هڪ گهورڙيو آهيان ۽ اڄ ئي صبح جو 'هوئي' شهر کان هتي پهتو آهيان. روزگار جي ڳولا ۾ هوس ته اوچتو سپاهين سواءِ ڪنهن ٻڃا ڳاڇا جي، ڪنهي ڪٽي اڇي ٽرڪ ۾ ويهاريو آهي. الائي ڇو؟"

"روزگار لاءِ آيو آهين؟"

"جي ها، اوهان منهنجي مدد ڪري سگهندؤ"

"ادا، معاف ڪجئين، تون ته بلڪل مسخرو ٿو لڳين. تون الائي ڪهڙيءَ دنيا ۾ ٿو رهين! تنهنجي چوڌاري چا پيو وهي واپري، اها به ڪا خبر اٿئي؟" هو ايترو چئي پوءِ ڪِلڻ لڳو.

"سنيالي ڳالهاءِ پائو تون جڙ ته مون کي مسخرو پيو سمجهين. آءٌ غريب ضرور آهيان، پر عزت هر ڪنهن کي پياري آهي. آءٌ پنهنجي ڪم سان واسطو رکندڙ آهيان ۽ ٻين جي معاملي ۾ ٽنگ اڙائي ڪون ڄاڻان. حالتون جتي ڪٽي اهڙيون آهن. هوئي شهر ۾ به ساڳي مصيبت آهي ۽ هتي به ساڳي ڪار آهي."

"ماڻهو چڱو ٿو ڏسجين." ساڳئي همراهه وراٽي ڏني.

"مهرباني، پر تون ته منهنجي سوال جو ڪو جواب ئي ڪونه ڏنو؟"

"توکي روزگار جي ڳولا هئي، ته پوءِ ته توکي خوش ٿيڻ کپي، توکي روزگار ته ملي ويو آهي. هي اهڙو روزگار آهي جو جيسين جيئرو هوندين تيسين جاري رهندو."

"ٻيلي ڳجهارتن ۾ چو ٿو ڳالهائين، آخر صاف صاف چو نٿو چوين...."

"ادا، اڄ ڪان تون سپاهي آهين. توکي زوريءَ پرتي ڪري سپاهي بنايو ويو آهي. رهائش ۽ کاڏو پيتو مفت ملندءِ ۽ شايد خرچيءَ لاءِ به ڪجھ نہ ڪجھ ملي ويندءِ."

آءٌ اها ڳالھ ٻڌي، هيڪاري پريشان ٿي ويس ۽ پنھنجو پاڻ کي چوڻ لڳيس، 'واھ رڳي پاڳ واھ! ڪٽان آڻي ڪٽي ڦاسايو اٿئي؟ خبر ناهي ڪھڑيءَ مصيبت ۾ اچي سوگھو ٿيس.'

"جيڪڏھن آءٌ سپاهي ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيان ته..."

"نہ..." ھو ڪليو. "پوءِ توکي قيد ڪيو ويندو. سمجھيئي! انڪار جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي."

"تڏھن ڇئبو ته اها ڳالھ آهي! يلا ھاڻي اھو ٻڌاءِ ته قيد جي زندگي سٽي آهي، يا سپاهيءَ جي؟"

"تون مرضيءَ جو مالڪ آهين، جيڪا پسند ڪرين."

"آءٌ نڪي ڪڏھن قيد ٿيو آهيان ۽ نہ وري ڪڏھن ڪا رائفل ئي ھٿ ۾ جھلي اٿم. تون ئي منھنجي رهنمائي ڪر."

"ڪوبہ ڪنھن جي رهنمائي ڪري نہ ٿو سگھي، پنھنجو رهنما پاڻ بنجڻ جي ڪوشش ڪر."

آءٌ ھن جون اهي ڳالھيون ٻڌي خاموش ٿي ويس. مون لاءِ ته جھڙو مصيبتن جو نئون سج اپريو ھو. ڪنھن بہ نموني چوٽڪارو ملڻ مشڪل ھو بس گدري ۽ ڪاتيءَ واري ڪار هئي. انهيءَ ڪان ته اھوئي بھتر ھو ته 'ھوئي' ۾ ئي رهان ھا. ڪنھن نہ ڪنھن طريقي گڏر سفر پيو ٿئي ھا. مون کي ائين ماڻ ۾ ڏسي، ھن ھمراھ وري گفتگو شروع ڪئي.

"آءٌ سمجھان ٿو ته تو سپاهي ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، اھو ٺيڪ اٿئي. سرڪاري ماڻھو ٿي ويندين ته پوءِ عيش اٿئي. خوب موجون ماڻيندين" ھن جي ڳالھائڻ ۾ سخت ٽوڪ ۽ چٽر هئي. آءٌ ھن کي وڌيڪ ڏيان سان ڏسڻ لڳيس.

ھن جي عمر ٽيھ ورھيه کن هئي. وچولو قد، پريل بدن، ننڍي چھري ٽي ڏگھيرڙيون اکيون، جن ۾ ھڪ خاص چمڪ هئي. ھو بہ منھنجي اکين ۾ اکيون ملائي ڏسڻ لڳو. ھن مون ڏانھس پنھنجي نظر ھٽائي، ٽرڪ ۾ ويٺل ٻين ماڻھن کي ڏسڻ شروع ڪيو. ٽرڪ ۾ ھڪ سورھن سترھن

ورهين جو چوڪرو منهن مونن ۾ هنيو روئندو ٿي رهيو. ويٽل مان ڪنهن بہ هن جي سڏڪن تي ڌيان نہ ڏنو. سيئي پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڳٽتيءَ ۾ ٻڏل هٿ ۽ خالي نظرن سان سامهون نهارينداٿي رهيا.

"اهو چوڪرو پنهنجيءَ ماءُ کي ياد ڪري روئي رهيو هو." انهيءَ ساڻئي همراهہ چوڪري ڏنهن اشارو ڪري مون کي ٻڌايو.

"هن جي ماءُ مري ويئي آهي ڇا؟ مون چيو "نہ. گهران بيمار ماءُ لاءِ دوا ونڊڻ نڪتو هو تہ ائين اسان وانگر پڪڙجي ويو. هن گهٽي ئي رڙيون ڪيون ۽ ماءُ جي بيماريءَ جا عذر پيش ڪيا. پر سندس ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٻڌي وئي."

"ظالمن کي ڪو ترس بہ ڪونہ آيو! حد ٿي ويئي." مون جواب ۾ وراڻيو.

"آهستي ڳالهاءِ. ڪنهن سپاهيءَ ٻڌي ورتو تہ مصيبت ۾ اڇي ويندين." همراهہ چيو.

"تڏهن هتي زبان کولڻ جي بہ موڪل ڪانهي."

"ها بلڪل ائين سمجهہ." هن چيو.

ايتري ۾ بہ سپاهي اچي ٽرڪ ۾ چڙهيا، ٻنهي وٽ رائفلون هيون. اهي رستي ڏانهن منهن ڪري بيهي رهيا. ٽورن مننڊن کان پوءِ ٽرڪ هلڻ لڳي. مون پويان نگاهہ ڪئي تہ هڪ بي بہ ٽرڪ اچي رهي هئي. ڊرائيور جي سيٽ جي پاسي ۾ هڪ فوجي، مشين گن ڪنيو بيٺو هو. هڪ ڪلاڪ تائين ٽرڪ هلندي رهي. ٽرڪ ۾ سڀ خاموش هئا. ان وقت ائين ئي محسوس ٿيو جڻ اسان سيني کي ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن نيو پيو وڃي. ڇڇ پندرهن کان پوءِ ٽرڪ هڪ هنڌ جهنڊو ڏيئي بيهي رهي. ٻئي سپاهي ٽپ ڏيئي هيٺ لٿا ۽ اسان کي بہ هيٺ لهڻ جو حڪم مليو. مون ٽرڪ مان لهي چوڌاري نظر ڦيرائي. هڪ وڏو ميدان هو جنهن جي ڇڻي طرفن کان ڪنڊن واريءَ تار جو لوڙهو ڏنل هو. ميدان جي هڪ ڪنڊ ۾ فوجين جون بيرڪون هيون. اسان کي قطار ۾ بيهاري، بيرڪن ڏانهن وٺي ويا ۽ پوءِ اسين هڪ هڪ ٿي فوجي آفيسر وٽ پيش ٿياسين. جڏهن منهنجو وارو آيو تہ آفيسر پڇيو: "نالو؟"

"نالو تہ نگوين ڪيٿ آهي، پر سائين منهنجو هڪ عرض آهي..."

"عمر؟"

"سائين! آءٌ...."

تون ٻڌو ڪونہ، عمر ٻڌاءِ؟"

"عمر 27 سال آهي، پر سائين گذارش آهي...." "بڪواس نہ ڪر."

آفيسر جي وات مان انهن لفظن نڪرڻ شرط مون کي پٽيان ڪنهن ماٺهوءَ اهڙو ڏکو ڏنو جو آءٌ بي اختيار ٽيڙ ڪائيندو سامهئين دروازي مان ٻاهر نڪري آيس. اتي منهنجا ٻيا ساٿي پنهنجو قميصون لاهيو بُٽ اگهاڙو ڪيو بيٺا هئا. مون دل ۾ سوچيو تہ، 'جتي ڳالهائڻ جي اجازت ئي نہ هجي، اتي تہ پوءِ ماڻ ئي پليءِ.' هاڻي آءٌ بہ قميص لاهي ٻين همراهن سان گڏ قطار ۾ بيهي رهيس. هينئر اسان جي ڊاڪٽري تپاس ٿيڻ لڳي. جڏهن منهنجو وارو آيو تڏهن جيئن نہ جانورن جا ڏند ڏسبا آهن، تيئن هڪ فوجي لباس پاتل ڊاڪٽر منهنجي ٿيهن ئي ڏندن جي چڪاس ڪئي. سينو ٽوڪي ڏنائين ۽ زور سان کنگهڻ لاءِ چيائين. تپاس کان پوءِ هڪ پرچو هٿ ۾ ڏنائين. هينئر سمورا ساٿي بيرڪن ۾ آندا وياسين، جتي اسان جي وردين سان گڏو گڏ ڪاڏو پڻ ڏنو ويو. مطلب تہ اهڙيءَ ريت اڏ ڪلاڪ جي وقفي اندر ڏسندي ڏسندي آءٌ هڪ فوجي رنگروٽ بنجي ويس. رنگروٽ بنجڻ کان پوءِ اهڙي تہ سخت محنت جي شروعات ٿي، جنهن جي اُپٽار ڪرڻ کان توبهہ ئي پليءِ. صبح جو پريڊ، شام جو پريڊ، منجهند جو ڊوڙ ۽ وري رائفل جي سکيا ۽ پوءِ جڏهن ٽڪجي ٽُٽي رات جو هنڌ ۾ ڪرندا هئاسون تہ، هوش ئي ٽڪائي نہ رهندو هو. ايڏا ننڍ ئي پوري ڪانہ ٿيندي هئي تہ، پرهہ ڦٽڻ کان اڳ بسترن مان زوريءَ اٿاريو ويندو هو ۽ پوءِ اسين نار جي ڊڳن وانگر شروع ٿي ويندا هئاسين.

هر ڇنڇر تي شام جو ليڪچر ٻڌڻ لاءِ اسان کي بيرڪن ۾ وڃي ويندا هئا، جتي آمريڪي فلمون ڏيکاريون ويندیون هيون، ويٽ ڪانگن تي ٿيندڙ ظلمن جو تصويرون ڏيکاريون ويندیون هيون ۽ آخر ۾ آزاديءَ ۽ جمهوريت ۽ آمريڪا طرفان ٻين ملڪن کي ڏنل مالي مدد جا گيت ڳايا ويندا هئا.

آءٌ پنهنجي ٻين ساٿين لاءِ تہ ڪجهہ چئي نٿو سگهان، باقي آءٌ پاڻ ايترو تہ ٽڪل هوندو هوس، جو ليڪچر وقت ننڍ پيو ڪندو هوس، پر

جي جاڳندو به هوس ته مون کي انهن ڳالهين سان ڪابه دلچسپي ڪانه هوندي هئي. حقيقت ۾ اهڙين ڳالهين لاءِ وڏي دماغ وارن ماڻهن جي ضرورت هوندي آهي، باقي آءٌ، سو ته، هوس هڪ معمولي گهورڙيو. آزادي، جمهوريت ۽ آمريڪا سان منهنجو ڪهڙو واسطو؟ البت مون کي اها خبر ضرور پئجي چڪي هئي ته جنهن آزاديءَ ۽ جمهوريت لاءِ مون کي زوريءَ پرتي ڪيو ويو آهي. ۽ ان جو مون سان ڪو به واسطو ڪونهي ۽ اها مون جهڙن هزارن بلڪ لکن انسان لاءِ فقط موت جو ئي پيغام آهي.

مون انهن ڏينهن ۾ محسوس ڪيو ته ڪوبه رنگروٽ ڪنهن ٻئي رنگروٽ سان ڪلي ڳالهائي نٿو سگهي ۽ هر ڪو چپ چاپ حڪم جي بجا آوري پيو ڪندو هو. ائين ٿي محسوس ٿيو ته اسين سمورا رنگروٽ بدبختيءَ جي اهڙي ڪُن ۾ قائل آهيون. جتان اسان جي سلامتيءَ سان ٽڪرڻ جي ڪابه اميد نظر نه ٿي اچي. سيني رنگروٽن مان فقط 'هونسگ' ئي ڪڏهن ڪڏهن مون سان ڳالهائيندو هو. هو پهرئين ئي ڏينهن کان مون سان بي حجاب ٿي چڪو هو. ٽرڪ ۾ اسان جي ڳالهه ٻولهه ئي اسان جي پاڻ ۾ ويجهائپ جو سبب بڻي هئي. هو پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو هو ۽ جڏهن به ڪو موقعو ملندو هوس ته، مون کان منهنجو خبرون چارون ونڊندو هو. پر پاڻ پنهنجي باري ۾ ڪجهه به نه ٻڌائيندو هو. هڪ ڏينهن پڇيو مانس:

"پائو! هيءَ سلسلو ڪيستائين جاري رهندو؟"

"ڪهڙو سلسلو؟"

"هوئي پريد ۽ ڊڪ ڊوڙ جو سلسلو."

"بس بيزار ٿي پئين؟"

"منهنجي بيزاريءَ جي ڳالهه پيو ڪرين. جڏ ته آءٌ هتي پنهنجي رضامنديءَ سان آيو هوس. سچ پچين ته موت کان بچڻ لاءِ اچي قاتو آهيان."

"تون ليڪچر ڪونه ٻڌندو آهين؟ ملڪ ۽ آزاديءَ کي بچائڻ لاءِ توکي ڪيتري محنت ۽ ڏيان سان تربيت ڏني ٻئي وڃي ۽ تون چوين ٿو ته موت کان بچاءَ خاطر اچي قاتو آهيان."

"پر هوسنگ پائو! اها ڳالهه ته سمجهاءِ. ته ملڪ کي ڪنهن کان بچايو پيو وڃي ۽ هن آزاديءَ جو مطلب ڪهڙو آهي؟"

"ويٽ ڪانگ سپاهين ۾ رضاڪارن کان ملڪ کي بچايو پيو وڃي. آمريڪي ۽ سندس ويٽنامي جرنيل دوست، ويٽ ڪانگن کي دشمن سمجهن ٿا، تنهنڪري توکي به انهن کي پنهنجو دشمن سمجهڻ گهرجي."

"دشمن سمجهڻ گهرجي وارو معاملو ته ان ڏينهن ئي ظاهر هو جڏهن مون کي پريءَ بازار مان زوريءَ پڪڙي ٽرڪ ۾ ويهاريو ويو هو. سمجهڻ سمجهائڻ جو ته ڪو موقعو ئي ڪونہ ڏنائون. تون به ته ڳالهه کي موڙيو سوڙيو الاجي چا پيو چوين. ٻيلي، پاڻ کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي."

"آهستي ڳالهاءِ سارجنٽ ٻڌي ورتو ته قيامت اچي ويندي"

"منهنجي لاءِ ته هينئر به قيامت کان گهٽ مصيبت ڪانهي. انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو چا ٿيندو؟" مون اڃا ايترو چيو ته، پريان سارجنٽ اسان ڏي ايندو ڏسڻ ۾ آيو.

هومنگ ڏاڍي چاهه سان رائفل صاف ڪرڻ لڳو ۽ آءٌ به ڪپڙو کڻي رائفل کي صاف ڪرڻ لڳي ويس. جڏهن سارجنٽ پري هليو ويو ته، هومنگ وري چيو:

"پنهنجو اکيون کول ۽ پنهنجي دماغ کان ڪم وٺ سک. پوءِ توکي ڪنهن کان صلاح وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانہ رهندي، سمجهيئي!"

مون بنا سمجهڻ جي هائوڪار جي اظهار ۾ ڪنڌ لوڏيو ڇو ته هن جي چوڻ جو انداز ڪجهه اهڙو هو جو مون کي ها ڪرڻي پيئي ۽ ڳالهه به ڪي قدر ٺيڪ ٿي سمجهيم. هاڻ آءٌ پنهنجي ملڪ ۾ هڪ خوني ڊرامي جي ڪردار ادا ڪرڻ وارو هوس. جيتوڻيڪ پنهنجي بي عقليءَ ۽ پيٽ پالڻ جي چڪر ۾، مون کان سڀ ڪجهه وسري چڪو هو پر ان هوندي به مون کي سوچي سمجهي قدم کڻڻو هو. زندگي ۽ موت جو مسئلو درپيش هو. اهو فيصلو هاڻي مون کي ئي ڪرڻو هو ته ملڪ ۽ قوم جو دشمن ڪير آهي؟

ٻئي ڏينهن پرهه ڦٽڻ کان اڳ اسان کي ننڍ مان جاڳايو ويو. پنج منٽ تياريءَ لاءِ ڏنا ويا. جڏهن اسين تيار ٿي ٻاهر نڪتاسين ته اسان کي هڪ هيليڪاپٽر ۾ چڙهڻ جو حڪم مليو. پنجن منٽن بعد اسين فضا ۾ اڏامي رهيا هئاسين. اسان کي ڪابه خبر ڪانہ هئي ته، اسين ڪيڏانهن پيا وڃون. سيني سپاهين جي اکين ۾ اڃا ننڍ جو خمار هو.

اٽڪل هڪ ڪلاڪ بعد هيليڪاپٽر هڪ ڳوٺ مٿان لامارا ڏيئي رهيو هو ۽ ٿوريءَ دير بعد هيليڪاپٽر ڳوٺ جي وچ ۾ لٿو. اسان کي هيٺ لهڻ جو حڪم مليو. اسين ايجان قطار ۾ هئي مس بيناسين ته. هڪ آمريڪي آفيسر اسان ڏي وڌيو. انهيءَ آفيسر اسان جي اڳواڻ کي ٻڌايو ته. 'ويٽ ڪانگن جو حملو ناڪام بنايو ويو آهي.'

مون اطمينان جو ساهه ڪنيو. هيليڪاپٽر کان پري اسين هڪ بيرڪ ۾ وياسين. بيرڪ کان ڇڄ وال پريان بيٺل هڪ ويٽ ڪانگ واري کي مون پهريون پيرو ڏٺو. پريل بدن وارو هڪ نوجوان، جنهن جو مٿو ۽ پير اگهاڙا هئا، سندن ٻانهون پٺيريون ٻڌل هيون. هن وٽ ڇڄ ويٽنامي سپاهي بچڙيءَ حالت ۾ بيٺا هئا. ڏوڙ ۾ مٽيءَ سان سندن منهن مٿو پيپوت هو ۽ سندن وردیون ڦاٽي ويون هين. ٿورو پرپرو 15 ڪن زخميل سپاهي ڪِنجهي رهيا هئا، انهن کي ڪٽي هيليڪاپٽر ۾ چاڙهيو ويو ۽ هيليڪاپٽر وري فضا ۾ اڏامڻ لڳو.

ان ويٽ ڪانگ واري کان پڇا ڳاڇا شروع ٿي ۽ جڏهن هن ويٽنامي ليفٽيننٽ جي ڪنهن به سوال جو جواب ڪونہ ڏنو تڏهن هن کي پاٽيءَ سان پريل ڊرم ۾ اونڌو ٽنگيو ويو. پنجن منٽن تائين هن جو ٽنگون زور سان ٿڪندیون رهيون ۽ نيٺ ٿڪي خاموش ٿي ويون. ويٽ ڪانگيءَ کي ڊرم مان ٻاهر ڪڍي، ڪيس زمين تي اونڌو ليٽايو ويو ۽ سندن پٽيءَ کي هڪڙو سپاهي پيرن تائين لتاڙڻ لڳو. بيهوش ويٽ ڪانگ واري جي وات مان پاٽي وهڻ لڳو ۽ ٿورن منٽن گاڙڻ کان پوءِ هن پنهنجو جسم چوريو. ڪيس ٻنهي ٻانهن کان جهلي اُتاري بيهاريو ويو ۽ هڪڙي ٽلهي متاري آمريڪيءَ هن جي نڪ تي هڪ اهڙو ته زور سان ٽونشو هنيو جو نڪ جي هڏي پڄي پيس ۽ هو وري بيهوش ٿي ويو.

"هي حرامي ڪا به ڳالهه ڪونہ ٻڌائيندو هن کي گولي هڻي ختم ڪري ڇڏيو." آمريڪي آفيسر چيو.

حڪم ملندي ئي ويٽنامي ليفٽيننٽ پنهنجي ٽيلهي مان هڪ ريوالور ڪڍيو ۽ بيهوش ويٽ ڪانگيءَ جي مغز ۾ گولي هڻڻ لاءِ نشانو ورتو.

"ترس!" هڪڙي ٻئي آمريڪي آفيسر چيو "هن کي ايڏا به هڪ موقعو ڏيو. شايد موت کان ڊڄي پنهنجي ساٿين جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائي وڃي."

بيهوش ويٽ ڪانگ واري جي منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊ هنيا ويا ته هن اکيون کوليون ۽ روالور ڏسي ڏڪي ويو ۽ وري اکيون پوري ڇڏيائين.

"آخر موقعو اٿئي ٻڌاءِ تنهنجا ساٿي ڪٿي آهن؟" ليفٽيننٽ ڪانئس پڇيو.

ويٽ ڪانگيءَ اکيون پوريو چپ چاپ پيو رهيو. سندس منهن رتورت ٿي ويو هو. آخر ليفٽيننٽ آمريڪي آفيسر ڏانهن نهاريو ۽ هن ڪنڌ سان اشارو ڪيس.

ٻيءَ ساعت روالور جي گولي هلي ۽ ٺڪاءَ جو آواز ٿيو. گولي ويٽ ڪانگيءَ جي مٿي مان آرپار لنگهي ويئي. هن جو جسم ٿوريءَ دير تائين ڦٽڪندو رهيو ۽ پوءِ هميشه لاءِ ٺڏو ٿي ويو.

ويٽ ڪانگ واري کي اهڙي نموني قتل ٿيندو ڏسي، مون کي ڏڪڻي وڻي ويئي. هومنگ منهنجي پاسي ۾ بيٺو هو. جنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ آءٌ پاڻ سنيالي ويس. ڪجهه دير بعد اسان کي راشن ڏنو ويو ۽ ان کان پوءِ اسان کي ٽرڪ ۾ چڙهڻ جو حڪم مليو. ٽي ٽرڪون ۽ انهن جي اڳيان هڪ ٽئينڪ ۽ هڪ بڪتر بند گاڏي هئي، جنهن ۾ آمريڪي چڙهيل هئا. ٽرڪن ۾ ويٽنامي سپاهي هئا.

"منهنجي خيال ۾ اسين ويٽ ڪانگن جي ڪنهن ڳوٺ تي حملو ڪرڻ ٻيا هلون." هومنگ مون کي آهستي آهستي چيو.

"زبردست حملو ٿيندو؟" مون چيو.

"ها، مقابلو سخت ٿيندو." هومنگ چيو.

پندرهن منٽن کان پوءِ اسين پڪي رستي تان وڃي رهيا هئاسين. چوڌاري ماڻ لڳي پئي هئي، البت ڪنهن ڪنهن مهل پڪين جي جي ٻولڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ٿي. ان وقت صبح جا نوَ ٿيا هئا. اسان وارو قافلو آهستي آهستي وڃي رهيو هو. ٽئينڪ ۽ بڪتربند گاڏيءَ تي بيٺل آمريڪي سپاهي، ٻنهي پاسي دوربينن سان ڏسي رهيا هئا.

اسان اڃان هڪ ميل ئي مس اڳتي وڌياسين تہ اوچتو هڪ وڏو ڏماڪو ٿيو ۽ ٽرڪون بيهي رهيون. "حملو ٿي ويو." سيني جي زبانن تي اها ئي ڳالهہ هئي. مشين گن هلڻ جو آواز آيو. اسين ٽرڪ مان ٽپو ڏيئي هيٺ لٿاسين ۽ رستي جي ڪناري تي ليٽي پياسين. ٽئينڪ مان ٻہ آمريڪي سپاهي لٿا. هنن تي جھنگل مان گوليون وسڻ شروع ٿيون. آمريڪي سپاهي پيٽ پر سُرندا رستي تي پھچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ هڪڙو بہ بکتربند گاڏيءَ جي مٿان اچي ڪريو. جنهن تي رکيل هڪ مشين گن مان گوليون هلي رهيون هيون. بہ ڪرندي ئي گاڏيءَ مان باهہ جا شعلا پڙڪڻ لڳا.

اسين جنهن پاسي ليٽيا پيا هئاسين، اتي بہ سامهون طرف کان گوليون وسي رهيون هيون. حملو رستي جي ٻنهي پاسن کان ٿيو هو. هڪ آمريڪي سپاهي ڊوڙي رستي جي پاسي ۾ هڪ ڪڏ ۾ لٿو ۽ هن پنهنجي پٺيءَ سان ٻڌل وائرليس جو ايريل مٿي ڪيو. هو مدد حاصل ڪرڻ لاءِ پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن جي ويجهو هومنگ ليٽيو پيو هو. دونهين ۽ گولين جي آوازن سان گڏوگڏ هڪ پيانڪ نظارو هو. سپاهي بنا ڪنهن جاڻ جي ڏڙاڏڙ گوليون هلائي رهيا هئا ۽ ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي تہ ويٽ ڪانگي ڪهڙي پاسي آهن.

هومنگ پيٽ پر سُرندي آمريڪي سپاهيءَ ڏانهن وڌيو ۽ آءٌ بہ بي اختيار ان سان گڏ سُرڻ لڳيس. مون هن جو ساٿ ڇڏڻ نٿي چاهيو. هن مون ڏانهن نهاريو. آءٌ سمجهي ويس. هن وجهہ ونئي آمريڪي سپاهيءَ تي گولي هلائي ڇڏي. ان وقت ويجهو ويٺل ٻيو آمريڪي سپاهي گن مشين جو رخ اسان ڏانهن ڪري گولي هلائڻ وارو هو تہ مون پنهنجي رائفل جو گھوڙو دٻايو. گولي رانيٽ ڪري آمريڪي آفيسر جي سيني ۾ ويڄي لڳي.

هومنگ مون کي اشارو ڪيو ۽ آءٌ ان سان گڏ اڳتي سرڻ لڳس. اسين رستي کان پري ڪچ والن جي فاصلي تي ٻوٽن جي پٺيان لڪي وياسين. گوليون اڃان تائين هلي رهيون هيون. رستي جي ٻئي ڪناري تي سپاهي مورچا ناهيو ڏڙاڏڙ گوليون هلائي رهيا هئا. اسين جتي لڪل

هئاسين. اتان اسان کي پنهنجو ٽرڪون نظر اچي رهيو هيون ۽ ٽرڪن جي پاسي ۾ ليٽيل سپاهي ٻئي پاسي گوليون هلائي رهيا هئا.

"ڪنهن اسان کي ڏٺو ته ڪونهي." هومنگ پچيو.

"آءٌ ڪجهه چئي نٿو سگهان." مون کيس جواب ڏنو. ايتري ۾ ليفٽيننٽ ٽرڪ جي ويجهو سُرندي اڳتي وڌيو ۽ اسان جي ساڻين کي ٽرڪن جي ٻئي پاسي وڃڻ جو حڪم ڏنائين. هومنگ ليفٽيننٽ جو نشانو ورتو ۽ گولي لڳڻ سان هو زمين تان مٿي ڪڇي ويو ۽ پوءِ اتي ئي ٺري ويو. سپاهي اُتئي بيهي رهيا. سارجنٽ مشين گن سان ڏڙا ڏڙ اسان ڏانهن گوليون هلائڻ شروع ڪيون. ايتري ۾ هومنگ سُرندي وڃي هڪ ڪڏ ۾ لڪو ڪيس پنهنجي وجود جو به هوش نه رهيو ۽ آءٌ به سواءِ سوچ ويچار جي هن پٺيان سُرندو اچي ساڻيءَ ڪڏ ۾ لڪس. گوليون ايا به اسان جي مٿن وٽان پئي لنگهيون.

هومنگ سُتي سُتي پنهنجي رائفل ۾ مٺگزين وڌو. ايتري ۾ هڪ زبردست ڌماڪو ٿيو. جنهن ڌرتيءَ کي ڏوڏي ڇڏيو. هڪ دستي بم اسان واري ڪڏ جي ويجهو اچي ڪريو هو ۽ ان هنڌ واري اڏاڻل مٿي اسان تي ڪري رهي هئي. مٿي ايا ڪرندي ئي رهي ته هومنگ وڏو چال ڏيئي هڪ وڻ جي پٺيان وڃي ٻيٺو ۽ آءٌ به ساڻي ريت ٽپ ڏيئي انهيءَ وڻ وٽ پهتس. رستي تي گولين ۽ بمن ڦاٽڻ جو آواز اچي رهيو هو سپاهي اسان جو پيڇو ڪري رهيا هئا ۽ سندن اڳواڻي سارجنٽ پئي ڪئي. هومنگ وڻ جي اوٽ ۾ سارجنٽ کي نشانو بنايو ۽ هو گولي لڳندي ئي بولاٽي کائي وڃي منهن ڀر ڪريو ۽ پوءِ هومنگ چار دستي بم هڪ ئي وقت سپاهين تي اڇلائي. وٽن جي آڙ وٺي پڇڻ لڳو ۽ اڪل ٽيهن والن جي پنڌ تي بيٺل ڍڳي گاهه ۾ لڪي ويو. آءٌ به ساٽس گڏ انهيءَ گاهه ۾ ليٽي پيس.

مون هومنگ ڏانهن نهاريو. هو گاهه مان ڪنڌ مٿي ڪري ٻاهر ڏسي رهيو هو. رائفل سندس هٿ ۾ هئي. ايتري ۾ هيليڪاپٽر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. به هيليڪاپٽر رستي جي وچ تي لٿا. هومنگ جهڪندو پڇڻ لڳو. گاهه واري سلسلي ختم ٿيڻ تي مٿيءَ جو هڪ ننڍو ڏڙو هو جنهن تي بانس جي ڪجهه ڏنگن ڦڏن وٽن جو جهڳٽو هو. هومنگ ان ۾ لڪي ويو.

هاڻي اسين گاهه جي ٻئي پاسي ڏسي پئي سگهياسين. هومنگ رستي ڏانهن ڏيان سان ڏسي رهيو هو. رستو ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو پر اتان دشمن نظر اچي ٿي سگهيا. هيليڪاپٽر فضا ۾ اڏامڻ لڳا. مون ان وقت سمجهيو ته سپاهي موٽي هليا ويا ۽ هاڻي لڙائي ختم ٿي چڪي آهي. ايتري ۾ هڪ گولي سوسات ڪندي اسان جي پاسي وٽان لنگهي ويئي، اسين ٻيئي ويهي رهياسين، ڪوبه سپاهي ڏسڻ ۾ نٿي آيو. رستي تي مشين گن جو آواز گهٽ ٿي ويو هو.

"مون کي بم ڏي" هومنگ چيو.

مون پنهنجي پيٽي لاهي، منجهائنس چار بم ڪڍي، هومنگ کي ڏنا، چاڪاڻ ته سندس بم ختم ٿي ويا هئا.

"پائو هاڻي ته بم بچيا ڪونهن." مون چيومانس.

هو جواب ڏيڻ تي هو ته، اوچتو گاهه مان گوليون هليون.

جهڳٽي جي ٻئي پاسي ڏي وڌ." هومنگ چيو.

آءٌ ڪيڏي مهل گوڏن پر، ڪيڏي مهل پيٽ پر سرندو جُهڳٽي جي ٻئي پاسي وڌڻ لڳيس. اوچتو منهنجي پيرن ۾ جڙ ڪنهن زنجير وجهي سوگهو ڪري ڇڏيو. منهنجي پويان هڪ ئي وقت چار بم ڦاٽا ۽ ان سان گڏ مشين گن جو آواز... هڪ تمام وڏو ڌماڪو ٿيو. اوڏي مهل مون سوچيو ته پوئتي موٽي هومنگ جي خبر وٺان، پر ڊپ کان هڪ قدم به ڳٽي کڻي نه سگهيس. مون پٺيان ڪنڌ ورائي ڏٺو ته مون کي ڪجهه به نظر نه آيو. بانس جي وٽن جي ٻئي پاسي ماڻ هئي، پوءِ هڪدم مشين گن هلڻ جو آواز آيو ۽ آءٌ دهشت کان بي اختيار ٿي پڳس. بانس جي جهڳٽي کان پوءِ هڪ لاهي هئي ۽ آءٌ لاهيءَ تان ٽڙندو ٽاپڙندو اچي هيٺ ڪريس. آخر اتان اٿي تکڙو تکڙو پڇڻ لڳس. ٽورو پريان نالي هئي، آءٌ ان ۾ ٽپي پيس. پاڻي چيلهه جيڏو هو. آءٌ پڇندو نالي اُڪري ٻئي ڪناري پهچي ويس ۽ پرسان بيٺل گاهه ۾ لڪي ويس.

ڪجهه دير کان پوءِ منهنجو هوش ٽڪاڻي آيو. تڏهن آءٌ پنهنجي آس پاس جانچ ڪرڻ لڳس. بلڪل سانت ئي سانت لڳي پئي هئي، گولين جو آواز به بند ٿي ويو. آءٌ انهيءَ هنڌ ويهي هومنگ جو انتظار ڪرڻ لڳس.

سچ پچو تہ منهنجيءَ دل کي يقين ٿي ويو تہ، 'هومنگ وري هاڻ ڪونہ گڏبو. هو مري چڪو آهي.' دل جي انهيءَ اندازي تي سوچيندي آءٌ هڪوار ڏڇي ويس. مون سوچيو تہ، 'هاڻي آءٌ اڪيلو ڇا ڪندس ۽ ڪيڏانهن ويندس؟'

انهيءَ ہڏتر ۾ ڪلاڪ کن ويٺو رهيس. اوڏيءَ مهل منجهند جو وقت هو ۽ سج آسمان ۾ چمڪي رهيو هو. مون پنهنجي همت کان ڪم ونڊڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ويچاريم تہ، 'جيڪڏهن مرڻو آهي تہ هن نموني ڇڇندي ڇڇندي مرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ مون کي هومنگ جي خبر لهڻ گهرجي. شايد هو ڪٽي زخمي نہ ٿيو هجي ۽ ڪيس منهنجي مدد جي گهرج هجي.'

آءٌ وري پوئين پيرين ساڳيو رستو ڏيئي، جهڳٽي وٽ پهتس. چوطرف مڪمل خاموشي هئي، ايتريقدر جو وٽن جا پن بہ ڪونہ ٿي چريا. اهڙي ماحول ۾ مون کي وڏيڪ ڊپ ٿيڻ لڳو. آءٌ جڏهن ان جاءِ تي پهتس، جتي مون هومنگ کي آخري پيرو ڏنو هو تہ منهنجي اکين اڳيان اوندهہ ڇائنجڻ لڳي. اتي زمين سڄي رتو رت لڳي پئي هئي ۽ هومنگ جو ڪٽي ڪو نشان بہ ڪونہ هو.

ان وقت منهنجي ذهن ۾ بہ ڳالهيون اُپري آيون... هڪ تہ جيڪڏهن هومنگ فقط زخمي ٿيو آهي ۽ اڃا زندهہ آهي تہ پوءِ يقيناً پاسي ۾ ئي ڪٽي لڪل هوندو پر جيڪڏهن هو مري ويو هوندو تہ سندس لاش فوجي ڪٽي ويا هوندا. مون وٽن جي جهڳٽي مان ٻاهر نهاريو تہ مون کي هر هنڌ بمن ۽ گولين جي فائرنگ سبب ٿيل ڪڏون ۽ ڪُٻا نظر آيا. ڪٽي ڪٽي ائين پئي محسوس ٿيو تہ جڙ گاهہ کي لتاڙيو ويو آهي. اوسي پاسي جي بانس جي وٽن تي ڪيترن هنڌن گولين لڳڻ جا نشان هئا. جاءِ واردات ڏسڻ مان ائين پئي معلوم ٿيو تہ شايد هومنگ جو لاش فوجي پاڻ سان کڻي ويا آهن.

'هاڻي آءٌ ڪيڏانهن وڃان؟' اهو سوال گهڙيءَ گهڙيءَ منهنجي ذهن ۾ ايري ٽي آيو. واپس فوج ۾ وڃڻ جو تہ ڪو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. فوجين جي ويٽ ڪانگن سان ظالمانہ هلت ڏسڻ کان پوءِ آءٌ اهو سمجهي ويو هوس تہ، 'آمريڪي ۽ سندن دلال' غريب ۽ پورهيت

ويٽنامين جا جاني دشمن آهن ۽ ڪين انساني حقن کان محروم رکڻ ٿا چاهين. انهيءَ ڪري انسان دشمن آمريڪين جو مقابلو ڪرڻ ۽ ڪين ذليل شڪست ڏيڻ اسان جھڙن مظلومن جو ئي فرض آهي.'

پر آءٌ اڪيلو هيڏي ساري جھنگل ۾ ڇا ٿي ڪري سگھيس. نه ڪو رهبر هو ۽ نه وري ڪو ساٿي. اڪيلو ماڻهو نه روئيندي سونهين. نه کلندي. ان مهل مون کي هومنگ ياد آيو. ڪاش! اهو زنده هجي ها ته. جيڪر هن مهل مون کي مصيبت جو احساس ئي نه ٿئي ها.

آخر آءٌ بانس جي وٽن جي جھڳٽن مان نڪري ناليءَ طرف وڌڻ لڳس. چو ته مون کي اهو احساس هو ته جيترو رستي کان پري هوندس. اوترو بهتر ٿيندو.

نالي پار ڪري. ٻئي ڪناري سان هلڻ لڳس. ڪجھ اڳتي هلي هڪ هنڌ ويهي رهيس. مون پنهنجو جائزو ورتو. منهنجي وردي گھٽن هنڌان ڦاٽي ويئي هئي. منهن تي سرن ۽ ڪنڊن جون رهڙون آيل هيون ۽ هاڻ انهن رهڙن مان سور جون سوٽون اُپري رهيون هيون. مون پنهنجو ڏهو پٺن تان لاٿو ۽ ناليءَ مان پاڻي پري هٽ منهن ڏوتم ۽ پيٽ پري پاڻي پيتم.

آهستي آهستي جھنگل جي خاموشي وڌيڪ ڊيڇاريندڙ ٿيندي ٿي وئي. آءٌ هڪ شهري هوس ۽ ٻهراڙيءَ ۾ وڃڻ جو ڪڏهن به اتفاق نه ٿيو هوم. سو چوڌاري خاموش ۽ ڊيڇاريندڙ ماحول ڏسي. انهيءَ وهم ۾ پئجي ويس ته شايد آءٌ خواب ۾ آهيان. چو ته هيڏي ساري جھنگل ۾ ٻيو ته ڪيهو پر پکيءَ پکڙ جو آواز به ٻڌڻ ۾ نٿي آيو. شام ٿيندي ئي منهنجا حوصلا گم ٿيڻ لڳا. آءٌ آهستي آهستي هلندو پئي ويس. مون کي کاٻ سڌ کانه هئي ته ڪيڏانهن پيو وڃان. آخرڪار ٽڪجي هڪ وڻ هيٺان اچي ويهي رهيس. بک تنهن کان سواءِ پي ستايو. رائفل گوڏن تي رکي پنهنجي قسمت سان ويهي شڪايت ڪرڻ لڳس. 'سائيگان نه اچان ها ته کهڙو نه چگو هو هوئي ۾ ڪنهن به طرح وقت پئي گذريو. آخر مون جھڙا ٻيا به ته ڪيترا انسان آهن. جي زندگي گذارين پيا. مون کي ويٺي ويٺي کهڙيءَ کٽيءَ ڪنيو جو هيڏانهن آيس ۽ اچي جلادن جي وڙ چڙهيس. ڪاش! هومنگ هجي ها ته هو هن نازڪ موقعي تي منهنجي ضرور مدد ڪري ها!'

'هومنگ ڪير هو؟ ڪٽان جو رهاڪو هو؟ سان مون کي خبر ڪانہ پئجي سگهي، پر هن جهڙو جگر وارو جوڌو جوان ۽ بهادر شخص مون ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو. هن انهيءَ ويٽ ڪانگيءَ جو خوب بدلو ورتو جنهن کي ايذاءِ ۽ تڪليفون ڏيئي ماريو ويو هو. آمريڪي آفيسر، ليفٽيننٽ ۽ سارجنٽ تہ يقينن هومنگ جي هٽان مٿا، پر هيا جيڪي فوجي ماريائين تن جو تہ ليکوئي ڪونهي. مون بہ هڪ آمريڪيءَ کي ماريو هو تنهن لاءِ مون کي پاڻ تي فخر هو. آخر مون بہ تہ ان جنگ ۾ حصو ورتو هو.

جيئن جيئن اونده وڌندي ويئي، تيئن تيئن منهنجا حواس جواب ڏيڻ لڳا. بس پڪ ڄاتم تہ هاڻ مون کي ٻيو ڏينهن ڏسڻ نصيب ڪونہ ٿيندو. مون کي اهو بہ احساس هو تہ جيڪڏهن ٽڪاوٽ سبب اک لڳي ويم تہ پوءِ منهنجو خير ڪونهي، يا جهنگلي جانور حملو ڪري يا ڪو نانگ ڏنگي وجهي. مطلب تہ انهن ڳالهين سوچڻ سان هيڪاري مون کي وڌيڪ ڊپ ٿين لڳو. آءٌ رائيفل هٿ ۾ ڪري پنهنجي جاءِ تان اٿيس ۽ وڻ جي پاسي ۾ چڪر ڏيڻ لڳس. مون تي ننڊ ڇائنجي رهي هئي. آءٌ جنهن هنڌ هوس، تنهن کان ڪجھ والن جي مفاصلي تي جهنگلي گاهہ جو ميدان شروع ٿي ٿيو. آءٌ ان پاسي منهن ڪريو بيٺو هوس. ڪاري ٻاٽ رات هئي، ڪجھ بہ ڏسڻ ۾ نٿي آيو.

ڪجھ دير کان پوءِ گاهہ ۾ ٻہ چمڪندڙ اکيون نظر آيو. پهريائين تہ مون سمجهيو تہ اهو منهنجو وهم آهي، پر وري غور سان ڏٺم تہ اهي اکيون ڪجھ روشن ڏسڻ ۾ آيون. 'شينهن.....شينهن ئي ٿي سگهي ٿو. اهو خيال ايندي ئي رائيفل منهنجي هٿن مان ڪري پيئي ۽ آءٌ ڏڪڻ لڳس. بهرحال مون وري همت ڪري رائيفل کڻي ورتي... ۽ دل ۾ جبر ڪري چمڪندڙ اکين جي وچ ۾ لاڪيتون ست گوليون هلايون.

گولين جي آواز سڄي جهنگل کي ٻُرائي ڇڏيو ۽ ان سان گڏ زخمي شينهن جي گجگوڙ سبب زمين آسمان هڪ ٿي ويو ۽ پوءِ آهستي آهستي موت جهڙي ماٺ ڇائنجي ويئي. شينهن مري ويو هو يا فقط زخمي ٿيو هو ان لاءِ آءٌ ڪجھ بہ چئي نٿي سگهيس. مون ٻڌو هو تہ زخمي شينهن زياده خطرناڪ ٿئي ٿو تنهن ڪري آءٌ ئي رائيفل تاڻيو

اکيون ڦاڙيو جاچيندو ٿي رهيس ته، متان شينهن اوچتو حملو نه ڪري، ڪيتري دير تائين گاهه ۾ ڪابه ڇُرپر ڪانه ٿي. انهيءَ هوندي به آءٌ خوف کان اتيئي بيٺو رهيس. خبر ناهي ڪيترو وقت بيٺو رهيس، تانجو پوئينءَ تاريخ جو چنڊ به اُڀري آيو. آسمان صاف هو تنهن ڪري آهستي آهستي چنڊ جي چانڊوڪي وڌڻ لڳي. ڏگهي گاهه ۾ مونکي ڪجهه به نظر نٿي آيو ۽ نه وري مون پاڻ ۾ ايتري همت ٿي ساري جو گاهه اندر وڃي ڏسان ته واقعي شينهن هو يا نه ۽ جي هو ته مري ويو يا رڳو ڪتيو آهي. چنڊ جي چانڊوڪي ۾ منهنجي لاءِ هي مصيبت پيدا ٿي ڇو ته منهنجي ساڃي ۽ ڪاهي پاسي وٽن جا پاڃا چرندا پرندا ٿي نظر آيا، جي ڪنهن جانور هجڻ جو شڪ پيدا ڪري رهيا هئا. ڪيڏيءَ مهل ائين ٿي لڳو جڙ گاهه مان ڪا شيءِ سرندي پيئي اچي. مون اٿي بيهڻ مناسب نه سمجهو ۽ نالي جو ڪنارو وٺي اڳتي هلڻ لڳس. آئون نهايت خبرداريءَ سان ساڃي توڙي ڪاهي طرف نهارينڊو هلندو ٿي ويس ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ پوئتي مڙي ٿي ڏٺم ته پٺيان ڪجهه آهي ته ڪونه. چنڊ جي چانڊوييءَ ۾ ڪابه شيءِ ڇتي نظر نه ٿي آئي. هلڪي هوا ۾ ڪڏهن ڪڏهن وٽن جون لامون لڏيون ٿي ته مون کي ائين ٿي محسوس ٿيو ته جڙ ڪو مون کي جهلڻ لاءِ هٿ وڌائي رهيو آهي. خوف ۽ دهشت کان سنيالي سنيالي قدم کڻندو پئي ويس ته، اوچتو ڪنهن پٿر سان ٺاهڙجي پيس ۽ ڏو ڦهڪو ويجي ڪيم.

" بچايو" مون کان بي اختيار دانهن نڪري وئي. آئون منهن ڀر پٽ تي ڪريو هوس ۽ ان حالت ۾ ڪيترو وقت اتي ئي پيو رهيس. مون کي پڪ ٿي ته ضرور ڪو ماڻهو اچي مون کي اٺارينڊو پر جي مون پاڻ اٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته دشمن جي گولي منهنجي جسم مان آر پار لنگهي ويندي.

خوف کان انسان پنهنجي وس مان نڪري ويندو آهي. اهڙيءَ ريت ڊپ ۽ خوف جي ڪري آئون به بدحواسيءَ جي حالت ۾ اتي ئي ليٽيو پيو هوس. ڪافي دير تائين جڏهن ڪوبه آواز نه آيو ۽ ڪنهن به اچي مون کي نه اٺاريو تڏهن آئون آهستي آهستي اٿي ويٺس. چوڌاري نگاهه ڦيرايم، پر ڪير به ڪونه هو. آئون پنهنجي گيدي پٽي تي ڏاڍو

شرمندو ٿيس ۽ پوءِ رائفل کي مضبوطيءَ سان جهلي اڳتي وڌڻ لڳس. هر قدم تي موت جو خوف هو. مون کي ائين پئي محسوس ٿيو جڻ آئون چريو ٿي ويندس ۽ صبح ڏسڻ نصيب نہ ٿيندم. پرهہ ڦٽڻ تائين آئون ناليءَ جي ڪناري تي وينو رهيس ۽ مٿي تان فولادي توپ لاهي، ان ۾ پاڻي پريو. هٿ منهن ڌوتم. ان کان پوءِ ئي وڃي ڪنهن هوش ۾ آيس. مون پنهنجي آس پاس جو جائزو ورتو. ناليءَ جي ڪابي پاسي هڪ ننڍڙي ٽڪري هئي، جنهن تي وڻ ۽ ٻوٽا ايترا ته گهاٽا هئا جو اتان گس لهڻ بہ مشڪل هو. نالي گهاٽن وٽن ڏانهن پئي وئي.

آئون ڪوبہ اندازو نٿي لڳائي سگهيس ته ڪٽي آهيان. يعني، اڃان فوجي علاقي ۾ پيو گهمان يا ويٽ ڪانگن جي علاقي ۾ پهچي چڪو آهيان. ٻنهي صورتن ۾ خطرو هو. فوجي وردين ۾ جيڪڏهن ويٽ ڪانگن ڏسي ورتو ته پوءِ سرڪاري ماڻهو سمجهي گولي هڻي ڇڏيندا، پر جيڪڏهن رائفل هٿ ۾ ڪٽي ٿو هلان ۽ ڪنهن فوجيءَ جي ور چڙهي ويس ته پوءِ بہ منهنجو اهڙو حشر ٿيندو جهڙو اڳيئي هڪ ويٽ ڪانگيءَ جو ڏسي چڪو هوس. انهيءَ ٻڌتر ۾ وينو رهيس. سمجهہ ۾ نٿي آيو ته ڇا ڪريان ۽ ڪيڏانهن وڃان. گهٽيءَ دير کان پوءِ آخر اٿيس ۽ سرڪاري قميص لاهي ناليءَ ۾ اڇلايم ۽ پتلون جا پانچان ورائي گوڏن تائين ڪيم ۽ بدن تي فقط ڳنجي ڇڏيم ۽ رائفل جون گوليون پتلون جي کيسن ۾ وجهي رائفل کلهي تي رکي اتي ڪڙو ٿيس.

مون ٽڪريءَ تي چڙهڻ ئي مناسب سمجهيو تنهنڪري رائفل کلهي ۾ لٽڪائي، سنگين هٿ ۾ ڪٽي مٿي چڙهڻ شروع ڪيم. ڪچ قدم هلڻ کان پوءِ محسوس ڪيم ته ٽڪريءَ تي هلڻ سولو ناهي. ڪنڊن سان ڪُتيل وڻ، ڍڳهو گاهہ. ڪيترائي ٻوٽا ۽ انهن مٿان وري وٽن جون لامون. آءٌ سنگين سان وٽن جون لڙڪندڙ تاريون ڪپيندو گس ناهيندو آهستي آهستي هلندو رهيس. منهنجي ڳنجي هنڌا هنڌا ڦاٿي، ليڑون ليڑون ٿي ويئي هئي. ٻانهن، هٿن ۽ ٽنگن تي ڪيتريون رهڙون اڇي ويون هيون. مون سوچيو ته موتي وڃان! پر منهنجي لاءِ ته هر هڪ رستو بند هو. ٽڪريءَ جي ٻئي پاسي ڇا هوندو؟ تنهن جي مون کي ڪا بہ ڪل ڪانہ هئي.

آءُ سهڪندو سهڪندو اڃا ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي مس پهتس تہ مشين گن جي ڏڙ ڏڙ ٻڌڻ ۾ آئي. منهنجو رت ڄمي ويو ۽ آءُ ڪا گهڙي اتيئي ليٽي پيس. آخر ڪجهہ وقت کان پوءِ سرندو سرندو اڳيان وڌڻ لڳس.

ٽڪريءَ جي ٻئي پاسي ڪليل ميدان شروع ٿئي ٿيو ۽ ٿورو پرپرو هڪ ننڍو ڳوٺڙو هو. ڳوٺ ڪهڙو هو؟ مڙيئي ڏهہ پندرهن جھوپڙيون هيون. ڳوٺڙي جي ٻنهي پاسن کان هڪ ڪچو رستو هو. مون واري پاسي چار فوجي گاڏيون بيٺيون هيون. انهن فوجي گاڏين ۾ مشين گنن سان هٿياربند سپاهي بيٺا هئا. آءُ اڃا اهوسوچي رهيو هوس تہ 'مشين گن جو آواز ڪٿان آيو؟' تہ ايتري ۾ ڳچ سپاهي انهيءَ ڳوٺ مان ڇهن عورتن ۽ ڪيترن ئي ٻارن کي گهليندا ٻاهر نڪتا. انهن مان ڪن عورتن وٽ هڙون هيون ۽ ٻن وٽ سندس ننڍڙا ٻار هنجن ۾ هئا. ڊپ ۽ خوف کان ڪنهن جو بہ آواز نہ ٿي نڪتو ۽ هو فقط هراسيل نگاهن سان سپاهين کي ڏسي رهيون هيون. مون اڃا سوچيو پئي تہ حقيقت ڇا آهي تہ ايتري ۾ هڪ سپاهي ٽرڪ جي ڪئبين مان سسي ٻاهر ڪڍي مشين گن هلائي. جنهن جو رخ اناج جي فصلن ڏانهن هو. مون کي فصل ۾ ڪا بہ شيءِ نظر نہ آئي. مون وري ڳوٺ ڏانهن نهاريو. هڪ سپاهي، هڪ ضعيف پوڙهيءَ عورت کي وڌيو پئي آيو. عورت جي ڪڇ ۾ بدڪ هئي. جا مشين گن جي آواز کان ڊڄي "ڪوئيڪ، ڪوئيڪ" ڪري رهي هئي. پوڙهي ڏکي ڏيڻ تي ڪري پئي. پر بدڪ کي اصل نہ ڇڏيائين. ائين پئي معلوم ٿيو جڙ دنيا ۾ سندس پياري ۾ پياري شيءِ اها ئي بدڪ هئي.

پوڙهي اڃا ٽرڪ وٽ مس پهتي تہ پويان جھوپڙين مان باهہ جا شعلا ٻڙڪڻ لڳا. عورتن ۽ ٻارن سان گڏ اها پوڙهي بہ بيهي باهہ لڳل جھوپڙيءَ کي ڏسڻ لڳي. ڳوٺ کي زوريءَ خالي ڪرايو پئي ويو. حيرت جي ڳالهہ هيءَ تہ انهيءَ سڄي ڳوٺ ۾ هڪڙو بہ مرد ماڻهو ڪونہ هو.

اوچتو پوڙهيءَ جي ڪڇ مان بدڪ نڪري ويئي ۽ 'ڪوئيڪ ڪوئيڪ' ڪندي پاسي ۾ بيٺل ٻوٽن ڏانهن ڀڄڻ لڳي. پوڙهيءَ هٿ ڪٽي سپاهيءَ کي ڪجهہ چيو. پر سپاهيءَ رڳو ڪلي ڏنو ۽ جڏهن

پوڙهيءَ پاڻ بدڪ کي جملڻ لاءِ اڳتي وڌي تہ سپاهيءَ کيس ڏڪو ڏيئي پوئتي هٽايو ۽ کيس اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو سپاهيءَ جي ائين پوڙهيءَ کي ڏکي ڏيڻ سان ئي هڪدم منهنجو رت ٿهڪڻ لڳو. ڊپ ۽ حراس سبب ختم ٿي ويا. مون ان سپاهيءَ جو نشانو ورتو ۽ گولي هلائي ڇڏي. سپاهي اوندي منهن زمين تي ڪري پيو. مون يڪدم ٽرڪ جي ڪٻين مان ٻاهر نڪتل سپاهيءَ جي سسيءَ جو نشانو ورتو. اوڏيءَ مهل هڪ ٻي ٽرڪ جو دروازو کولي هڪ آفيسر ٻاهر نڪتو. هن ايڌا جائزو پئي ورتو تہ مون ان کي ٻہ اتي جو اتي ڍير ڪري ڇڏيو.

آءٌ پنهنجو پاڻ تي حيران هوس تہ هيءَ تبديلي مون ۾ ڪيئن آئي. خوف ۽ هراس ڪڍهوکو ختم ٿي چڪو هو. آءٌ هاڻ پرسڪون هوس. مون کي پنهنجو نشانو ايترو صحيح هڄڻ تي ٻہ حيرت پئي ٿي. آءٌ پنهنجي جڳهہ تان ٽورو ڪسڪي پرپرو ليٽي پيس. هيڏ عجيب هل هنگامي جو عالم هو. فوجي ٽرڪن پٺيان لڪي ويا هئا ۽ عورتون ٻار زمين تي ليٽي پيا هئا.

آءٌ اهڙي هنڌ ليٽيو پيو هوس، جتان مون کي نہ فقط ڳوٺ پر ان کان ٻہ گهڻو پري پري تائين سيڪجهہ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ٻيءَ ٽرڪ مان مشين گن جي گولين جو وسڪارو ٿي ويو. پر آءٌ انهن گولين جي پهچ کان محفوظ هوس. آءٌ اٽڪل ڇهن سؤ فوٽن جي بلنديءَ تي هوس ۽ اوستائين صرف رائفل جون گوليون ئي پهچي سگهيون ٿي.

مون ٻيءَ ٽرڪ جي سپاهيءَ کي پنهنجي گوليءَ جو نشانو بنايو ۽ هن جو ڪنڌ لڙڪي پيو. اها حالت ڏسي سڀ سپاهي ٽرڪن جي پويان لڪي ويا ۽ ڪوبہ نظر نٿي آيو.

مون وري جهوپڙين ڏانهن جانچ ڪئي. ڏٺم تہ ٻہ سپاهي پڇندا ٿي آيا. جيڪي گولين جو آواز ٻڌي واپس ٽرڪن ڏانهن اچي رهيا هئا. مون نهايت هوشياريءَ سان مٿن گوليون هلايون ۽ هو ٻئي انهيءَ ساعت ۾ زمين تي ڦٽڪڻ لڳا.

مون کي ڊپ هو تہ جيڪڏهن دشمن وائرليس ذريعي هيليڪاپٽرن جي مدد طلب ڪئي هوندي تہ پوءِ منهنجو خير ڪونهي. ان موقعي تي

مون کي هومنگ ياد آيو. سوچيم تہ 'جيڪڏهن هو هن وقت موجود هجي ها تہ پڪ سان وائرليس واري سپاهيءَ کي ضرور ختم ڪري ها.'

آءٌ اتان پيٽ ڀر سُري ساڄي پاسي وٽن جي وڌن وڌن پنن جي اوٽ ۾ ويهي رهيس. جتي مون کي سپاهي ڏسي نٿي سگهيا. اٽڪل پنجن منٽن تائين بلڪل سانت لڳي پيئي هئي. مون ٻہ پنهنجون گوليون ضايع ڪرڻ نٿي چاهيون. پر اهو پختو ارادو ڪري چڏيو هوم تہ انهن سپاهين مان هڪ کي ٻہ واپس وڃڻ نہ ڏيندس.

جنهن هنڌان مون پهرين گولي هلائي هئي، اتي هڪ رائفل جي گونج اچي لڳي. سپاهي ترڪن پنڌيان لکي رائفل جي گولين سان مون کي ختم ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا. پر مون جوابي فائر نہ ڪيو. هڪ منٽ بعد چار سپاهي ترڪن جي پنڌيان ٽڪري ٽڪري ڏانهن وڌڻ لڳا. مون هڪدم رائفل سنڀالي هڪ، ٻہ ٽي چار.. چارئي متيءَ ۾ ڦٽڪي رهيا هئا. هاڻ کنهن کي ٻہ ٻاهر اچڻ جي همٽ نہ ٿي. ترڪن ۾ ٽڪريءَ جي وچ واري هڪ سؤ والن جي بلڪل صاف ميدان کي تيستائين پار ڪري ٽڪريءَ تائين پهچڻ بلڪل ناممڪن هو جيستائين مون وٽ هڪ ٻہ گولي موجود هئي.

اٽڪل پنجن منٽن گذرڻ کان پوءِ وڏي مشين گن مان گوليون هلڻ لڳيون. سپاهي ٻنهي ترڪن جي وچ ۾ مشين گن اُپي ڪري چڪا هئا. مون کي مشين گن جي ناليءَ جو ڪجهہ حصو ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ ان جي پنڌيان هڪ سپاهي ترڪ جي مدگارڊ جي اوٽ ۾ ويٺو هو. مشين گن جو گوليون ٽڪريءَ جي چوٽيءَ کان ڏهہ پندرهن فوٽ هيٺ نشان ونڊيون ٿي رهيون.

آءٌ اتان کسڪي وري ساڄي پاسي پنجن والن جي مفاصلي تي ويهي رهيس. هاڻ ٽيئي ترڪن منهنجي نظر ۾ هيون. منجهائين ڪو ٻہ سپاهي ٽڪريءَ جي ٻئي پاسي کان چڙهڻ جي ڪوشش ڪري نٿي سگهيو.

جڏهن ماڻ جي گهڙين ڪجهہ واڌارو اختيار ڪيو تہ مون کي فڪر ٿيو تہ متان هو فوجي مدد جي انتظار ۾ هجن ۽ جي ڪين وڌيڪ مدد پهچي ويئي تہ پوءِ آءٌ اڪيلو ڪيتري دير تائين مقابلو ڪري سگهندس.

آءٌ سوچڻ لڳس تہ 'آخر ويٽ ڪانگي ويا ڪيڏانهن؟ چا اهو ڳوٺ سندن سنيال ۾ نہ هو؟ چاجي ڪري ڳوٺ ۾ ڪو مرد آهي ئي

ڪونا' آءُ اڃا اهو ئي سوچي رهيو هوس تہ مون کي ڳوٺ جي ٻئي پاسي کان جهنگ ڏانهن ڊوڙندڙ پاڇا نظر آيا. جيڪي وٽن جي اوٽ ونيو پڄندا ٽي ويا. منهنجي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي. سوچيم تہ 'جيڪڏهن اهي فوجي آهن تہ پوءِ جان تان هٿ ڏوئڻا پوندا، پر جي ويٽ ڪانگي آهن تہ پوءِ پاڻيهي فوجن کي پڄندا.'

عين انهيءَ وقت تي ٽرڪن جي وچ ۾ اُيي ٽيل مشين گن مان 'ڌڙا ڌڙ' گوليون هلڻ لڳيون، پر آءُ انهن گولين کان محفوظ هوس. مون وري ڳوٺ ڏانهن نظر ڪئي. مون کي هڪ نوجوان ڏسڻ ۾ آيو جيڪو لڪندو ڇپندو ڳوٺ ڏانهن وڌي رهيو هو. هو ٿورو هلي وري ليٽي ٽي پيو ۽ ٿورو ترسي وري هلڻ ٽي لڳو. سندس هٿ ۾ ننڍي مشين گن هئي. ڪيس ويٽ ڪانگن وارو ڪارو ويس ڏسي مون کي ڪجهہ دلجاءِ ٽي.

مون وري ٽرڪن ڏانهن جانچ ڪئي، ۽ سپاهي پيٽ ۾ سرندا ٽڪريءَ ڏانهن ٻئي وڌيا. آءُ هاڻ سندن ساڃي پاسي هوس. مون ڪين واقعي اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏنو ۽ پوءِ هڪ تہ اتي ئي پورو ٽي ويو ۽ ٻيو ڦٽڪندو ڦٽڪندو ريڑهيون پائيندو ويجي ٽرڪ هيٺان ڪريو.

آءُ اتان اٽي وري ٻيءَ جاءِ تي ويجي ويٺس، جتان مون کي ٽرڪن جا ٽائر ڏسڻ ۾ پئي آيا. مون هڪ ٽائر کي نشانو بنايو. گوليءَ جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو. مون وري ساڳي جاءِ تي ٻي بہ گولي هلائي ۽ ٽائر ڦاٽي پيو.

آءُ اتان اٽي ٿورو پوئتي آيس تہ ڏٺم تہ ست ويٽ ڪانگي ڳوٺ جي ويجهو پهچي چڪا هئا. جنهن مهل منهنجي رائفل جي گوليءَ آخري ٽرڪ جي ٽائر کي بيڪار ڪيو تنهن مهل وري مشين گنن مان گولين جو مينهن وسڻ لڳو ۽ ساڳئي وقت رائفل جون گوليون بہ 'ڌڙاڌڙ' هلڻ لڳيون.

پهريون دستي بہ ٽرڪن جي وچ ۾ اُيي ٽيل مشين گن تي ڪريو ۽ گڏوگڏ خودڪار رائفلن ۽ مشين گنن سان گوليون مينهن جيان وسڻ شروع ٿي ويون. ويٽ ڪانگن جو حملو ايترو تہ اوچتو ۽ موتمار هو جو فوجين کي پڄڻ جو بہ موقعو نہ ملي سگهيو. اوڏيءَ مهل کي سپاهي ٽرڪن مان نڪري ٽڪريءَ ڏانهن پڄڻ لڳا تہ اوڏانهن وري آءُ تيار ويٺو

هوس. ٽن فوجين کي ڪيرايم باقي بچيل پنهنجو رائفلون اُڇلي، هٿ مٿي کڻي بيهي رهيا. پنجن منٽن اندر ويٽ ڪانگن سيني فوجين تي قبضو ڪري ورتو ۽ آءُ ساٿو ٽي اتي ئي ڪري پيس. ٽڪاوٽ يڪدم مون تي غالب پئجي ويئي، ايتريقدر جو آءُ چري پري ۽ نٽي سگهيس. دل چاهيو ٽي ته اتي پيو رهان، هونئن ۽ هڪ قدم اڳتي هلڻ جي پاڻ ۾ سگهه ڪانه ٽي ساري سگهيس.

آئون اکيون پوريو ليٽيو پيو هوس ۽ مون تي ننڊ جو خمار چائنجندو ويو. خبر ناهي ڪيتري دير ان حالت ۾ پيو هوس. اوچتو ڪا ٽڏي شيءِ مون پنهنجي ڪن جي پاڙيءَ جي پاڙ ڪي ڇهندي محسوس ڪئي. مون اکيون کوليون ته اها ٽڏي شيءِ رائفل جي نالي هئي، جيڪا هڪ نوجوان ويٽ ڪانگيءَ جي هٿن ۾ هئي. هو مون کي غور سان ڏسي رهيو هو.

مون کان بي اختيار کل نڪري ويئي. هاڻ مون پاڻ کي 'پنهنجن' ۾ سمجهيو. پر هيءَ رائفل جي ديوار اڃا ۽ موجود هئي. مون کي کلندو ڏسي، انهيءَ نوجوان پڻ مُرڪي ڏنو.

"چا، تون ئي هتي مورچو قائم ڪيو وينو هُئين؟"

هڪ ٻئي نوجوان پڇيو جيڪو پهرين همراهه جي پاسي ۾ بينو هو.

"ها." مون وراڻيو.

هن پنهنجي رائفل مون کان پري ڪئي، پر آءُ اڃا ۽ ساڳيءَ حالت ۾ ليٽيو پيو هوس.

"تون اڪيلو آهين؟"

"ها! شڪر آهي خدا جو جو اوهان وقت تي پهچي ويا، نه ته مون وٽ باقي چار گوليون وڃي بچيون هيون."

"تون هتي سمهي چو پئين؟ اسين تنهنجي انتظار ۾ هيٺ بيٺا هئاسين.

"پائو پهرين ڪجهه کائڻ لاءِ ڏيو ته پوءِ ٿو سموري خبر چار ٻڌايانوَ."

اهي ٻيئي نوجوان مون کي سهارو ڏيئي هيٺ وٺي آيا ۽ هڪ جھوپڙيءَ ۾ آڻي ويهاريائون. ٿوريءَ دير کانپوءِ، اها بدڪ واري پوڙهي ڪجهه چانور ۽ ٿورو ميوو کڻي آئي.

"اما، تنهنجي بدڪ توکي ملي؟" مون مرڪندي، کانئس پڇيو.

"ها پٽ،" چئي، سندس اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

"امان، هي لڙڪ ڇا جا؟" ائين چئي، آءٌ حيرت مان ڏانهس نهارڻ لڳس.

"امان جا ٻہ پٽ هن لڙائيءَ ۾ مارجي ويا آهن، شايد ڪيس پنهنجا پٽ ياد آيا آهن." اتي وينل هڪ نوجوان وراڻي ڏني.

"امان اسين بہ تہ تنهنجا پٽ آهيون... اسين سڀ" مون ورندي ڏني.

"ها پٽ، اوهين سڀ منهنجا ٻچا آهيو پر جيڪي هن عوامي لڙائيءَ ۾ مارجي ويا آهن، اهي سمورا بہ تہ منهنجا ئي ٻچا آهن. آءٌ انهن کي بہ تہ وساري نٿي سگهان." پوڙهيءَ نهايت ئي شاندار نموني سان ورندي ڏني.

مون پوءِ ڪاڏي ڪي اچي وارو ڪيو. ايتري ۾ ڳوٺ جا ٻار ۽ عورتون مون کي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. مون کي ان وقت ائين محسوس ٿيو تہ وڏي عرصي کان پوءِ پنهنجي وچڑيل ڪٽنب جي ياتين وچ ۾ اچي ويٺو آهيان..... هينئر منهنجي حياتيءَ جو هڪ نئون دور شروع ٿي چڪو آهي.

ويتنامي ڪهاڻيڪار: ترانگ هو

سنڌيڪار: علي محمد پرويز

ڳوٺاڻو انجنيئر

1956ع ۾ امن قائم ٿيو. آءٌ جنگ جي محاذ تان موٽي ڳوٺ آيس. پانيو ائين پئي ويو ته هاڻ سک ۽ آزاديءَ سان حياتيءَ جي شروعات ٿيندي. فرانس جي هار کان پوءِ پنهنجو راج ٿيندو مارو ماڻهن جي غربت ۽ هيٺائي ختم ٿيندي. نئون ماحول ۽ نئين ڳالهه هوندي. پر اسان جي مٽيءِ وطن ويتنام جي ڏاکڻي حصي تي ڦورن جو راج هو. فرانس جي جاءِ پيانکي غنڊن ونڊ شروع ڪئي.

مون واري پرڳڻي 'ڪين ٿُيو' تي به ڦورن جو قبضو ٿي ويو. ان کان پوءِ تر جي حاڪمن، خاص ڪري جاگيردارن ۽ وڏن زميندارن انهن گوريلن مجاهدن کي گرفتار ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي فرينچ دشمن خلاف وڙهيا هئا. پراڻي نظام خلاف ڪوبه ماڻهو ٻڙڪ ٻاڪي نه سگهندو هو. سڄي پرڳڻي ۾ مارا ماري ۽ نفسانفسي هوندي هئي. آئون ان عذاب کان تنگ ٿي لاچار ٿيڻ ويس. آءٌ تر جي حاڪمن جي بلئڪ لسٽ تي چڙهيل هوس. جيڪڏهن اُنهن جي ور چڙهي وڃان ها ته مون سان به اهڙي ويڌن ٿئي ها. جهڙي ٻين بيشمار گرفتار ٿيل وطني ماڻهن سان ٿي هئي. انهن کي چيچلائي ماريو ويو هو. پوليس کان ڊڪندو ڦرندو ڳوٺن ۾ لڪندو رهيس. منهنجي جهونن ساٿين مون کي هڪڙو ڪريل پستول ڏنو. آءٌ ان ڦٽل هٿيار کي ڪنيو ڦرندو رهيس. اهو هر وقت مون وٽ هوندو هو ۽ آءٌ سدائين ان کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ رڌل هوندو هوس. آخر هڪ ڏينهن ان کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس. هٿيار ٺيڪ ڪرڻ جو اهو منهنجو پهريون ڪارنامو هو.

انهن ڏينهن ۾ آءٌ رات جو پوکن ۾ سمهندو هوس. ڏينهن جو ويرين جي نظر کان پاڻُ بچائي، ڳوٺاڻن سان ڪچهريون ڪندو هوس.

منهنجو فرانس جي خلاف لڙندڙ آزاديءَ جي مجاهدن سان لاڳاپو قائم هو. انهن مون کي ٻڌايو ته، 'هاڻ اهي ڏينهن پري ڪونهن جڏهن مسڪين مارو ان ظلم خلاف اُٿي ڪڙا ٿيندا ۽ ان کي ناس ڪري ڇڏيندا.' مون دشمن سان آخري گهڙيءَ تائين وڙهڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. انهيءَ ڪري آءٌ عوامي جنگ ۾ حصي وٺڻ جون تياريون ڪرڻ لڳس.

آءٌ بانس جا پالا ٺاهڻ لڳس، ۽ ڪڏهن ڪو ڪريل بم هٿ ايندو هوم ته، ان مان بارودي سرنگون ٺاهيندو هوس. انهن شين کي جدا جدا هنڌن تي لڪائي رکندو هوس. آءٌ اڃان تائين لِڪ ۾ رهندو هوس، چو ته ڪنهن ڳوٺ يا وستيءَ ۾ وڃڻ ۾ جوکو هو.

ڪجهه وقت کان پوءِ منهنجي ساٿين مون کي ٻڌايو ته هاڻ دشمن تي جوابي حملي ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. عوام ڏاڍ ۽ ڏمر خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهن. مون جتي بارودي سرنگون ۽ ڇُهنبيارا بانس جا پالا لڪائي رکيا هئا، اتان اهي ڪڍيا ۽ انهن کي ساٿين جي حوالي ڪيم. ساٿي منهنجا جوڙيل هٿيار ڏسي ڏاڍا سرها ٿيا. انهن مون کي چيو ته، "گهٽن کان گهٽن هارين کي اُهي هٿيار ٺاهڻ سيکار ته اُهي عوامي جنگ ۾ شامل ٿي سگهن!"

آءٌ هڪڙي بتيلي ۾ چڙهي رات جو ڳوٺن ۾ ويندو هوس. آءٌ جتي به ويس ٿي، اُتي هارين منهنجو وڏي جوش سان آڏرياءُ ٿي ڪيو. مون انهن کي پنهنجا جوڙيل هٿيار ٺاهڻ ۽ هلائڻ جا طريقا ڏيکاريا. اهي ڇهنبيارا بانسن کي گهڙڻ ۽ دشمن لاءِ هر هنڌ ڳجهون کڏون کوٽي ڇڏڻ ۾ هڪئي سان چٽاپيٽي ڪرڻ لڳا. هو عوامي هٿيار بند جدوجهد ۾ اسان سان پنهنجو فرض نيائڻ لاءِ آتا هئا.

دشمن جي هڪ رجمنٽ 'ناريل پل' جي ويجهو لٽل هئي. انهيءَ رجمنٽ جا سپاهي گهٽو ڪري "صفائي" جي مهم تي ڏوڪي ويندا هئا. انهيءَ مهم جو مقصد هو عوام وٽ لڪل هٿيار ڳولڻ ۽ انقلابي نوجوانن کي جهلڻ. جڏهن ته اتان واپس ورندي هو ڳوٺن مان اناج ۽ ڪپڙو قري ۽ بدڪون جهلي ڪٽي ويندا هئا. انهن جي بِلي ڪرڻ لاءِ هارين دشمن جي مورچن لڳ هنڌن هنڌن تي لڪل کڏن جو رڇ ڦيري

چڏيو ۽ ننڍا ننڍاڇهنبيارا بانس جا ڪِلا جدا جدا لنگهن تي کوڙي چڏيا. جڏهن دشمن جا سپاهي دستور موجب 'صفائي' جي مهر تي سنيالي سنيالي نڪرندا هئا تہ گهٽا تہ انهن ڳجهين کڏن ۾ ڪري ڦٽجي پوندا هئا. جيڪي لنگهن کان ڇڏ جي کوشش ڪندا هئا، انهن جي پيرن کي وري ڇهنبيارا بانس چڇري وڃي چڏيندا هئا. هاري پنهنجي انهن پهرين ڪاميابين تي خوش ٿيندا هئا، ۽ سندن پنهنجي جوڙيل هٿيارن ۾ ويساهہ ويتر وڌي ويندو هو. هارين جي ساڻ ۽ مدد سان مون ڇهنبيارن بانسن جا ڪئين نمونا ٺاهيا، ۽ ڏکيل ڪاهيون ۽ بارودي سرنگهون ٺاهيم. مون بانس جا سُٽبا جوڙيا، انهن کي ڏوري سان ٻڌي، بال جهڙي صورت ڏنم. انهن جون 'سئي جهڙيون تکيون ڇهنبون ٻاهر نڪتل هوندیون هيون ۽ اهي بال دشمن جي موٽر گاڏين جي ٽيٽن ۾ وڌا ڏرڙ ڪري چڏيندا هئا. مون بانس جا پالا ٺاهيا، انهن کي چؤڪنڊي تختي ۾ ٽنبي، وٽن ۾ ڏوريءَ سان ٻڌي چڏيم. جڏهن ان رسيءَ کي چڪبو هو تہ سپ پالا پوريءَ طاقت سان هيٺ دشمن تي وڃي ڪڙڪندا هئا. پنهنجي بچاءِ لاءِ ۽ وڌندڙ دشمن تي لڪي تيرن ۽ نيزن جي وسڪاري ڪرڻ لاءِ مون کاهين جا ڪيترا قسم ٺاهيا. مون هڪڙي قسم جي کاهي ٺاهي، جنهن ۾ ٻہ طبق ٺاهيم. هڪ کڏي جي هيٺان ٻيو کڏو کوٽيو ويو هو. انهن کڏن کي پکي ۽ ڪچي پٽ جي لحاظ کان کوٽيو ويو هو. منهنجا جوڙيل هٿيار ۽ بچاءَ جا وسيلا هارين ڏاڍا پسند ڪيا. هر ڳوٺ ۾ دشمن جي مقابلي ۾ انهن کي ڪتب آندو ويو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ مون هڪڙي "سپاهي جو پتلو" ٺاهيو. جو هڪ ئي وقت ڪيترن دشمن کي ماري چڏيندو هو. جڏهن دشمن جا سپاهي ڳوٺن ۾ گهڙندا هئا ۽ جنهن مهل سندن پير ڏکيل 'ڪمانن' تي پوندا هئا، تہ اُن وقت سندن اڳيان ڳجهيءَ کڏي مان هڪڙي "سپاهي جو پتلو" سيٽي وڄائيندو نڪرندو هو. ان جي هڪڙي هٿ ۾ رائفل ۽ ٻئي هٿ ۾ بم هوندو هو. اهو رائفل ۽ بم ٻنهي کي ساڳئي وقت هلائيندو هو. انهيءَ اوچتي حملي کري دشمن ۾ ٻاکر ڪٽو پئجي ويندو هو. جتي دشمن انهن پتلن جي حملي کان

پڇڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. تہ وري اوسي پاسي وارين ڳُجهين ڪنڊن ۾ ڪري ختم ٿي ويندا هئا.

ان کان پوءِ اسان هڪڙي ٻئي قسم جو "پتلو" جوڙيو جو دشمن جي لاءِ وڌيڪ خوفناڪ ثابت ٿيو. هيءِ پتلو اشاري ٽيڪ شرط. ويجهي آيل دشمن ڏانهن وڌي رائفل جي سنگين ويجي ان کي ٽنبيندو هو. جڏهن دشمن کي ڪڙڪ پئجي ويندي هئي تہ. فلاڻن ڳوٺن جي حفاظت اسان جا "پتلا" ٿا ڪن. تہ اُهي انهن ڳوٺن ڏانهن منهن ۽ ڪونہ ڪندا هئا. جڏهن ڪين اسان جي ڳوٺن جي "صفائي ڪرڻ" لاءِ موڪليو ويندو هو. تڏهن هو اسان جي ڳوٺن جي ٻاهران نالي ماتر گوليون چوڙي. رڪارڊ جي پورائي ڪري. واپس پنهنجن چوڪين ڏانهن هليا ويندا هئا. ڪجهہ وقت کان پوءِ اسان آباد ٻنين ۾ ڳجها ڪڏا کوٽڻ شروع ڪيا. ۽ انهن ۾ جهنباريا بانس کوڙي ڇڏياسون. ڇو تہ هاڻ دشمن پيچرن ۽ ٻين لنگهن لاهن کي ڇڏي بيئل فصلن وچان ڳوٺن ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اسان جي ان نئين جوابي قدم انهن جي چرپر ۾ زبردست رڪاوٽ وجهي ڇڏي ۽ هنن جي اها اٽڪل ۽ ناڪام بنائي ڇڏي وئي. 1963ع کان 1967ع تائين پرڳٽي 'ڪين ٽيو' جي عوام رڳو ڇهنبيارن بانسن ۽ ڊيڪل ڪنڊن سان دشمن جا 5 هزار سپاهي ماريا ۽ زخمي ڪيا. انهن ۾ 285 تہ 1967ع جي سياري ۽ اونهاري جي وچ ڌاري ماريا ۽ زخمي ڪيا ويا. دشمن پنهنجين "صفائيءَ" جي مهمن جي سلسلي ۾ ڪيترائي ڇتا حملا ڪيا. پر اسان انهن کي مڙس ٽي منهن ڏنو.

هڪ ڀيري اسان جي صوبي جي اڳواڻ ساٿين مون کي چيو تہ. 'اهڙو ڪو هلڪو هٿيار هٿ گهرجي. جو ڪڏن سان گڏ ڪتب آٽي سگهجي! مون ٻڌو هو تہ ڪارا چيلاٽا دشمن جي خلاف استعمال ڪري سگهجن ٿا. مون سڃي علائقي ۾ چيلاٽن جي ڇٽن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. چيلاٽن مون کي اهڙو ڏنگيو جو منهنجو سڄو بدن سُڄي نيرو ٽي پيو. آءٌ ڪيترا ڏينهن تپيو پيو هوس. نيٺ چيلاٽن جي لڳاتار ڏنگڻ ڪري منهنجي بدن ۾ بچاءَ ڪرڻ جي طاقت پيدا ٽي پئي. ۽ انهن جا ڏنگ برداشت ڪري ويس. ڪجهہ وقت کان پوءِ مون

چيلاڻن جا سؤ کان وڌيڪ ڇڻا گڏ ڪري ورتا. چيلاڻن کي دشمن تي حملي ڪرڻ جي سکيا ڏيڻ جي لاءِ مون هڪ پتلو تيار ڪيو. انهيءَ پتلي کي دشمن سپاهيءَ جي وردي ڍڪايم. ان کي چيلاڻن جي ڇڻي جي سامهون بيهاريم. پوءِ چيلاڻن جي ڇڻي کي ڇيڙيم. چيلاڻا ڇڻ کان اڳامي سڌو پتلي کي وڃي ڇهڻيا ۽ وٺي ان کي ڏنگڻ شروع ڪيائون. آهستي آهستي مون انهن کي وڌيڪ تربيت ڏني. تانجو هو اشارو ٿيندي ئي، وڃي دشمن تي ڪڙڪندا هئا. هاڻ سڃي علاقي جي ماڻهن ۾ چيلاڻا پالڻ شروع ڪيا. نيٺ اسان دشمن تي چيلاڻن جي باقاعدي حملي ڪرائڻ جو پروگرام تيار ڪيو. هي واقعو 7 ڊسمبر 1966ع جو آهي. دشمن جي ديسي فوجين اسان جي هڪڙي ڳوٺ کي ڦريو هو. هارين کان ڪڙيون، ناريل، ڇانهيون کسي ڳوٺ کان ٻاهر وڃي فصلن ۾ هيليڪاپٽر جو انتظار ڪرڻ لڳا. هاڻي اهي فقط هيليڪاپٽر جي وسيلي اڇي وڃي سگهيا ٿي، جو ته زميني رستا انهن لاءِ باقي ڪي ٿورا وڃي بچيا هئا. اسان ان موقعي جو فائدو ورتو ۽ اتي آسپاس، ويهاريل پنهنجي تاتيل چيلاڻن کي ڪٽي انهن تي ڇڏيوسون. هزارين چيلاڻا اک ڇنب ۾ پونيٽ ڪري اڳاڻا ۽ دشمن سپاهين کي ڇهڻي ويا. سپاهي سڀ سامان سڙو پٽ تي ڇڏي، بتال ٿي وٺي ڀڳا. منجهائن ڪيترا اسان جي ڳجهين کڏن ۾ ڪري پيا، ويهن کان وڌيڪ دشمن سپاهي رڳو چيلاڻن هٿان ڏنگجڻ ڪري سخت زخمي ٿي پيا.

هڪ پير ضلعي 'ڪي ڪاچ' جو هڪ پاڙيتو آفيسر، پنهنجي سپاهين سان گڏ هڪڙي قبرستان وٽان لنگهيو. هن هڪڙي وطن دوست ڇوڪري کي جهليو ۽ ان کي مجبور ڪيائين ته. "هلي پنهنجي ڳوٺ جو سڀاڻو رستو ڏيکار!" ڇوڪرو انهن کي اڌ ڪل سان اسان جي سيڪاريل چيلاڻن جي ڇڻي وٽ وٺي آيو. جڏهن هو انهن جي بلڪل ويجهو آيو تڏهن وٺي انهن جي ڪکر ۾ ڪڙو هنيائين. چيلاڻن پوئنيٽ ڪري وٺي انهن مٿن اوچتو حملو ڪيو. چار سپاهي سخت زخمي ٿي پيا، پيا سڃيل منهن لڪائي اتان وٺي ڀڳا. اسان جا اهي چيلاڻا نه رڳو انهن سپاهين جو آڏرياڻ ڪندا آهن، جيڪي سپاهي اسان تي حملي ڪرڻ لاءِ ايندا آهن، پر هو اڳامي وڃي دشمن جي چوڪين تي ۽

هلائون ڪندا آهن، 'ڪي ڪان' چوڪيءَ جا سپاهي ماٺهن ڪان ٻيڙيون ۽ ٻيو سامان ڦريندا هئا. انهن کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ اسان بانس کي گڏ ڪري هڪڙو تڙھ بنايو. انهيءَ تي هڪڙو جھنڊو کوڙيو سون. جھنڊي جي هيٺ چيلاٽن جو چگو موچارو ڪٽڪ لڪائي ڇڏيو سون. جڏھن دشمن سپاهين ان لڙھ کي درياھ ۾ لڙھندي ڏٺو تہ ھو ان کي ھٽ ڪرڻ جي لاءِ اڳتي وڌيا. جنھن مھل انھن لڙھ کي ھٽ وڌا، تنھن مھل چيلاٽن وٽي متن حملو ڪيو. سپاهين ٻيڙين مان وٽي درياءَ ۾ ٽپا ڏنا ۽ جانين بچائڻ لاءِ ٽاڦوڙا ھڻڻ لڳا. ڪنڊيءَ تي بيٺل سپاهين جڏھن اھو ويل ڏٺو تڏھن اُنھن بہ وٽي ڪڙين تي زور ڏنو.

هارين انھن چيلاٽن ۽ لڪل ڪڏن کي تمام گھٽن موقعن تي ڪتب آندو. ھڪ پيري 'ٽوان ھوانگ ڪي' جي ڳوٺ نمبر 7 تي دشمن جي پنج هزار سپاهين حملو ڪيو. ڳوناٽن ڪٽي متي چيلاتا ڇڏيا، جي کين وڪوڙي ويا. ھنن لاچار ٻڌي جان ڇڏائي. اڄ شاهي سڙڪ جي ڪيترن ميلن تائين انھن چيلاٽن وسيلي اسان جو قبضو آهي.

1965ع کان پوءِ دشمن 'نان ڪان' جي ضلعي ۾ ديز سان ڦاٽندڙ چرخي وارا بم استعمال ڪرڻ لڳا. ھنن اُهي بم جھازن جي وسيلي گھرن جي ڪڏن، اگڙ ۽ وٽاٽن توڙي پوکن ۾ ڪيرايا. بمن جي ديز سان ڦاٽڻ ڪري اسان جا ڪيترا ماٺھو زخمي ٿيا. آءٌ اھو ٻڌي اتي ويس ۽ ان بم جي چرخي واري حصي کي ڳولي هٽ ڪيم. آءٌ وڏيءَ خبرداريءَ ۽ ڳوڙھي ويچار کان پوءِ، ان بم جي حصن کي ڌار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس. ان کان پوءِ مون پنھنجي هٿيار گھر جي ساٿين کان مارٽر (ڦٽندڙ) گولا ٺاھڻ سيکاريا. پوءِ چرخي واري بمن جي ڪجھ حصن کي الڳ ڪري، ان ۾ ٻيا حصا لڳايم. اھڙيءَ طرح مون انھن بمن کي ڪاميابيءَ سان بدلائي، منجھائن مارٽر جا گولا ٺاھي ورتا. ۽ انھن گولن جو ٻاھريون دائرو اسان جي هٿرادو ٺاھيل مارٽرن کان وڏو ھو انھيءَ ڪري چرخيءَ وارن بمن مان منھنجا تيار ڪيل گولا اسان جي مارٽر ۾ استعمال نٿي ٿي سگھيا. انھيءَ ڏکيائي کي آسان ڪرڻ لاءِ مون گھربل ٽولھ وارا بانس هٽ ڪيا، انھن کي انداران ڪوري پورو ڪيم، ۽ انھن

مان مارٽرن لاءِ خول تيار ڪيم. جو ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو. بانس جي خولن وارن مارٽرن کي اسان پهريون پيرو 'لونگ سن' علائقي جي لڙائيءَ ۾ استعمال ڪيو. اسان دشمن جي اُن چوڪيءَ تي حملي ڪرڻ وقت انهن مارٽرن جي وسيلي گولا ڪيرايا. اُهي بلڪل صحيح نشانن تي ڪريا. عام لوهي مارٽرن ۽ اسان جي بانسن مان ٺاهيل مارٽرن ۾ ٽورڙو ڪو فرق آهي، ٻيئي ذري گهٽ هڪجهڙا اثرائتا آهن.

مون دشمن جي ٽالهيءَ جهڙن بمن ۾ باهه پيدا ڪندڙ بمن، توبن جي گولن ۾ ست ملي ميٽر مارٽر گولن کي ٽُڪي ٽُڪي پرزا پرزا ڪري، تپاسڻ سکي ورتو. هاڻي آءٌ انهن بمن ۾ گولن کي بارودي سرنگهن ۾ هٿ وارن بمن جي صورت ۾ سولائيءَ سان بدلائي سگهان ٿو. هي هٿيار دشمن جي چوڪين، مواصلات جي وسيلن، لوهي زرهه بند گاڏين کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن. ڪجهه وقت ٿيو جو منهنجي ساٿين پنهنجي ڏور- مار بارودي طاقت کي وڌائڻ لاءِ دشمن جا گولا، بمر ۾ باهه پيدا ڪندڙ مادا ڪنا ڪيا.

ائين مون ۾ منهنجي ساٿين 34502 ڪلو گرام باهه پيدا ڪندڙ مادو هٿ ڪري، پنهنجي عوامي هٿيار گهر ۾ جمع ڪرايو. اهو سڀ اسان دشمن جي بمن ۾ گولن سان هٿ ڪيو. منهنجا ساٿي ۽ عوام منهنجي ان نندڙي ڪم مان ڏاڍا خوش آهن. ۽ مون کي "گوناٽو انجنيئر" ڪري سڏيندا آهن. آءٌ ان عوامي مانَ کي پاڻ لاءِ وڏو فخر سمجهان ٿو.

سنڌيڪار: سيد اڪبر

وڏي آدي

هڪڙي رات شهر ۾ چوطرف مات لڳي پيئي هئي. شهر تي آمريڪا جي چارٽتن ۽ غدار ويٽنامي سپاهين پهرو پئي ڏنو پر انهن کي به اچي ننڊ ورايو ۽ ننڊ ۾ پئي اوجهريا. ائين پئي لڳو جڻ شهر مان راکاس گهمي ويو آهي.

رات جو به بجي کان پوءِ شهر تي اوچتو حملو ٿيو ويٽنامي عوام جي آزاديءَ جي گوريلا فوج، يعني ويٽڪانگ گوريلا مجاهدن، سڀ کان پهريائين دشمنن جي فوجي چوڪين تي حملو ڪيو ۽ ٻنهي چوڪين کي تباهه ڪري ڇڏيائون. ويٽ ڪانگن جا ٻئي ٽولا شهر جي وچ ۾ اچي هڪٻئي سان مليا. انهن مان هڪ ٽولي پوليس ٽاڻي، پوسٽ آفيس ۽ تار گهر تي بمن ۽ مشين گنن سان حملو ڪري، کين تباهه ڪري ڇڏيو. آخرڪار آمريڪي چارٽتن پنهنجا هٿيار مجاهد دستي اڳيان ڦٽا ڪيا. ويٽ ڪانگ مجاهدن جي ان ٽولي جي ڪمانڊر هڪ عورت هئي. اها ڪمانڊر عورت ۽ به ٻيون ويٽ ڪانگ مجاهد چوڪريون ٽاڻي جي پنڌيان هڪ گهر ۾ داخل ٿيون. ان گهر تي هڪ هٿياربند چوڪيدار بينو هو. جيڪو گولين جو آواز ٻڌي پهرين پڇي ويو هو. جڏهن ته ڪمانڊر عورت اڳڙ مان لنگهي هڪ ڪوڻيءَ ۾ گهڙي ويئي. پلنگ تي شهر جي ٽائون ڪاميٽيءَ جو آٽائي نالي بدنام ۽ غدار ميمبر ستو پيو هو. آٽائي گولين ۽ بمن جي آواز تي جاڳي پيو هو ۽ پنهنجو هٿ ڪسڪائي ويهاڻي هيٺان پستول ڪڍي هٿ ۾ سوگهو ڪري، گهوڙو دٻايائين ٿي ته، ايتري ۾ ڪمانڊر عورت هڪدم مٿس فائر ڪيو ۽ هڪٻئي پنڌيان ٿي گوليون هلايائين، هو اتي ئي پورو ٿي ويو.

جڏهن کان ظالم آمريڪين مسڪين ويٽنامي قوم جي ملڪ تي زبردستي قبضو ڪيو تڏهن کان ويٽنام ۾ ڪيترائي اهڙا بي حيا ۽ بي شرم وڏيرا، سيٺيون، عملدار ۽ پڙهيل ماڻهو نڪري پيا جي دشمنن کان رشوتون، عهدا ۽ پگهارون، انعام ۽ ٻيو حرام جو مال وٺي، پنهنجي وطن سان نمڪ حرامي ۽ غداري ڪندا هئا ۽ هو پنهنجي ياٿرن جا جاني دشمن ٿي بيٺا، اهي دشمن جي زور تي ڪڏندا هئا ۽ آڪڙ ۾ پرجي ويٽنامي عوام کي ڏهائي، پيڙيندا ۽ ماريندا هئا. وطن دوست مجاهدن جي پويان ته هو هٿ ڏوئي پوندا هئا ۽ ڇتن ڪتن وانگر انهن جي پٺ وٺي کين ڏاڙهيندا هئا. آڻائي انهن نمڪ حرام ۽ غدار وڏيرن منجهان هڪڙو وڏو ذليل ۽ بي شرم غدار هو جنهن راڄ جهلرائي، مارائي ڇڏيا هئا.

ويٽنامي آزاديءَ جي مجاهدن، يعني ويٽ ڪانگ گوريلن، آڻائي جهڙن گهر جي نانگن جون فهرستون ناهيون ۽ انهن تي 'عوامي عدالتن' ۾ مقدما هلايا. آڻائي موت جي سزا جي لائق ڏوهاري ثابت ٿيو هن اوچتي حملي جو اصل مطلب اهو هو ته، عوامي عدالت طرفان غدار آڻائي کي ڏنل موت جي سزا عمل ۾ آندي وڃي. ويٽ ڪانگ مجاهدن دشمن جي هزارين فوجين جي پهري وچان ڪيس موت جي سزا ڏيئي ڇڏي ۽ اهڙن سمورن غدارن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته عوام ۽ سندن گوريلا مجاهد کين ستن پهرن جي وچان به سندن ڪيتي جي سزا ڏيئي سگهن ٿا.

آڻائيءَ کي مارڻ کان پوءِ ڪمانڊر عورت گهر مان ٻاهر نڪتي ۽ پنهنجي ساٿياڻين کي موٽي هلڻ جو اشارو ڪيائين. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سڄو مجاهد دستو شهر کان ٻاهر نڪري ويو. به ويٽ ڪانگ مجاهد لڙائي ۾ شهيد ٿيا هئا ۽ هڪ ڏٺيو هو. ڏٺيل مجاهد کي ٻيا ساٿي ٽيڪ ڏيئي وٺي پئي هليا. ڪلاڪ کن کان پوءِ سڄو دستو پنهنجي مورچي تي پهچي ويو.

ان گوريلا ڪمانڊر عورت جي همت ۽ بهادريءَ جي هاڪ دوست دشمنن تائين پهتل آهي. هن جي اڳواڻيءَ هيٺ جنهن به دشمن اڏي تي حملو ٿيندو هو تنهن جو خير ڪونه هوندو آهي. ڪيس سندس

ويٽ ڪانگ مجاهد ساڻي 'ادي وڏي' سڏيندا آهن ۽ ننڍا وڏا سندس عزت ڪندا آهن ۽ ساڻس تمام گهڻو پيار ڪندا آهن. هوءَ دستي جي هر ويٽ ڪانگ مجاهد جي ڏُکَ سُکَ جي ساڻي ۽ ساڻن گڏ هوندي آهي. هونئن تہ هوءَ تمام گهٽي رحمدل ۽ پاجهاري آهي، پر دشمنن لاءِ هوءَ قهري موت آهي. سندس بهادريءَ ۽ جرئت جي دهشت دشمن جي دلين تي چانيل آهي.

ادي وڏي ڪير آهي؟ هوءَ ويٽ ڪانگ آزاديءَ جي گوريلا مجاهدن ۾ ڪڏهن شامل ٿي. سندس اباڻو وطن ڪهڙو آهي؟ انهن سوالن جا جواب فقط سندس ساڻي ئي ڏيئي سگهن ٿا. جيڪي سندس گذريل زندگي کان واقف آهن. هوءَ سائيگان شهر جي رهاڪو آهي ۽ انهن لکين مردن ۽ عورتن مان هڪ آهي، جن پنهنجي وطن کي بچائڻ لاءِ لاچار ٿي هٿيار کنيا آهن. فرانس جي شڪست کان پوءِ آمريڪا ويٽنام جي ڏاکڻين حصي تي ملڪ جي غدارن ۽ قوم جي دشمنن کي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪئي، انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو ملڪ جي آزادي ۽ نئين نظام جي نهڻ لاءِ محب وطنن، آمريڪي چاڙڻن خلاف بغاوت جو جهنڊو کڙو ڪيو.

پيڙ سوڪ جو مڙس، فرانس جي آزاديءَ واريءَ جنگ جو هڪ جنگجو جوان هو.

1957ع ۾ جڏهن فرانس کي شڪست آئي ۽ هن ويٽنام تان هٿ کنيو. تڏهن آمريڪا وري ڏکڻ ويٽنام ۾ پنهنجا پير جمائڻ شروع ڪيا. انهن سائيگان ۾ اهڙن ماڻهن جي حڪومت ٺاهي، جن آمريڪا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي مفادن جو ڪوبہ خيال نہ ڪيو.

سائيگان جي حڪومت سڀ کان پهريائين انهن ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ لڳي، جيڪي فرانس خلاف جنگ ۾ وڙهيا هئا. جنگ بند ٿيڻ کان پوءِ سوڪ جو مڙس ايڏا اتر ويٽنام ۾ ئي هو ۽ ڪيس ايڏا گهر پهچڻ جي مهلت ئي ڪونہ ملي هئي، جو وري آمريڪا سان جنگ شروع ٿي ويئي. هو باقاعده عوامي فوج ۾ پرتي ٿيو ۽ ڪيس ٿوري وقت کان پوءِ ڪمپنيءَ جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو.

هيڏانهن وري سوڪ کي سائيگان ۾ گرفتار ڪيو ويو. سندس سڀ کان وڏو گناهه اهو هو جو هوءَ هڪ محب وطن سپاهيءَ جي زال هئي. سوڪ کي جيل ۾ تمام گهٽا عذاب ڏنا ويا، پر جڏهن هن پنهنجي ساٿين جي باري ۾ ڪجهه به نه ٻڌايو تہ کيس ڇڏي ڏنائون. انهيءَ وچ ۾ ويٽ ڪانگ تحريڪ مضبوط پئي ٿي. آزاديءَ جي جنگ جو تيارين جبلن ۽ جهنگلن ۾ ٿيڻ لڳيون ۽ شهرن ۾ به تحريڪ جي وڌڻ جو ڪم ڏاڍي زور شور سان پئي ٿيو.

سوڪ جڏهن پهريون دفعو جيل مان نڪتي تہ هوءَ گوريلن جي لڪل تحريڪ ۾ وڃي شامل ٿي. سائيگان ۾ انهيءَ تحريڪ جو هي ڪم هو تہ آمريڪين ۽ سندن چاڙٽن خلاف عوام کي گڏ ڪن ۽ کين هٿياربند ڪري جدوجهد لاءِ تيار ڪن. سوڪ لاءِ ان آزادي چاهيندڙ لڪل تحريڪ ۾ ڪم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ڇو تہ کيس پوليس سڃاڻندي هئي ۽ سندس چرپر تي تمام سخت پهرو هو.

1962ع جي هڪ شام جي ڳالهه آهي تہ جڏهن سوڪ پنهنجي ٻن سرتين سان سائيگان جي اُلهندي حصي ۾ هڪڙي هوٽل جي ڪنڊ ۾ ڪافي وينِي پيتي. ٻاهر شاگردن ۽ آمريڪا ۽ سندن چاڙٽن خلاف مظاهرا پئي ڪيا. شهر ۾ ڏاڍو ڪوڙ هو.

اوڏيءَ مهل هوٽل ۾ هڪڙو ماڻهو گهڙي آيو. پهريائين هن دروازي تي بيهي چوڌاريءَ نهاريو ۽ پوءِ سڌو سوڪ ڏانهن آيو. ان ماڻهو جي اتي پهچڻ شرط ٻہ هٿياربند سپاهي ٻہ اندر گهڙي آيا. سوڪ سپاهين جي ڪري هڪ اکر ٻہ ڳالهائي نہ سگهي. سپاهي کيس پڪڙي وٺي ويا. هوٽل جي ٻاهران هڪ ٽرڪ بيٺل هئي. جنهن ۾ سوڪ کي ويهاري ٽاڙي تي وٺي ويا.

اهو ماڻهو سوڪ واريءَ جاءِ تي ويهي، انهن ٻن چوڪرين سان ڳالهائڻ لڳو.

"منهنجو نالو آڻائي آهي. چا اوهان پنهنجا نالا ٻڌائيندیون؟"

چوڪرين ڊپ مان آڻائي کي ڏسڻ لڳيون. هنن پڇڻ چاهيو تي، پر انهن لاءِ پڇڻ جي ڪا ٻ واٽ نہ هئي.

آڻائي تمام نرم ۽ جهيڻي آواز ۾ پڇيو:

"جيڪڏهن اوهين پنهنجا نالا نٽيون ٻڌايو ته رڳو ايترو ٻڌايو ته اوهين سوڪ کي ڪڏهن کان وٺي سڃاڻو".

انهن مان هڪڙيءَ چوڪريءَ پاڻ سنياليو ۽ مُرڪي چوڻ لڳي:

"ته ڇا انهيءَ عورت جو نالو سوڪ آهي. اسين ته سندس نالو به تنهنجي واتان پيون ٻڌون. اسين ڪيس سڃاڻون به ڪونہ. جاءِ خالي ڏسي پاڻ ئي اچي ويني هئي."

آڻائي پڇيو: "ڇا پئي چيائين؟"

"بس ايڏا ته رسمي ڳالهہ ٻولهہ پئي ٿي، تيسين اوهان اچي ويا. اُها ڪير هئي؟"

آڻائي ٻنهي چوڪرين کي غور سان ڏسڻ لڳو. ائين پئي لڳو جڻ هو ڪنهن ڳالهہ ۾ منجهيل هو ۽ آخر چيائين:

"سوڪ اتر ويٽنام جي ايجنٽ آهي ۽ جيڪڏهن اوهين واقعي ڪيس ڪونہ سڃاڻو ته ڏاڍو ڇڪو ٿيو ۽ ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش به نہ ڪريو."

هڪ چوڪريءَ چيو:

"اوهان جي وڏي مهرباني جو توهان اسان کي هوشيار ڪيو."

پوءِ اڻائي اتان اُٿيو ۽ دخل وٽ اچي مئنيجر جي ڪن ۾ ڪجهہ چيائين. مئنيجر انهن چوڪرين ڏانهن نهاري ڪنڌ لوڏيو. جڏهن آڻائي هوٽل کان ٻاهر نڪتو تڏهن چوڪريون به پٺسا ڏيئي نڪتيون ۽ جدا جدا گس وٺي هليو ويون.

هن پير سوڪ کي تمام گهڻيون اذيتون ڏنيو ويون. ڪيس ماري ماري اڌ مئو ڪري پڇندا هئا ته پنهنجي مڙس جي باري ۾ٻڌاءِ ته هو ڪٿي آهي يا سندس دوستن ۽ مائٽن جي باري ۾ ٻڌاءِ ته اهي ڪٿي ٿا رهن.'

پر سوڪ وات مان هڪ اکر به نہ ڪڍيو ۽ ماٺ مٽيءَ ۾ عذاب پيئي سهندي هئي. آمريڪي ٽڪجي پيا ۽ نيٺ ٽن مهينن بعد ڪيس چڏي ڏنائون.

ويٽ ڪانگ جي ڪاميابي ڏسي آمريڪين ۽ سندن چاڙڻن جون وايون بتال ٿي ويون. سائيگان شهر هڪ فوجي ڪيمپ ۾ بدلجي ويو. شهر ۾ چوڌاري ڊپ ۽ هراس چانيل هو. ويٽ ڪانگي ڏڪ ويٽنام

جو اڏ ڪان وڌي حصو قبضي ۾ ڪري ويا هئا. سائيگان ۾ شڪي قسم جي ماڻهن کي ٻڌو پئي ويو.

خاص پوليس سوڪ جي ڳولا پئي ڪئي، پر سندس ڪوبہ پتو نہ پئجي سگهيو.

هڪ ڏينهن ٻنپهرن مهل ڪولون جي علائقي ۾ سوڪ سائيڪل تي شهر جي وچئين حصي ڏانهن پئي ويئي. هوءَ اڃان اڏ فرلانگ ڪن مس هلي تہ پٺيان هڪ ڪار اچي ڪيس ٽڪر هنيو ۽ هوءَ ٽڙي پري وڃي ڪري. هن اُٺڻ جي ڪوشش ڪئي. تيسين هڪ مضبوط پير سندس ٻانهن تي پيو ۽ هڪدم سندس تلاشي وٺي ڪيس زوري کڻي ڪار ۾ وڌو ويو ۽ اڪ ڇنڀ ۾ ڪار اتان گم ٿي ويئي.

سائيڪل رستي تي پيئي هئي، پاسي مان موٽرون بسون، سائيڪلون ۽ رڪشا وغيره لنگهي پئي ويا، پر ڪنهن بہ سائيڪل ڏانهن ڌيان نہ ڏنو. ڪجهہ دير ڪان پوءِ هڪ تيرهن سالن جو ڇوڪرو سائيڪل جي پاسي ۾ اچي بيٺو. هن پهرين چوڌاريءَ نهاريو ۽ پوءِ جهڙپ ڏيئي سائيڪل کڻي اڪ ڇنڀ ۾ اتان پڄي ويو.

اهو ننڍڙو نينگر ڪچين ۽ سوڙهين گهٽين مان ٽيندو هڪ جهوپڙي جي سامهون اچي بيٺو. هن پٺيان مڙي نهاريو تہ متان سندس پٺيان ڪو جاسوس نہ هجي. هو سائيڪل پٽ جي پرسان بيهاري جهوپڙيءَ ۾ اندر گهڙي ويو.

اندر هڪڙي ڪرڙوڙ ماڻهو بانس جي ڪرسيءَ تي ويٺي سگريٽ پيتو. نينگر ان کي ٻڌايو "سوڪ کي جهلي ويا."

هن ماڻهوءَ چرڪ پري سگريٽ پيرن هيٺيان چيپاٽي پڇيو:

"ڪڏهن؟"

"آءٌ وڌي رستي تان پئي ويس تہ مون پري کان سوڪ کي ايندو ڏٺو. هوءَ سائيڪل تي چڙهيو پئي ويئي، اوچتو ڪيس پٺيان هڪ ڪار اچي ٽڪر هنيو ۽ اڪ ڇنڀ ۾ ڪيس ٻڌي ڪار ۾ ڪٽي ويا ۽ آءٌ سندس سائيڪل کڻي آيو آهيان."

"توکي سائيڪل ڪٽندي ڪنهن ڏٺو تہ ڪونہ"

"جي نہ. منهنجي خيال ۾ تہ ڪنهن بہ ڪونہ ڏٺو آهي."

اهو ماڻهو ڪجهه دير سوچيندو رهيو ۽ پوءِ چوڪري کان پڇائين:
"وانگ جو گهر ڏٺو اٿئي؟"
"ها چاچا، آءٌ چاچا وانگ ڏانهن گهٽائي پيرا ويو آهيان."
"چگو هاڻ تون اوڏانهن وڃ ۽ ڪيس ٻڌاءِ ته سوڪ گرفتار ٿي ويئي آهي، پر ويجھ خيال سان."
"اوهان ڳڻتي نه ڪريو." ائين چئي چوڪرو جھوپڙيءَ مان نڪري ويو.
ٿوريءَ دير کان پوءِ اهو ماڻهو جھوپڙيءَ مان نڪري دريا ڏانهن ويو.
پوليس پنهنجي پر ۾ سوڪ کي لڪي گرفتار ڪيو هو. پر اها خبر انقلابي تحريڪ جي هر ميمبر کي پهچي چڪي هئي.
سوڪ کي 'خاص پوليس' جي وڏي ٽاڻي تي وٺي ويا ۽ڪانئس ڪجهه پڇا ڳاڇا ڪري، زير زمين ڪوٺيءَ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيائونس.
وانگ کي ان وقت سوڪ جي گرفتاريءَ جو اطلاع مليو. جيڏي مهل هو ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٻيٺو هو. هن نينگر کي واپس موڪلي چڏيو ۽ پاڻ ڪجهه وقت ٻيهي سوچڻ لڳو ته، ايتر ۾ ٻئي ڪمري مان هڪڙي نوجوان چوڪري نڪتي.
"اڃوڪي گڏجاڻي ڪونه ٿيندي، چو ته سوڪ گرفتار ٿي وئي آهي. سيل جي ٻين عورتن کي پڻ ٻڌائي ڇڏ ۽ ڪين هوشيار رهڻ جي هدايت ڪر."
چوڪري بنا ڪجهه ڪيڻ جي واپس ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ وانگ چٽي هٽ ۾ ڪٽي ٻاهر نڪتو. هو شهر جي وچين حصي جي هڪ سنيءَ هوٽل ۾ گهڙي ويو. جتي آمريڪي سپاهيءَ شراب ويٺي پيتو ساٿن ويٺنامي چوڪريون پڻ هيون. وانگ نوڪر کي چانهه لاءِ چيو ۽ جڏهن نوڪر چانهي ڪٽي آيو ته ڪاغذ جي هڪ ننڍڙي چٽي چانهه جي پليٽ هيٺان چنبڙيل هئي. جنهن کي وانگ خبردار ۽ اڪل سان ڪٽي پنهنجي ڪيسي ۾ وڌو. وانگ اڏ ڪلاڪ ڪن اتي ويٺو رهيو ۽ پوءِ اتي ٻاهر نڪتو. هو آهستي آهستي هلندو ۽ شهر جي رونق جو مزو وٺندو پئي ويو. هو اڏ ڪلاڪ تائين مسلسل هلندو رهيو.

اوچتو هڪ نوجوان سندس اڳيان اچي بيٺو سندس هٿ ۾ سگريٽ هو. هن وانگ کان ماچيس گهريو وانگ ماچيس لاءِ کيسي ۾ هٿ وڌو ان وچ ۾ هن سوڪ جي گرفتاري ۽ نوجوان سان ملاقات جو وقت ۽ جاءِ مقرر ڪري ورتي. نوجوان سگريٽ دکائي پنهنجو گس وٺي هليو ويو. سوڪ کي 24 ڪلاڪ اڇيو ۽ بکيو رکيو ويو ۽ پوءِ "خاص پوليس" جي ڪمشنر اڳيان پيش ڪيو ويو. تڏهن ڪمشنر کائنس پڇيو:

"سوڪ هن کان اڳ به ڪنهن دفعا تون گرفتار ٿي هئينءَ، هن دفعي تنهنجو ڇٽڻ ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته هينئر اُهي حالتون بدلجي چڪيون آهن. تنهنڪري جيڪڏهن توکي حياتي پياري آهي ته تون ويٺ کانگن سان رابطو قائم ڪندڙن جا نالا ۽ ايڊريسون ٻڌاءِ، نه ته توکي گولي هڻي ماريو ويندو."

سوڪ ڪجهه نه ڳالهايو.

" اسان کي خبر آهي ته تون هڪ خطرناڪ عورت آهين ۽ مارڪٽ سان به سچي نه ڪندينءَ بهرحال آءٌ توکي آخري موقعو ڏيان ٿو. اسان کي ويٺ کانگن جي ايجنٽن جا نالا ڪپن ۽ تون انهن کي سڃاڻين ٿي."

سوڪ هن ڀيري به ڪجهه نه ڳالهايو. هن کي اڃ ڏاڍو ستايو هو ۽ هن هر هر پنهنجي زبان سڪل چپن تي ڦيرائي.

" پاڻي ڪٽي اچو." ڪمشنر حڪم ڏنو.

پاڻيءَ جو گلاس ميز تي رکيو ويو. سوڪ پاڻي ڏٺو ته ڪيس ائين محسوس ٿيو جڙ پاڻي ڏسي سندس اڃ وڌي وئي.

"پاڻي پي سگهين ٿي، پر...." ڪمشنر پنهنجو جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

سوڪ گلاس تان نظر ڦيرائي منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو.

" هون ته اڃان تنهنجو هٿ ڪنهن ڇڪو آهي. وٺي ويو هن کي." ڪمشنر حڪم ڏنو.

سوڪ کي وري ڪوٺي ۾ بند ڪيو ويو. ان ڏينهن ڪيس اُباريل چانورن جو پيالو ۽ پاڻي ڏنو ويو. ٻئي ڏينهن ڪيس اڳاڙو ڪري سندس جسم جي نازڪ عورتاڻن عضون تي ڏنب ڏنا ويا، پر مجال آهي جو

سوڪ جي وات مان هڪ لفظ بہ نڪري ٿي ڏينهن سندس پيرن جي ترين کي چمڙي جي پٽي سان ڪٽيو ويو ۽ پوءِ بہ جڏهن سوڪ ڪجهہ ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو تہ، ڪيس ڇهين ڏينهن جيل ۾ موڪليو ويو.

جيل ۾ جاءِ ڪونہ هئي، هر ڪنڊ ۾ قيدي پيا هئا. گھُٽَ ۽ ڪنو ڪاڏو گندگي ۽ مٽان وري جيل جي عملي جا ڪُڌا ڪرتوت ۽ رشوت خوريءَ سان جيل جڙ تہ دوزخ لڳو پيو هو. سوڪ جيل جي سياسي قيدين سان لاڳاپو رکيو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪيس ٻاهريون احوال پڻ ملڻ لڳو.

نئين سال جي خوشيءَ ۾ ڪيترن شڪي قيدين کي ڇڏيو ويو. جن ۾ سوڪ پڻ هئي. هوءَ جڏهن جيل مان نڪتي تہ ايتري ڪمزور هئي جو بہ وکون کٽڻ بہ هن لاءِ ڏکيون هيون. هوءَ سڌو وانگ جي گھر ويئي. وانگ ڪيس آزاد ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

وانگ سوڪ کي ڏسي چيو:

" تنهنجي ڇٽڻ جي تہ اسان کي اميد ئي ڪونہ هئي، بهرحال تون خوش قسمت آهين."

سوڪ جواب ڏنو تہ:

" هاڻي منهنجو هن شهر ۾ رهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي، تنهنڪري آءٌ آزاد علاقي ۾ رهڻ چاهيان ٿي."

وانگ چيو:

"ڪجهہ ڏينهن آرام ڪر، تيستائين آءٌ بندوبست ڪري وٺان. تنهنجي آزادي جو اطلاع اڄ ئي موڪليان ٿو."

ٻي رات سوڪ کي ياڃيءَ جي پڙيءَ ۾ سان هڪ جاءِ ۾ موڪليو ويو جتي ڪيس هڪ هفتو ترسڻو هو. سائيگان جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي ويئي. ويٽ ڪانگ دشمن کي بدحواس ڪرڻ لاءِ حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا. آزاديءَ جي جنگ جو ٻيو دور شروع ٿي چڪو هو.

هڪ ڏينهن شام مهل وانگ سوڪ سان ملڻ آيو ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ هوءَ پنهنجي سفر لاءِ تيار ٿئي، ڇوتہ صبح جو پرهہ ڦٽڻ مهل ڪيس سائيگان کان ٻاهر وڃڻو هو ان لاءِ سڄي تياري ٿي چڪي هئي.

صبح جوچئين بجي هڪ ٻهراڙيءَ جي عورت گهر ۾ داخل ٿي، ان ٻُجڪي مان ڪاري رنگ جو چولو ۽ سٽڻ ڪيڊي سوڪ کي ڏنا. سوڪ اهي ڪپڙا پائي، مٿان ڦڙن وارو ٽوپلو پاتو ۽ هوبهو ٻهراڙيءَ جي عورت نظر اچڻ لڳي. پوءِ ٻئي عورتون گهر مان نڪري پاڇيءَ جي پڙيءَ جي هڪ ڪنڌ ۾ آيون، جتي هڪ ڏڳي گاڏي بيٺل هئي. گاڏيءَ ۾ خالي ٻُوٽين ۽ گاهُ پٽو پيو هو. ٻئي جڻيون گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺيون، سوڪ گاڏي هڪلي ۽ ٻئي سائيگان کان ٻاهر روانيون ٿي ويون.

شهر جي حدن اندر پهرئين چوڪيءَ تي کين روڪيو ويو سندن ڪاغذ ڏٺا ويا، گاڏيءَ جي تلاشي ورتي ويئي ۽ جڏهن پڪ ٿين ته هي ٻهراريءَ جون عورتون پاڇي وڪٽي واپس ٻُوٽ پيون وڃن ته، کين اڳتي وڃڻ جي موڪل ڏني ويئي. ٻيءَ چوڪيءَ تي ٻه سندن تلاشي ورتي ويئي.

منجهند مهل اُهي سائيگان کان ست ڪوهَ پري هڪ ٻُوٽ ۾ گهڙيون، اتي هڪ ويٽ ڪانگن جو نمائندو سندن انتظار ۾ بيٺو هو. ان رات ئي هڪ ٻُجهو گس وٽي هلڻ لڳا ۽ سڄي رات هلڻ کان پوءِ نيٺ صبح جو ويٽ ڪانگن جي مرڪز تي پهچي ويا.

سوڪ پنهنجي منزل تي پهچي ويئي۽ ويٽ ڪانگن سان هن سائيگان جو سربستو احوال ڪيو ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن کان وٽي هن جنگ جا اوزار استعمال ڪرڻ سکيا ۽ هفتي ڪن کان پوءِ ڪيس ويٽ ڪانگن جي دستي ۾ شامل ڪيو ويو.

آمريڪا جي صلاحڪارن جي نظرداري هيٺ کي اهڙا "حفاظتي ٻُوٽ" ٺاهيا ويا هئا، جن سان ويٽ ڪانگن جو لاڳاپو نه هجڻ لاءِ گهٽو احتياط ڪيو ويو هو. پر ته اتي فوجين جون چوڪيون هونديون هيون. انهن ڏينهن ويٽ ڪانگن وري اهڙن حفاظتي ٻُوٽن کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندا هئا.

هڪڙي ڏينهن هڪ اهڙي ئي حفاظتي ٻُوٽ جو سڃو نقشو ويٽ ڪانگن جي دستي کي ڏيکاريو ويو. ٻُوٽ جي چوڌاري ڪڏون کوٽيل هيون ۽ لڳو لڳ بانس جي "چڑنِ" جي واڙ ڏنل هئي. ٻُوٽ جي چئن ڪنڊن تي چار بُرج اڏيل هئا، جن ۾ هٿياربند سپاهي بيهي پهروڏيندا

هئا. ان قلعي جهڙي ڳوٺ کي ٻه دروازا، هڪ ايرندان ۾ ٻيو الهندان هئا. انهن دروازن جي پاسي ۾ ئي فوجي بيرڪون هيون.

دستي جي اڳواڻ پنهنجي ساٿين کي ڳوٺ جو نقشو سمجهايو ۽ هر هڪ کي الڳ الڳ ڪم سونپيو. سوڪ کي ٻيا ٽي ساٿي ڏنا ويا، جن جي مدد سان ڪيس اتريون بُرج تباه ڪرڻو هو ۽ پوءِ پاسي ۾ پيل بارود تي قبضو ڪرڻو هو. جڏهن شام جا پاڇا لڙيا، تڏهن ويٽ ڪانگن جو دستو اُتي پنڌ پيو ۽ آڏيءَ رات مهل ان ڳوٺ کان اڌ ڪوهه ڪن پنڌ تي پهچي ويو. هڪڙي همراه کي خبر چار وٺڻ لاءِ روانو ڪيائون، جيڪو ڪلاڪ کن ۾ وري آيو ۽ ٻڌايائين ته سڄو ڳوٺ ماڻ ۾ هو ۽ ڪا به اهڙي چرپر ڏسڻ ۾ ڪونه آئي.

فجر مهل هٿيار بند ويٽ ڪانگي ڳوٺ جي ويجها پهتا. پوئين تاريخن جو چنڊ آسمان تي پئي چمڪيو. چوڌاري چپ چپات لڳي پئي هئي. جيڪڏهن ان مهل ڪا شيءِ ڪري ته هوند انهي جو آواز به ٻڌڻ ۾ اچي. اُن ماڻ کي اوچتو مشين گنن جي آواز ۽ بمن جي ڌماڪن ڏوڙيو.

سوڪ بُرج جي ويجهو پهچي، مٿس بم اڇلائي، ڪيس تباهه ڪري ڇڏيو. ساڳئي وقت مشين گن جي گولين مان ڇڙ مينهن وسڻ لڳو. سوڪ ۽ سندس ساٿي برج جي پاسي ۾ هٿيارن ۽ بارود جي ڪوٺيءَ ڏانهن وڌيا، ته اوچتو اونداهيءَ ۾ مٽن گولين هليون. جيڪي پٽ جي پاسي ۾ لڪل هڪ سپاهيءَ هلايون هيون. سوڪ پنهنجي ساٿين کي اتي بيهاري، پاڻ سِرندي ان سپاهي ڏانهن وڌڻ لڳي، جيستائين سپاهي ٻيو دفعو گولي هلائي. تيستائين سوڪ خودڪار رائيفل سان ان سپاهيءَ جي ڇاتيءَ جو نشانو ورتو ۽ سپاهي ڍيري ٽي ڪري پيو.

سڄو ڳوٺ گولين ۽ بمن جي ڌماڪن سان ٻُريل هو. ڇڙ ڪنن جا پڙدا ٽي ڦاٽا. سوڪ ۽ سندس ساٿي ان جهوپڙي ڏانهن وڌندا پئي ويا. در وٽ ڏنائون ته اتي ڪير به موجود ڪونه هو. اندر جانچ ڪيائون ته پوءِ ڇڻن ئي ڇٽن چار مشين گنون ڏهه رائفلون ۽ ڪيترائي بم ڪنيا ۽ جهوپڙي کان ٻاهر نڪري، ان کي بم سان تباهه ڪري ڇڏيائون.

هاڻي ڪين رڻا موجب اپرندي در مان ٻاهر نڪرڻو هو. جتي ڇهه ست ڪن سپاهي هئا، جن ويٽ ڪانگن جي فائرنگ جو جواب ڏئي ڏنو. منصوبي مطابق ته اهو در ويٽ ڪانگن جي قبضي ۾ هجڻ کپي ها پر ايڏا اتي جنگ ٿئي هلي. سوڪ وڌيڪ هٿيار اتي رکيا ۽ هڪ ساڻي کي وٺي اڳيان وڌي ويئي. هوءَ ايڏا ۾ ٿي وڪون مس وڌي ته هڪ هٿ وارو بم سندس پاسي ۾ ڦاٽو اتفاق سان اهي ٿئي بچي ويا. سپاهي ٻئين پاسي کان پڻ هوشيار هئا ۽ هنن تي گولين جو وسڪارو لائي ڏنائون. سوڪ ۽ سندس ساڻي زمين تي ليٽي پيا. فوجي دروازي تي مسلسل گولين هلائي رهيا هئا.

سوڪ ڪيونءَ وانگر سسي مٿي کڻي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. ڪيس ويهن قدمن جي پنڌ تي هڪ مشين گن ڏسڻ ۾ آئي. پر ٻئيان ويٺل هڪ سپاهي نظر نٿي آيو. چو ته هو ڪڏ ۾ بيٺل هو. سوڪ وري آهستي آهستي اڳتي گسڪڻ شروع ڪيو. سندس هڪڙو ساڻي پڻ ٽوري پنڌ تي ٻئيان سُري اچي رهيو هو. اوچتو گولين هلڻ لڳيون. هوءَ ۽ سندس ساڻي پٽ کي چنبڙي ويا. سوڪ کان ٽن والن جي پنڌ تي هڪ ڊب هئي. هوءَ اوڏانهن گسڪڻ لڳي. ايڏا هوءَ هڪ چاڙڪي مس چري هوندي ته ان ڊب تي گولين وسڻ لڳيون. سوڪ پنهنجي پيتيءَ مان بم ڪڍي مشين گن تي اچلايو موٽ ۾ مٽس فائرنگ ٿي. سوڪ تڪڙ تڪڙ ۾ ڊب جي آڏ ۾ اچي پهتي ۽ بم ڪڍي مشين گن تي اچلايائين. پر اهو به بيڪار ويو. پوءِ پنهنجي خودڪار رئيفل سان مشين گن جي نالي کي نشانو بنايائين ۽ اوڏي مهل سندس ساڻي هڪ بم اچلايو. جيڪو ڪڏ ۾ ڪريو ۽ مشين گن سان گڏ هن سپاهي کي تباهه ڪري ڇڏيائين.

دروازي تي بيٺل سپاهي ان ٻئين حملي کان هيسجي ويا ۽ ساهه بچائن لاءِ بانس جي ٻئيان لڪڻ لڳا. پر ڪين ڳولي ماريو ويو. ويٽ ڪانگي دروازي کان ٻاهر نڪتا ۽ اهو پورو علائقو سندن قبضي ۾ اچي ويو.

انهن انهيءَ ڳوٺ کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ سپاهين لاءِ اتي جيڪو اناج پيو هو تنهن تي قبضو ڪري ورتائون. پندرهن منٽن کان پوءِ سپيئي ويٽ ڪانگي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتا. سندن صرف ٽي ساڻي زخمي ٿيا هئا.

ڪلاڪ کان پوءِ سپيئي ساٿي جھنگل ۾ ساھي کڻڻ لاءِ ترسيا ۽ ڪجھ دير ترسي زخميلن جي ملھ پٽي ڪيائون. سوڪ جي اھا پھرين لڙائي ھئي. ان لڙائي ۾ سندس ايڏيءَ بھادريءَ ۽ ھمت کان سندس ساٿي ڏاڍ متاثر ٿيا ۽ ڇھن مھينن کان پوءِ کيس نائب ڪماندر مقرر ڪيائون.

ھاڻي ويٽ ڪانگن سائيگان ڏانھن ويندڙ شاھي رستي تي دشمن جي چرپر تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. سوڪ پاڻ ۽ ٽٽنڪون، چار بکتربند گاڏيون ۽ ٻہ فوجين جون ٽرڪون تباھ ڪيون. ھوءَ ويٽ ڪانگن جي علائقي ۾ 'سوڪ پيٽ' جي نالي سان مشھور ٿي ويئي. انھن ڏينھن ۾ کيس ڪماندر بنايو ويو. ان وقت سائيگان ۾ تربيت يافتہ ويٽ ڪانگن جي ضرورت ھئي. تنھنڪري سوڪ پاڻ اوڏانھن وڃڻ جي آڇ ڪئي.

ھوءَ پنھنجي دستي سان گڏ شھر ۾ داخل ٿي نہ ٿي سگھي، تنھنڪري ھڪ دفعو وري ھن کي وڏي خطري جو ڪم ڪرڻو پيو. ھن وري ڳوناٽيءَ جو ويس ڪيو ۽ سائيگان ۾ داخل ٿي ويئي. جڏھن ڪولون جي علائقي ۾ پھتي تہ سندس پراڻا ساٿي کيس ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ حيرت ۾ پئجي ويا. پروگرام مطابق کيس حملي جي تيارين ۾ مشغول رھڻو پيو. ان سلسلي ۾ سپ کان ڏکيو مسئلو ھو سندس ساٿين کي شھر ۾ آڻڻ جو تنھنڪري اڪثر ڪري ھن مھينن اندر سندس ساٿي مختلف ويسن ۾ سائيگان ۾ داخل ٿيا. انھن مان گھٽا مھاڻن جو ويس ڪري ڪولون ۾ داخل ٿيا ھئا.

1968ع جي وچ ڌاري عام حملو شروع ٿيو. سوڪ پيٽ جي دستي ڪولون کان ٻاھر ٽاڻي، جيل ۽ اسپيشل پوليس جي ھيڈ ڪوارٽرن تي حملا ڪيا. ھوائي اڈي تي ڪيترائي جھاز تباہ ڪيا ۽ جڏھن آمريڪا پنھنجي ھوائي فوج کي سائيگان تي اندڌاڌنڌ بمباري جو حڪم ڏنو تڏھن سوڪ کي پنھنجي ساٿين کي شھر ڇڏي وڃڻ جو حڪم مليو.

ان پيري سوڪ چاچي وانگ ۽ سندس ٻن نوجوان چوڪرين، قاصد چوڪري ۽ ڪولون جي ٻين چند ساٿين کي سائيگان کان ٻاھر ڪڍي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي.

اڄ بہ سوڪ پيڙ سائيگان ڪان پنجاهہ ميل پري پنهنجي دستي جي اڳواڻ ٽي دشمنن تي حملا پئي ڪري، وچ ۾ هوءَ بہ پيرا زخمي ٿي هئي، پر اهي زخم سندس دليريءَ ۽ بهادريءَ اڳيان ڪجهہ بہ نہ هئا.

سوڪ ٽورو منڊڪائي هلندي آهي، پر دشمن لاءِ هوءَ اڄ بہ ملڪ الموت آهي.

سنڌيڪار: نسيم سنڌي

سوپون سر گھرن

پورن ٻاهتر ڪلاڪن کان پوءِ ڪرفيو هٽايو ويو.

ان جي وچ ۾ سائيگان جو شهر خاموش قبرستان جيان ٿي لڳو. هاٿي ڪرفيو هٽڻ بعد منٽن ۾ شهر جا رستا سائيڪلن، رڪشائن، ڪارن، بسن ۽ هٽ گاڏن سان چڪار ٿي ويا. ائين محسوس ٿيو ٿي جڻ سائيگان جا شهري گذريل ٻاهتر ڪلاڪن کان ڪنهن اشاري جا منتظر هئا ۽ اشارو ملندي ئي رستن تي نڪري آيا. سندن منهن مان پريشاني پئي بکي. هر شخص پنهنجي ڪم کي اُڪلائڻ جي فڪر ۾ هو. چو ته کين هن ڪلاڪن جي موڪل ملي هئي، فقط ٻه ڪلاڪ... ۽ ان کان پوءِ ڪرفيو وري لاڳو ٿيڻو هو.

آمريڪي سپاهي ۽ آمريڪي هٿيار، شهر جي هر چوڻاٽي ۽ اهم جڳهين تي نظر آيا ٿي. نئين طرز جي ٺهيل جاين، ويڪرن رستن، هوٽلن ۽ سئنيمائن سان پريل شهر جڻ ٽن ڏينهن جي گهريءَ نند مان سجاڳ ٿيو هو.

سائگيان سان گڏ هڪ اهڙو علائقو پڻ آهي، جتي ڪچا ۽ ڪکائان گهر آهن ۽ اهي گهر پري پري تائين پکڙيل آهن. هتي جي ماڻهن جي آدمشماري هڪ لک کان ٻه وڌيڪ آهي ۽ انهي ۾ مزور، ميربحر ۽ هٽ ـ گاڏي وارا گهٽا ٽٽا موجود آهن.

ڇهين وڳي کان پوءِ انهن ڪچن ۽ ڪکائن گهرن مان ڪارڙا ڪمارڙا اڌ اگهاڙا ٻار هٽن ۾ پيٽرول جا خالي ڊبا ڪٽي نڪتا ۽ پاٽي جي نلڪن وٽ قطارون ڪندا ويا. اهي سڀ ڏهن سالن کان گهٽ عمر جا ئي هئا. سندس منهن مان ٻاراٽي، معصوميت يا لاپرواهي نٿي بکي، موت، بک ۽ غير يقيني زندگي انهن ٻارڙن جي منهن تي وڏن جيان سنجيدگي آٽي ڇڏي هئي.

اهي ٻار ... جن سان انهيءَ سرزمين جو مستقبل وابستہ هو... هو مستقبل جا موتي هئا.. معمار هئا... اڳواڻ هئا.... پر غير ملڪي فوج ۽ وطن جي غدارن، وطن جي مستقبل جي انهن موتين جي چمڪ ڏمڪ ۽ آب تاب کي بلڪل ختم ڪرڻ جو ناپاڪ منصوبو رڻي چڙيو هو.

اهي جھوپڙيون ۽ ڪچا ڪکائان گھر سائيگان ندي تائين پکڙيل هئا، ڇھين وڳي تائين ندي جي انهيءَ ڪناري تي مڪمل ماڻ ڇانيل هئي، پر هاڻي اتي بہ زندگيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا هئا. ميربحر پنهنجين ٻيڙين مان نڪتا ۽ گھرن ڏي راهي ٿيا. هر شخص جي پنهنجي منزل هئي.... پنهنجو رستو هو ۽ هو انهيءَ منزل ڏي خوش ٿي وڌڻ لڳا...

هڪ ٻيڙيءَ مان ڏولي ڪنئي ويئي، ڏوليءَ کي ڇڻن ميربحرن کلهن تي کنيو. ڏولي جي پويان بہ عورتون ڪنڌ هيٺ ڪيو پئي هليون... ڏولي جو رخ گھرن ڏانهن هو.

بہ فوجي، جيڪي پنهنجي فوجي لوڊنگ جي پاسي ۾ بيٺل هئا، ڏولي ڏي وڌيا.... ماتمي جلوس بيهي رهيو.

"ڪيڏانهن کڻيو پيا وڃو؟" فوجيءَ آڪڙجي پڇيو.

"قبرستان ۾ دفن ڪرڻ." هڪ عورت نراسائي ۽ انتهائي ڏکويل آواز ۾ ڪيس جواب ڏنو.

"تنهنجو مائٽ هو ڇا."

"جي.... ها منهنجو پاءُ آهي." عورت ساڳئي مرٽينگ آواز ۾ وراٽيو.

"ڪڏهن مئو آهي؟"

"ڪالهه صبح جو..."

"تہ ڪالهه ئي دفن ڪري ڇڏيوس ها؟"

"ڪرفيو..."

"ڪرفيو....ها. ڪرفيو.... هيٺ رکوس." فوجيءَ حڪم ڏنو.

ڏولي زمين تي رکي ويئي. فوجي سندس ويجھو آيا.

"اوهان لاش نہ ڏسو تہ چڱو. منجھانئس بدبوه پيئي اچي. مرڳو اوهان جي طبيعت خراب ٿيندي" انهيءَ ساڳئيءَ عورت چيو.

ٻنهي فوجي هڪ ٻئي ڏي ڏٺو ۽ جيسين هو ڪو فيصلو ڪن... تيسين ٻي مائي اڳيان وڌي پنهنجي بند ٽيل مٽ فوجي جي هٿ سان

ملائي، "اسان کي جلدي آهي، ٿوري دير کان پوءِ ڪرفيو وري لڳڻ وارو آهي. مهرباني ڪريو." عورت چيو. فوجي بنا ڳڻڻ جي نوٽ ڪڍي ڪيسي ۾ وڌا. "جلدي ڪريو... قبرستان هتان گهڻو پري آهي." فوجيءَ چيو ۽ هوءِ واپس موٽڻ لڳا.

ڊولي کنئي ويئي. اهو ننڍڙو ماتمي جلوس سنهڙين گهٽين مان ٽيندو اڳيان فرلانگ کن جي فاصلي تي بيهي رهيو. پٽيان نهاريائون ۽ کاپي پاسي واري گهٽيءَ ۾ مڙي ويا. گهٽيءَ ۾ ٻه ٻار بيٺا هئا. انهن ڊوليءَ کي ڏٺو ۽ بنا ڪجهه ڪيڙ جي گهٽيءَ جي ٻنهي ڪنڊن تي ويڄي بيهي رهيا. ڊولي هڪ جهوپڙيءَ وٽ رکي ويئي. جهوپڙيءَ مان هڪ ضعيف مرد نڪتو ۽ ٻاهر اچي ويهي رهيو ۽ ڊولي کي اندر آندو ويو.

گهٽيءَ ۾ مڪمل سانت چانيل هئي، پاسي وارين جهوپڙين مان ٻه ڪو آواز نٿي آيو. ٻن نوجوانن ڊولي کڻي پاسي تي رکي، کٽ سيري اُپي ڪيائون ۽ هيٺان رلکو هٽايائون، هيٺ هڪ تختو هو.... تختي کي مٿي کنيو ويو. هڪ نوجوان تارچ ٻاري هيٺ لهڻ لڳو. سندس پويان ٻيو ٻه جوان لهڻ لڳو... هيٺ هڪ سرنگ ٽهيل هئي.

ڊوليءَ جو ڍڪ لاٿو ويو. ٻنهي نوجوانن ان مان ويهه بندوقون ڳڻي ڪڍيون ۽ سرنگ جي منهن وٽ بيٺل نوجوان کي هڪ هڪ ڪري ڏيڻ لڳا.... ٻه گولين جون پيٽيون..... پنج ننڍيون مشين گنون... ٻه درجن دستي بم.... اهي سڀ سرنگ ۾ پهچايائون..... ڊولي کي ٻه هيٺ لاٿو ويو ۽ ان بعد تختو رکي، ان تي رلکو وڇايو ويو ۽ ان مٿان وري چنل کٽ رکي ويئي.

جهوپڙيءَ مان هڪ هڪ ٿي مرد ٻاهر نڪتا... ان کان پوءِ عورتون پڻ. ٻاهر ويٺل پوڙهو اندر گهڙيو ۽ در بند ڪري چڊيائون. گهٽيءَ جي ڪنڊن تي ويٺل چوڪرا، عورتن کي ٻاهر نڪرندو ڏسي اُٽيا ۽ ٻي گهٽيءَ ڏي مڙي ويا.

نوجوان گهٽيءَ مان نڪري هڪ ٻي گهٽيءَ ۾ آيا ۽ چوواٽيءَ تي اچي بيهي رهيا، جتي هڪ ننڍڙي هوٽل هئي. هو ٻئي اندر هليا آيا ۽ پيل بينچن تي ويهي رهيا. پريان ڪنڊ ۾ ويٺل ٻن پوڙهن آهستي آهستي سُس پُس پئي ڪئي. استانَ وارو هنن لاءِ چانهه ٺاهڻ لڳو...

هڪ سائيڪل رڪشو هوٽل اڳيان اچي بيٺو. ان مان هڪ وچولي قد جو نوجوان لٿو. رڪشا واري کي پيسا ڏنائين..... خالي رڪشا اڳيان هليو ويو ۽ نوجوان هوٽل ۾ داخل ٿيو. هوٽل واري پڇيس:

"چانهه ناهيان؟"

"ها..." نوجوان هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. سُس پُس ڪندڙ ٻئي پوڙها چانهه پي اُٿيا ۽ ٻاهر نڪري ويا. نوجوان چانهه پي رهيو هو تہ بينچ تي ويٺل نوجوانن مان هڪ ڏانهس وڏي آيو ۽ آهستي چيائينس،

"ڪامريڊ ڦوانگ سان ملڻو آهي."

"هلو..." آيل نوان چانهه اڏ ۾ چڏيندي چيو.

هو ٽيئي ٻاهر نڪتا. سنهڙي گهٽين مان ٽيندا هڪ جهوپڙيءَ اڳيان پهتا. سندن رهبري ڪندڙ نوجوان وڏي در کڙڪايو.

دروازو انهيءَ عورت کوليو جيڪا ڏولهءَ سان گڏ آئي هئي ۽ فوجيءَ کي رشوت ڏني هئائين.

"ڪرفيو لڳڻ شرط ٻيڙين جي تلاشي شروع ٿي ويندي" ٻنهي کي وٽي ايندڙ همراه چيو. "پروفيسر! ڏاڍي خراب خبر ٻڌائي اٿو. وانگ پنهنجن ساٿين کي وٽي هڪدم هت پهچ." ڦوانگ نوجوان کي مخاطب ٿي چيو. هو جهوپڙي مان ٻاهر نڪري ويو.

"سامان پهچي چڪو آهي؟" پروفيسر پڇيو.

"سپ تہ نہ، ٿي ٻيڙيون ايندا ٻيٽيون آهن، انهن کي لڪائڻو آهن." ڦوانگ ڪجهه سوچيندي چيو.

"ڪرفيو لڳڻ ۾ باقي منو ڪلاڪ وڃي بچيو آهي." پروفيسر واچ ڏسندي چيو.

"ها.... وقت ٿورو آهي." ڦوانگ اڃا بہ ڪجهه سوچي رهي هئي.

ايتري ۾ چارئي نوجوان اچي ويا.

"ڪامريڊ وانگ، تون هنن کي ساڻ ڪري لي جي جهوپڙي ۾ وڃ، لي موجود هجي تہ ڪيس ٻيڙين ڏي موڪلي ڏج ۽ اسان جو اتي انتظار ڪجو!"

هو چارئي جهوپڙيءَ مان نڪتا ۽ مختلف رستن ۽ گهٽين کان ٽيندا نديءَ جو ڪنارو وٽي لي جي جهوپڙيءَ ڏي هلڻ لڳا.

"ڪرفيوءَ دوران ڪابہ ٻيڙي چري پري نڪي سگھي. جي اوھان جو اطلاع صحيح آھي تہ فوج ندياءَ جي انھيءَ حصي ۾ لانچن سان ناڪي بندي ڪندي."

"ڇا ڪجي؟" ڦوانگ پڇيو.

"ٻيڙين کي ڪنھن حفاظت واري ھنڌ پھچائڻ ضروري آھي. جي ھٿيار پڪڙجي ٻيا تہ تنھنجو اھو لنگھہ ھميشہ لاءِ بند ٿي ويندو." پروفيسر چيو.

"پروفيسر اوھان واپس شھر تہ نڪا وڃي سگھو ان لاءِ چگو ٿيندو جو اوھان ڪپڙا بدلائي ونو لي جي جھوپڙيءَ ۾ ھلي صورتحال جو جائزو ٻہ ٿا ونون."

پروفيسر جھوپڙيءَ جي پوئين حصي ۾ پنھنجا شھري ڪپڙا لاھي، ميربحرن وارا ڪپڙا پاتا. جڏھن ڦوانگ وٽ پھتو تہ پري کان گگھوءَ جو آواز ڪنن تي پيس. ڪوفيو جو پھريون گگھو وڃي رھيو ھو. اٺ وڃڻ ۾ باقي پندرھن منٽ ھئا.

ٻيئي جھوپڙيءَ کان ٻاھر نڪتا. گھٽيون خالي ۽ ويران ٽي چڪيون ھيون. ھو تڪڙيون وکون کڻندا، ندي ڏانھن راھي ٿيا. ايڏا ھو ٿورو اڳيان مس وڌيا ھئا تہ ٻيو گگھو وڃڻ شروع ٿي ويو. ڪرفيو شروع ٿي چڪو ھو. ھنن ھڪٻئي کي حيرت سان ڏنو ۽ ناريل جي آڏو ٿي ٻيڻا ۽ صورتحال جو جائزو وٺڻ لڳا.

اٽڪل ٽي فرلانگ اڳيان ھڪ فوجي لوڊنگ بيٺي ھئي. سندس بتيون ٻريون پئي. لوڊنگ جي پاسي ۾ ھڪ فوجي بيٺو سگريٽ پي رھيو ھو. لي جي جھوپڙيءَ جي اڳيان ٻہ ھڪ فوجي بيڊل نظر آيو.

ڪناري تي بيڊل ٻيڙين وٽ ڪجھ فوجين جا پاڇا ڏسڻ ۾ آيا. فوج تلاشي شروع ڪري ڏني ھئي. ھاڻ ھو لي جي جھوپڙي ۾ ٻہ نڪي وڃي سگھيا. ڇا وانگ ۽ سندس ساڻي گرفتار ٿي چڪا آھن؟ جي ھو گرفتار ٿي چڪا آھن تہ پوءِ سندن اڳيان ٻہ مسئلا ھئا: ھٿيارن کي محفوظ ڪرڻ ۽ پنھنجن ساڻين کي آزاد ڪرائڻ.

"پروفيسر! اوھان وٽ ڪو ھٿيار آھي؟" ڦوانگ پڇيو.

"نہ."

"اوهين اتي ئي لڪا بيٺا رهو. آءٌ جهوپڙيءَ ڏانهن ٿي وڃان."

"اهو قطعي خطرناڪ آهي. فوجي ڏسڻ شرط بنا پڇا ڳاڇا جي گولي هٽندي دير نه ڪندئي."

"انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ناهي. اسان کي پنهنجن ساٿين جي خبر ضرور ڪيڏي آهي.

ڦوانگ اهو چئي، پنهنجي ڪپڙن مان ريوالور ڪڍيو ۽ پروفيسر کي ڏيندي هدايت ڪيائين.

"ضرورت پوڻ تي اوهان فوجين تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪجو. گولي نه هلائجو." اهو چئي ڦوانگ وڻ جي اوٽ مان نڪتي ۽ پروفيسر رستي جي پاسي ۾ ٽهيل ڪڏ ۾ لڪي ويٺو. ايان ڦوانگ ڪجهه وکون اڳتي هلي ته جهوپڙيءَ اڳيان بيٺل فوجيءَ جي نظر مٿس پئجي ويئي.

"بيهي رهو." فوجيءَ رڙ ڪئي ۽ رائيفل جو رخ ڏانهنس ڪيائين ۽ ڏانهنس وڌندو آيو.

"ڪيڏانهن ٿي وڃين، توکي خبر ڪانهي، ڪرفيو شروع ٿي چڪو آهي."

"سائين، منهنجي ڪڪي جي حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي آهي. سامهينءَ جهوپڙيءَ ۾ منهنجو ياءُ رهي ٿو ڪيس سڏڻ پئي وڃان" ڦوانگ چيو.

"تنهنجو ياءُ ڊاڪٽر آهي."

"جي نه."

"ته ان مان تنهنجي ٻار کي ڪهڙو فائدو ٿي سگهي ٿو... هل- سڏي ٿي هل!" فوجيءَ رائيفل سان لوڏنگ ڏي اشارو ڪندي چيو.

"سائين مون تي رحم ڪريو مسڪين آهيان. منهنجو هڪ ئي..."

"بڪ بند ڪر."

ڦوانگ اکيون مهٽيندي (جڏ روئيندي هجي) اڳيان هلڻ لڳي ۽ روئيندي روئيندي "هاءِ گهوڙا، منهنجو ٻچڙو" ورجائيندي ٿي هلي. جڏهن هوءَ انهي ڪڏ وٽ پهتي جتي پروفيسر لڪل هو ته ڊڄي ٿي بيهي رهي.

"سائين! مون کي پنهنجي ٻچي ڏي وڃڻ ڏيو. منهنجي اکين جو نور مون کي نه ڏسي روئيندو هوندو."

ڦوانگ التجا ڪندي چيو.

"بڪواس بند ڪري عزت سان هلندي رهڻ"

ڦوانگ جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. غور سان پريان بيٺل لوڊنگ کي ڏسندي سوچڻ لڳي. جيڪڏهن لوڊنگ وٽ بيٺل فوجي هن پاسي ڏنو تہ ڀالهہ ئي خراب ٿي. اوچتو ڪيس پنهنجي پويان ڏهڪو محسوس ٿيو. مُڙي ڏٺائين ۽ هڪدم زمين تي ليٽي پيئي... پروفيسر فوجيءَ کي لوندڙيءَ وارو پستول وهائي ڪڍيو هو ۽ ٻنهي فوجي کي چڪي ڪڍ ۾ ڪيرايو. "پاڻ کي لوڊنگ ڏانهن هلٽو آهي. جلدي ڪري هن جي وردي پائي وڃ." ڦوانگ چيو. پروفيسرفوجيءَ جي وردي لاهڻ لڳو. ڦوانگ پنهنجي ڪنڌ مان رومال کولي. فوجي جي وات ۾ ڦاسايو. ٻن منٽن اندر پروفيسر فوجيءَ جي وردي ۾ هو. ڦوانگ اڳيان اڳيان هلڻ لڳي ۽ پروفيسر رائيفل سڏي ڪريو. سندس پويان هلي رهيو هو. جڏهن ٻئي لوڊنگ وٽ پهتا تہ پروفيسر چيو.

"هن کي سوگهو ڪر. هيءَ بہ ٻيڙين ڏي پئي وئي."

"هيڏانهن اچ." لوڊنگ جي پوئين پاسي ۾ ويٺل فوجيءَ چيو.

ڦوانگ ڊڄندي اڳيان وڌي. فوجي لوڊنگ جي پوئين پاسي ڏي مڙيو. ڦوانگ سندس پويان پئي هلي. پروفيسر ڊرائيور جي سيٽ ڏي ڏنو خالي هئي. هو اڳيان وڌيو ۽ فوجيءَ جي ڪنڌ تي رائيفل جو ڪنداڪُ ڇهڪائي ڪڍيائين.

لوڊنگ ۾ سندس چارئي ساٿي ۽ لي پن ويٺو هو. پنج ئي لوڊنگ مان لٿا. فوجيءَ کي ٻڌي سوگهو ڪري. ڪيس ٽرڪ ۾ اڇليو ويو.

"لي! ٻيڙيون!" ڦوانگ ڪانئس فقط ايترو پڇيو.

"آءٌ اوڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪري رهيو هوس تہ. مون کي جهوپڙيءَ مان گرفتار ڪري ورتن."

"هاڻي؟"

"مون سان هلو ٻيڙيون هتان ميل ڪن پري آهن. فوجين کي اوستائين پهچڻ ۾ دير لڳندي." لي ائين چئي رستو اڪري ڪچو رستو وٺي هلڻ لڳو. سندس پويان سيبيئي قطار جي صورت ۾ وٽن جي پاڇولن ۾ هلڻ لڳا.

لي ڪين ڪناري ڪان پري، ٻيلي ڏي وڻي هليو اڏ ڪلاڪ تائين هو چپ چاپ هلندا رهيا. ان بعد ندي‌ءَ ڏي رخ ڪيائون. ٻيلي ۾ هڪ لڪل هنڌ ۾ ٻيڙي بيٺي هئي. هڙئي ان ۾ چڙهي ٻيا.

"باقي ٻيڙيون ڪٿي آهن؟"

"ٻہ ٻيڙيون هتان ڪجهہ پري ٻيلي جي ڪنڊ ڏي لڪل آهن." ائين چئي لي هڪدم ليٽي پيو.

پريان ڪنهن لانچ جي سرچ لائيٽ ڏانهن وڌي، هو سپ ليٽي پيا. روشني‌ءَ جي لهر سندن مٿن ڪان ٽيندي ڪابي پاسي مڙي ويئي. وانگ ڪنڊ ڪٽي ندي ڏي ڏنو.

"لانچ اسان ڏي وڌي رهي آهي." وانگ سر گوشي ڪندي چيو.

"پاڻي ۾ لهي پئو.... آواز نہ ٽيڙ گهرجي." ڦوانگ هدايت ڪئي.

هڪ هڪ ٿي سپ پاڻي‌ءَ ۾ لهي پيا ۽ ٻيڙي‌ءَ کي پاسن کان جهلي، چپ چاپ پاڻي‌ءَ ۾ لڪا ويٺا رهيا. لانچ ڏانهن وڌي رهي هئي ۽ سندس سرچ لائيٽ اونداهي کي چيريندي، ٻيلي ۾ پري پري تائين پهچي رهي آهي.

"سرچ لائيٽ کي تباه ڪجي!" وانگ چيو.

"ها!" ڦوانگ وراڻيو.

"هڪ ئي گولي‌ءَ سان تباه ڪرڻ گهرجي." پروفيسر هدايت ڪئي.

وانگ رائيفل سان نشانو ورتو... ٺا.... جي آواز سان گڏ سرچ لائيٽ جي شيشي ٽٽڻ جو آواز آيو ۽ مڪمل اونداهي ڇائنجي ويئي. لانچ بيهي رهي، ۽ مجهانئس گولين جو وسڪارو ٽيڙ لڳو. گولين سندن ويجهو ڪربون پئي.

ڪجهہ دير ٽائين هو منتظر رهيا ۽ جڏهن لانچ مان ڪنهن بہ قسم جو آواز نہ آيو تہ ڦوانگ چيو "ٻيڙي‌ءَ کي ڪناري سان لڳائي منجهانئس هٿيار ڪڍيا وڃن."

سيني ٻيڙي‌ءَ کي ڇڪي ڪناري سان لڳايو لي مٿس سوار ٿي ويو ۽ ٻيڙي‌ءَ جي ڪيس مان هڪ پيٽي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين. ڪانئس پيٽي وٽي هيٺ رکي ويئي. اڃان هن ٻي پيٽي مس ڪڍي تہ ندي‌ءَ مان هڪ ٻي لانچ جو آواز ڪنين پين ۽ اهو آهستي آهستي ويجهو ايندو ويو.

پهرين لانچ وائرليس ذريعي، مدد لاءِ ٻي لانچ کي گهرايو هوءِ ها۽ ان جي سرچ لائيٽ آهستي آهستي ويجهو اچي رهي هئي.

ٻيءَ پيتيءَ کي کوليو ويو ان ۾ مشين گنون هيون. هڪ مشين گن کڄي ويئي. وانگ ٻيڙيءَ کان پري هڪ وٽن جي جهڳٽي ۾ ان مشين گن کي فٽ ڪيو ۽ زمين تي ليٽي مٿس گولين جو پٽو چاڙهڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ ٻيڙيءَ تان هٿيار تيزيءَ سان لاٿا پئي ويا.

ڦوانگ، وانگ جي ويجهو آئي. "اشد ضرورت کان سواءِ فائر نہ ڪجئين، اسين هٿيارن کي تيسين لڪائي رکون." ڦوانگ سرگوشي ڪندي چيو.

ڦوانگ رڙهندي وري پنهنجي ساٿين وٽ پهتي. ڪل ڏهہ پيتيون هيون، انهن کي ڇڪي ڪناري کان پري بانسن جي هڪ گهاٽي جهڳٽي ۾ لڪايو ويو.

ٻي لانچ پهرين لانچ جي پاسي ۾ اچي ٻيٺي ۽ ان مان سرچ لائيٽ آن ڪئي ويئي. هو سيپ وٽن جي جهڳٽن ۽ ٻيلي ۾ لڪي ويا.

پهرين لانچ جي چالو ٿيڻ جو آواز آيو ۽ آهستي آهستي اها هنن ڏي وڌڻ لڳي.

ڦوانگ جي اشاري تي سپيئي بانسن جي جهڳٽي ڏي رڙهي ويا ۽ هٿيار سنيالي تيار ٿي ويٺا. ٻن منٽن اندر لانچ ڪناري تائين پهچي ويئي. خالي ٻيڙي تي گولين جو وسڪارو ڪيو ويو. ان بعد ٽارچ روشن ڪري ٻہ فوجي ٻيڙيءَ تي ٽپي آيا. جڏهن ڪين اتي ڪجهہ ٻہ ڏسڻ ۾ نہ آيو تہ هو واپس لانچ تي هليا ويا. ٽارچن جي مدد سان ڪناري جو جائزو ورتو ويو. ٻي لانچ ٻہ ڪين ويجهو پهچي چڪي هئي. ڪناري جي انهيءَ حصي تي هر پيري بتيءَ جي روشني وڌي ٿي ويئي، جتي هو لڪل هٿا، ڪانئن وال ڪن جي مفاصلي تي روشنيءَ جي ٽلهي ليڪ هر پير لنگهي ٿي ويئي. لانچ مان فوجي هيٺ ڪناري تي لهڻ جي همت نہ ساري سگهيا. جيڪڏهن هو ڪناري تي لهي ٽورو تہ اڳيان وڌن هان تہ منجهانئن هڪ ٻہ باقي نہ بچي ها.

ڪجهہ دير تائين ٻئي لانچون، خالي ٻيڙي جي پاسي ۾ بيٺيون رهيون. ان بعد ٻيڙي کي لانچن سان ٻڌي سوگهو ڪيو ويو ۽ لانچون ان

کي گهليندين شهر ڏي راهي ٿيون. جڏهن انجڻ جو آواز اچڻ بند ٿي ويو تہ هڙيئي ٻاهر نڪري آيا. سين وٽ هٿيار هئا. وانگ پنهنجي مشين گن کڻي وٽن آيو.

"ٻيون ٻيڙيون ڪيترو پري آهن؟" ٿوانگ پڇيو

"هتان فرلانگ ڪن جي فاصلي تي آهن." لي جواب ڏنو.

"انهن کي اتي ڇڏجي يا سندن سامان بہ هِتي لڪائي ڇڏجي؟" ٿوانگ دريافت ڪيو.

"منهنجو خيال آهي تہ ٻيڙيون اتي وڏيڪ محفوظ آهن." لي وراڻيو.

"ٻيڙين مان سامان ڪڍڻ گهرجي. صبح جو فوجي وري هن جاءِ تي خبر چار لهڻ لاءِ ايندا." پروفيسر صلاح ڏني.

"لي ءِ منهنجي ڳولا جاري هوندي انهيءَ صورت ۾ اسين واپس بہ نڪا وڃي سگهون." وانگ پنهنجي راءِ ڏني ءِ ساڻين تائيد ڪئي.

لي، انهن کي ساڻ ڪري اڳيان هلڻ لڳو. جتي هڪ ٻيڙي ٻوٽن ۾ لڪل هئي. ان مان هٿيار جون پيتيون لاٿيون ويون ءِ کين بانسن جي گهاتي جهنگ ۾ لڪايو ويو. اهڙيءَ ريت ٻي ٻيڙي جيڪا اتي ويجهڙائي ۾ لڪائي ويئي هئي. ان مان بہ سامان ڪڍيو ويو ان ۾ پنج پيتيون هيون. جن ۾ دستي ءِ پلاسٽڪ جا بم پيل هئا. هڪ ۾ وڏي مشين گن پڻ هئي.

جڏهن هنن بانسن جي گهاٽن جهنگٽن ۾ آخري پيتيءَ کي لڪايو تہ صبح ٽيڻ جا آثار نمايان ٿي رهيا هئا.

ايتري ۾ شهر کان گگهو جو آواز ڪنين پيو.

"شايد ڪرفيون هٽايو ويو آهي." پروفيسر پنهنجوخيال ظاهر ڪيو.

"اسان کي واپس وڃڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانہ ٿيندي" لي چيو.

هو ٽڪا ٽڪا ٻيلي ۾ ليٽي پيا هئا. کين بک جو احساس بہ ٽيڻ لڳو هو. آهستي آهستي ڏينهن جي روشني بہ ڦهلجڻ لڳي هئي.

اوچتو پري کان هيليڪاپٽر جي ڙڙ ڙڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ آين. ٿوانگ هٿ سان کين لڪڻ جو اشارو ڪيو. هڙيئي وٽن جي گهاٽن جهنگٽن ۾ لڪي ويا.

پل کن هيليڪاپٽر ندیءَ جي ڪناري مٿان ڦرندو رهيو. هيليڪاپٽر جي پائلٽ سندس ٻيڙيون ڏسي ورتيون هيون.

ڪجهه دير ٻيڙيءَ جي مٿان اڏامڻ کان پوءِ شهر ڏي هليو ويو.

"ڏهن منٽن اندر لانچون وري ايندیون. هن پيري فوجي ڪناري تي به لهندي ويرمر نه ڪندا." پروفيسر خدشو ظاهر ڪيو.

"پوءِ چا ڪجي؟" وانگ پڇيو.

ڦوانگ ڪنهن اونهي سوچ ۾ غلطان هئي. ڪنڌ ورائي پويان نهاريندي چيائين، "اسان کي هتي ويجهڙائي ۾ نه لڪڻ گهرجي، جي فائرنگ وغيره ٿي ته بارود ڀاڻ جو خطرو آهي. پنهنجا پنهنجا هٿيار سنياليو ۽ اتر پاسي واري گهاٽن جهنگن ۾ ٽڪريءَ ڏي هليا هلو."

"اوهان؟" پروفيسر پڇيو.

"آءٌ هن جهنگٽي جي پوئين پاسي ٿي لڪان. منهنجي اشاري کان سواءِ ڪابه چرپر نه ڪجو.

ڇهه نوجوان هٿيار کڻي ڏسيل جاءِ ڏي روانا ٿيا. ڦوانگ مشين گن کنئي ۽ جهنگٽي جي پويان هڪ ننديءَ ڪڏ ۾ لڪي ويئي، جتان ڪنارو ۽ سؤ وال کن پري هو.

ٽڪري جي پويان پروفيسر، لي ۽ وانگ مشين گنون سنياليو تيار ٿيو وينا هئا، باقي ٽي نوجوان کانئن ڪجهه پري خودڪار رائفلون کنيو دشمن جي انتظار ۾ وينا هئا. ٿوري دير ۾ لانچن جي اچڻ جو آواز ڪنين پيئن.

آواز آهستي آهستي ويجهو اچي رهيو هو. نيٺ ۽ لانچون ڪناري تي اچي پهتيون. اوچتو فضا ۾ هيليڪاپٽر ۽ اچي ظاهر ٿيو. هوانهيءَ سڄي علاقي جي تحقيقات لاءِ آيا هئا.

سڄ اپري چڪو هوڏينهن جي روشنيءَ ۾ فوجين کان وڌيڪ خطرناڪ هيليڪاپٽر ٽي سگهيو ٿي. پروفيسر پريشانيءَ مان چؤطرف ڏٺو. انهيءَ ٽڪريءَ کان ڪجهه والن تي بانسن جو گهاٽو جهنگٽو هو. هن پنهنجي ساٿين کي ان ۾ لڪڻ جي هدايت ڪئي. هيليڪاپٽر کان لڪڻ ضروري هو. هو سڀ رڙهندا جهنگٽي ۾ غائب ٿي ويا. ڦوانگ ليٽئي ليٽئي کين ڏٺو ۽ سندن انهيءَ قدم جي ڪنڌ لوڏي تائيد ڪئي. هيليڪاپٽر ٻيڙين مٿان اچي ٻيٺو. ٿوريءَ دير ۾ لانچون ۽ اتي پهچي ويون. ٻنهي لانچن مان فوجي لٿا ۽ ٻيڙين جي تلاشي ونڻ بعد واپس

لانچن ۾ اچي ويٺا. لانچون ٽورو پوئتي هٽيون ۽ جنهن جاءِ تي گهاٽا جهنگ نه هئا، ان پاسي اچي بيٺيون. فوجي پاڻيءَ ۾ لهي ڪناري تي پهتا. تعداد ۾ پندرهن هئا. گهاٽن جهنگن ڏي نهاريندي، بانسن جي جهنگني ڏي آهستي آهستي وڌڻ لڳا...

ڦوانگ پنهنجو ساهه روڪي تيار ٿي ويني. فوجي آهستي آهستي سندس ويجهو اچي رهيا هئا.... پنجاهه ڪن قدمن تي بيهي رهيا ۽ بانسن جي ان جهنگني کي ڏسندا اڳيان وڌي ويا ۽ هيليڪاپٽر اڃا تائين سندن مٿان اڏامي رهيو هو. هو ڪجهه هيٺ ٿيو ۽ انهيءَ جهنگني مٿا لامارا ڏيڻ لڳو. ڦوانگ پنهنجو منهن پنن ۾ لڪائي ڇڏيو. ڪيس ائين محسوس ٿيو جڏ هيليڪاپٽر اتي ئي لهڻ جو ارادو ڪري رهيو هجي. گهٽي دير تائين ڦيرا ڏيڻ بعد هو واپس هليو ويو.

فوجي به پنهنجين لانچن ڏي وڃي رهيا هئا. ميربحرن جون خالي ٻيڙيون لانچن سان ٻڌي سوگهيون ڪيون ويون هيون، ان کان پوءِ لانچون شهر ڏي هليون ويون.

ڦوانگ تڏهن ساه ڪنيو ۽ منهن تان مٽي صاف ڪندي ندي ڏي غور سان ڏٺائين. لانچن جو آواز ڪافي پري کان اچي رهيو هو. ساڃي پاسي نظر ڦيرايائين...هڪڙيئي ساٿي ڏانهس اچي رهيا هئا. في الحال هٿيار محفوظ هئا، سندس منهن تي هلڪي مرڪ چانيل هئي.

"آءٌ هاڻ واپس وڃان ٿي، اوهان جي ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪرٽواٿم." ڦوانگ چيو.

"آءٌ به اوهان سان گڏ ٿو هلان." پروفيسر چيو.

" نه اوهين اِتي رهو. حالتن چڪاسڻ کان پوءِ ئي فيصلو ڪري سگهجي ٿو ان کان سواءِ اسان کي هٿيارن کي به جاءِ تائين پهچائڻو آهي. اوهين منهنجو انتظار ڪريو." اهو چئي هوءَ اٿي، مشين گن پروفيسر کي ڏنائين ۽ ڪپڙا چندي منزل ڏي راهي ٿي.

هڪڙيئي ساٿي ٻيلي ۾ انتظار ڪري رهيا هئا، بک ۾ سندن حال هيٺا ٿي ويا هئا. ليڪن ڦوانگ جي واپس موٽڻ جو ڪو پتو ئي نه ٿي پيو. اتڪل ٽين ڀڄي ڦوانگ جي پيڻ ۽ ٻارهن سالن جو هڪ ڇوڪرو مسين مسين ظاهر ٿيا. هنن پاڻ سان ميوات، مڇي ۽ ڊبل روٽي آندي

هئي. ماني ڪائيندي ڪين ڦوانگ جي پيٽ ٻڌايو تہ "رات جو ڏهين وڳين ڪرفيو شروع ٿيندو ان ڪان اڳ سامان ڪي جاءِ تي پهچائڻو آهي. ڪامريڊ لي ٻيلي ۾ رهي، باقي ساڻي فرلانگ فرلانگ ڪن جي مفاصلي تي بيهن. هر هڪ ساڻيءَ وٽ هڪ پيتي هئڻ گهرجي. وٽن جي جهڳٽن ۾ پنهنجو پاڻ ڪي ۽ هٿيارن ڪي لڪائڻو اٿوَ. سپ ڪان اڳ وانگ وڄي، وانگ ڪان پيتي وٺڻ وارو ڪو ٻيو ساڻي هوندو. وانگ ڪيس پيتي ڏيڻ بعد پوئين ساڻيءَ ڪان ٻي پيتي وٺندو ۽ پنهنجي پهرين جاءِ تي بيهي انتظار ڪندو. ائين سلسليوار هٿو هٿ هٿيار پهچائڻا آهن. جاءِ جو انتخاب ساڻين تي سندن ذميوار سان ڇڏيل آهي.

ٿوريءَ دير بعد وانگ پلاسٽڪ بمن جي پيتي ڪنئي ۽ ڦوانگ جي پيٽ ۽ چوڪري سان گڏ هلڻ لڳو. چوڪري گهرن ڏي هلي وئي. ڪجھ دير هلڻ بعد وانگ مقرر جاءِ تي پهتو. جتان ڪچا گهر ٻن فرلانگن جي مفاصلي تي هئا. اتي ناريل جا وڻ ۽ وڏو گاهہ هو جنهن ۾ لڪي ويهي رهيو. ويجهڙائيءَ ۾ ڪو بہ رستو نہ هو. چوڪرو ڪيس اتي ڇڏي واپس ويو. ٻن فرلانگن تي پروفيسر پيتيءَ سوڌو لڪو ويٺو هو. اهڙي ريت ٻن ٻن فرلانگن جي مفاصلي تي ساڻي پيتين سوڌا لڪا ويٺا هئا. چوڪرو وانگ کي پروفيسر جي جاءِ ٻڌائي پاڻ هليو ويو. شام ٿيندي ئي مال پهچائڻ شروع ٿي ويو ۽ جڏهن هو آخري پيتي ڪٽي منزل تي پهتا تہ گڳهوءَ جو آواز ڪنين پين... ڪرفيو لاڳو ٿي چڪو هو.

سنڌيڪار: پناه جگر سنڌي

ويٽ ڪانگ گوريلو

ڊونگ جي ڳوٺڑي ۾ جڏهن ويٽ ڪانگن جو دستو پهتو تہ پرجوش ۽ جانثار ڳوٺاٽن سندن ڏاڍو پرجوش ۽ پرخلوص استقبال ڪيو. ويٽ ڪانگن اڇ شرط بچاءَ جا مورچا ٺاهڻ شروع ڪيا ۽ زير زمين حفاظتي سرنگون کوٽڻ ۽ ڳوٺاٽن کي دشمن جي اوچتي حملي کان بچڻ لاءِ حفاظتي طريقا سمجهائڻ شروع ڪري ڏنا. ڪجهہ ڏينهن ۾ اهو ڪري، ويٽ ڪانگن جو اهو دستو ڪنهن مهم جي سلسلي ۾ ڏکڻ طرف هليو ويو. ان دستي جو هڪ گوريلو 'تران هو' ڳوٺ ۾ ئي مقيم رهيو. ڪيس مليل هدايتن موجب ٻئي ڏينهن ڳوٺ مان وڃڻو هو. ڳوٺ ۾ بچاءَ جا انتظام آخري مرحلن ۾ هئا. 'تران هو' کي ان ڪري ئي ڳوٺ ۾ رهڻو پيو هو. ويٽ ڪانگ دستي جي ڳوٺ مان اُسرڻ جي ڪجهہ دير بعد، آمريڪي ۽ سندس حمايتي فوج جي هڪ سڃي رجمنٽ ڊونگ وي ڳوٺ ۾ پهچي ويئي ۽ انهن بنا دير مدار جي "ختم" ڪرڻ واري مهم جو آغاز ڪيو.

هنن ڳوٺ جي پهرين چئن جهوپڑين مان ٻارن، عورتن ۽ پوڙهن مردن کي ٻاهر ڪيڍي، جهوپڑين کي بمن سان اڏائي ڇڏيو. ڳوٺاٽن کي ويٽ ڪانگن جي مزماني ڪرڻ جي سزا ڏني پئي وئي. ان حمايتي رجمنٽ کي هوائي جهازن ۽ ٻن درجن کان ٻہ وڌ هيليڪاپٽرن جي مدد حاصل هئي. رجمنٽ جي فوجين کا اها خاطري هئي تہ ڳوٺ جا ٻار پوڙها ۽ عورتون سندن ان ڪار گذاريءَ تي ڪيندا ٻہ ڪين، تنهنڪري هو انتهائي بي فڪرائي، لاپرواهي ۽ مزي مزي سان "ختم" ڪرڻي واري مهم ۾ مصروف رهيا. تران هو جڏهن دشمن طرفان ٽيندڙ اهو ظلم اکين ڏٺو تہ، ڪيس اهو فيصلو ڪندي ڪا ويرم

ڪانڌ ٿي تہ هو اڪيلي سر دشمن سان هٿ اٽڪائيندو ۽ پوءِ جيڪو ڪجھ ٿيندو تنھن کي مڙس ٿي منھن ڏيندو. ان وقت هو ڳوٺ جي ايرندي پاسي ڏي هو. هن انھيءَ پاسي جي هڙني ٻارن ۽ عورتن کي چيو تہ هو زمين منجھ ٽھيل سرنگن ۾ لڪي وڃن ۽ ٻاڻ ڳوٺ جي الھندي طرف وڌڻ لڳو. جتي فوجي جھوپڙين جي تلاشي ونڊ ۾ رڌل ھئا.

تران هو پنھنجي مورچي مان ڏٺو تہ 25 ڪن فوجي ھڪ جھوپڙيءَ ٻاھران بيٺا ھئا. ۽ ٿي جھوپڙيءَ اندر سامان جو جائزو ونڊي رھيا ھئا تہ. ڪھڙا ٽپڙ مال غنيمت جي لسٽ ۾ اچي ٿا سگھن.

تران هو موقعي جو فائدو ونڊندي. ھڪدم پنھنجي ننڍي مشين گن سان مٿن گولين جو وسڪارو لائي ڏنو. پنج فوجي تہ ٽڏي تي ئي ڍير ٿي ويا. چاريا پنج ڪن زخمي ٿيا ۽ باقي فوجي پنھنجي بچاءَ ۾ زمين تي ليٽي پيا. اڃان هو انھيءَ اچرج ۾ ئي ھئا تہ. مٿن دستي بمن جو وسڪارو ٿي ويو. اھا ھنگامي ڪاروائي ڪرڻ بعد تران هو ھڪدم ڳوٺ جي وچ واري حصي ڏي ڀڳو.

ھن ھڪ جھوپڙيءَ مان ڏٺو فوجي زخمين کي کڻڻ لاءِ الھندي ڏس ڏي ڊوڙي رھيا ھئا. ايتري ۾ فوجين جي ھڪ ٽرڪ اتي اچي پھتي. ھاڻي فوج ڳوٺ جو گھيرو ڪرڻ شروع ڪيو. ٽرڪ ۾ آيل فوجي ايجا ٽپو ڏيئي ھيٺ لھڻ وارا ئي ھئا تہ. تران هو پنھنجي پوري قوت سان مٿن دستي بم اڇليو. اڃان ان جو نڪاءَ ئي مس ٿيو تہ مٿن ٻيو بم اڇلايائين. ان سان گڏ پنھنجي رائفل جو سڄو پٺو مٿن ختم ڪيائين. فوجي خوفزده ٿي ھيڏي ھوڏي ٻڃڻ ۽ لڪڻ لڳا. زخمي دانھون ڪيڪون ڪرڻ لڳا. تران موقعي مان فائدو ورتو ۽ پوريءَ قوت سان ٽيون بم اڇلايائين. ٽرڪ مان باھر جا اُلا بلند ٿيڻ لڳا ۽ هو واپس ھڪ سرنگ ۾ داخل ٿي ويو.

اڃان سرنگ ۾ ٽورو مس ھليو تہ. ڪيس پنج ڇھ عورتون ۽ ٻار ملیا. جيڪي بيحد ڊنل ۽ خوفزده ھئا. انھن سان گڏ ھڪ پوڙھو ب بيٺل ھو.

"ڪاڪا! ھنن کي سرنگ مان ونڊي ڳوٺ کان ٻاھر ھليو وڃ." تران ڪيس چيو. پوڙھي ڊپ ۽ خوف وچان ھٿ جي اشاري سان ڳوٺ جي الھندي ڏس ڏي اشارو ڪيو. "اسان جا ٻار رھجي ويا آھن."

"اوهين انهن جو ڪوبہ فڪر نہ ڪريو. اوهين هنن هارن ۾ ماين کي ڇوٽ کان ٻاهر ڪڍيو ۔ دير نہ ڪريو." ائين چئي تران هڪدم الهندي طرف ڊوڙڻ لڳو. هڪڙي مورچي مان ڪنڊ ڪٽي اک ٽيٽ ڪيائين. فوجي انهيءَ حصي تي قابض ٿي ويا هئا. هڪڙيءَ جھوپڙيءَ مان باهر جا اُلا نڪري رهيا هئا. برندڙ جھوپڙيءَ کان ڪجھ والن جي فاصلي تي هڪ ٽٽل پت وٽ هڪ عورت ۾ ٻہ ٻار بيٺا هئا. سندن منهن موت جي ڊپ کان هيڏا ٿي ويا هئا. کانئن چند قدمن جي فاصلي تي هڪ بڪتربند لاري بيٺي هئي. لاريءَ تي ڪتل مشين گن جي پويان هڪ فوجي حڪم لاءِ تيار ٿيو بيٺو هو. فقط سندس مٿو ڏسڻ ۾ پئي آيو.

تران هڪ نگاهہ ۾ صورتحال جو جائزو ورتو ۾ اهو سوچندي تہ. عورت ۾ ٻار جيڪڏهن گولي جي آواز ٻڌڻ شرط پت سان لڳي ليٽي پيا تہ سندس زندگيون بچي سگهن ٿيون. هن بڪتربند گاڏي تي ويٺل فوجيءَ کي گولي جو نشانو بنايو. ان سان گڏ هڪ ٻئي پويان يڪا سارا تي بم اڇلايائين ۾ تيز تيز سيني ۾ رڙهندو ان پڳل پت جي پويان پهچي ويو. جتي عورت ۾ ٻار زمين تي اونڌي منهن ڪيو پيا هئا. تران ڪنڊ مٿي ڪري آس پاس جو جائزو ورتو. فوجي ٻئي طرف ڏڪندا پئي ويا ۾ بڪتربند لاريءَ مان باهر جا اُلا نڪري رهيا هئا. هن عورت جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۾ هوءَ سڃي ڪنبي ويئي.

"رڙهندي منهنجي پويان اچ. ٻارن کي ٻہ گهليو اچ!" تران سرگوشي ڪندي چيو.

هڪ منٽ اندر ٻار ۾ عورت پت جي ٻئي پاسي هئا. تران کين حفاظت سان سرنگ تائين پهچايو.

"رستي جي جاڻ اٿئي نہ. سڌي سڌي هلي وڃ ۾ ڇوٽ جي ٻيءَ ۾ وڃي نڪر. اتي ڇوٽ جا ٻيا ماڻهو ٻہ ڪنا ٽيل آهن."

انهن کي سرنگ ۾ چڙي پاڻ وري موٽيو. هاڻ هو هڪ وڻ جي اوٽ ۾ بيهي حالتن جو جائزو وٺڻ لڳو. فوجي پڳل پت تي گولين جو ڏوڙيو لايو بيٺا هئا. هو رڙهندو رڙهندو مورچي پيڙو اچي ٽيو.

اتان اڪ ٽيٽ ڪيائين. فوجي هاڻ باقائدي حملي ڪرڻ لاءِ مورچي ڏي وڌي رهيا هئا. هن ڪين مورچي ڏي اچڻ ڏنو ۽ جڏهن اهي ٽوري فاصلي تي اچي پهتا تہ دستي بم اڇلايائين ۽ مٽن رائفل سان گولين جو وسڪارو لائي ڏنائين. اهو ڏسڻ بنا تہ دشمن جو ڪيترو نقصان ٽيو آهي، هو اتان واپس مڙيو ۽ هڪ سرنگ ۾ داخل ٿي ويو. ڊوڙندو ان جاءِ تائين پهتو جتي بارود لڪايل هو. اتان ڪچ سارا دستي بم ڪٽي، چيلهہ سان ٻڌل پٽي ۾ لڳايائين ۽ هڪ مشين گن سان گڏ گولين جا 12 پٽا ڪلهي تي لٽڪائندو اتر طرف راهي ٽيو. ان طرف سرنگ هڪ وڻ ۾ ختم ٿيٽي هئي ۽ ان وڻ کي اندران پورو ڪري مورچو بنايو ويو هو. هو ان مورچي ۾ اچان ويٺو ئي مس تہ هيليڪاپٽر جو آواز ڪن تي پيس. اتفاق سان هيليڪاپٽر ان وڻ جي سامهون ڪليل ميدان تي لٿو. زخمين کي ڇوٽ مان ڪڍڻ لاءِ ڪيس گهرايو ويو هو.

تران ۾ منٽ ساهي پٽي ۽ جڏهن ڪجهہ فوجي زخمين سوڌا هيليڪاپٽر ڏي وڌيا تہ هن مٿانئن ڦڙتيءَ سان هڪ ٻئي پويان ٽي بم اڇلايا. هيليڪاپٽر جو عضوو نہ مليو عضوي کي. وڻ مان نڪري هو ڇوٽ ڏي وڌيو ۽ ڇوٽ جي وچ تائين پهچي ويو انهيءَ حصي تي دشمن اڪيون پوريو گولين جو وسڪارو لايو بيٺا هئا. اتان واپس موٽي اچي سرنگ پيڙو ٽيو ۽ ڪجهہ دير بعد سرنگ جي اپرندي پاسي کان وڃي نڪتو. هن پاسي جهوپڙين جي پوري قطار سڙي ٻري رهي هئي. ٻرندڙ جهوپڙين جي پويان هڪ ڪليل ٽرڪ تي وڏي مشين گن نصب ڪئي پئي ويئي. فوجين کي اڳيان وڌڻ جو حڪم ملڻ وارو هو مشن گن سنڀال بچاءَ لا نسب ڪئي پئي وئي. تران کي خيال آيو تہ پهرين اتان مشين گن کي تباهہ ڪجي، پر جتي پاڻ لڪل هو اتان مشين گن پري هئي، بم اوستائين نٽي پهچي سگهيو. هو جهڪندو جهڪندو اڳيان وڌيو ڪنڊ ڪٽي ڏنائين. مشين گن هلائڻ واري فوجيءَ جي ٽپڻ ٽانٽ ٽي سگهي ٽي. هڪ پيري وري فاصلي جو جائزو ورتائين. بم اڇلڻ بيڪار هو. فوجي اڳيان وڌي رهيا هئا. مشين گن اچان ماٺ ۾ هئي.

تران پنهنجي ننڍي مشين گن سنبالي پهرئي ٽرڪ بيئل فوجي کي نشانو بنايو ۽ اتان پڄي مورچي ڏي وڌندڙ فوجين کي مشين گن جي

گهيري ۾ وٺي، متن وسڪارو لائي ڏنائين. هن هڪ منٽ تائين گوليون هلايون، ان بعد مڙي ڪاهي پاسي ڏي وڌيو. ترڪ اڳيان وڌڻ لڳو ۽ ان جو رخ ڏانهس هو. مشين گن تي هڪ ٻيو فوجي بيٺل هو، جنهن فائر کولي ڇڏيو هو.

جڏهن ترڪ ويجهو آئي تہ بہ ڪيڊي پرپور طاقت سان متس اڇلايائين. پهريون بہ ترڪ جي ويجهو ڦاتو ترڪ سڄي لڏڻ لڳي. ٻيو بہ اڇلايائين ترڪ جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا ۽ اتان ڊوڙندو الهندي طرف وڌيو.

هيڏانهن تہ مات ميڙ لڳي پيئي هئي. ظاهر هو هن پاسي دشمن بلڪل ختم ٿي چڪو هو. اتان موٽي سرنگ جي ذريعي ڳوٺ جي ٻوپان پهتو. رستي ۾ ڪيس ڪوبہ ڳوناڻو نظر نہ آيو. هڙئي لڪل رستي ذريعي ڳوٺ کان ٻاهر جهنگل ۾ حفاظتي هنڌ تي پهچي ويا، جتي ڪين ڪوبہ خطرو نہ هو.

هن محاذ کي محفوظ ڏسي، هو وري اپرندي پاسي وڌيو. اڃا سرنگ ۾ئي هو تہ ڪيس مارٽرز جي گولن جا ٽڪاءُ ٻڌڻ ۾ آيا. ان جو مطلب اهو هو تہ دشمن مارٽرز ذريعي ڳوٺ جا خفيہ حفاظتي مورچا تباہ ڪرڻ ٿي چاهيا. تران هڪدم پٽيان موٽي ڳوٺ جي وچ واري حصي ڏي هليو آيو. هڪ زمين دوز ڪوٺيءَ ۾ ويهي رهيو. ڪوٺي جو رستو سرنگ ۾ ويو ٿي، ڪوٺي جي سوراخن مان ڏنائين، گهٽي ويران پئي هئي، جهوپڙين جي قطار ۾ ڪافي جهوپڙيون تباہ ٿيل نظر آيس. ڪجهہ دير ساهہ پٽيائين، پر سندس ذهن مسلسل اڳئين قدم لاءِ سوچي رهيو هو. ڳوٺ جي اپرندي پاسي مارٽرز جا گولا اڃا بہ وسي رهيا هئا.

سندس خيال هو تہ دشمن هن طرف ايندو. ٻنپهرن جا ٻہ ٽيا پئي، ڪيس بک جو احساس ٿيو. اوسي پاسي ڏنائين من ڪاڏي لاءِ ڪجهہ ملي. ميگزين جو جائزو ورتائين ۽ پنهنجي ننڍي مشين گن تي گولين جا پٽا چاڙهڻ لڳو. ڪوٺي جي سوراخ مان ٻاهر جو جائزو ورتائين.

گولن جو آواز بلند ٿي ويو هو تنهنڪري ڳوٺ ۾ قبرستان جهڙي خاموشي ڇانئجي ويئي هئي. اوچتو ڏنائين تہ هڪ ڪڪڙ سندس سامهون واري جهوپڙيءَ جي بند ٽيل ڇانڊ وٽ ڪوتاڙيو ڪرڻ لڳي ۽ اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڪڪڙ جي بي تابي ڏسي

تران جي منهن تي مرڪ ڄانئجي ويئي. سندس اندازو صحيح نڪتو. ڪابي پاسي جي جھوپڙين وٽان فوجي آهستي آهستي وڌي رهيا هئا. ڳوٺ جي الهندي ۽ ايرندي حصي تي مڪمل قبضو ڪرڻ بعد، هاڻ هو ڳوٺ جي وچ تي قبضو ڪرڻ لاءِ وڌيا پئي. تران پنهنجي ننڍڙي مشين گن کي چميو دشمن جڏهن سندس ويجهو پهتو تہ مٿن ڊز ڊز ٿي ويئي. ستن مان پنج اتي جو اتي ڊير ٿي ويا، باقي ٻہ پڇڙ جا تکا هئا. هڪ منٽ تائين جائزو ورتائين، ڪير ٻہ اڳيان نہ وڌيو هڪدم ڊڪندو ڳوٺ جي پوئين حصي ڏانهن آيو.

سرنگ جي منهن تان ڪک پن پاسيرا ڪري، آسي پاسي جو جائزو ورتائين. ٽورو پري هڪ فوجي ٽرڪ بيٺل هئي. ڀارنهن فوجي وٽن جي آس پاس زمين جو جائزو وٺي رهيا هئا. هو لڪل ڪاهين ۽ سرنگن جي تلاش ۾ هئا اتفاق سان سيني فوجين جو رخ ٻئي پاسي هو.

هن ٽرڪ جو نشانو بنائي، مٿس بم ڦٽو ڪيو ۽ اوچتو خوفزده ٿي پڃندڙ فوجين تي مشين گن سان گولين وسائڻ لڳو. ڀارنهن ئي فوجي ڏڪي تي ڏڪا ٿي ويا.

هو اتان واپس مڙيو ۽ ڳوٺ جي وچ واري حصي ۾ اچي پهتو. هتي بلڪل ماڻ ميڙ لڳي پيئي هئي، البت ايڪا تائين پنجن فوجين جا لاش پيل هئا.

انهيءَ حصي جو جائزو مڪمل ڪري ڏکڻ طرف وڌيو. ڳوٺ کان هڪ فرلانگ ڪن جي فاصلي تي پنج ٽرڪ ۽ ٽي بکتربند لاريون بيٺل هيون. اهي سندس ٻمن جي گهيري کان ٻاهر هيون ۽ مورچي مان نڪري مٿن حملو ڪرڻ گويا موت کي دعوت ڏيڻ جي برابر هو.

ڪجھ دير تائين ان مسئلي تي سوچيندو رهيو. آخر هڪ فيصلو ڪري اوسي پاسي نظر ڦيرايائين، ڪوبہ فوجي نظر نہ آيس. هو پنهنجي مورچي مان نڪتو ۽ گاهہ مان رڙهندو اڳيان بکتربند گاڏين ڏي وڌڻ لڳو. مٿن هڪبئي پويان ڇهہ بم اڇلايائين، ٽرڪن مان باهہ جا شعلا بلند ٿيڻ لڳا. واپس ورڻ لڳو تہ گولين سندس مٿي وٽان سون سون ڪندیون لنگهي رهيون هيون. هن پنهنجي مشين گن کي تيار ڪيو ۽ ٽرڪن جي پويان فوجين کي ڏسڻ لڳو. فوجي تيزيءَ سان

ڏانهس وڌي رهيا هئا. هن هڪدم مشين گن جو سهارو ورتو ۽ ڦرتائيءَ سان سجو پٽو متن خالي ڪري ڇڏيائين ۽ رڙهندو واپس ٽيڻ لڳو. اوچتو همراهه لاتون جيان ڦري ويو. هڪ گولي سندس ڪاپي ٻانهن مان آر پار ٿي وئي هئي. هاڻ هو تيزي سان اڳيان وڌڻ لڳو ۽ نيٺ پنهنجي مورچي تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ٻانهن ڏانهن توجهه ڏنائين، زخم معمولي هو. زخم تي ساڄي هٿ ۽ وات جي مدد سان جئين تيئن ڪري پٽي ٻڌائين. هاڻ رت بند ٿي ويو هو. اتان سڌو سرنگ جي ان حصي ڏي آيو جتي بارود پيل هو. اتان ڪافي تعداد ۾ بم ڪٽي وري انهيءَ مورچي ڏي آيو. ڪجهه فوجي سندس پيڇو ڪندي مورچي تائين اچي رسيا هئا. بنا دير متن ٻه ٽي بم اڇليائين ۽ اتان ڀڪندو ڳوٺ جي وچين حصي ۾ پهتو. هتي بلڪل ماٺ لڳي پيئي هئي، شام جا پاڇا ورڻ لڳا هئا، تران کي يقين هو ته دشمن رات جي اونداهيءَ ۾ اڳيان وڌڻ جي همٿ نٿو ڪري سگهي.

ڪجهه دير ساهي پٽڻ بعد اتان نڪتو ۽ سرنگ جي ذريعي ڳوٺ جي پوئين پاسي جهنگل ڏي وڌڻ لڳو. جتي ڳوٺ جا ٻار، عورتون ۽ پوڙها لڪل هئا. ايتري ۾ اتي ڳوٺ جا ٻيا نوجوان ويٽ ڪانگي ٻه پهچي ويا. تران کين ٻڌايو ته، هو ڳوٺ ۾ رات آرام سان بسر ڪري سگهن ٿا.

ويٽ ڪانگ نوجوانن سندس زخم کي ٻيهر صاف ڪري پٽي ٻڌي ۽ کيس کاڌي لاءِ چانورن جي رٻ ڏنائون. جيڪا تران خوش ٿي پيئڻ لڳو ان بعد هن ڪانئن موڪلايو ۽ پنهنجي خفيه رستي تان ٽيندو منزل ڏي وڌڻ لڳو. جتي سندس دستو ويل هو.

اڄ ٻه ڏونگ وي ڳوٺ جو ٻچو ٻچو "تران هو" کي سڃاڻي ٿو.

سنڌيڪار: پنهه جگر سنڌي

چوڏهن سالن جو ويڻڪانگ

ويٽ ڪانگ جي "ٽوور" صوبي ۾ آمريڪي آفيسرن پنهنجي رهڻ لاءِ هڪڙو ڳوٺ ٺاهيو هو جنهن ۾ 24 ڪلاڪ هٿيارن سان فوج تيار ويٺي هوندي هئي. هن ڳوٺ جو سڄو بندوبست ان فوج جي هٿ ۾ هو. ڳوٺ جي بچاءَ لاءِ ڳوٺ جي چوڌاري ڪنڊن وارين تارين جو لوڙهو لڳل هو ۽ چئني ڪنڊن تي پهري ڏيڻ لاءِ مورچا ٺهيل هئا. انهن مورچن تي اتي جي حڪومت جا سپاهي 24 ئي ڪلاڪ پيا پهرو ڏيندا هئا.

هڪڙو فوجي آفيسر ڏاڍو ظالم ۽ بدمعاش هوندو هو. ڳوٺ جي هڪ غريب هاريءَ کي ويٽ ڪانگي گوريلو سمجهندو هو. هو غريب هارين کي آهاني ٻهاني ڏاڍو ماريندو هو ۽ سندن زالن جي بيعزتي ڪندو هو. انهن ظلمن جي ڪري ڳوناڻن جي دلين ۾ هن فوجي آفيسر لاءِ ڏاڍي نفرت هوندي هئي، پر هو غريب هئا، ڪجهه بہ ڪري نٿي سگهيا، جي ڪا دانهن ڪوڪ ٿي ڪيائون تہ، پاڻ مٿن وڌيڪ ظلم ٿي ٿيا.

هڪڙي ڏينهن مٿيون فوجي آفيسر وڏي ڏبدبي ۽ رعب تاب سان ڳوٺ واري گس تان اچي لنگهيو. ساڳئي گس تان هڪڙو پوڙهو هاري پي آيو. هو تمام پوڙهو ۽ ڪمزور هو. تنهنڪري آهستي آهستي پي آيو. آفيسر کي هن پوڙهي تي ڏاڍا خار آيا تہ، 'هي پوڙهو مون کي ڏسي ايڏا بہ رستي جي وچ ۾ پيو اچي، هن جي ايڏي مجال آهي!' هن ويجهو اچي زور سان ويچاري پوڙهي کي چماٽ هنئي. پوڙهي پٽ تي وڃي ڦهڪو ڪيو. پويان پوڙهي جي جوان ڏيءَ پي آئي، تنهن پيءَ کي پٽ تي ڪرندو ڏسي ونئي ڊوڙ پاتي ۽ پاڪر پائي پيءَ کي اٺارڻ لڳي. آفيسر يڪدم چوڪريءَ کي گاريون ڏيئي ڪلهن کان ڏونڊاڙي چوڙ لڳو:

"توهان جو پيٽ پرجي ويو آهي، تڏهن پٽهين سيٽ ڪري وچ رستي تي پيو هلي. آءٌ توهان سيني جو ٽڪ مان ور لاهي ڇڏيندس."

ائين چئي چوڪريءَ کي وٺي جو ڏکو ڏنائين تہ انهيءَ بہ وڃي پٽ تي ڦهڪو ڪيو ۽ پاڻ ڪنڌ کي سيٽي وڄڻ لڳو.

هڪڙي چوڏهن سالن جي چوڪري، جنهن جو نالو آبوئي هو، تنهن اهو رنگ پريان ٻيئي ڏٺو سو تپي باهہ ٿي ويو. هن پنهنجي دل ۾ پڪو ڀهہ ڪيو تہ انهيءَ بدمعاش آفيسر کي جيئرو نہ ڇڏيندس. هاڻي هي سوچڻ لڳو تہ، 'هن کي ڪيئن پورو ڪريان' سو هي ڳوٺ ٻاهران، ڪنهن اهڙي اوزار جي ڳولا ڪرڻ لڳو، جنهن سان هن فوجي آفيسر کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏي. ڳولينديءَ ڳولينديءَ ٻئي ڏينهن هن کي آمريڪين جو هڪ بم لڏو. هي ڏاڍو خوش ٿيو. هن چا ڪيو جو جلدي جلدي اهو بم کڻي وڃي پنهنجي ڳوٺ جي ٻاهران لڪائي ڇڏيائين. هاڻي هو ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هو تہ ڪو وڃهہ ملي.

هڪڙي ڏينهن شام جو اهو ساڳيو آفيسر آمريڪي آفيسرن جي ڳوٺ مان ڪنهن ڪم سان شهر ٻئي ويو. آبوئي جي تہ خدا ٻڌي، هن سوچيو تہ هي ٻئي ڏينهن واپس موٽندو. چو تہ شهر ڳوٺ کان پري هو. آبوئي چا ڪيو جو صبح جو فجر ڏيئي ڳوٺ جي ٻاهران گس وٽ وڻن جي پويان لڪي ويهي رهيو. اتڪل ڏهين بجي ساڳيو آفيسر خودڪار رائفل ڪلهي تي لٽڪائيندو سگريٽ جا سوٽا ڪيندو لڏندو لڏندو اچي اتان لنگهيو. جتي آبوئي لڪو ويٺو هو. آبوئي وجهہ وٺي مٿس بم اڇلايو. فوجي آفيسر ٽڪر ٽڪرا ٿي مٽي اڏامڻ لڳو. آبوئي جهٽ ڏيئي آفيسر جي خودڪار رائيفل کڻي جهنگ ۾ گم ٿي ويو.

بم جي ڌڪاءَ تي جيسين ٻيا فوجي اچن ئي اچن، تيسين آبوئي تمام گهڻو پري نڪري ويو. هاڻ آبوئي ويٽ ڪانگ گوريلن کي ڳولڻ لڳو تہ جيئن انهن سان وڃي شامل ٿئي. هن سڄو ڏينهن جهنگ ۾ گوريلن کي ڳوليو. ڪيس پڪ هئي تہ گوريلا ڪٿي نہ ڪٿي ڪنهن ويجهيءَ ڇڪ ۾ لڪل هوندا. اڃا انهن خيالن ۾ پيڇرو وٽيو پي ويو تہ، اوچتي هڪل ٿي:

"رائفل ڪلهي تان لاهي پري اڇلاءِ." آبوئي يڪدم رئفل پري اڇلائي. وري ڪيس حڪم ٿيو: "پنيان ڪنڌ ورائي نهار." آبوئيءَ پنيان

ڪنڌ ورائي نهاريو. ڏنائين ته جوان ڇوڪري جنهن جي عمر اٽڪل 18 سال مس هوندي، سا رائفل سامهون جهليو بيٺي هئي.

ڇوڪريءَ پڇيس "ڪٽان پيو اچين؟"

"آءٌ هٿيارن واري ڳوٺ نمبر 3 مان پيو اچان. منهنجو نالو آبوئي آهي. آءٌ ويٽ ڪانگ گوريلن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پيو وڃان. مهرباني ڪري تون مون کي گوريلن جو ڏس ڏي يا مون کي انهن سان ملاءِ!"

ڇوڪريءَ غور سان هن ڇوڪري کي چتائي ڏنو ۽ چيائينس "وبجهو اڃا هيءَ رائفل توڪٽان آندي آهي."

آبوئي کيس سڄي ڳالهه سربستي ڪري ٻڌائي. ڳالهه ٻڌي ڇوڪري ڏاڍي خوش ٿي ۽ پوءِ کيسي مان هڪڙي بانس مان ٺهيل سيٽي ڪڍي وڄائڻ لڳي. ٻن منٽن کان پوءِ وٽن جي جهنڊ مان هڪڙو ڇوڪرو نڪتو جنهن جي هٿ ۾ پڻ رائفل هئي.

ڇوڪريءَ چيو "هي آبوئي آهي، پنهنجي گوريلا تحريڪ جو ميمبر ٿيڻ گهري ٿو. تون ڪيس وٽي وڃ."

آبوئيءَ چيو "آءٌ پنهنجي رائفل ڪٽي وڃان؟"

ڇوڪريءَ جواب ڏنو "ها پلي ڪٽي وڃ."

پوءِ آبوئي ويٽ ڪانگ گوريلي سان گڏجي روانو ٿيو. ڳچ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ڇڙا هڪڙي گهاٽي وٽن جي جهنڊ ۾ گهڙي ويا. پنجن منٽن کان پوءِ وڇي هڪڙيءَ لانديءَ جي اڳيان بيٺا. لانديءَ جي ٻاهران در وٽ هڪڙو پڪيءَ عمر جو ماڻهو بيٺو هو. آبوئيءَ جهڪي ڪيس سلام ڪيو ۽ ڪيس پنهنجي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ ڳوٺ جي ماڻهن تي ٿيندڙ ظلمن جو سربستو احوال ٻڌايائين.

هن ماڻهوءَ آبوئيءَ جي ٻٽي ٽپري ۽ کيس چيو: "پٽ، تون وطن جو بهادر آهين. هي وطن تو جهڙن پٽن جي هوندي ڪڏهن ٻه غلام ڪونه ٿيندو."

آبوئي ڏاڍو خوش ٿيو. انهيءَ ڏينهن کان وٽي آبوئي کي هٿيارن هلائڻ جي باقاعدي ٽريننگ ملندي هئي. هفتي ڪن کان پوءِ گوريلن جي ڪمانڊر آبوئي جي ڳوٺ ۾ رهندڙ آمريڪين تي حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ حملي جي اڳواڻي آبوئي پاڻ ڪئي حملو ڪامياب ويو. موٽندي مهل هارين ويٽ ڪانگ گوريلن جي مهماني لاءِ

ٻہ ڳوٺيون چانورن جون ڏنيون. آبوئي موٽندي مهل پنهنجي هڪڙي دوست کي ٻہ پاڻ سان وٺيو آيو. جيئن ان کي ٻہ گوريلا فوج جي دستي ۾ شامل ڪيو وڃي.

ٽورن ڏينهن کان پوءِ آبوئي هڪڙو آزموديگار ۽ دلير ويٽ ڪانگ گوريلو ٽي پيو. هو هر هڪ مهم ۾ شامل ٿيندو هو. ڪجھ وقت کان پوءِ ٽوور صوبي جي وڏيءَ چانوٽي تي حملي جون تياريون ڪيون ويون جڏهن سمورو انتظام پورو ڪيو ويو. تڏهن ويٽ ڪانگ گوريلن جو دستو چانوٽيءَ ڏانهن وڌڻ لڳو.

هنن هڪڙي وڏي ڳوٺ جي ٻنهي پاسن کان اوچتو حملو ڪيو. پوليس ۽ فوج واڙي ٽي ويئي. جيسين هو پاڻ سنيالين ٿي سنيالين، تيسين گوريلن مٿن قبضو ڪري ورتو. هاڻي ويٽ ڪانگ وري اڳتي وڌڻ لڳا. آبوئي کي پٺيان رهجي ويو هو سو ڊوڙندو پي آيو تہ جيئن تڪڙو وڃي گوريلن سان ملي، تنهن ڏٺو تہ فوجين جو هڪڙو پکو دستو گهٽيءَ مان ڊوڙ پائي نڪتو پئي. هن نڪا ڪئي هم نڪا تہ ٽيلهي مان بہ ڪيڙي مٿن اڇلائي، پاڻ پاسي واري گهٽي ۾ ڊوڙ پائي گهڙي ويو. هن پانيو تہ گهٽيءَ مان لوهہ پائي نڪري ويندس، پر جڏهن گهٽيءَ جي ڪنڊ تي پهتو تہ چا ڏسي تہ ٻارنهن فوجي ڏانهس وڌندا پئي آيا. آبوئي وري پوئتي موٽ ڪاڏي، هاڻ هن وٽ رڳو هڪڙو بہ وڃي بچيو هو. هن جهٽ ڏيئي اهو بہ مٿن اڇلايو. ٻہ فوجي ٽڏي تي مري ويا ۽ ٽي سخت زخمي ٿي پيا، پر آبوئي گولين لڳڻ ڪري سڄو پرڙ وانگر ٽنگ ٽي پيو. آبوئي آخري پساهن تائين بہ پئي وڙهيو هن مرڻ وقت بہ دشمنن جي پنجن فوجين کي ماريو ۽ ڇهن کي زخمي ڪيو.

اڄ ڏينهن تائين ويٽ ڪانگي گوريلا پنهنجي دستي کي آبوئي جي بهادريءَ جون ڳالهيون ٻڌائيندا آهن.

هنن پنهنجي دستي جو نالو "آبوئي" رکيو آهي.

آبوئيءَ جو نالو انقلاب جي تاريخ ۾ هميشہ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو.

سنڌيڪار: سلام

مڑيا متي مچ

هي ڏکڻ ويٽنام جي ميڪانگ ندي جي پاسي وارن سلون ميدانن ۾ آباد هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي انقلابي ڳوٺاڻن جي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي آمريڪي اخباري رپورٽر ۽ سياسي مبصر مالڪم براڪوني پنهنجي ڪتاب "نيوفيس آف وار" 'The new face of waar' ۾ لکي آهي. ليڪڪ هيءَ ڪهاڻي، ڏکڻ ويٽنام ۾ آزاديءَ جي جنگ دوران اتي وڃي خود مشاهدو ڪندي لکي آهي.

هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ اڳ ڪڏهن به ڪي اوپرا ماڻهو سير تفريح خاطر ڪونہ ايندا هئا. هتان جي غريب هاري ناري ۽ ڳوٺاڻن ماڻهن جي زندگيءَ جو چرخو هزارين سالن کان جيئن جو تيئن هلندو پيو آيو ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جو ڦيرو ڪونہ آيو هو.

شام ٽيڙ واري هئي. هاري پنهنجو هرن ۽ جوڙن سوڏو پنهنجن گهرن ڏانهن پئي موٽيا ۽ مينهون چري واپس پنهنجن وٽاڻن ڏانهن پئي وريون. گهرن ۾ چلهين مٿان ديگڙين ۾ چانور پئي رڌا ۽ هوا ۾ مڇيءَ جي هڪ خاص قسم جي خوشبو پئي آئي، جنهن کي ويٽنامي ماڻهو "نواڪ مام" چوندا آهن. سج لهڻ تي ئي هيو جو ڳوٺ ۾ ڏهه ڇٽا اوپرا مسافر اچي نڪتا. ڏهني ڇٽن کي ڪلهن تي بندوقون پئي لڙڪيون. اهي جيئن ئي ڳوٺ ۾ گهڙيا تہ انهن مان هڪڙي ڇٽي، جيڪو شايد انهن جو اڳواڻ هيو تنهن وڏي هڪ پوڙهي بزرگ ڳوٺاڻي کي مشڪندي سلام ڪيو ۽ سندس خير عافيت پڇي. پوڙهو ڪجهہ اڪٽي وڏي آيو ۽ مسافر جي ويجهو اچي هن سلام وراڻيو ۽ ڪائنڊ خير عافيت بابت پڇا ڪئي.

مسافر جڏي جي اڳواڻ جو نالو "ٽئان" هيو ۽ ڪيس مٿي تي هڪ وڏي تيلين جي ٺهيل ٽوپي پاتل هئي ۽ جسم تي هڪ ڪاري قميص هئي، جيڪا هڪ خاڪي فوجي سوٽ ۾ اندر وڏل هئي ۽ هن کي ٽائر ۽ چمڙي جو ٺهيل هڪ بوٽ پاتل هو سندس ڪلهي پويان هڪ رائفل پئي لڙڪي. ٽئان اڪثر ٽيهن سالن جو ڏهين، تيز ۽ گهرين نظرن وارو سنجيدو جوان پئي لڳو. انهن منجهان هڪ ٻئي نوجوان کي اڇي قميص ۽ ناسي سوٽ پاتل هيو. هن کي پڻ هڪ رائفل هئي، پر هو شڪل صورت ۽ پوشاڪ منجهان هڪ ڳوٺاڻو هاري نہ، پر هڪ غريب شاگرد پئي لڳو. باقي ٻين سمورن مسافرن کي ڪارا ويڪارا سوٽ ۽ هارين جهڙيون قميصون پاتل هيون، سندن مٿن تي ناريل جي وڻن جي ڍڳهن پنن منجهان ٺهيل ٽوپيون پاتل هيون ۽ انهن منجهان پڻ هر هڪ کي رائفل هئي. انهن سان گڏ هڪ نوجوان ڇوڪري بہ شامل هئي، جنهن جي عمر پنجويهن سالن جي لڳ ڀڳ هئي، هن کي پڻ هڪ ڪاري قميص ۽ ڪاري شلوار پاتل هئي ۽ پيرن ۾ ٽائر جي ربڙ جا بوٽ پاتل هئا. هن کي رائفل جي بجاءِ هڪ گٽار ڪلهن تي رکيل هو. سندن چهري مان سنجيدگي پئي ظاهر ٿي ۽ سندس وڏين سهڻين اکين منجهان خوشي، محبت ۽ پيار جو اظهار پئي جهلڪيو.

"چاچا! اسان ٻن ڏينهن کان ڪجهہ بہ نہ کاڌو آهي، اسان ڏاڍا بکايل آهيون، چا هتي اسان کي ٿورا چانور ملي سگهندا تہ جيئن اسان پنهنجو پيٽ پري سگهون! اسان ان جي بدلي خوشيءَ سان توهان وٽ ڪم ۽ مزدوري ڪرڻ لاءِ تيار آهيون." ٽئان پوڙهي کي عرض ڪندي چيو. ايتري ۾ ڪيترائي ڳوٺاڻا ٽئان ۽ سندس ساٿين جي چوڌاري ميڙ ڪري اڇي بيٺا.

"هائو توهان کي جيترو وٽي توهان پيٽ پري کائي سگهو ٿا، توهان اسان جا مهمان آهيو." پوڙهي وراڻو.

ويٺنامي ڳوٺاڻن جي اها مهمان نوازيءَ جي روايت آهي تہ سندن گهر مان ڪو بکايل مسافر تيستائين هرگز واپس نہ موٽي سگهندو آ، جيستائين سندس جوڳي مهمانداري نہ ٿيندي آهي. مهمانن جو آڏرياءُ ڪرڻ ۾ ويٺنامي هارين جون دليون نهايت ڪشاديون ٿيندڙيون آهن.

ان پوڙهي ڳوٺاڻن سان مهمان جي رهائڻ ۾ ڪاڏي وغيره جي انتظام بابت ڳالهايو. مسافر تمام گهٽو ٽڪل پئي لڳا. هنن پنهنجو رائفلون لاهي ناريل جي وڻن جي هيٺان ٽيڪ ڏئي بيهاريون.

"اسان توهان جا ٿورائتا آهيون" ٽئان چيو "صبح اسان هڪ ڳوٺ جي پرسان لنگهاسون ۾ اسان ڳوٺ وارن کان ٿورو کاڏو گهريو پر جيتوڻيڪ انهن وٽ ڪافي آن موجود هيو پر هو اسان کي اهو نه ڏئي سگهيا."

"چو؟" هڪ ڳوٺاڻي عجب مان پڇيو.

"اهائي ساڳي ڪهاڻي" ٽئان وراڻيو "آمريڪي هر شيءِ جي مٿان زهر هاري ويا آهن ۾ اتي کو به ماڻهو انهن زهريلن چانورن کي نٿو کائي سگهي، سواءِ هڪ خوفناڪ موت جو شڪاري ٿيڻ جي." ڳوٺاڻن مهمانن کي هڪ وڏيءَ لانديءَ ۾ اندر ويهاريو. تنهن کان پوءِ مهمانن لاءِ ڳوٺ جي ڪيترن گهرن مان کاڏو آيو. ماني کائڻ کان پوءِ ٽئان ۾ سندس ساٿين ان ماني جي ڏاڍي تعريف ڪئي ۾ ڳوٺاڻن جو ٿورو مڃيو. اهي جڏهن ماني کائي واندا ٿيا ته ڪيترا ئي ڳوٺاڻا سندن چوڌاري اچي ويٺا، جن ۾ جوان، پوڙها ۾ بار سڀ شامل هئا.

مسافر ڳوٺاڻن کي ملڪ جي مختلف ۾ ڏورانهن علائقن جون ڪيتريون ئي دلچسپ ۾ مختلف خبرون ٻڌايون، جن ۾ سائيگان جي وڏي شهر بابت به ڪيتريون دلچسپ ڳالهيون هيون. اهي انهن ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان ٻڌيون ان کان بعد ٽئان ۾ سندس ساٿين پنهنجي ساٿي نوجوان چوڪريءَ کي ڳوٺاڻن کي گٽار جي لئي تي راڳ ٻڌائڻ لاءِ چيو. نوجوان چوڪريءَ خوشيءَ سان ان ڳالهه کي قبول ڪيو. هن پنهنجو گٽار وڄائڻ شروع ڪيو ۾ ان جي لئي تي هن گيت ڳائڻ شروع ڪيا. سندس آواز نهايت منو سريلو ۾ پياروهيو ۾ سندس گيت نهايت دردناڪ ۾ ڏکويل هئا، اهڙا دردناڪ گيت ويتنام جا مهاڻا ماڻهو جڏهن اڪيلا پنهنجين ننڍڙين ٻيڙين ۾ سوار ٿي درياءَ ۾ مڇي مارڻ ويندا آهن، تڏهن ڳائيندا آهن. اهي ڏکويل گيت ٻڌي ڪيترن ڳوٺاڻن جون اکيون آليون ٿي ويون ۾ ماحول تي غمگيني ۾ ماٺ چانئجي وئي. ان محفل ختم ٿيڻ تي هڪ نوجوان شربت جون ڪجهه بوتلون آنديون، جيڪي مهمانن جي اڳيان پيش ڪيون ويون. ان ڳوٺ ۾ اڳ ڪڏهن

بہ اهڙي محفل ڪونہ ٿي هئي ۽ حقيقت ۾ اها هڪ ڏاڍي پر لطف گڏجاڻي هئي، جنهن مان ڳوناڻا ڏاڍو مطمئن ۽ خوش ٿيا.

رات ڪافي گذري چڪي هئي ۽ جڏهن ڪچهري ختم ٿي تہ، مهمانن موڪلائڻ ۽ پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، تنهن تي ڳوناڻن مان ڪجهہ ماڻهن هنن کي رات رهڻ جي آڇ ڪئي، جنهن تي هين بہ ڪيترن ماڻهن کين رهڻ لاءِ چيو.

"نہ مهرباني، اسان توهان جا ٿورائتا آهيون". ٽئان وراڻيو. "اصل ۾ اسان کي ڪنهن ضروري ڪم سبب هر حالت ۾ اڳتي وڃڻو آهي، اميد تہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ اسان توهان وٽ وري ٻيهر ايندا سون."

سيني کان موڪلائي مسافر پنهنجو رائفلون ڪٽي ڪلهن تي رکيون ۽ هو ڏسندي ئي ڏسندي رات جي گگهہ اونداهي ۾ غائب ٿي ويا.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ اهي ساڳيائي اوپرا مسافر وري هن ڳوٺ ۾ موٽي آيا. هن ڀيري اهي رات جو نہ، پر منجهند جو آيا هئا. ڳوناڻن خوشيءَ سان سندن آڌرياءُ ڪيو ۽ ڪائڻ لاءِ کين رڌل چانور پيش ڪيا.

"نہ مهرباني." ٽئان چيو "اسان ماني کاڌي آهي. اصل ۾ اسان ان ڪري موٽي آيا آهيون تہ جيئن توهان جي احسان جو بدلو لاهي سگهون. اسان گذريل ڀيري ڏٺو هو تہ توهان جي گهٽن گهرن جي حالت خراب آهي ۽ انهن جي مرمت جي ضرورت آهي، اسان انهن گهرن جي مرمت ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان اڳئين ڀيري اهو بہ ڏٺو هو تہ توهان جا ڪيترا ٻار بيمار هئا. مائي نگا، جنهن گذريل ڀيري توهان کي گيت ٻڌايا هئا، اها هڪ نرس آهي ۽ هن ڀيري ان توهان لاءِ ڪجهہ دوائون پڻ آندیون آهن."

هن دفعي ان نوجوان چوڪريءَ جي ڪلهن تي ڪٽار بدران دوائن جو هڪ ٿيلهو هيو ۽ سندس ٻانهن تي ريبڊ ڪراس جو ڳاڙهو نشان لڳل هو.

"اسان سيني جو فرض آهي تہ ڳوناڻن لاءِ جيتري محنت ۽ خدمت اسان کان پڄي سگهي اها ڪريون. اسان کي اهي ڳالهيون چڱيءَ ريت قومي آزادي جي محاذ ۾ سيکاريون ويون آهن." ٽئان پنهنجي ساٿين کي الڳ ڪري چيو.

نوجوان چوڪريءَ پرسان بيٺل ڪجهہ ٻارڻن منجهان هڪ ننڍڙي ٻار کي کڻي پنهنجي جهوليءَ ۾ ويهاريو جنهن جو منهن ملي ۽

ڦرڻين سان پريل هيو. نگا سندس مٿي تي هڪ چمي ڏني ۽ پيار سان سندس ڦرڻي مٿان ملم مکي. اهڙيءَ طرح نگا ٻين به ڪيترن ئي ٻارڻن کي دوائون ڏنيون ۽ سندن ملم پٽيون ڪيون.

مسافر منجهان پنج ڇٽا هڪ پوڙهي ماڻهوءَ ڏانهن وڌي ويا، جنهن بانس جي لڪڻن کي ڪٽي انهن مان پنهنجي گهر جي نئين ڇت پئي ٺاهي. "چاچا اسين توکي ڇت ٺاهڻ ۾ مدد ٿا ڪريون." انهن پنجن ڇٽن مان هڪڙي ڇٽي پوڙهي کي چيو ۽ سمورا هڪدم ڪم ۾ لڳي ويا ۽ وڏيءَ مهارت سان جلدي بانس جي لڪڻن کي ڪٽيندا، هڪٻئي سان جوڙيندا ويا. ٿورڙي ئي وقت ۾ هنن ڇت تيار ڪري ورتي. ٽئان سڄي ڳوٺ جي مختلف گهرن جي حالت ڏسندو رهيو ۽ ڳوناڻن سان نهايت پيار ۽ محبت سان ڳالهائيندو رهيو. مسافرن مان جيڪو نوجوان شاگرد پٽي لڳو اهو ڳوٺ جي نوجوانن سان ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

سڄي ڪم ڪار لاهڻ کان پوءِ اهو مسافرن جو جٿو ڳوٺ جي وچ ۾ هڪ لانديءَ ۾ اچي گڏ ٿيو.

"اسان کي هاڻي پنهنجي منزل طرف روانو ٿيڻ گهرجي." ٽئان پنهنجي ساٿين کي چيو "پر هلڻ کان اڳ اسان کي گڏجي هڪ گيت ڳائڻ گهرجي، آزادي جو گيت". ۽ ٽئان ڳوناڻن کي مخاطب ٿيندي چيو: "جيڪڏهن توهان مان ڪنهن کي اهو گيت ياد هجي ته اهو به اسان سان گڏ ڳائڻ ۾ شامل ٿي سگهي ٿو."

اوپرن مسافرن جون جٿو نهايت ضابطي سان هڪ گولائي ۾ ٿي بيٺو ۽ هنن گڏجي ڪورس جي انداز ۾ آزاديءَ جو گيت ڳائڻ شروع ڪيو. "ويٽنام مين بين...." (اسان جو پيارو ويٽنام زنده باد....) جيئن ئي ان ويٽ منهه جي پراڻي آزادي جي تراني جو آواز فضا ۾ گونجيو ته ڪيترائي ڳوناڻا جوش ۽ جذبات ۾ پرجي ويا ۽ سندن اکين ۾ ان جاتل تراني جي نئين چمڪ پيدا ٿي. اهو گيت جنهن کي اهي ڳوناڻا گهٽو عرصو اڳ ڳائيندا هئا، تنهن کي انهن سان 1954ع کان پوءِ وري پهريون دفعو هينئر ٻڌو هيو. گيت ڳائڻ کان پوءِ ڳوناڻن کان موڪلائي مسافر هڪ قطار جي صورت ۾ سارين جي فصلن جي وچان پنهنجي منزل طرف روانا ٿيا ۽ جلد ئي نظرن کان اوجهل ٿي ويا.

اهو اوپرن مسافرن جو جٿو در اصل ويٽنام جي آزاديءَ جي محاذ جو هڪ اسڪواڊ هيو جنهن جو مقصد هيو 'پنج ڏاهن ۾ پروپيگنڊا جو جٿو.'

اهو جٿو ٽئان جي اڳواڻيءَ ۾ وري ٻيهر هن ڳوٺ ۾ آيو ۽ هن دفعي اهي ڳوناڻن سان اڪي کان وڌيڪ رلي ملي ويا. اهڙيءَ طرح هاڻي هن جٿي جي مسافرن جو هن ڳوٺ ۾ گهٽو اڇو ويڙ ٽيڙ لڳو ۽ ٽوري ئي عرصي ۾ اهي مسافر هن ڳوٺ جي رهواسين لاءِ مسافر ۽ اوپرا نه پر جڻ خود هن ڳوٺ جا رهواسي بڻجي ويا. هنن ڳوناڻن سان نه ٽُٽڻ جهڙا پيار محبت ۽ خلوص جا رشتا جوڙي ڇڏيا هئا ۽ اهي ڳوٺ جي ٻڌن، ٻارن، جوانن ۽ عورتن سان اهڙو ته رلي ملي ويا هئا، جو اوپرائپ ڏاريائپ جو احساس ختم ٿي چڪو هو. نگا، گهٽو ڪري ڳوٺ جي سمورين عورتن سان ميل ميلاپ وڌائي ڇڏيو هو. نوجوان شاگرد وري ڳوٺ جي نوجوانن سان ڪچهريون ڪندو هيو ۽ هنن کي ويٽنام جي آزادي جي محاذ بابت ڳالهيون ٻڌائيندو هيو ۽ ويٽنامي عوام جي دشمنن آمريڪين جي ويٽنامي ماڻهن تي ٽيندڙ ظلمن جي داستانن کان کين واقف ڪندو هو. ٽئان ڪرڙوڌ ۽ ٻڌن ڳوناڻن جي ڪچهرين ۾ ويهي انهن سان ڳالهيون ٻوليون ڪندو هيو ۽ اهڙيءَ طرح ڳوٺ ۾ عورتن، نوجوانن ۽ ڪروڙوڌ ۽ ٻُڌن جون گڏجاڻيون ٽيڙ لڳيون. جن ۾ ٽئان ۽ سندس ساٿي کين ڪيترن ئي اهم مسئلن بابت ڄاڻ ڏيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪن خاص مسئلن بابت بحث مباحثو به ٿيندو هو. انهن گڏجاڻين ۾ ٽئان ۽ سندس ساٿين جون ڳالهيون مختصر، جامع ۽ مقصد واريون هونديون هيون.

ڏينهن پنڌاڻ ڏينهن گذرندا ويا ۽ ڳوناڻن ۾ ٽئان سندس ساٿين جي ڳالهين جو اثر وڌڻ لڳو ۽ هو انهن تي سوچڻ ۽ ويچار ڪرڻ لڳا ۽ ڪيترن کي انهن تي ويساهه اچڻ لڳو.

هڪ ڏينهن ٽئان ڳوٺ ۾ اعلان ڪرايو ته اڄ ڳوٺ ۾ هڪ وڏي گڏجاڻي ٿيندي، جنهن ۾ سڀني کي شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي. جڏهن مقرر وقت تي سمورا ماڻهو ڳوٺ جي وچ ۾ هڪ وڏي ڇني ۾ اچي گڏ ٿيا ته، گڏجاڻيءَ جي ڪاروائي شروع ٿي. سڀني کان پهريائين ٽئان تقرير ڪئي. هن چيو "ويٽنامي ماڻهن کي عوام دشمنن فرينچ

شيطانن کي تباهہ ڪري. پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪيڙ لاءِ هڪ وڏي عرصي تائين پنهنجو رت وهائڻو پيو. ويٽنامي ماڻهو پنهنجي آزاديءَ خاطر وڏي مڙسيءَ، همت ۽ بهادريءَ سان دشمنن خلاف وڙهيا ۽ بدقسمتي سان اها لڙائي 1954ع تائين جاري رهي. جڏهن عوامي فوج طوفاني حملا ڪري ڊين بين ڦو ۾ دشمن کي نيست ۽ نابود ڪري هڪ عظيم سوپ حاصل ڪئي، پر ايجان اها لڙائي ختم ئي مس ٿي ته مٽان اچي ٻيو دشمن ڪڙڪيو ۽ اهو دشمن هيو آمريڪا. جيڪو ويٽنام جي غريب ۽ بي وس عوام خلاف پنهنجا خطرناڪ بم، زهريلا جيوڙا ۽ خوفناڪ هٿيار ڪٽي آيو. پر اسان کي يقين آهي ته آزاديءَ جو محاذ هن نئين دشمن آمريڪا کي بہ فرينچن جئين تباہ ڪري ڇڏيندو. "داداؤ ماءِ!" (آمريڪا مرده بادا!) ۽ سيني ڳوٺاڻن گڏجي وڏو جوشيلو نعرو هنيو. "داداؤ ماءِ!" (آمريڪا مردبادا!) شاگرد پنهنجي تقرير ۾ چيو. "آمريڪي ويٽنام جي مختلف مذهبن جي وچ ۾ هڪٻئي خلاف سخت نفرت ۽ حقارت ڦهلائي رهيا آهن، ته جيئن عيسائي ۽ بڌ هڪٻئي جو رت وهائين ۽ ويٽنامي ماڻهو ويٽنامي ماڻهن کي تباهہ ڪن ۽ آمريڪي بگهڙ مزي سان اسان جو رت پي سگهن. ڇا توهان کي اها ڳالهہ پسند آهي؟" فضا ۾ پرپور نعرو گونجيو: "داداؤماءِ!"

نگا پنهنجي تقرير ۾ چيو. "منهنجي ٻيڙ کي جنهن جي عمر سورنهن سال هئي، هنن آمريڪي ڪتن ٻيانڪ موت جو شڪار بنائي ڇڏيو. هن وحشين ساڻس ٻياسي ٻيرا زنا ڪئي، تنهن کان پوءِ بيدرديءَ سان سندس ڇاتيون ڪٽي هڪ وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيون. مظلوم ويٽنامي عورتن جو آخري سهارو ۽ اميد صرف آزاديءَ جو محاذ آهي..... داداؤ ماءِ!"

انهن منجهان هڪڙي ماڻهوءَ جنهن کي گاه جي تيلن جي هڪ ٽڪنڊي ٽوپي پاتل هئي ۽ هڪ هاري پئي لڳو تنهن چيو. "جنگ آزاديءَ کان پوءِ ويٽ منهن پاران مون کي پندرهن ايڪڙ زمين جا ڏنا ويا هئا. مان ان زمين کي کيڙيندو ۽ کائيندو هوس ۽ منهنجي زندگي منهنجي زال ۽ ٻارڙن سان آرام ۽ سک سان پئي گذري. پر ڪجهہ وقت کان پوءِ هنن ظالم آمرڪين ۽ سندن چاڙتن مون کي زمين تان بي دخل ڪري لوڏي ڪيي ڇڏيو. منهنجي ٿو ڳوٺ ۾ آمريڪين اها زمين

هڪ وڏي زميندار کي ڏيئي ڇڏي ۽ مون وٽ هاٿي بک ۽ بيروزگاريءَ کان سواءِ ڪجھ به ناهي. ويٽنامي هاري جي آخري اميد صرف ويٽنامي آزاديءَ جو محاذ آهي.....داداؤ ماءِ!"

هڪ ٻي ماٿھو چيو "آزاديءَ جو محاذ ڏينھون ڏينھن سگھارو ٿي رھيو آهي ۽ هزارين ويٽنامي ان ۾ شامل ٿي رھيا آهن. دنيا جون سموريون امن پسند قومون ان کي ويٽنام جي صحيح نمائيندہ حڪومت تسليم ڪري رھيون آهن. رڳو آمريڪي ۽ سندن ڇڙتا اسان جي مخالفت ڪري رھيا آهن. سموري دنيا اسان جي طرف آهي... داداؤ ماءِ!" ڳوٺاڻن اوپرن جون ڳالھيون جوش، جذبي ۽ غور سان ٻڌيون. اھڙيءَ طرح اهو سلسلو جاري رھيو ۽ ٽئان ۽ سندن ساٿي اڪثر ڳوٺ ۾ اھڙيون ڪليل گڏجاڻيون ڪرڻ لڳا ۽ ماٿھن ۾ انھن ڳالھين ٻڌڻ جو شوق ۽ جذبو وڌڻ لڳو.

هڪ ڏينھن سانجھيءَ مھل، ٽئان ۽ سندس ساٿي ڪلندا ۽ خوش ٽيندا ڳوٺ ۾ آيا. هنن کي ايندو ڏسي ڳوٺاٽا خوشي وچان سندن چوڌاري مڙي آيا. ٽئان اڇڻ سان ئي ڳوٺاڻن کي چيو: "اڄ آءٌ توهان کي هڪ خوشخبري ٻوڌايان. اڄ آمريڪين ۽ سندن ڇڙتيءَ فوج هتان کان ويھ ڪلوميٽر پري هڪ ڳوٺ کي تباھ ڪرڻ پي چاهيو جنھن کي ڪجھ وقت اڳي ڳوٺاڻي ويٽنامي فوجن آزاد ڪرايو هو. پر دشمن فوجون ذليل خوار ۽ حيران پريشان رھجي ويون. لڙائيءَ ۾ بھادر ڳوٺاڻن ٽي سئو دشمن ماري وڌا، جن ۾ پنجاھ آمريڪي به هئا. دشمن کي نھايت بري شڪست نصيب ٿي ۽ سڀ پڇ اها هڪ شاندار لڙائي هئي." ٽئان ڳالھائيندي ڳالھائيندي سنجيدو ٿي ويو ۽ ائين لڳو جڻ ته ڪو ڪنھن گھريءَ سوچ ۾ ٻڏي ويو هجي. هن وري چوڻ شروع ڪيو "مون کي شڪ آهي ته هو وري موٽي ايندا ۽ مون کي ان ڳالھ جو ڏاڍ خوف آهي ته هو ھِتي به اچي سگھن ٿا. اسان کي ڪافي شيون درڪار آهن. جيڪي حاصل ڪرڻ ڪجھ مشڪل آهن." هن وضاحت ڪندي پنھنجي ڳالھ جاري رکي. "پر جيڪڏھن توهان اسان جي ٿوري مدد ڪريو ته هي ڏکيو ڪم آسان ٿي پوندو. ان ۾ ڪا لڙائي يا نقصان نه ٽيندو. اسان رڳو توهان کان ٿوري مدد چاهيون ٿا، جيئن اسان ڪم ۾ اڳ توهان جو هٿ ونڊايو هيو."

"اسان کي ڪهڙين شين جي ضرورت پوندي؟" هڪ ڳوناٽي ٽئان کان پڇيو.

"اسان کي پنهنجي بچاءِ لاءِ ڪجھ شيون گھرجن. سڀ کان پھرين اسان کي دشمن جي حملي کي روڪڻ ۽ کين ڦاسائڻ ۽ زخمي ڪرڻ لاءِ ڪجھ ڪوڙڪيون ۽ سيمنٽ جا ڪليون لڳل بلاڪ ٺاھڻا پوندا. اھي ٺاھڻ تمام سولا آھن. توھان ڪجھ عام لوھي ڪليون ڪٽي، انھن جو ڇھنبون تکيون ڪري، پوءِ انھن مان چار پنج ڪليون اڇيون ڪري، ھڪ سيمنٽ جي بلاڪ ۾ چنبڙايو. اھو ھڪڙو ھٿيار ھڪ ڀار ۾ ٺاھي سگھي ٿو. ڇا توھان مان ڪجھ ڀار پنھنجي مادرِ وطن جي بچاءِ خاطر اسان سان ڪم ۾ ھٿ ونڊائيندا؟" ٽئان ماڻھن کي ڪم جو طريقو سمجھائيندي ۽ ٻارن کي وطن دوستيءَ جو جوش ڏيارينديِ پڇيو.

ڪيترائي ٻار جوش وچان ميڙ مان نڪري قدم وڌائيندا اڳتي نڪري آيا ۽ ھنن پاڻ کي ڪم لاءِ ٽئان اڳيان پيش ڪيو. ٽئان ھنن کي ڳالھيون وڌيڪ سمجھايون ۽ ٻار ڪم ۾ جنبي ويا. ٽئان ۽ سندس ساٿي ٻہ ڪم ۾ مشغول ٿي ويا. جڏھن ٻارن ڪليون تکيون ڪرڻ خاطر ڪوئلن جي باھ ٻارڻ لاءِ ڏوڪيون پئي ڦوڪيون تہ ھنن خوشيءَ وچان ٽپا پئي ڏنا. ٽئان ۽ سندس ساٿين ڪيتريون سيمنٽ جون ٻوريون ٻہ آندیون ھيون، جيڪي ھنن دشمنن کان ڦريون ھيون ۽ جنھن جي مٽان ايجان تائين آمريڪي ٽپا لڳل ھئا. ٻارن لاءِ اھو سيمنٽ ھڪڙي انوکي شيءِ ھئي ۽ کين ان سيمنٽ مان بلاڪ ٺاھڻ ۾ ڏاڍو مزو پئي آيو. ٽئان ۽ سندس ساٿي ڳوناٽن کي اھو ڪم سمجھائي، پاڻ وري ڪنھن ٻئي پاسي ھليا ويا ۽ اھي ڪيترائي ڏينھن وري موٽي ڪونہ آيا.

آخر ھڪ ڏينھن ٽئان ۽ سندس ساٿي وري ڳوٺ ۾ موٽي آيا، پر ھن ڀيري ھو جڏھن موٽيا تہ سندن ھٽن ۾ ھڪ لاش ھيو. جڏھن ڳوناٽن لاش کي ڏٺو تہ ھو سڀئي ان جي چرگرد مڙي آيا. ٽئان کين ٻڌايو تہ "ھتان کان ڪجھ مفاصلي تي ظالم آمريڪي فوجن ھڪ ڳوٺ تي حملو ڪيو ۽ انھن ھن غريب ۽ بيگناھ عورت کي شھيد ڪري ڇڏيو. اسان کي ھن شھيد ۽ بھادر عورت کي شاندار نموني سان دفنائڻ

گھرجي". ڳوناڻا ٽئان جي اها ڳالھ ٻڌي ڪاوڙ ۾ لال ٽي ويا ۽ لاش جي اچڻ تي سمورو ڳوٺ آمريڪين خلاف ڪاوڙ نفرت ۽ غصي ۾ ٻرڻ لڳو. ڳوناڻن وڏي شاندار نموني سان ان بهادر عورت جي لاش کي دفنايو. تنهن کان پوءِ ٽئان سمورن ڳوناڻن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو. ٽئان هاڻي ڳوناڻن جو مقبول اڳواڻ بڻجي چڪو هو ۽ ڳوناڻا سندس هر ڳالھ ۽ حڪم جي پوئواري پاڻ تي فرض سمجهندا هئا.

هن تقرير ڪندي چيو "توهان سمورن کي اها ڳالھ چٽيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته دشمن هڪ ڏينهن ضرور هن ڳوٺ ۾ ٻه ايندا. کين اها خبر پئجي چڪي آهي ته، اسان سندن حملي کي منهن ڏيڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا آهيون ۽ کين اها ٻه خبر آهي ته اسين سندس ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار ڪيون ٿا. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي بچاءَ ڪرڻ خاطر پوريءَ طرح تيار رهڻ گهرجي. اسان پنهنجو بچاءَ آساني سان ڪري سگهون ٿا. بشرطيڪ اسان جون تياريون مڪمل هجن. جيڪڏهن اسان دشمن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار نه هونداسون ته اسان جو وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿيندو ۽ دشمن هتي اچي وڏي خونريزي ڪندو تنهن ڪري اسين مناسب ٿا سمجهون ته توهان کي پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪجھ اهم ڳالهين کان آگاهه ڪريون. پهريائين ته هو اچي توهان کان ٽيڪس ۽ اناج گهرندا. پر توهان کي اهي کين نه ڏيڻ گهرجن. ڇو ته اهي اسان جي شين کي اسان جي ئي خلاف استعمال ڪندا. توهان کين چئو ته سارين جون ٻوريون ڪوئا چٽ ڪري ويا آهن. توهان پنهنجو اُنَ ڳجهين جاين تي لڪائي ڇڏيو. ٻيو ته هو هتي اچي ڳوٺ جي نوجوانن کي زبردستيءَ پنهنجي فوج ۾ پرتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. اسان جي ڪيترن غيرت مند نوجوانن دشمن فوج ۾ پرتي ٽيڻ جي خوف کان پنهنجو آگريون ۽ آڱوٺا وڍي ڇڏيا آهن. پر ضروري ناهي ته توهان به ائين ڪيو. توهان مان جيڪي نوجوان آهن، انهن کي دشمن جي اچڻ کان اڳ ڳوٺ کان پري وڃي ڳجهين جڳهين ۾ لڪڻ گهرجي ۽ توهان نوجوانن جي اڳواڻيءَ ۽ رهبريءَ لاءِ توهان جو ڪو اڳواڻ هجڻ گهرجي...."

"زئان! ڇا تون اها ذميداري قبول ڪندين؟"

زنان جيڪو ڳوٺ جو هڪ عقلمند، سنجيدو ۽ جوشيلو نوجوان هيو تنهن اڳواڻيءَ جي ذميواري قبول ڪندي هاڪار ۾ جواب ڏنو. ان کان پوءِ ٽئان ڳوٺاڻن ۽ زنان کي ڪجهه وڌيڪ سمجهاڻيون ڏنيون ۽ کين تنظيم ۽ ضابطي جا اصول سمجهايا. ان گڏجاڻي کان پوءِ ٽئان ۽ سندس ساٿين ڳوٺاڻن ۽ نوجوانن کي باقاعدي عملي طرح انهن سمورين ڳالهين جا تجربا ۽ مشقون ڪرائڻ شروع ڪيون. اهي مشقون اهي هيون، جيڪي عام طرح ڳوٺاٽيون انقلابي فوجون ڪنديون هيون. هنن نوجوانن کي ٻيلي ۾ وڃي اتي ڳجهين جڳهين ۾ ٽاڪ ۽ مورچا ٺاهي، لڪي ويهڻ سيکاريو. هنن کين سارين جي فصلن ۾ لڪي ويهڻ ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻيءَ ۾ ٽٻي ڏئي اندر ويهي نلڪين ۽ گاه جي نڙين ذريعي ساه کڻي سگهڻ جي تربيت ڏني. هنن نوجوانن، پوڙهن، ٻارن ۽ عورتن جي مدد سان ڳوٺ جي چوڌاري زير زمين سرنگون کوٽڻ شروع ڪيون ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هنن ڳوٺ جي چوگرد سرنگن جو هڪ جار وڇائي ڇڏيو ۽ هنن کين انهن سرنگن ۾ لڪي وڃڻ ۽ ڏينهن جا ڏينهن انهن ۾ ساهه کڻڻ ۽ انهن اندر ويهي دشمن تي راتاها ۽ ڇاپا هڻڻ جي تربيت ڏني. هنن کين ڳوٺ جي چوگرد متيءَ جا ننڍا ننڍا بند ٻڌڻ سيکاريا. جيڪي عام زميني ٻنن ۽ پيچرن جي شڪل جا هئا. جن تي هنن ٻاڦ ۽ ڏود وڇائي ڇڏيو ۽ جڳهه جڳهه تي تيز چنهنبن وارا بانس جا لڪڑا مضبوطي سان سامهان ٽنبي ڇڏيا ۽ انهن کي گاهه ۽ تيلن سان اهڙيءَ طرح ته ڍڪي ڇڏيو. جيئن ڏسڻ وارو سمجهي ته عام رستو آهي. هنن ڳوٺ جي چوگرد ٻنين ۾ ڪِلين لڳل سيمنٽ جا بلاڪ پڻ وڇائي ڇڏيا. ٽئان ۽ سندس ساٿي ٻه ڳوٺاڻن سان گڏجي رات ڏينهن سخت ڪم ڪار ڪري رهيا هئا. هو ڳوٺاڻن کي سندن زمين ۽ گهر جي ڪمن ڪارين ۾ پڻ هٿ وندائي رهيا هئا. ٽئان ڪم ڪندي ڳوٺاڻن کي ٻڌائيندو هو ته. "اوهان جي محاذ ۾ هڪ چوٽي سکيا هياسون ته. "ٽام ڊونگ اسان جو بچاءَ ڪندو." ٽام ڊونگ جي معنيٰ آهي، "خيال ۽ عمل جي هڪجهڙائي." اسين ڪم گڏجي ڪريون ٿا، اسين گڏجي کائون ٿا، اسين گڏجي رهون ٿا، پر اسان کي وقت اچڻ تي گڏجي وڙهڻ ٻه گهرجي."

ڳوٺاڻن جون اهي مشقون ۽ تربيتون جاري رهيون. هو اڪثر مشقون ڪندي قومي گيت ڳائيندا هئا ۽ گڏجي "داداؤ ماءِ" ۽ "ويٽنام زنده باد" جا نعرا هڻندا هئا.

هڪ ڏينهن ٽئان ڳوٺاڻن ساڻين کي چيو ته، "اسين چاهيون ٿا ته توهان اهڙا پاڙ پرا ٿي وڃو جو جيڪڏهن اسان ڳوٺ ۾ نه هجون، ته به توهان پنهنجي سِر مڙسي ڪري دشمن سان مقابلو ڪري سگهو. زٽان! تون ۽ تنهنجا ساٿي سخت جان ۽ بهادر آهيو. اها ڳالهه ڪيڏي خراب ڳالهه چئبي، جو دشمن ڪتن جيان توهان جي پويان نوس نوس ڪندا اچن ۽ توهان پنهنجي جان بچائڻ ۽ پڇ پڇان ۾ پورا هجو؟" زٽان هاڪار ۾ ڪنڊ ڏوٽيو ته، واقعي اها ڳالهه خراب چئبي. ٽئان چيو "پر اها ڳالهه ڪيڏي نه سني ٽيندي جيڪڏهن توهان سمورن وٽ به هڪڙيون رائفلون هجن ۽ هر هڪ جي چيلهه ۾ هڪ پستول ٻڌل هجي."

زٽان جيڪو اڃان سترنهن سالن جو هو تنهن هاڪر ۾ ڪنڊ ڏوٽيو. هن جڏهن کان ٽئان ۽ سندن ساٿين جي ڪلهن تي اهي چمڪندڙ رائفلون ڏٺيون هيون، تڏهن کان کيس شوق پيدا ٿيو هيو ته جيڪر کيس به هڪ رائفل هجي. سندس دلچسپي ڏسي ٽئان وراٽيو "اهو جذبو ۽ شوق سٺو آهي، پر بدقسمتيءَ سان عوامي ڳوٺاڻين فوجن وٽ ڪي واڌو رائفلون بچت ۾ ڪين آهن. اسان کي پنهنجي استعمال جي هر شيءِ پاڻ ٺاهڻي ۽ حاصل ڪرڻي پوندي ۽ اڪثر شيون ۽ هٿيار دشمن کان ڦرٽا پوندا. اسان کي في الحال پنهنجي گهريلو هٿيارن مان ڪم وٺڻو پوندو. اسان توهان کي تلوارون ۽ خنجر ٺاهڻ سيکارينداسون جيڪي اڃ هوند کان چڱا آهن. اسين هٿ جا بم ٺاهي سگهون ٿا."

ٻئي ڏينهن ٽئان نوجوانن کي هٿيار ٺاهڻ سيکارڻ شروع ڪيا ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ هنن وٽ ڪافي هٿيار موجود هئا. هاڻي نوجوانن پنهنجن ٺهيل تلوارن سان روزانو صبح جو فوجي پريڊ ڪرڻ شروع ڪئي، هنن ڳوٺ جي اڀيان هڪ ميدان ٺاهيو جنهن جي وچ ۾ هنن هڪ جهنڊو کوڙيو اهو جهنڊو قومي آزادي جي محاذ جو هيو جيڪو ہن رنگن: ڳاڙهي ۽ نيري رنگ جو ٺهيل هيو ۽ سندس وچ ۾ هڪ پيلو ستارو هيو. نوجوان روز صبح جو ضابطي سان قطارون ٺاهي، ان جهنڊي

اڳيان پريڊ ڪندا هئا، جهنڊي کي سلامي ڏيندا هئا ۽ قومي ترانو ۽ گيت ڳائيندا هئا.

هڪ ڏينهن صبح جو سوير ٽئان ۽ سندس ساٿي ڳوٺ ۾ آيا. انهن سان گڏ هڪ قيدي هيو جنهن جا هٿ هنن سندس پٺيءَ پويان ٻڌي ڇڏيا هئا ۽ سندس ڳچيءَ ۾ هڪ رسو وجهيو ڪيس گهليندا ٿي آيا. اهو چاڙتي ڊيم حڪومت جو مڪاني ضلعي عملدار هيو. سندس جسم جي گهٽن حصن تي زخمن جا نشان هئا ۽ جڳهه جڳهه تان رت پئي ٽميو سندس خاڪي فوجي وردي ڪيترين جڳهن تان ڦاٽل ۽ چيڙون چيڙون هئي. ٽئان جي ٽن ساٿين هن کي نفرت وچان گهلي وڃي جهنڊي جي هيٺيان اُڇلايو.

"ساٿيو! هيڏانهن اچو. مان اوهان کي هڪ عوام جو دشمن ڏيکاريڙ ٿو چاهيان". ٽئان رڙ ڪري ڳوناٽن کي سڏيو ۽ سندس سڏ تي ڳوناٽا انبوهن جي صورت ۾ اچي جهنڊي جي چوڌاري مڙيا. ٽئان ماٺهن کي مخاطب ٿيندي چيو "هي ماٺهو آمريڪي ايجنٽ ۽ سرڪاري چاڙتو ضلعي جو ليفٽيننٽ نگوين ٽائو آهي. اسان هن کي ان وقت پڪڙيو جڏهن گذريل رات هن ۽ سندس فوجي ڪتن هتان کان ڪجهه پنڌ پري هڪ ڳوٺ مٽان چاپو پئي هنيو. هي ڳوناٽن ماٺهن کي زبردستي گرفتار ڪري آمريڪي چاڙتي فوج ۾ پرتي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا هئا ۽ ڪانئن ٽيڪس گهري رهيا هئا. پڪ سان توهان سمورا هن بدمعاش کي چڱي نموني سڃاڻندا هوندؤ ڏسو هن جا ڪيسا اڇان تائين انهن پئسن سان ٽمٽار لڳا پيا آهن، جيڪي هن توهان کان ۽ ٻين غريبن ماٺهن کان ڦريا آهن.

ڳوناٽا قيدي کي نفرت ۽ ڪاوڙ وچان ڏسي رهيا هئا، چو ته هو ڪيس سڃاڻي رهيا هئا ته هي اهو ساڳيو عملدار آهي، جيڪو اڇي ڪانئن ٽيڪس اڳاڙيندو هو.

"اسان هن عوام دشمن ماٺهو کي ڪيترا موقعا ڏنا ته جيئن هو سڌري وڃي ۽ اسان ڪيس چٽاءُ بہ ڏنو هو ته پنهنجين عوام دشمن حرڪتن کان باز اچي". ٽئان ماٺهن اڳيان وضاحت ڪندي چيو "پر آزادي جو محاذ رڳو انهن ماٺهن تي رحم ڪري سگهي ٿو جيڪي پنهنجين عوام دشمن سرگرمين کان باز اچن ۽ عوام جي طرف هجن،

پر هي عوام جو دشمن آهي ۽ آمريڪي ڪتو آهي. ڪيس ڪيل ڏوهن جي سزا ضرور ملڻ گهرجي." ائين چئي ٽئان قيدي جي پرسان بيٺل ٻن ماڻهن ڏانهن اشارو ڪيو. انهن مان هڪڙي پنهنجي چيلهه مان هڪ چمڪندڙ خنجر ڪڍيو ۽ ضلعي عملدار جي سامهون اچي بيٺو. پهريائين هن ڪيس نفرت وچان منهن ۾ ٽڪ هنئي ۽ پوءِ يڪدم خنجر سان لڳاتار سندس پيٽ ۾ پنج وار ڪيائين. ڏسند ئي ڏسندي سندس آنڊ اچي ٻاهر پيا. ٻئي ماڻهوءَ کهاڙيءَ سان ئي ڏڪ سندس ڳچي ۾ هنيا ۽ سندس منڊي مٿيءِ ۾ ليٽڻندي وڃي پيرن ۾ پئي. ٽئان ٻن نوجوانن کي مخاطب ٿيندي چيو ته "هن جو لاش کڻي وڃي ڪنهن هنڌ ڪڏ ڪوٽي پوري چڏيو پر سندس مُنڊيءَ کي اتي ئي رهڻ ڏيو اسان ان کي سندس ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ موڪلينداسون ته جيئن ٻيا ب عوام دشمن ماڻهو ان مان سبق سکن. اهو انهن لاءِ چتاءُ هوندو." ٽئان جو لهجو هن پيري نرم ۽ سنجيدو نه، پر سخت ۽ ڳورو هيو هو هن وقت عرض نه پر حڪم ڪري رهيو هو. ٻنهي نوجوانن لاش کي گهلي وڃي هڪ ڪڏ ۾ اڇلايو.

هڪ رات جڏهن ٽئان ۽ سندس ساٿي ڳوٺ ۾ ڪونه هئا ته، دشمن فوجن ڳوٺاڻن کي هيسائڻ لاءِ پري کان ڳوٺ مٿان گوليون هلايون ۽ گولا اڇلايا، جنهن ڪري هڪ مرد، ٽي عورتون ۽ ٻه ٻار ٽڏي ٽي شهيد ٿي ويا ۽ ڪيترا زخمي ٿيا ۽ ڳوٺ ۾ هراس ڇانئجي ويو.

صبح جو سوير ٽئان ۽ سندس ساٿي جيئن ئي ڳوٺ ۾ موٽي آيا ته، ڪين رات واري حادثي بابت خبر پئي.

"اها نهايت خطرناڪ ڳالهه آهي". ٽئان ڳوٺاڻن کي مخاطب ڪندي چيو "پر اسان کي ڊڄڻ نه گهرجي ۽ اسان کي دشمن جي هر ظالماڻيءَ ڪاروائيءَ جي خبر ٻين ماڻهن تائين پهچائڻ گهرجي. هر ڳوٺ جي سمورين عورتن کي ٻين عورتن سان گڏجي چنچر ڏينهن ار احتجاجي جلوس ۾ شامل ٿيڻ گهرجي، جيڪو آمريڪين ۽ سندر چاڙتي ڊيم سرڪار جي ظلم ۽ تشدد خلاف ڪڍيو ويندو. جنهن ۾ ڏهه هزار عورتون شريڪ ٿيندیون، جيڪي هٿن ۾ احتجاجي بئنر ۽ پوسٽر کڻي ڳوٺن ۾ ٽيل ان ظلم ۽ تشدد خلاف احتجاج ۽ مظاهرا ڪنديون

مائي نگا توهان کي سموري پروگرام بابت تفصيلي طرح ٻڌائيندي، اسان توهان کي شهر تائين پهچائڻ جو انتظام ڪنداسون ۽ توهان کي ٻيڙيون پڻ مهيا ڪنداسون. دشمن اسان جي رستي ۾ رڪاوٽون ڪڙيون ڪندو، پر توهان کي ان کان ڊڄڻ نه گهرجي. اهي ماڻهن جي نفرت کان ڊنل آهن. ڇو ته انهن مظلوم ۽ بيوس عورتن مٿان وحشيانا ظلم ڪيا آهن. توهان مان جن کي ننڍڙا ٻار آهن، اهي انهن ٻارن کي به ساڻ کڻي هلن ۽ انهن ٻارن کي پڻ هٿن ۾ پوسٽر ۽ بئنر ڏين."

پروگرام موجب ڪوناٽيون عورتون پنهنجن ننڍڙن ٻارن سميت احتجاجي جلوس ۾ شامل ٿيون. عورتن ۽ ٻارن جي هٿن ۾ آمريڪين جي ظلم ۾ تشدد خلاف سادي ڪپڙي ۽ پاڻي تي لکيل پوسٽر ۽ بئنر هئا. عورتون جلوس سان هلندي پنهنجين شهيد ٿي ويل پيئرن ۽ مردن لاءِ اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي هلي رهيون هيون. اهو ڏاڍو دردناڪ منظر هيو. جنهن هر ڪنهن ڏسڻ واري جي دل کي ڏکوئي ٿي وڌو. جلوس شهر جي سمورن رستن ۽ چونڪن تان گذريو ۽ هنن بهادر عورتن هر ويٽنامي شهرين تائين پنهنجي مٿان ٿيل ظلم ۽ تشدد خلاف آواز پهچايو ۽ احتجاج ڪيو. پوليس زبردستيءَ عورتن کي چڙوچڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ ان ۾ ناڪام ٿي.

ٽئان ۽ سندس ساٿي ان وقت جلوس سان گڏ شهر ۾ ڪونه هئا، پر هو ان وقت ڳوٺ ۾ ڳوناٽن سان هڪ نئين منصوبي جي رٽابندي بابت صلاح مشوري ڪرڻ ۾ رڌل هئا.

"اسان لاءِ هر وقت دشمن جي حملي ۽ خطري کان بچڻ ۽ پنهنجو دفاع ڪرڻ ئي ڪافي نه ٿيندو." ٽئان جهنبي هيٺان ٻيٺي پنهنجي چٽي ۽ ڳوري آواز ۾ ڳوناٽن کي سمجهائي رهيو هو "پر جڏهن به موقعو ملي ته اسان کي دشمن تي وار ڪرڻ ۽ کيس نقصان رسائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهو اسان جو فرض آهي ته جنهن حد تائين اسان کان پڄي سگهي ۽ جڏهن به اسان کي موقعو ملي ته اسان طاقت ۽ تشدد ذريعي پنهنجي وطن جو بچاءُ ڪيون. پر ان مقصد خاطر اسان کي هٿيارن ۽ ويڙهو ماڻهن جي ضرورت آهي. مان ڄاڻان ٿو ته توهان ۾ ڪيترا اڻا سورما آهن، جيڪي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن.

مثال طور هي ڏاڻ آهي." ٽئان ڏاڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. ڏاڻ جواب ۾ فوجي انداز ۾ سڏو ٿي ڪيس سيلوٽ ڪيو.

"اڄ رات تون پنهنجي دستي کي تيار رکج. ڇاڪاڻ ته جو اڄ اسان کي هڪ نهايت اهم ڳجهي گڏجاڻي ڪرڻي آهي، جنهن ۾ اسان کي هڪ تمام ضروري ۽ اهم مسئلي بابت ڳالهه ٻولهه ڪرڻي آهي. وقت اچي ويو آهي ته پنهنجي همت ۽ عزم ثابت ڪريون." ٽئان ڏاڻ کي مخاطب ٿيندي چيو.

ڏاڻ بلڪل فوجي انداز ۾ تير جيان سڏو اٽينشن ۾ بيٺو هيو. هن پنهنجي دل ۾ سوچيو ته هو روز صبح جو جيڪا تلوار سان پريڊ ڪندا آهن، ان جي مقصد ۽ نتيجي حاصل ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي ۽ هاڻي کين بي خوفي ۽ دليريءَ جو مظاهرو ڪرڻو آهي ۽ هرگز پوئتي هٽڻو نه آهي.

رات جو اٺين وڳي ڏاڻ ۽ سندن دستي جا ٻيا 9 نوجوان جيڪي هينئر ڳوناٽي مليشيا جا سپاهي بڻجي چڪا هئا، هڪ اڳواٽ مقرر ٿيل گهر جي هڪ ڪمري ۾ اچي گڏ ٿيا، جيڪو ڪاٺين ۽ تيلين جو ٺهيل هيو. ڪمري جي وچ ۾ هڪ ٽيبل رکيل هئي، جنهن تي هڪ ميڙ بتي ٻري رهي هئي ۽ پرسان ڪجهه شربت جون بوتلون به رکيل هيون. روشني کي ٻاهر وڃڻ کان روڪڻ خاطر پتين جي وٽين کي ڪپڙي جي اڳڙيءَ سان بلڪل بند ڪيو ويو هو. ڪمري ۾ هڪ ٻي ٽيبل به رکيل هئي، جنهن جي وچ تي هڪ ٽين جي وڏي تاس ۾ مٽيءَ مان ٺهيل ڪجهه ماڊل جي نموني جون ننڍڙيون جاين ۽ وڏا ٽنيا ٺهيل هئا. ڪمري ۾ ٽئان سان گڏ ٻه ٻيا ماڻهو به هئا، جيڪي هن ڳوٺ ۾ اڳ ڪڏهن به ڪونه آيا هئا، اهي فوجي ماڻهو ٿي لڳا.

وچ ۾ رکيل وڏي ٽيبل مٿان جيڪو مٽيءَ جي پتين ۽ ٽنين جو ٺهيل ڏانچو رکيل هيو اهو هڪ سرڪاري فوجي چوڪي جي ماڊل جو نمونو هيو. ان مٽي جي ماڊل ۾ هڪ طرف ڪجهه ڪمرا ٺهيل هئا، ٻي طرف فوجي بيرڪن جيان ڪجهه ڪوٺيون ٺهيل هيون. هڪ ڇڪ مٿان سرڪاري فوجن جو جهنڊو پئي لڏيو ان عمارت جي ٽنهي

ڪنڊن وٽ وڏا ٽاور يعني ٽنيا ٺهيل هئا. ان پوري عمارت جي ماڊل کي چوڌاري ٽلهي ڏاڪي جي ٽن قطارن سان بند ڪيو ويو هو. اهي ڏاڪا فوجي چوڪي جي ٻاهرا لڳل نوڪدار ترن کي ڏيکارڻ لاءِ لڳايا ويا هئا. اهو مڪمل طرح سان جڙ تہ هڪ ٻاهرين سرڪاري فوجي چوڪيءَ جو نقشو هيو.

جڏهن سمورا نوجوان اچي پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي ويٺا تہ سيپ کان پهريان ٽئان شروعات ڪئي: "پيارا ساٿيو! اهو ڏسي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ توهان وقت جا پابند آهيو. اڄ رات اسان کي هڪ تمام اهم مسئلي بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻي آهي. هي ٻہ نوان ساٿي جيڪي اوهان ڏسي رهيا آهيو اهي عوامي فوج ۽ قومي آزادي جي محاذ جا سپاهي آهن ۽ هي اسان کي اڄوڪي بحث هيٺ ايندڙ مسئلي بابت وڌيڪ تفصيلي ڄاڻ ڏيندا. توهان کي ڪنهن بہ ڳالهہ کان گهبرائڻ نہ گهرجي. هي هڪ عمدو ۽ خوشيءَ جو موقعو آهي ۽ هي هڪ سٺي ۽ مزيدار گڏجاڻي آهي. اچو تہ مسئلي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان اڳ هن خوشيءَ جي موقعي تي شروعات هنن بوتلن ۾ پيل شربت جي پيئڻ سان ڪريون".

انهن بوتلن ۾ چانورن منجهان ٺهيل تيز خوشبو وارو هڪ خاص قسم جو شربت پيل هيو جنهن کي ويٺنامي ماڻهو ڏاڍي شوق سان پيئندا آهن. هر هڪ کي هڪ بوتل ڏني وئي. جنهن کي پيئڻ کان پوءِ سمورن جي جسم ۾ ڪافي توانائي ۽ چستي اچي وئي. "اڄ اسان توهان کي جيڪو اهم ڪم سونپي رهيا آهيون. اهو حقيقت ۾ ڪو ايترو ڏکيو ڪونهي. ڇاڪاڻ جو ان ڪم بابت اسان جي قومي آزادي جي محاذ جي ساٿين هر هڪ شيءِ ڏاهپ سان نهايت تفصيلي رٿابندي ڪئي آهي. جيڪڏهن توهان انقلابي سپاهين جيان عمل ڪيو جهڙيءَ طرح توهان هن وقت آهيوتہ توهان ضرور پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندؤ ۽ توهان ان جرئت ۽ بهادريءَ جي انعام طور سنا ڪارنٽا ۽ نوان هٿيار پڻ حاصل ڪري ونڊندؤ" ٽئان پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو "پر هڪ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ هن وقت کان پڇاڙيءَ تائين جيڪي ڪجهہ اوهان ڪندؤ ان کي توهان کي سخت رازداريءَ ۾ رکڻو پوندو ۽ توهان

ڪي پوئتي هرگز هٽڻو ناهي. جيڪڏهن ڪنهن پنهنجن ساڻين سان خوف يا ڪنهن ٻي سبب ڪري غداري ڪئي ته پوءِ آزاديءَ جو محاذ ان شخص سان غدارن وارو سلوڪ ڪندو. هن ڳوٺ ۾ اسان ڪجهه ڏينهن اڳ جنهن ضلعي فوجي عملدار کي آندو هيو اهو سرڪار جو چاڙتو ۽ عوام جو غدار هيو. توهان سمورن ڏٺو ته سندس انجام چا ٿيو! ياد رکڻ گهرجي ته غدار جو حشر اهڙو ئي ٿيندو."

زڻان ۽ سندس ساٿي نوجوانن ٽئان جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌيون. تنهن کان پوءِ ٽئان گڏجاڻي جي ڪاروائي انهن ٻن نون آيل ساٿين منجهان هڪڙي جي حوالي ڪئي. اهو نهايت سنجيدو جوان هيو. سندس آواز نهايت صاف ۽ ڳورو هيو ۽ سندس سجو ڏيان ٽيبل تي رکيل ماڊل طرف هيو. هن پنهنجي چٽي آواز سان نوجوانن جو ڏيان ان ماڊل ڏانهن ڇڪائيندي ۽ پنهنجي آڱر کي ان ماڊل ڏانهن سڌو ڪندي چيو هي دشمن جي هڪ فوجي چوڪي آهي. هن ۾ دشمن فوج جا ڏهه ماڻهو رهن ٿا. عمارت جي ٽنهي ڪنڊن تي ٽهيل ٽن حفاظتي ٽاورن مان هر هڪ جي چوٽيءَ تي ٽهيل، ڪنگري تي هڪ سنتري (فوجي محافظ) رائفل سميت موجود هوندو آهي. هر هڪ سنتري وٽ بانس جو لڪڙو آهي. جنهن کي هر منٽ کان پوءِ هو ڪڙڪائيندو آهي. جڏهن لڪڙي جو آواز ٻين سنترين تائين پهچندو آهي ته. هو جواب ۾ پنهنجا لڪڙا ڪڙڪائيندا آهن. اهو سندن هڪٻئي کي خبردار جو اشارو هوندو آهي. ان جو مقصد اهو هوندو آهي ته هر شيءِ ٺيڪ آهي. اصل ۾ دشمن فوج جا اهي ماڻهو ڏهن مهينن کان ان پوسٽ ۾ رهي رهيا آهن ۽ ان عرصي ۾ ساڻن ڪوبه خراب اڻ وٽندڙ واقعو پيش نه آيو آهي ۽ آزاديءَ جي محاذ به متائن ڪنهن قسم جي ڪاروائي ڪانه ڪئي آهي. تنهن ڪري اهي سنتري اڪثر بي خوف ۽ بي فڪر ٽيو مزي سان ستا پيا هوندا آهن. جيڪڏهن توهان غور سان ڏسندا ته اهي حفاظتي ٽاور هر ڪنڊ تي عمارت جي پٽين سان ڳنڊيل آهن. پٽين جي ٻاهران ڇهنبدار تيز بانس جا لڪڙا ٽنبيل آهن. انهن لڪڙن جي قطارن جي پويان هڪ وڏو نالو آهي. جيڪو پاڻي ۽ ڪنيءَ گپ سان ڀريل آهي. نالي جي

ٻاهران ٽي لوهي نوڪدار تارون لڳل آهن جيڪي پوريءَ عمارت کي وکوڙي ٻيئيون آهن. رات جي وڳڙي ۾ ان عمارت ۾ اندر ڇهه ٻيا فوجي ٻه ستا پيا هوندا آهن ۽ انهن جو آفيسر اڪيلو سندس پرسان ئي هڪ ٻي ڪمري ۾ ستل هوندو آهي. سندس اسلح ۾ هٿيار هڪ ننڍڙيءَ ڪوٺيءَ (يعني ڪوت) ۾ رکيل آهن جنهن جي دروازي تي هر وقت هڪ وڏو لوهي تالو لڳل هوندو آهي. عمارت ۾ اندر گهڙن جو واحد رستو هڪ دروازو آهي. جيڪو ان نالي وٽان اندر کلندو آهي. اهو دروازو خاردار تارن سان وکوڙيل آهي ۽ فوجي ان کي هر رات بند ڪري ڇڏيندا آهن." اوپري ساڻيءَ ٿوري ساهي پٽي وري چوڻ شروع ڪيو "اسان جو منصوبو ڏاڍو آسان آهي. پر ان جو دارومدار سخت نظم ضبط، خاموشي ۽ رازداريءَ تي آهي. اسان هتان ٻن ٻيڙين ۾ ٻن مختلف طرفن کان هلنداسون. اسين انهن ٻيڙين کي پوءِ جي ويجهو ٻه سئو ميٽرن جي مفاصلي تي وٽن ۽ ٻوٽن ۾ لڪائي ٻيهارينداسون ۽ اسان کي باقي پنڌ گاهه مان بانبڑا پائيندي ۽ ٽوننين ۾ ريڑهيون ڏيندي چوڪي جي ٻاهران پهچڻو پوندو. توهان مان ٽن جڻن وٽ تارن ڪاٽڻ لاءِ ٽي تکيون وڏيون ڪينچيون هونديون. جن سان توهان ٽن مختلف جڳهن وٽان تارون ڪاٽي هڪ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جيتريون وٿيون ٺاهيندا. هر رستو عمارت جي هر هڪ ڪنڊ وٽان ٽاور جي هيٺان ۽ سنتري جي پٺين پاسي ٺاهڻو پوندو. هر هڪ سنتري وٽ هڪ ڪرسي آهي. جنهن جو منهن اڪثر عمارت جي اندرين پاسي هوندو آهي. سو توهان اهو ڪم بي خوفي سان ڪندا. ٻيا ٽي نوجوان انهن تارن جي وٿين منجهان بارود ڪڍي. ان کي ويجي سڃيءَ عمارت جي پٽين جي چوڌاري وڇائيندا. ڪين اهو ڪم نهايت هوشيار، بي خوفي ۽ دليري سان ڪرڻو پوندو ۽ هر وقت پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي. ڇاڪاڻ ته اهي ان وقت سنترين جي نظرن جي بلڪل ويجهو هوندا. ٺيڪ رات جو ٻين وڳي جيئن اوهان اهي بارودي بم سموريءَ عمارت جي پٽين جي چوڌاري وڇائي پورا ڪندؤ بلڪل ان وقت اوهان کي اشارو ڪيو ويندو ۽ اوهان کي هڪدم ان بارود جي چارجن (يعني فتيلن) کي باهه ڏيڻي

پوندي. صرف اٽن سيڪنڊن ۾ اهي فتيلا ٻري ويندا. ان وقفي اندر توهان کي هر حالت ۾ نهايت تيزيءَ سان بارود جي ڳاڙهڻ کان اڳ پڇي ٻاهر اڇٽو پوندو. جيئن ئي انهن فتيلن کي باهه لڳندي ته هر هڪ پنهنجو دستي بم، جيڪي اڳواڻ اسين اوهان کي ڏينداسون، عمارت ۾ اندر اڇلائيندو. ٽيڪ ان وقت اسان منجهان عوامي فوج جا ٽي سپاهي پنهنجي رائفلن سان ٽنهي سنترين جو خاتمو ڪندا. ان کان پوءِ اسان هڪدم اوهان کي اشارو ڪنداسون ۽ اوهان عمارت ۾ اندر گهڙي، باقي بچيل دشمن فوجين جو خاتمو ڪندؤ. اسان مان هڪڙو ڇٽو بارود خاني جي دروازي تي لڳل تالي کي رائفل جي فائر سان توڙيندو ۽ اسان سمورا اندر گهڙي دشمن جو سمورو اسلحو ۽ بارود کٽي پنهنجي قبضي ۾ ڪنداسون. اسان سندس وائرليس سيٽ، ڪاڏي جي سامان ۽ ٻئي مال اسباب تي پڻ قبضو ڪنداسون." اهو چئي اوپرو ساٿي ٽورو دير رکيو ۽ هن پنهنجي نظر چوڌاري ڦيرائي، نوجوان ساٿين ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ وري چوڻ لڳو:

"ٽيڪ هن وقت کان اوهان سمورا عوامي فوج جي احڪامن ۽ ضابطن هيٺ ڪم ڪندؤ. ان جو مطلب آهي ته عوامي فوج جي نظم، ضابطي، رازداريءَ ۽ وفاداريءَ جي اصولن جي طابع رهندؤ" جڏهن اوپري ساٿيءَ پنهنجي سمجهاڻي ڏئي پوري ڪئي ته، بعد ۾ ان منصوبي بابت ٽئان ۽ سندس ساٿي عوامي فوج مان آيل انهن اڳواڻ ساٿين کان ڪجهه سوال ڪيا ۽ وڌيڪ تفصيل معلوم ڪيا. آخر ۾ ٽئان باضابطي ڪاروائي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيا.

ٻئي ڏينهن ٽئان نوجوانن کي هڪ هنڌ ڪنو ڪيو ۽ کين ٻڌايو ته ڏسيل منصوبي کي هر هڪ ساٿيءَ کي چڱيءَ ريت ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ۽ کين چيو ته، "هتان کان ڪجهه پنڌ پري جهنگ ۾ اسان جي عوامي فوج جي ساٿين ان منصوبي تي عملي مشق ڪرڻ لاءِ دشمن جي هڪ نقلي فوجي پوسٽ جو ڍانچو تيار ڪيو آهي، اسان کي اڄ رات هلي ڏسيل رٿا مطابق مشق ڪرڻي پوندي." ان کان پوءِ ٽئان کين رازداري جا 15 نقطا، ضابطي جا 13 نقطا ۽ عوامي فوج جي سپاهيءَ جا 10 نقطا ٻڌايا ۽ اهي سمورا هر هڪ ساٿيءَ کي برزبان ياد ڪرايا.

رات جي اونداهيءَ ۾ نوجوان ٻن ٽن ڇٽن جي جٽن جي صورت ۾ مشق لاءِ ڏسيل جڳهه تي پهتا. جتي عوام فوج جا ساڻيا استاد اڳ ۾ ئي موجود هئا. هيءَ جڳهه ڳوٺ کان ڪچ پنڌ تي هڪ ٻيلي ۾ هئي. اتي هڪ نقلي فوجي پوسٽ ٺهيل هئي. پٽين جي بجاءِ بانسن جا لڪڙا لڳايا ويا هئا ۽ تارن جي بجاءِ رسيون ٻڌيون ويون هيون ۽ چوڌاري ڪاهي کوٽي وئي هئي. تاورن جي جاءِ تي ڏڳها لڪڙا لڳايا ويا هئا.

پوري رات ٽڻان ۽ سندس ساٿين عوامي فوج جي ٻن استادن ۽ زڻان ۽ سندس ڏهن ساٿين ان نقلي پوسٽ تي حملي ڪرڻ جون مشقون ڪيون. اهي مشقون استادن ايترا دفعا ته ڏهرايون جو نوجوانن کي هر ڳالهه چگيءَ طرح برزبان ياد ۽ ذهن نشين ٿي وئي. جتي به ڪنهن نوجوان کان ڪا غلطي پئي ٿي ته اتي عوامي فوج جي استادن کين هوشيار پئي ڪيو. پرهه ڦٽيءَ جو مشق ختم ڪري هر ڪنهن کي ڳوٺ موٽڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ کين ٻڌايو ويو ته. اڄوڪي رات منصوبي مطابق دشمن مٿان حملو ڪرڻو آهي. ڏينهن جو سمورن کي آرام ڪرڻ گهرجي ته جيئن حملي جي ڪاروائي وقت هر ڪو تازو توانو هجي.

رٽيل منصوبي مطابق رات جي اوندهيءَ ۾ نوجوان عوامي فوج جي استادن ۽ ٽڻان ۽ سندس ساٿين جي اڳواڻيءَ ۾ ٻيڙين ۾ دشمن فوج جي پوسٽ جي پرسان پهتا. هنن ٻيڙيون گاهه ۽ ٻوٽن ۾ لڪائي ڇڏيون ۽ سمورا خاموشي ۽ ڳجهه ۾ ريڑهيون ڏيندا. بانبڑا پائيندا ۽ ٿوٽين ۾ هلندا. آهستي آهستي اڇي پوسٽ جي بلڪل ويجهو پهتا. سنتري دنيا کان بي خبر ٽيو گهريءَ ننڊ ۾ ستا پيا هئا. تنهن ڪري نوجوانن کي ڪاروائي ڪرڻ ۾ ڪو مونجهارو پيش نه آيو. هو خاموشيءَ سان تارون ڪٽي. نالو ٽپي پٽين جي پرسان پهتا ۽ هنن عمارت جي چوڌاري بارود وڇائڻ شروع ڪيو. ٽيڪ ٻين وڳي عوامي فوج جي هڪ سپاهي اشارو ڪيو ۽ نوجوان هڪدم تيزيءَ سان بارودي فتيلن کي باهه لڳائي ٻاهر نڪري آيا. ان وقت ئي تاورن مٿان موجود سنتري کي گولين سان اڏايو ويو ۽ اشاري ملڻ تي عمارت ۾ دستي بم اڇلايا ويا. ڌماڪي سان عمارت جون پٽيون لڏي ويون ۽ اڪ چنبي ۾ نوجوان عمارت ۾ اندر ڪاهي پيا ۽ بجليءَ جيان وڄي دشمنن مٿان ڪڙڪيا ۽ عمارت ۾ اندر موجود دشمن

فوجين کي پنهنجي خنجرن ۽ تلوارن جو ڪاج بڻايائون. عوامي فوج جا سپاهي اسلحي خاني جي تالي کي رائفل جي فائر سان ٽوڙي اندر گهڙيا ۽ آمريڪي مشين گنن، بارود ۽ رائفلن تي قبضو ڪيائون. عوامي فوجي جي سپاهين کي دشمن جي ڪنهن به رڪاوٽ جو مقابلو ڪرڻ نه پيو ۽ سموري ڪاروائي رڻابندي ۽ منصوبي مطابق عمل ۾ آئي ۽ نوجوان مان ڪنهن کي به نقصان نه پهتو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير زڻان ۽ سندس ساٿي نوجوان پنهنجي ڳوٺ ۾ خوشيءَ ۽ فتح جا گيت ڳائيندا پهتا. ٽئان ۽ عوامي فوج جا ساٿي ٽورن ڏينهن ۾ ڳوٺ واپس اچڻ جو واعدو ڪري ڪنهن ٻئي طرف هليا ويا. ڳوٺ پهچڻ وقت هر هڪ نوجوان وٽ هڪ نئين رائفل ۽ گولين جا ڊبا هئا ۽ زڻان جي ڪلهي تي هڪ ٽامي گن لڙڪي رهي هئي، سندس چيلهه ۾ ٻڌل پٽي ۾ هڪ پستول ۽ چار گرنيڊ (دستي بم) لڙڪي رهيا هئا. نوجوانن جا چهرا خوشيءَ وچان ڀهڪي رهيا هئا ۽ هنن پنهنجي سوچ ۽ بهادريءَ جا داستان ڳوٺاڻن کي ٻڌايا. ڳوٺ وارن دشمن جي شڪست ۽ عوامي فوج جي فتح جي خوشخبري ٻڌي ڳوٺ ۾ جشن ملهايو ۽ نوجوانن جي مائرن ۽ پيئرن پنهنجن پٽن ۽ پائرن جي بهادريءَ ۽ عظمت جا داستان ٻڌي خوشيءَ کان ڪٽي ڳاٽ اوچا ڪيا. ان فتح کان پوءِ ڳوٺ ۾ آهستي آهستي ڪيترين ئي نيون تبديليون اچڻ لڳيون. ٽئان جيئن ئي ڳوٺ ۾ واپس آيو ته هن قومي آزاديءَ جي محاذ جي هدايتن موجب ڳوٺ ۾ باقاعدي قومي آزاديءَ جي محاذ جي تنظيمي ڪم جي شروعات ڪئي. آزادي جو محاذ ۽ عوامي فوج ٽئان جي ڪم کان مطمئن هئا. هاڻي ڪيس هدايتو مليون هيون ته هو ڳوٺ ۾ ڪجهه ضروري نوان ڪم ڪري. هن سڀ کان پهريون ڪم هي ڪيو جو ڳوٺ ۾ آزاديءَ جي محاذ ۽ عوامي فوج جي باقاعدي تنظيم ڪرڻ شروع ڪيائين. هن هارين، نوجوانن ۽ عورتن جا ڪليل ۽ ڳجها جٿا ٺاهيا ۽ ٻارن جي الڳ تنظيم ڪئي. هر جٿي کي گروپ ڪوٺيو ٿي ويو. هر گروپ ۽ گروپ جي ميمبر مٿان ڪم ورهائي رکيو ويو. هر ڳجهو گروپ سخت رازداري تي ٻڌل هيو. هڪ ڳجهي گروپ کي ڪنهن ٻئي ڳجهي گروپ بابت ڪا جاڻ ڪانه هئي ته. ان ۾ ڪهڙا

ميمبر آهن. انهن گروپن جون گڏجاڻيون باقاعدي وقت جي پابنديءَ سان ٿينديون هيون. هر گروپ پنجن ڇٽن جو ٺهيل هيو. هر گروپ جو هڪ چيئرمين هيو. جيڪو پنهنجي گروپ جي سمورن ساٿين جي هر قسم جي رهنمائي ڪندو هيو ۽ مٿين ادارن ۽ اڳواڻن سان رابطي ۾ هوندو هيو ۽ اتان ملهل هدايتون گروپ ميمبرن تائين پهچائيندو هيو.

ڪجهن گروپن کان سواءِ ٻيا ڪيترائي ڪليل گروپ پڻ هئا ۽ اهي گهٽو ڪري مختلف ڪمن جي ورڇ مطابق ٺاهيا ويا هئا. انهن ۾ بچاءِ جا گروپ، طبي امداد جا گروپ، عورت جا گروپ، جهنڊا ٺاهڻ وارا ٻارن جا گروپ، عمارتي گروپ، زراعتي گروپ، ثقافتي گروپ، پروپيگنڊا گروپ ۽ سياسي تعليم جا گروپ هئا، جو انهن مان هر هڪ گروپ ۾ هڪڙو ميمبر ٿئان جي آزاديءَ واري محاذ جي جٿي منجهان هيو. جيڪو باقي ميمبر جي رهنمائي ڪندو هيو. زٿان بچاءِ واري گروپ جو اڳواڻ هيو. جنهن جو ڪم ويڙهه ۽ بچاءِ بابت رٿائون ۽ حڪمت عمليون ٺاهڻ هيو. شروع ۾ ان گروپ ۾ ڪل ڏهه ميمبر شامل هئا. هر گروپ جي گڏجاڻي مقرر وقت تي پابندي سان ٿيندي هئي. جيڪڏهن سستيءَ يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري ڪو ميمبر گڏجاڻيءَ ۾ نه پهچندو هو ته، سڌاري خاطر متائنس تنقيد ڪئي ويندي هئي. اهڙين غلطين ۽ غير جوابدارين لاءِ مختلف سزائون پڻ مقرر ٿيل هيون. مثال طور چانور ڏيڻ وغيره.

ان سموري ڪليل ڪم جي اڳواڻيءَ لاءِ هڪ ڳوناڻي ڪميٽي ٺهيل هئي، جيڪا انهن سمورن گروپن جو رهنمائي ڪندڙ اڳواڻ ادارو هيو ۽ اهو آزاديءَ جي محاذ جي سڌي ڪمان ۾ هيو. هر گروپ جو چيئرمن ان ڪميٽيءَ جو ميمبر هيو. هر هڪ گروپ ميمبر مٿان ڪي اهم ذميواريون ۽ ڪم رکيل هئا ۽ انهن جي پورائي کان بعد ڪيس پنهنجي گروپ ۾ ان ڪم بابت رپورٽ ڏيڻي پوندي هئي.

هاڻي ڳوٺ ۾ ٻه نيون عمارتون ٺاهيو ويون هيون. هڪ اطلاعات (يعني خبرن) جو مرڪز ۽ ٻيو هڪ پرائمري اسڪول. اهو ڪم عمارتي گروپ جي هدايتن تحت عمل ۾ آيو ۽ ڪم ۾ سمورن ساٿين گڏجي حصو ورتو. مائي نگا تي ٻه جوابداريون رکيون ويون. هڪ

اسڪول ۾ ٻارن کي پڙهائڻ ۽ ٻيو اطلاعات جي آفيسر طور ڪم ڪرڻ. انهن ٻنهي عمارتن مٿان آزاديءَ جي محاذ جي جھنڊا هنيا ويا. جيڪي ٻارن جي گروپ ناهيا هئا.

ثقافتي گروپ جي مدد سان هاٿي ڳوٺ ۾ انقلابي ڊراما ۽ پيش ٿيڻ لڳا هئا. هڪ ڊرامي ۾ ٽئان هڪ آمريڪي جنگي هيليڪاپٽر جو ڪردار ادا ڪيو ۽ هو پنهنجون ٻئي ٻانهون ڦهلايون زوڪاٽ ڪندو پيو آيو ته اوچتو هو هڪ گوريلي جي فائر سان فضا ۾ زخمي ٿي هيٺ زمين تي ڪري پيو ۽ هڪدم نگا ۽ زئان پنهنجون رائفلون سندس مٿان اڇي سڌيون ڪيون، اهو ڏسي سمورا ڳوٺاٽا ڪلڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳا.

زئان ۽ نگان هڪٻئي کي ڏاڍو چاهيندا هئا. زئان سندس لاءِ سوڪڙيءَ طور ميوا آڻيندو هو ۽ نگا ساٽس وٽن جي ٽڏيءَ چانو هيٺان ويهي، ڪيس آزاديءَ جي محاذ جا ڪتاب پڙهي ٻڌائيندي هئي. هاٿي ڳوٺ ۾ بچاءِ لاءِ اڳ کان وڌيڪ تدبيرون ۽ انتظام ڪيا ويا هئا. وڏيون گنديون زمين ۾ اندر پوريون ويون هيون ته جيئن هوائي حملي دوران انهن ۾ اندر لڪي پناھ ونڊي سگھجي. ان کان سواءِ لڪ ۽ بچاءِ لاءِ مختلف جڳهين تي ڪتيرائي تھ خانا ۽ زمين اندر لڪ گھر ناهيا ويا هئا ۽ انهن کي ڍنگرن، گاھ جي تيلن ۽ پنن سان لڪايو ويو هو. بچاءِ وارو گروپ هاٿي کافي وڏو ٿي ويو هو. ان ۾ هاٿي ڏھن مان وڏي پنجاھ ماڻھو شامل ٿي چڪا هئا. جيڪي ڳوٺاٽيءَ مليشيا جي سپاهين مان ڦري، هاٿي عوامي جنگ جي اصولن مطابق تربيت ورتل ويٽ ڪانگ گوريلا بنجي چڪا هئا. هنن مختلف جڳهين تي دشمن سان ويڙهيون ۽ مقابلا ڪري نهايت شاندار سوين حاصل ڪيون هيون ۽ هو هاٿي عوامي فوج جو باقاعدي حصو بڻجي چڪا هئا.

ڪجھ عرصي کان بعد زئان ۽ سندس ڪجھ ٻين ساٿين کي آزاديءَ جي محاذ پاران حڪم مليو ته هو ڳوٺ ڇڏي ويڄي ويٽ ڪانگ جي هڪ اسڪواڊ (دستي) ۾ هڪ ٻي جڳھ تي شامل ٿين. اطلاعات جي عمارت ۾ ملڪي ۽ عالمي خبرن ٻڌڻ لاءِ هڪ ريڊيو پڻ رکيو ويو هئو. ڳوٺاٽا خبرن وقت اڇي خبرون ٻڌندا هئا. جيڪي قومي آزادي جي

محاذ جي ريڊيو تان ٻڌايو ويندڙ هيون. خبرن ۾ اڪثر آزادي جي محاذ ۽ آمريڪي ۽ سائيگان ۾ موجود چاڙتي ڊيم فوجن جي وچ ۾ لڙاين ۽ عوامي فوج جي شاندار سوين جو ذڪر هوندو هيو. ڪيترن آمريڪي فوجين کي مارڻ ۽ قيد بنائڻ جو احوال هوندو هو. هڪ رپورٽ ۾ اها خوشخبري ٻڌائي وئي ته وچ نام ٻو (وچ ميڪانگ ڊيلٽا) وارو نوي سيڪڙو علائقو عوامي فوجن آزاد ڪرائي ورتو آهي. روزانو اهڙيون رپورٽون ٻڌايون ويندڙ هيون، جن ۾ آمريڪي فوجن جي نهايت ظالماڻي ڪارواين جو ذڪر هوندو هو. مثال طور آمريڪين ڪيترن ڳوٺن مٿان سوين نيپام بم ڪيرايا، جنهن ڪري هزارين مظلوم عورتون ۽ معصوم ٻار شهيد ٿي ويا. آمريڪين آباد زمين مٿان ۽ فصلن ۽ پيئڻ جي پاڻي مٿان جهازن ذريعي زهر اڇلايو. جنهن وڳهي سوين هاري ۽ سندس مال موت جو شڪار ٻڌجي ويا. پاڙيسري ملڪ ڪمبوڊيا جو عوام پڻ آمريڪا سان ان ظالماڻي ڪاروائيءَ تي احتجاج ڪري رهيو هو ته، هو ويٽنامي ڳوٺن مٿان زهريليون دوائون اڇلائي رهيو آهي.

ريڊيو ڪان سواءِ ڳوٺاڻن کي شروع ۾ ليٽو ٽيل اخبارون پڻ پهچايون ويندڙ هيون، پر هاڻي آزادي محاذ طرفان ڇپجندڙ ڇهن صفحن واري روزاني اخبار ڳوٺ ۾ باقائدگيءَ سان پهچندي هئي، جنهن جي پهچائڻ جو بندوبست اطلاعات واري عملي ڪيو هو. اها اخبار ميڪانگ ڊيلٽا جي گادي واري شهر "ماءِ ٽو" ۾ ڳجهيءَ طرح ڇاپي ويندي هئي. ان اخبار ۾ به اڪثر آزادي جي محاذ جي سرگرمين ۽ ڪاميابين بابت خبرون هوندڙ هيون ۽ سموريءَ دنيا جي ملڪن طرفان آزاديءَ جي محاذ جي حمايت جو پڻ ذڪر هوندو هو. ان ۾ هن قسم جو خبرون ڇپجنديون هيون: "اڄ آزادي جي محاذ جي خارجي مسئلن جي نمائندي پروفيسر نگويان وان هيو کي جڪارتا، پراڪ ۽ هوانا جي دورن ڪرڻ جون دعوتون مليون". "انگريز فلسفي برٽرانڊرسل ويٽنام مٿا ٽيندڙ آمريڪي ظلمن خلاف پنهنجي اخبار واري مهم جو اعلان ڪيو."

"اڄ مختلف آمريڪي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ آمريڪي شاگردن مظاهرا ڪيا ۽ هنن آمريڪي حڪومت کان ويٽنام مٿان ظلم بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو."

"نيويارڪ شهر جي ٽائيس چوڪ ۾ هزارين آمريڪي شاگردن جمع ٿي، ويٽنامي عوام جي حمايت ۾، آمريڪي حڪومت جي ظلمن خلاف نعرا پاس ڪيا."

"اتر ويٽنام جي انقلابي حڪومت ۽ عوامي جمهوريا چين جي حڪومت اعلان ڪيو ته، هو ڏکڻ ويٽنام جي مظلوم عوام جي هر قسم جي مدد لاءِ تيار آهن."

اهڙيون ۽ ٻيون اهڙي قسم جون ڪيتريون خبرون اخبار ۾ چپجنديون هيون.

اهڙيءَ طرح نون ۽ انقلابي سڌارن ۽ تبديلين جو اهو سلسلو جاري رهيو ۽ هڪ وڏي عرصي جي اٽانگي ۽ اڻ ٽڪ محنت، جفاڪشيءَ ۽ جدوجهد کان پوءِ اهي هيٽا ڳوناٽا هاري هڪ عظيم قوت ۾ تبديل ٿي چڪا هئا ۽ اهو ڳوٽ هاٽي انقلاب جو مضبوط قلعو بڻجي چڪو هو. هاٽي اهي ڳوناٽا ويٽنامي آزاديءَ جي محاذ جي جهنڊي هيٺ، پنهنجن انقلابي اڳواڻن جي حڪم جي پوئواري ڪندي، دشمن خلاف هر جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار هئا. هو هاٽي پارٽي تنظيم، ضابطي، ويڙهه، تعليم، پروپيگنڊا ۽ گوريلا جنگ جي فن جا ڄاڻو ٿي چڪا هئا ۽ هو دشمن جي هر حملي جو منهن توڙ جواب ڏيڻ لاءِ هر طرح سان تيار هئا. هو انقلابي بڻيءَ ۾ پڪي ڪُندن بنجي چڪا هئا. سندن هاڻ زندگيءَ جو مقصد رهيو "انقلاب ۽ وطن جي آزادي" هيو. سندن غم ۽ خوشيون، جيئڻ ۽ مرڻ سڀ انقلاب خاطر هئا. اهي هاٽي رهيو هڪڙا بي خبر، اڻ پڙهيل، هيسيل، ڏنل، ڪمزور، مجبور ۽ بيوس ڀهراڙي جا ماڻهو نه، پر انقلابي ڄاڻو ماهر، عاقل، ڏاها، بهادر، بي خوف سورهيه ۽ بي ڏپا سورمان بڻجي چڪا هئا، جن جي جسمن ۽ دماغن ۾ نئون رت هو، نئون جوش هو نئون جذبو هو. هو هاٽي انقلابي نظرئي سان هٿياربند ٿي وطن جي ويرين خلاف هڪ اڻ ٽُٽ فولادي ديوار بڻجي چڪا هئا. هو هاٽي انقلاب ۽ آزاديءَ جي شمع جا پروانا هئا.

سنڌيڪار: ظفر علي

گوريلن جو حملو

مئي 1954ع ۾ ڊين بين ڦو جي آفت ڪري هنوئي جو شهر ايجان پئي ڏڏيو. شهر جيڪو حملي آورن جو آخري مورچو هو. ٻرندڙ جبل وانگر ڦاٽي پيو هو ۽ شعلن جي لپيٽ ۾ هو. منجهندڙ صورتحال ۾ ڦاسندي قابض فوج جا اڳواڻ ايرندڙ گوريلا حملن کي ناڪام ڪرڻ ۽ عوامي فوج جي ڪيتي ڏانهن پيشقدميءَ کي روڪڻ لاءِ اجايو هٿ پير هڻي رهيا هئا. دشمن جون فوجون رت ۾ رنگيل ۽ معذور لشڪر ٻيئي اڇا ۽ ڪارا فقط پنهنجي ڪل بچائڻ جي ڳڻتي ۾ گم هئا. پاڙيتوفوج تباهيءَ جي ڪناري تي هئي.

اسان جو گوريلا يونٽ جيالام جي اڏي تي حملي ڪانپوءِ تازو ئي هنگ ييين جي آزاد علائقي مان واپس موٽيو هو. ذاتي طور دشمن جي چوڪسيءَ کي ٽارڻ لاءِ مان سائيڪلين جي مرمت جي دوڪان تي چيني مزدور جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هئس، جيڪو منهنجي ٻيڙ جي نالي رجسٽرڊ ٿيل هو. اسان جو گهر جيڪو واپاري ضلعي ۾ هو اسان جي يونٽ جي اڳواڻ چونڪي طور استعمال ۾ ايندو هو. مان پنهنجي زال کي گهٽي جي ڪنڊ ۾ ڪاغذ جي پکن وڪڻندڙ جي روپ ۾ چوڪسي ڪرڻ لاءِ چوندو هوس.

اسان جي يونٽ کي ٽي ڪم سونپيا ويا هئا. حملي خلاف ايندڙ فساد ۾ استعمال ٿيندر هٿيارن جي شهر ۾ سڃاڻ ڪرائڻ، هڙتالو ڪرائڻ ۽ جيترو ممڪن هجي دشمن جي صفن ۾ پنهنجا ماڻهو پرتي ڪرائڻ.

اسين ان ۾ ڪامياب ٿياسون ۽ خاص ڪري پنهنجي پائيتي بائو کي رنگروٽ طور آمريڪي صلاح ڪار جي ڪار جو ڊرائيور ڪري پرتي ڪرايوسيون، ان مقصد لاءِ ته جيئن پوءِ ڪنهن موقعي تي تڪڙ ۾ هن وٽان کي اهم دستاويز هٿ ڪري سگهجن.

بائو ڪي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ٿيندڙ مهم ۾ خاص ڪردار ادا ڪرڻو هو.

تنهن ڏينهن هڪ گراهڪ پنهنجي سائيڪل جي مرامت ڪرائڻ لاءِ اسان جي دڪان تي آيو. هڪ عام گراهڪ وانگر پئي لڳو جيئن ٻيا اٽڪٻٽ هوندا آهن. پر پٽسن ڏيڻ بجاءِ هن مون کي ڪاغذ جي هڪ ننڍڙي ٽڪڙي ڏني، اهڙي ڪابه شيءِ ڪونه هئي، جو هن جي منهن تان بي ايماني جي سڃاڻپ ٿئي. پر پوءِ به مان اهڙن موقعن تي حيرت ۾ گم ٿي ويندو آهيان. گراهڪ جي وڃڻ کانپوءِ دڪان جي سنيال جو پنهنجي مددگار کي چئي مان پهرين ماڙ تي پنهنجي ڪمري ۾ ويس ۽ سگريٽ چڪڻ لڳس. جيئن ڪيترا دفعا روزانو ائين ڪندو آهيان. پوءِ هيڏي هوڏي ڏسي مون پٽيان پڙهيو. اهو هنوي اسٽيشن تي ريل جي گاڏن کي تباه ڪرڻ جو حڪم هو. جيئن دشمن جي فوجن جي چڙپر کي روڪي سگهجي. جيڪي انهن ڏينهن ۾ اڪثر ڪري ريلوي تي پاڻيندا هئا.

ڇا ڪجي؟ گاڏن کي هڪ هڪ ڪري تباهه ڪرڻ ناممڪن هو. اهو تمام گهڻو وقت کائيندو ۽ پهرين ڏماڪي کان پوءِ دشمن چوڪس ٿي ويندو ۽ ٻيو ڏماڪو ڪرڻ عملي طور ناممڪن ٿي پوندو. تمام گهڻيءَ سوچ ويچار کانپوءِ مون هڪ ئي وقت ڪيترن انجڻين کي تباه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان رٽ کي عملي جامو پهرائڻ جو هڪ ئي رستو هو ته. ڪنهن به نموني هنوئي اسٽيشن تي پهچي، جتي ڪيترين ئي انجڻون بيٺل هيون.

مون ان منصوبه بنديءَ جي رپورٽ پنهنجي اڳواڻ ڪميٽيءَ کي ڏني ۽ ساڳئي وقت ڳجهي تنظيم کي اسٽيشن تي اسان جي مدد واسطي اپيل ڪيم.

ٿوري وقت کان پوءِ (ڳجهي) ٽريڊ يونين تنظيم اسان جي مدد واسطي سيڪنڊ ليفٽيننٽ ڏنو جيڪو اسٽيشن جي محافظ پاڙيتو فوج جي پلٽون جو اڳواڻ هو. سيڪنڊري اسڪول جو شاگرد زوريءَ پاڙيتو فوج ۾ پرتي ڪيو ويو هو. ڊائين بنا ڪنهن وڏي ڏوهه جي پنهنجو ڪم ڪيو هو ۽ مزاحمت ڪرڻ لاءِ متفق ٿي ويو. مون کي اها خبر ڪونه هئي ته. هو اسانج ي تنظيم سان رابطي رکڻ ۾ ڪيئن

ڪامياب ٿيو ۽ اسان جي ڪم ۾ پنهنجو ادا ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين. اسان اهڙي ئي موقعي جي اميد ۾ هئاسون. بهرحال مون هن جي شروعاتي آزمائش ونڊ جو فيصلو ڪيو.

پهريائين مون هن ڏي هڪ چٺي موڪلي، جنهن ۾ ساڻس شام جو سندس گهر ۾ ملڻ جو لکيل هو. پيغام تي صحيح ٿيل هئي، "ڪيپٽن هنگ" هنوئي ۾ عوامي مزاحمتي قوتن جو اڳواڻ مقرر وقت تي مان ڪرائي جي موٽر سائيڪل تي سندس گهر پڳس. اسان جو هڪ ماڻهو جيڪو گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽ بيٺل هو تنهن ٻڌايو ته سيڪجهه ٺيڪ آهي ۽ ڀائين منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي. مون موٽر سائيڪل تيزيءَ سان سندس گهر آڏو بيهاري ۽ هڪ نوجوان ٻاهر نڪري آيو ۽ مون کي اندر وٺي ويو. اسين هڪدم پهرينءَ ماڙ تي سندس ڪمري ۾ هليا وياسين. جيئن ئي اسين هينان لنگهي رهيا هئاسون ته هن منهنجو پنهنجي امڙ سان ڪيپٽن هنگ طور تعارف ڪرايو ۽ ڪيس چيائين ته هوءَ هيٺ خيال ڪري. جيئن اسان جي گفتگو ۾ رخنو پئجي نه سگهي.

جڏهن اسين ٻئي اڪيلا ٿياسون، تڏهن مون هن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو ته، مان ڪيپٽن هنگ نه آهيان، پر فقط سندس قاصد آهيان. پوءِ خاموشيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ مون سندس خاندان، صحت ۽ ڪم ڪار جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي.... ماحول وڌيڪ پنهنجائپ وارو ٿي ويو. مون کانئس موجوده صورتحال ۽ انهن حالتن جي باري ۾ پڇيو جن ڪيس اسان سان رابطي لاءِ مجبور ڪيو. ڀائين جي منهنجي روپي جي ڪري بيحد همت افزائي ٿي. هن پنهنجي فوجي نصاب جا تفصيل ٻڌايا ۽ ان تي زور ڏيئي رهيو هو ته زوريءَ فوج ۾ پرتي ٿيو هو ۽ ان دوران هن عوام خلاف ڪو ڏوهه نه ڪيو آهي. هن مون کي ٻڌايو ته، سندس ماڻهن جو ٻين پاڙيتو فوج جي سپاهين وانگر اخلاق تمام گهٽو ڪريل هو جيڪي پاڻ کي بچائڻ جو سوچيندا هئا. پوءِ هن مون کي حملي جي مزاحمت ڪرڻ لاءِ موقعو ڏيڻ جو عرض ڪيو.

مون کيس خاموشيءَ سان ٻڌو. پوءِ هن کي ٻڌايم ته پاڙيتو فوج ۾ پرتي ٿيڻ بذات خود عوام خلاف هڪ نه معاف ڪرڻ جوڳو ڏوهه آهي

۽ ان کي درست ڪرڻ جو فقط هڪ ئي دڳ آهي ته، وطن جي خدمت لاءِ پنهنجو پاڻ کي قربان ڪر. مون هن کي چڱيءَ طرح چڪاسيو ته، هاڻي کان اسين هن کي گڏ ڪٽون ۽ هر حالت ۾ هن مان وفاداريءَ جي اميد رکڻ کپي.

مون کيس ٻڌايو ته، "ذاتي طور منهنجو توتي اعتبار آهي ۽ مان ڪيپٽن هنگ کي تنهنجي باري ۾ پنهنجي سفارش ڪندس. سياڻي شام جو پنجين وڳي تون لوئيس فائنانٽ عجائب گهر ۾ اچج! ڪجهه ماڻهو ات توسان ملندا ۽ ٻڌائيندا ته توکي ڇا ڪرڻو آهي." اسان هڪ ٻئي کان گرمجوشيءَ سان هٿ ملائي موڪلايو. ٻئي ڏينهن مان پنهنجو پاڻ رڻيل جڳهه تي حفاظتي طور مقرر ٽائيم کان گهڻو اڳ پهتس ته متان ڊائين اسان کي ڏوکو ڏئي پوليس کي سڏ ڪري. پر اهڙي کابه شيءِ ڪونه ٿي. مقرر وقت تي ڊائين موٽر سائيڪل تي آيو اها پڪ ڪرڻ ڪانپوءِ ته هن جي پويان ڪوبه ڪونه ٿو اچي، مان مزي سان ڏانهس وڌيس ۽ اهو ٻهانو بنايم ته جڏ اسين اوچتو پاڻ ۾ مليا هجون. ساڻس گهمندي مون کيس ٻڌايو ته، ڪيپٽن هنگ هن مان مطمئن ٿيو آهي ۽ هن کي هڪ فرض سونپيو اٿائين ۽ رابطي جي سهوليت لاءِ مان قاصد طور برقرار رهندس.

"هاڻي ڏيان ڏيئي ٻڌ" مون آخر ۾ چيو "ڪيپٽن هنگ توکي حڪم ٿو ڏئي ته تون مون کي پنجاهه هينڊ گرينڊ حاصل ڪري ڏي ڇا تون ان ڏميواري کي پنهنجي لاءِ ڏکيو ته نه پيو محسوس ڪرين. اسان جي گفتگو سيڪنڊ ليفٽيننٽ کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

هن پڪ ڏياريندي چيو "مان سڀ ڪجهه ڪندس. مهرباني ڪري ڪئپٽن هنگ کي ٻڌاءِ ته سندس حڪم کي عملي جامو پهرايو ويندو." ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڊائين مون کي هينڊ گرينڊ ڏنا. ماڻهوءَ جي وفاداري جي هن آزمائش ۾ هو پورو لٿو. هن انجڻ کي تباهه ڪرڻ واسطي بمن ناهڻ واسطي اسان کي پائوڊر پڻ مهيا ڪيو. بمن جي کولن ناهڻ واسطي بسڪيٽ جي ٽين جي ڊبن جي ضرورت هئي، مون ان لاءِ پنهنجي زال کي پراڻن ٽانون وڪٽندڙ جي روپ ۾ اهي هٿ ڪرڻ لاءِ چيو (هڪ واپار جنهن سان هوءَ سڄي شهر جا

چڪر پڙ ڪاڻي سگهندي ۽ ڪم سان واسطو پڙ ڳنڍي سگهندي)
جڏهن هر شيءِ تيار هئي، تڏهن مان پنهنجن ٽن ساٿي سان گڏجي هڪ همدرد جي گهر پهتس، جيڪو هنوئي جي ڳوٺاڻي علاقي ۾ ڊانگ نهان ڳوٺ جي پاڙيٽو انتظاميہ جو ميمبر هو. اتي اسان سڀ ڏينهن هٿيارن ناهڻ ۾ گذاريو.

هينڊ گرينڈن جي پائوڈر کي دونهين وارن بمن کان وڌيڪ بهتر نموني استعمال ڪري، اسان اڃ ننڍڙا بم ٺاهيا، جيڪي بسڪيٽ جي ڊبن وانگر لڳي رهيا هئا. ان وقت تمام وڏي مشڪلات سامهون آئي، جڏهن بمن جي ديرسان ڍانڍڻ واري سرشتي تي آياسون چو تہ اسان وٽ گهربل سامان جي ڪوٽ هئي، نہ تہ اسان وٽ ڪيمائي مادا هئا، نہ ئي ٽائيم بم جو ضروري سامان ۽ نہ ئي سادي آهستي آهستي ٻرندڙ ڏوري. تمام ڏگهي بحث ۽ ڪيترن ئي تجربن کان پوءِ مسئلو حل ٿي ويو. بمن لاءِ گرينڈ بٽڻ استعمال ڪيو ويو. پر هنن حصن کي لڳائڻ کان اڳ ۾، اسان حفاظتي پن کي چڪي ان کي مضبوط ڌاڳي سان ٻڌوسون، جيڪو ان کي هڪ هنڌ قابو ڪري جهليندو. جڏهن بم کي چڪيو ويندو ان وقت هڪ سگريٽ ان سان چنبڙايو ويندو جيڪو خاص وقت ڌاڳي کي ساڙيندو ۽ حفاظتي سرشتي کي ختم ڪندو ۽ بم ڌماڪو ڪري ڦاٽي پوندو. اسان ڪافي تجربا ڪيا ۽ اهو ڏٺو تہ سگريٽ چگي نموني ڏکي پيو ۽ سڄو سگريٽ ٻرڻ ۾ ست منٽ پيو وٺي. اهو اسان جي سلامتي سان پڄڻ لاءِ ڪافي هو نہ تہ بمن جي موجودگي ۾ دوکو ڏيڻ خطري کان خالي ڪين هو. اسان جو اندازو درست ثابت ٿيو.

هاڻي بم تيار هئا، پر اڃان پيا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پيا هئا. پهريائين ريلوي اسٽيشن جو نقشو حاصل ڪرڻ، اهي جڳهيون ڏسڻ، جت محافظ ۽ انجڻيون بيٺل هيون، پوءِ فوجي ڳولهڻ، جنهن وسيلي مڪيہ حفاظتي دروازي مان اچي سگهجي ۽ پوءِ بم رکي پڄڻ. گاڏيءَ جو مسئلو تہ اڃ ئي حل ٿيل هو. هر روز آفيس ٽائيم ڪانپوءِ آمريڪي صلاحڪار پنهنجي ڪار سندس ڊرائيور کي گيرج ۾ بيهارڻ لاءِ چوندو آهي. تنهنڪري ڪار ۽ سندس ڊرائيور بائو شام جو سادي

پنجين بجي ڪانپوءِ منهنجي قبضي ۾ هوندا آهن. قدرتي طور ڪجهه وقت لاءِ يا حڪم جي بجا آوري کان انڪار ۾ کيس خارج ڪرڻ سان ئي اسان جو منصوبو ڪامياب ٿي پئي سگهيو.

ريلوي اسٽيشن تي صورتحال جو جائزو وٺيڪ ڏکيو ڪم هو. مون ان کي پنهنجي سر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ ڏينهن منجهند جو ٻين بجي مان ڊائين جي گهر ويس. هن کي اهو ٻڌائڻ کان پوءِ ته ڪيپٽن هنگ مون کان سواءِ ٻيو ڪو ڪونهي، مون هن کي ريلوي اسٽيشن جو دورو ڪرائڻ لاءِ چيو.

"پر محافظ پلٽون جو حقيقي ڪمانڊر هڪ فرانسي ليفٽيننٽ آهي مان فقط سندس اسسٽنٽ آهيان"، هن چيو.

"مون کي خبر آهي"، مون ٽوري ڪاوڙ مان چيو "پر اهو ڪو مسئلو ڪونهي. فرانسيءَ مجهند جي نند دؤران اسين هلي ڏسي سگهنداسون. هي آخري ڪم آهي، جنهن ۾ تنهنجي ضرورت آهي. ان ڪانپوءِ توکي هڪدم آزاد علاقي ۾ موڪليو ويندو."

ٻه ڏينهن اڳ ڊائين مون کي ٻڌايو هو ته، هو ٻئي يونٽ ۾ جلد بدلي ٿيڻ وارو آهي ۽ هن خواهش ظاهر ڪئي ته جيترو جلد ٿي سگهي کيس آزاد علاقي ۾ موڪليو وڃي. جيئن ته سندس بدلي جي خبر ڦهلجي چڪي هئي، ان ڪري مون اها راءِ ڏني ته، مون کي هن جي ايندڙ جانشين طور ڪردار ادا ڪرڻ کپي. ڊائين هڪدم منهنجي رٽ قبول ڪئي ۽ اعتماد سان چائين. "ڪيپٽن! مان تنهنجي هر حڪم کي مڃڻ لاءِ تيار آهيان."

هن مون کي سيڪنڊ ليفٽيننٽ جي بيجن سميت پنهنجو هڪ يونيفارم ڏنو ۽ پوءِ اسان ٻيئي خام ٽائين قاتڪ وٽان ريلوي اسٽيشن تي وياسون. هرهڪ شيءِ بلڪل ٺيڪ هئي. مستقبل جو اڳواڻ تصور ڪندي، سپاهين منهنجي تمام گهڻي عزت ڪئي ۽ مون کي ڊائين سان گڏ جانچ دؤرو ڪرايو. انجڻ جي ٻيهڙ جي جڳهه ۽ حفاظتي دستن جون جايون پنهنجي ذهن ۾ ويهارڻ کان پوءِ، مان ڊائين سان گڏ مکيه دروازي کان ٻاهر موٽي آيس، جتي اسان جو هڪ ساٿي پنهنجي موٽر سائيڪل تي منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. ڊائين کان

موڪلائڻ مهل مون ڪيس شام جو انين وڳي گهر ۾ هجڻ لاءِ چيو. شام جو سادي ستين وڳي ۾ هيا ساڻي ۽ اسان ڊرائيور بائو جي گهر وياسون. اسين سڏو هن جي سمهڻ واري ڪمري ۾ وياسون ۽ ڪجهه گهڙين کان پوءِ ٻاهر آياسون. رائفلن، لڪڻ ۽ بيجن سميت مڪمل يونيفارم سان هڪ آفيسر ۽ ٻن پاڙتيو سپاهين جي روپ ۾ اسان آمريڪي صلاحڪار جي ڪار ۾ ٻاهر آياسون. بائو اسان کي ڊائين جي گهر وٽي هليو. سيڪنڊ ليفٽيننٽ اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. مون هن کي مهم جا آخري تفصيل ٻڌايا ۽ ان ۾ سندس ڪردار بابت ڪيس مختصر طور ٻڌايم. مون هن کي ٻڌايو ته، منصوبو اڄ شام جو دير سان عمل ۾ آندو ويندو. گهر ڇڏيندي بائو پنهنجي امڙ کان عام رواجي انداز ۾ موڪلايو. اهو ڄاڻندي به ته شايد هو ڪيس ڏڳهي عرصي تائين نه ڏسي سگهي.

مقبوضه هنوئي ۾ ريلوي اسٽيشن جي حدن اندر شام جو انين وڳي ڪرفيو شروع ٿيو. چؤطرف موتمار خاموشي ڇانئجي ويئي گهٽين ۾ گشت جاري هو. منارن تان شڪي نگاهن تي بندوقون گوليون هلائڻ لاءِ تيار رهيون. بهرحال اسان جي ڪار ڪٽي به ڪاڻ بيئي ۽ اسين جلد ريلوي اسٽيشن تي پهچي وياسون. حملي جو وقت فرينچ ليفٽيننٽ جي عادتن مطابق چونڊيو ويو هو جيڪو ڊائين جي مٽان آفيسر هو ان وقت هو ضرور آفيسرن جي ڪلب ۾ مست هوندو.

اسان جي ڪار مڪيه دروازي اڳيان اچي بيٺي، جيڪا فرينچن لاءِ مخصوص هئي. اسان سمورا بائو کانسواءِ، جيڪو ڪار ۾ ويٺو رهيو، ٻاهر لٽاسون ۽ اسٽيشن ۾ داخل ٿياسين. ممڪن طور پاڻ کي عام رواجي محسوس ڪرائيندي.

هڪ سنتريءَ اسان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڊائين هن کي آفيسرانه نموني چنيڻ سان پنهنجي حيثيت محسوس ڪرائي، جيڪو پاڙتيو فوج جو رواجي انداز هو.

"توکي خبر ڪانهي ته مان ڪير آهيان، بيوقوف؟ ڇا اهو طريقو آهي پنهنجي آفيسرن جي آڇيان ڪرڻ جو ۽ تون مڪمل روشنيءَ ۾ چو بيٺو آهين؟ پوئتي اونداهيءَ ڪنڊ ۾ ٿي بيهه ۽ اتي ئي رهه، مڪيه

صلاحڪار جلد دوري ڪرڻ لاءِ اچڻ وارو آهي، جي تون سزا کائڻ نٿو چاهين تہ خبردار ٿي ٻيهر."

"هن يانڪي صلاحڪار جو سياڻ ڏاڍو گندو آهي." مون ورائيندي چيو "مان فقط توکي پنهنجو تجربو ٻڌايان ٿو. هو توکي بوٽ جا ٽڏا هڻندو."

اسان مزي سان اتي ويٺاسون جتي انجڻون بيٺل هيون. پليٽ فارم تي پرڏيهي فوجن جي پلٽون وڃڻ جي انتظار ۾ ويٺل هئي، ماڻهو زمين تي ليٽيل هئا، انهن ڏانهن بنا ڏيان ڏيڻ جي. اسين سڏو هڪ ننڍي دروازي ۾ لنگهي ويٺاسون. ٻائين ڊيوٽي تي موجود سپاهين کي استيشن جي چوڏاري جانچ منارن جي دوري تي هلڻ جو حڪم ڏنو. اتي پنج چونڪيون هيون، هرهڪ ۾ مڪيہ لنگهہ وٽ محافظ کانسواءِ هڪ هڪ سنتري هو. هرهڪ سپاهي مان ڪجهہ خاميون ڪڍندا، ڪين سخت سزا جو پؤ ڏيارينداسون ۽ ڪين ڪنڊ ڏي منهن ڪري ٻيهڻ جو حڪم ڏنوسون، جيئن سندن انجڻن تي نظر پئجي نہ سگهي.

پوءِ مون چوڏاري سگريٽ ورهائيندي، رلٽي ملٽي نموني چيو: "توهان هاڻي سگريٽ ڇڪي سگهو ٿا. صلاحڪار ڪلاڪ کن ۾ اچي ويندو."

اسان مان پڙ چئن سگريٽ ڪڍايا. ٿورن سوٽن هڻن کانپوءِ اسان اَڌَ ٻيا سگريٽ ٻہ ڪڍايا، جيڪي بمن سان چنڀڙايا ويا. ٻائين ٻاهر چوڪسي ڪري رهيو هو ۽ اسان تڪڙ ۾ هڪ منٽ کان ٻہ گهڻ وقت ۾ انجڻن ۾ بم رکي موٽي آياسون.

مون پڇڻ جو حڪم ڏنو. ان گهڙي ٻائين گهبرائجي رهيو هو. هن جا قدم تڪڙا هلي رهيا هئا. ۽ ويندي ڏُکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مون سندس چيلهہ ۾ پنهنجي ٻانهہ وڌي ۽ ڪيس آهستي هلڻ لاءِ زور ڏنم. لشڪر وٽان لنگهندي مون سندن اڳواڻ کي سلامي پڙ ڏني.

"جلدي سڏو اڏي تي هلو". مون ڪار ۾ چڙهندي چيو "اوچتي خطري جي صورت ۾ منهنجي حڪمن جي پيروي ڪريو."

ڪار ٻهراڙي طرف تيزي سان ڊوڙندي رهي. جيئن اسان پنهنجي منزل جي ويجهو پڳاسون ۽ ٻائو کي ڪار بيهارڻ جو مس چيو هو ۽

اسان لهڻ وارا هئاسون، جو اوچتو هڪ بکتر بند گشتي ڪار نمودار ٿي، اها ڏاڍي پيچيده گهڙي هئي، چو ته گشتي ٽيم کي ڪنهن به شڪيءَ کي شوٽ ڪرڻ جو حڪم مليل هو. ڊائين جيڪو منهنجي پر پر وينو هو ڏڪي رهيو هو. منهنجي هن ساٿين پنهنجون آگريون اول ئي بندوق جي گهوڙن تي رکي چڏيون. مون کين روڪيو:

"ترسو". مون حڪم ڏنو "تامي بندوقون پنهنجن گوڏن تي رکو عام رواجي ٽيڻ جي ڪوشش ڪريو. فقط ان وقت شوٽ ڪريو جڏهن مان توهان کي ائين ڪرڻ لاءِ حڪم ڪريان."

بکتر بند گاڏي آهستي آهستي ويجهو اچي رهي هئي. ڪجهه فرينچ سپاهين اسان کي ڏسڻ لاءِ گاڏيءَ مان پنهنجون منڊيون ٻاهر ڪڍيون، پوءِ اهي ڇُريا چو ته اسان جي ڪار جو ماڊل وڏن آفيسرن لاءِ مخصوص ٽيل هو ۽ اسان جي لڪڻ کين وڌيڪ يقين ڏياريو. مون بائو کي اڏي وٺ بيهڻ جو حڪم ڏنو. جيئن ئي اسان ڪار مان هيٺ لهي رهيا هئاسون، اسان ريلوي اسٽيشن جي حدن مان بم جو زوردار ڌماڪو ٻڌو.

ويٽنامي کهاڻيکار: قامر لي ٽنهه

سنڌيڪار: جمال سنڌي

جي لوڙ لڳين لائين ....

نگوين ڊڪ ٿوان، ويٽنامي انقلابي سائيگان ۾ 1956ع ۾ گرفتار ڪيو ويو ڪيس پارٽي تان دستبردار ڪرڻ لاءِ ڊائيمر- آمريڪي پوليس مٿس ڪيترن سالن تائين تشدد ڪيو ڊيڄاريو ۽ سندس چاپلوسي ڪئي، تمام وڏي ڪنن جدوجهد ڪانپوءِ هي ڪامياب ويو. ڊائيمر جي شڪست ڪانپوءِ هي آزاد ٿيو ۽ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌايائين)

"سڌارينڊڻن" جي ٽولي پنهنجو پاڻ تي ڏميواريون ورهائي ڪنيون، ۽ اسان مان هرهڪ تي سپ طرف ڌپاءُ وجهندي، پنهنجو ڪم شروع ڪيو. هو اسان کي وري وري ٻڌائڻ لڳا ته ڪيئن نه اسان جا 7 ساٿي، 27 مارچ تي مري ويا هئا، تن جي باري ۾ تفصيل ٻڌائيندي سندس موت کي هيبتناڪ، قابل رحم، ڏکائيندڙ نقصان ۽ انساني زندگيءَ جو افسوسناڪ زبان سڏي رهيا هئا. مطلب ته هو اسان جي اخلاقي جرئت کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

پوءِ هو نڪ جي پڪائيءَ سان اسان کي ڊيڄارڻ لڳا: "مهربان! اوهان کي جيئڻ لاءِ تمام ٿورو وقت آهي. جئين تيز طوفان ۾ ڪا ڏياڻي يا ڪو وار جنهن جي چوٽي سان ڳرو وزن ٻڌل هجي. اسين توهان جو موت سامهون ڏسي رهيا آهيون، جڏ تيز ڏاڻي سان لابارو ٽيندو هجي!"

پنهنجي پر ۾ سهڻي صلاح ڏيڻ لڳا: "هتان آزاد ٿي اوهان پنهنجي طاقت ٻيهر گڏ ڪري سگهندؤ ۽ ائين ڪرڻ ڪانپوءِ اوهان کي جيڪو ڪجهه وٽندو اوهين ڪري سگهندو" ويڙهاڪن کي پڻ آرام جي ضرورت پوندي آهي. اسين غلط ته نه پيا چئون؟ هاڻي اسان جي ڀالهه مڃيو هتان ڪجهه وقت لاءِ هليا وڃو ۽ وڃي آرام ڪريو."

ستين جشن جي پندرهين ڏينهن تي اسان هر هڪ کي هڪ سگريٽن جو پاکيٽ ۽ سڪل کير ڏنو ويو.

"ميجر موت کان چوٽڪاري جي هن ڏينهن تي، اوهان لاءِ لذت پريون ڪجهه شيون موڪليون آهن." هو اسان کي ٻڌائڻ لڳا. "اوهين ڏسو پيا ته سرڪار کي اوهان جو ڪيترو نه اُونو آهي، پر اوهان موٽ ۾ ڪجهه به نٿا ڏيو!"

اسين سوچڻ لڳاسون: "اوهان جي آس اجائي آهي، اسان کي ان جي ڪابه پرواه ڪونهي، اوهان ڪابه نئين شيءِ نه پيا ڪريو ۽ سدائين ساڳي ڳالهه پيا ورجايو. اسان مان ڪابه اميد نه رکو!" 3 سيپٽمبر، ڊانگ تو پوليس سان گڏ آيو. هن اسان جي ستن ڇٽن جي گروپ کي وراندي ۾ گهرائي هيٺين تقرير ڪئي:

"مهربانو! هت پڇندي مون اوهان کي پهريون پيرو ڏٺو هو. اڄ آءٌ توهان کي آخري پيرو ڏسي رهيو آهيان!" ۽ وڌيڪ ڪجهه چوڻ کانسواءِ هليو ويو. هن واقعي اسان کي پهريون دفعو ڏٺو ۽ ان پهرينءَ ملاقات کان هڪدم پوءِ برف جهڙي ٺڏي پاڻي سان وهنجارڻ، چوني ۽ ٻڌل چانور ۽ سڪل مڇي کارائڻ ۽ وحشيانه مار جي نتيجي ۾ 27 مارچ تي اسان جا ست ساٿي شيهد ٿي ويا.... ۽ هاڻ؟

ٽن ڏينهن کانپوءِ پوليس وارا ۽ "سُڌارينڊڙ" ٻيهر نمودار ٿيا.

هنن اسان کي چيو "ها ته مهرباني! اوهان اسان جي صوبي جي گورنر ڪيپٽن جي صلاح تي غور ڪيو آهي، هن جا لفظ جلد عمل ۾ اچڻ وار آهن."

ان ڏينهن مونهه واهه پارٽيءَ تان دستبردار ٿيو. ايڇا تائين پيچش جي بيماريءَ ۾ وڪوڙيل هوندي، نه ويهي سگهڻ جي باوجود به ڪنڌ ۾ لٽيو رهيو. هن جي دستبردار ٿيڻ کان هڪدم پوءِ، دشمن علاج لاءِ فزيشن کي گهرايو. اسٽريچر ڪٽنڊڙ ۽ اسپتال ۾ نرسون پڇڪ ۾ لڳيون پيون هيون. ان کانپوءِ کهيءَ کي ايمبولينس ۾ آندو ويو. اهي سڀ سرگرميون اسان کي "دسبردار ڪرڻ" لاءِ ڪيون پئي ويون.

پر اهو ضرور چئبو ته کهي، سيڪشن 2 ۾ بدلي ٿيڻ کانپوءِ ۽ آزاد

ٽيٽ تائين، ڪڏهن به دشمن جي جهنڊي کي سلام نه ڪيو ۽ نه ئي سرڪار جي حمايت ۾ نعرا هنيا.

تنهن کانپوءِ به اسان کي کهيءَ جي ڳوڻائيءَ کان خبر پئي، جيڪو هن کان اڳ سيڪشن 2 ۾ بدلي ٿيو هو ته، هن سندس "دستبردار ٽيٽ" تي خود تبصرو ڪندي چيو هو ته، "مون سوچيو ته اسين ست ئي چيتي جيل ۾ مري ويندا سون، جي ڪجهه به نه ڪيو ويو ته ۽ اهو وڏيڪ صحيح هو ته مون کي سيڪشن 2 ۾ باقي بچيل ساٿين کي بچائڻ جو اهو ئي هڪ وجهه هو."

اسان هِتِ باقي ڇهه ڇٽا بچيا سون. دشمن اسان جا سمورا لٽا لاهي ڇڏيا، جيئن اڳي تشدد دوران هو هميشه ڪندا هئا ۽ ٻيهر بنا لوڻ جي ڪڙهيل چانور ۽ ميري پاٽي جو ڏُڪ روزانو ڏيڻ شروع ڪيائون.

8 سيپٽمبر تي هو ٻيهر آيا ۽ مون کي ٻڌائڻ لڳا ته، "توهان جي گروپ جا 3 ڇٽا مسٽر منهن. موٽ ۽ سيڪ دستبردار ٿيا آهن! باقي مسٽر بنهن. مسٽر هيو ۽ تون بچيل آهيو. توهان هِتِ اجايو ايترو چو پيا رهو جڏهن ته گهٽا هليا ويا آهن. هي دستبردار ٿيا آهن ۽ توهين به ائين ڪري سگهو ٿا."

مون جواب ڏنو: "جيستائين منهنجو واسطو آهي ته، آءٌ ائين ڪڏهن به ڪونه ڪندس."

"هِتِ اوهان مان صرف 3 ڇٽا بچن ٿا، توهان چا ڪري سگهندؤ اسين جڏهن به چاهيون، اوهان کي ماري ڇڏيندا سون. اچو دستبردار ٿيو جيئن جلد ائين ڪندؤ تيئن ستو ٿيندو!" آءٌ دل ئي دل ۾ ڪلڻ لڳس. دشمن اسان کي ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پوليس آفيسر چالبازي سوچي ۽ "چيتي جيل" جي حفاظتي سيڪشن جي انچارج هاٿي گيڪ کي چيو: "هو هنن مان تن کي وٽي وچ ۽ ٻين 3 کي ٻڌاءِ ته هو دستبردار ٿي ويا آهن، ٿي سگهي ٿو ته هو اعتبار ڪري وجهن ۽ پاڻ به ائين ڪن!"

۽ اسان جا 3 ساٿي منهن. سيڪ ۽ موٽ، ٻئي جيل ۾ موڪليا ويا ان کانپوءِ دشمن اسان هر هڪ سان الڳ الڳ ڳالهائڻ آيو.

آڪٽوبر جي شروعات ۾ هو ان جيڪو قام جي جاءِ تي "سڏاريندڙ" جي گروپ جو هيڊ ٿي آيو هو اسان کي وراندي ۾ گهرايو. خوبصورت

ڊريسن ۾ ڪجهه آفيسر، جيڪي اڳ اسان ڏانهن به ڪونه ڏٺا هئا، اڳ ئي اتي ٻيٺا هئا.

هوان چيو: "هِتِ اختياري وارن کي ڪيپٽن رپورٽ ڏني آهي ته اوهان دستبردار ٿيڻ کان نابري واري آهي، ان کري مرڪزي سرڪار ڪارڪنن جو هڪ وفد موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جيڪي اوهان سان ڳالهه ٻولهه ڪندا. هي مسٽر ٽو "مرڪزي سڌارينڊڻ جي بيورو" جو اعليٰ ميمبر آهي ۽ مسٽر ٽيو نفسياتي جنگ جي بيورو جو ميمبر ۽ وفد جو سربراه آهي."

ٽُو قد جو ڊينڊڙو ۽ گُٽڪڙو هو. جڏهن ته ٽيوُن سنهڙو ۽ قد جو ڊگهو هو. انهن جا هيٺيان چار ٻيا به آفيسر رکيل هئا، جن جو ڪم هو سڌارينڊڻ جي گروپ طرفان ڪيل ڪم جو خاص انداز ۾ جائزو وٺڻ. پويان آفيسر "ڪميونسٽن کي دستبردار ڪرڻ، سندن انتها پسندي کي ختم ڪرڻ ۽ حڪومت جي چاپلوسي" ۽ "فطرت جي حفاظت لاءِ اسان کي مجائڻ" ۾ ناڪام ٿيڻ تي مٿن تنقيد ڪندا هئا. هو پنهنجو پاڻ چوندا هئا: "هنن ماڻهن سان (هو اسان جي باري ۾ ڳالهائيندا هئا) اهم ڳالهه اها آهي ته سندن سورهيائي جي پاڙ کي، سندن انقلاب سان وفاداريءَ کي ٽوڙڻو پوندو ان کانسواءِ هنن کي مجائڻ جي ٻي ڪا واهه ڪونهي."

"سڌارينڊڻ" تي ڏاڍي منيان ايندي هئي، جيڪي اهو سمجهندا هئا ته هو اسان کي پنهنجي دليل بازيءَ سان شڪست ڏيئي، خاموش ڪري سگهندا ۽ آخر اسان جي "وفاداري کي ٽوڙيندا."

هنن ٽن، ٽن ماڻهن تي مشتمل ٻه ٽيمون ٺاهيون، جن مان هر هڪ اسان مان 3 ڄڻن جي چارج ورتي. آءٌ ان ٽيم ۾ هوس، جنهن جو اڳواڻ ٽُو هو. هو هڪ ڪيٽولڪ وانگر وڏي فخر سان نصيحتون ڪندو هو. ڪيس مٿي نموني ۽ جارحانه ڳالهائڻ ايندو هو پر سدائين صلح سان ڳالهائيندو هو.

هڪ ڏينهن صبح جو هنن اسان کي ورانڊي ۾ گهرايو جتي هنن مان هڪڙي چيو: مهربانو! جڏهن اوهان پنهنجي پارٽيءَ کي ڇڏڻ کان انڪار ٿا ڪريو تڏهن اسين اهو چڱي ريت سمجهون ٿا، ته اوهان

وفاداري جو مسئلو آهي ۽ اسان کي توهان جي جذبن جو قدر آهي، پر دستبردار ٿيڻ هڪ ڪامورڪي ڪاغذي ڪاروائي آهي، جيڪا گهٽو اڳ مسٽر يان شروع ڪئي هئي. ۽ جيئن ته اها شروع ٿي چڪي آهي، ان ڪري برقرار رکڻي پوندي. اوهين ڪابه اميد ۽ آسرو نه ڪريو ڇو ته ان کي ختم ڪرڻ لاءِ مرڪزي سرڪار کان خاص اجازت ونڊڻي پوندي ۽ اوهان کي خواه مخواه وڌيڪ ٽائيم ۽ تڪليف برداشت ڪرڻي پوندي. حقيقت ۾ ان جو ڪو خاص مقصد ڪونهي. اوهين ڏسو ٿا ته اسين فقط اوهان کي جسماني طور قيد ڪري سگهون ٿا. پر ڪابه طاقت اوهان جي سوچن جي خلاف ڪجهه ڪري نٿي سگهي. اهو ته سوچيو ته لکي ڏيڻ سان ڪو ويڙهه جو جوش ختم ٿي ويندو! نه، نه صفا نه. پر ان جي ابتڙ هنن صورتحال ۾ دستبردار ٿيڻ سان اوهان جي مقصد کي فائدو رسندو. ڇو؟ ڇو ته اوهان زنده هوندا ۽ پنهنجي جدوجهد کي اڳتي وڌائي سگهندا... دستبردار ٿيڻ تي صحيح ڪندا، پر حقيقت ۾ اوهين دستبردار ڪونه ٿيندا. اوهان تي ڪو الزام هٽي ڪونه سگهندو؟ ڇا اوهان اهڙا موقعي پرست ٿيندؤ جو هڪ ڪاغذي ڪاروائي جي ڪري پنهنجو موت قبوليو ۽ پنهنجي جدوجهد کي ختم ڪريو ته يقيناً اوهين ڪڏهن به ايڏا بيوقوف نه ٿيندؤ. اوهين پڪ سان وڌيڪ حقيقت پسند آهيو. ڇا اهو صحيح ناهي ته اصولن سان وفاداري حالت موجب هلڻ جي اجازت ڏئي ٿي؟"

هن وڌيڪ چيو: "شايد اوهان جو خيال دنيا کي سنواريندڙ سورهيه ٿيڻ ۽ بيمثال ڪارنامو ڪرڻ جو هجي، پر مهربانو ٿورو اسان کي به ته ٻڌايو ته. ڪو ماڻهو بي مقصد مري وڃڻ سان دنيا کي ڪيئن بدلائي سگهندو."

ٻئي چيو: "اوهين يقيناً عظيم چيني شاعر نگوين ڪئات وانگر پيا سوچيو ته. دنيا ۾ هر ڪا شيءِ غلط آهي، پر فقط آءٌ صحيح آهيان. ائين اوهين ذاتي سورهيائيءَ جي ڇار ۾ ڦاسي پوندو. جنهن جي ته اوهان خلاف آهيو. ان جي معنيٰ ته اوهان جا عمل اوهان جي مقصد جي ابتڙ اهن!"

هو وڌا واعظ ڪندا رهيا ۽ اهو صاف ظاهر هو ته هو اسان جي وفاداريءَ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا. پر سندن دليل سندن اڳين

ڪان وڌيڪ چسڪيدار ڪونہ هئا. فقط هن ۾ ٿورو وڌيڪ لوڻ مرچ ملايو ويو هو. هنن ان ڏينهن ئي سمورو ڳالهائي پورو ڪيو. نڪرڻ کان اڳ ٿو پنهنجا ٻئي هٿ مٿي تي رکي، وڏي واڪ چئي رهيو هو:

"او خدا! هنن کي عقل ڏي ۽ صالح ڪرين! يا رب هنن کي بچاءِ!!"

اسين ڪِلَ ۾ ٻڌجي ويا سون. هو نہ پئي سمجهي سگهيو تہ اسان کي شڪست نٿي ڏيئي سگهجي.

رات جو ڇهہ ئي اول اسان جي 3 ساٿين منهن، موٽ ۽ سيڪ کان ٿي اسان ڏي وري آيا. تيز مينهن پئي وسيو ۽ ورانڊو پاڻي سان ڀريو پيو هو. سو هنن اسان کي ڊاڪٽن جي پرسان ڪنڌ ۾ ويهاريو ۽ تقريباً اهي ساڳيون ڳالهيون ورجايون، جيڪي هنن صبح جو ڪيون هيون. ٿوريءَ دير کانپوءِ ٿو مون کان پڇي: "ها تہ پوءِ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟"

"اسان جي انٽرويو کي وڌيڪ ڊيگهہ ڏيڻ لاءِ موسم صحيح ڪونهي. اسين مختصر طور پنهنجا خيال پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون ۽ مان اوهان سان ڪنهن ٻئي مناسب موقعي تي وڌيڪ ڳالهائيندس".

۽ مون هن کي سمجهايو تہ. اسين پنهنجي جدوجهد لاءِ چا پيا محسوس ڪريون. ٿيوَر وڪڙ کاڌا ۽ چيو:

"تو مختصر ڳالهايو آهي، پر تو کي مطلب پريون ڳالهيون ڪيون آهن. مان توهان کان فقط هڪ سوال پڇان ٿو. چا تون ايجا پنهنجي پارٽي سان پيار ڪرين ٿو؟"

"جيئن تہ اها اسان جي پارٽي آهي، تنهنڪري اسين ان سان پيار چو ڪونہ ڪنداسون."

جي تون پنهنجي پارٽي سان پيار ڪرين ٿو تہ پوءِ معنيٰ ڪين ان جي مقصدن کي عملي شڪل ضرور ڏيندين! يا نہ؟

"بلڪل".

"مان هاڻي توکان پڇان ٿو تہ: اوهان جي پارٽيءَ جو اصول آهي اقليت کي اڪثريت جي خواهشن جو احترام ڪرڻ گهرجي، پوءِ توهان دستبردار ٿيڻ لاءِ ايڏو ضد چو پيا ڪريو. جڏهن تہ توهان جي

اڪثر ساڻين ائين ڪيو آهي؟ صاف ظاهر آهي ته تون پنهنجي پارٽيءَ جي ضابطن جو خيال نه پيو ڪرين."

"تو کي اسان جي پارٽي ضابطن جي ڪا خبر ڪونهي، تنهنڪري توکي اهي ڳالهيون سمجهائڻ وڏو مسئلو آهن." مون تيز ٿيندي چيو. "هاڻي فقط مان توکي هڪڙي ڳالهه ٻڌايان ٿو: سمورا انقلابي، پوءِ اهي آزاد هجن يا قيد، "دستبردار" ٿيا هجن يا نه، سندن مقصد هڪ آهي، پنهنجي وطن جي خوشحالي."

ڪروڌي نگاهن سان ڏسندي ٿيو چيو: "چا! جيئن ته تون پنهنجا ساڻيا خيال قائم ڪيو ويٺو آهين ۽ اسين ڪجهه به نٿا ڪري سگهون ته پوءِ اسين هلون ٿا..." جيئن ئي اُهي اٿي وڃڻ لڳا ته مون کين چيو: "جيئن ته اوهين سرڪاري مشن سان واسطو رکو ٿا، ان ڪري اوهان اسان جي هيٺين عرضداشت مٿي پڃايو: اوهان کي ضرور خبر هوندي ته توهان جي سرڪار ماڻهن کي عذاب ڏيئي مارينديءَ رهي آهي ۽ ملڪيتون تباهه ڪندي رهي آهي، توهان اهي ظلم ڏٺا آهن، اسان ۾ هزارين هتي مري ويا آهن، ان کانسواءِ ٻيا هزارين بيمار آهن، معذور ڪيا ويا آهن ۽ هر قسم جي عذاب هيٺ آهن ... اسين سوچيون ٿا ته اهو گهٽ وحشيانه ٿيندو جو اوهين اسان کي قتل ڪريو. گولي هڻو. سو اسين اوهانکي هي عرض پيش ڪرڻ لاءِ ٻيا چئون ته: "جڏهن به توهان کي خيال اچي، اسان کي پل شوٽ ڪريو پر جيسين اسين جيئرا آهيون، اسين بهتر علاج چاهيون ٿا... ديس ۾ مظلومن جي آزادي چاهيون ٿا."

ٿيوءَ ٻيهر پنهنجا ٻئي هٿ ملائي، صبح وانگر مٿي تي رکڻ بجاءِ پويان ڏيئي چوڻ لڳو:

"ٺيڪ آهي ... اسين ... اوهان جي ... عرضداشت مرڪزي سرڪار کي ... پڃائينداسون، پوءِ سڄو گروپ باهر هليو ويو.

مڪمل طور تي محروم ٿيڻ کانپوءِ هو ٻئي ڏينهن وري آيا ۽ اسان جي وفاداريءَ کي ٽوڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا رهيا.

جڏهن دليلبازيءَ مان ڪم نه هلندو آهي، تڏهن اڪثر ڪري طاقت جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي، دشمن پڻ ائين ڪيو. اسان کي اها

خبر هئي ۽ اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن اسان کي پاٽيءَ ۾ تشدد جو نشانو بنايو ويو تڏهن اسان کي تعجب ڪونہ ٿيو.

هن دفعي پاٽيءَ سان فقط رات جو وهنجاريو ويندو هو: هر رات جو ٽي دفعا 9 وڳي، هڪ وڳي ۽ چئين وڳي.

سو دشمن تڪڙي سوپ ماٽڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون هيون. 27 مارچ واري مارچ کان پوءِ اهو صاف ظاهر هو تہ هو هاٽي اسان خلاف خطرناڪ جنگ جي تيارين ۾ هئا. هو هرهڪ جملي ۾ شعوري طور زندگيءَ کان ڪڪ ڪرڻ لاءِ اسان مان ڪجهہ کي ماريندا. هن دفعي تڏي پاٽيءَ سان وهنجارڻ دوران اسان کي ڪپڙا پائڻ لاءِ چيو ويو. دشمن اسان جي تڪليف کي وڌائڻ لاءِ هر ممڪن ڪم لاءِ تيار هو.

"اوهين ليٽو! ... تون هُتي... مڪمل طور پنهنجي پٺي تي ... وهنجڻ لاءِ... هيٺ جهڪو." هو سپ رڙيون ڪرڻ ڪرڻ لڳا.

"ايان هيٺ جهڪو منهن مٿي ڇت ڏي ڪريو." ۽ وري:

"اٿي بيهو! .... ۽ ٻانهون ڏڪهيون ڪريو!"

"چيتو جيل" ان کان پوءِ ڪڏهن بہ خشڪ ڪونہ ٿيو بت جو هيئيون اڌ پاٽي ۾ ٻڏل هو ۽ پلستر زمين تي ڪري پيو هو. سيمنٽ جو فرش واري ٻني وانگر کهروٽي ويو هو ۽ اسان جي پيرن جون تريون ان تي گهمندي ڦنجي پيون. آڱرين جي وچ ۾ گوشت وڌي ويو. جڏهن وهنجارڻ جو وقت ويجهو ايندو هو تہ اسين پنهنجي جسم کي گرم ڪرڻ لاءِ پنهنجي هٿن جي ترين سان مهٽيندا هئاسون ۽ وهنجارڻ جي مهل جو انتظار سوري جي تختي جي انتظار وانگر لڳندو هو. هڪ ڀيانڪ احساس ٿيندو هو جنهن کي بيان نٿو ڪري سگهجي. اسان جي مٿي تي ايترو گهٽو پاٽي لڳڻ کانپوءِ، اسان جو دماغ صحيح ڪم نہ ڪندو هو. انتظار ڪري بيحد ڪاوڙ ۽ پيڙا پوڳٽي پوندي هئي.

اونداهي رات ۾ تيز هوائن جا گهوگهاٽ، برف اوتڻ جو ڦهڪو ۽ اسان کي وهنجارڻ واري پاٽي جي چلڪڻ جو آواز... هي سپ اسان جي ڏڪٽي لاءِ ڪافي هئا.

اسان تي تشدد ڪندڙ اسان کان تمام گهٽو مٿي اُن جي ٽلهن ڪوٽن ۽ مفلرن ۾ ويڙهيل هوندا هئا ۽ اسين هيٺ پنهنجي ڪال

ڪوڙيءَ جي ڪنڌ ۾ اين گهنڊيدار وارن سان سيءُ ۾ ڏڪندا هئاسون "ڪير اول ايندو؟" "ها ته... منهنجا اڄ تون اڇ."

"منهنجا اڄ ڏاڍو سيءُ آهي! ڇا ڪونهي؟" برف جو ڳنڍيو پاڻيءَ ۾ وڏو ويندو هو. وهنجاريل ماٺهو سيسڙاتيون پريندو هو.... جڏهن بجلي بند ٿي ويندي هئي، هو اسان کي گولن سان ڏسندا هئا ته اسين مقرر حالت ۾ آهيون يا نه.

هن عرصي دوران اسان جي هڪ نئين سنگت ٿي، سيڪشن 2 مان 70 ساڻي هِتِ موڪليا ويا هئا. 65 ڄڻن "شڪر گذاري جي خط" تي صحيح ڪرڻ کان نابري واري هئي، 5 ڄڻن هن ٻيٽ مان ٻڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

26 اڪتوبر 1961ع تي، دشمن سيڪشن 2 مان ڪيترا قيدي آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. بي ترتيبيءَ سان کين جهاز تي چاڙهڻ کان ٿورو اڳ، نظر بندن کي صدر "نگو" جي مهربانين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ "شڪر گذاريءَ جي خط" تي صحيح ڪرڻ ۽ وفادار شهري ٿيڻ لاءِ ايمانداري سان واعدو ڪرڻ لاءِ چيو ويو. 65 ڄڻن انڪار ڪيو.

انهن مان هڪ چيو: "فرانسيسي حملي آورن جي جنگ ۾ مون حصو ورتو هو. جڏهن نگوڊنم ڊائيم حڪومت آئي آهي، تڏهن مون کي گرفتار ڪيو ويو آهي. هاڻي توهان هن حڪومت جي شڪر گذاري ڪرڻ ۽ ان ۾ استاد کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هن پني تي صحيح ڪرڻ لاءِ زور پري رهيا آهيو. پر مان فراخدليءَ سان اهو ضرور چوندس ته، مون کي هن حڪومت ۾ ٽڪي جو به اعتماد ڪونهي. آءٌ صحيح نه ڪندس. پوءِ پل مون کي ڪهڙي به سزا پوڳٽي پوي، يا مون کي هميشه لاءِ هت رهڻو پوي."

ٻئي چيو: "مان پنهنجي ڪٽنب کي ڏسڻ کان اول ڪنهن به شيءِ تي صحيح نه ڪندس. هن حڪومت تي اعتماد نٿو رکي سگهجي. مڪيه هنڊ تي جن "ڪميونسٽن تي ڦٽڪار جي ڪورس" ۾ حاضري هئي. انهن کي آزاد ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو هو پر اهي پولو ڪونڊرسيٽ تي موڪليا ويا، جيڪي سيڪشن 1 مان سيڪشن 2 ۾ بدلي ڪيا ويا. انهن سان پڻ آزادي جو واعدو ڪيو ويو هو پر مٽن مار

۽ تشدد جاري آهي. ڇا اهو سچ ناهي تہ جن صحيح ڪئي هئي، انهن کي ٿوري عرصي کانپوءِ هتي واپس موڪليو آهي؟ منهنجو هن حڪومت جي ايمانداريءَ تي يقين ڪونهي، ان ڪري مان صحيح نہ ڪندس!"

ٻين سولي نموني چيو: "سمورو عوام ملڪ جي خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، جي اسان هن جدوجهد کان الڳ رهڻ جو واعدو ڪريون تہ آزاد ٿيڻ کانپوءِ ڪيئن جيئنداسون؟"

"ب: اهڙي پني تي صحيح ڪئي هئي ۽ گهٽو اڳ آزاد ڪيو ويو هو پر سندس ڪٽنب ايڏا تائين هتان جي ماڻهن کي سندس جانچ لهڻ لاءِ لکي رهيو آهي. خبر ناهي هن کي هاڻي ڪٽي بند ڪيو ويو آهي؟"

هو سمورا ساڻي هڪدم "چيتي جيل" ۾ آندا ويا، جتي مٽن سخت تشدد ڪيو ويو.

ٻئي ڏينهن وري انهن کي واپس آندو ويو ۽ کين چيو ويو:

"جهنڊي کي سلامي ڏيو ۽ هينئر ئي آزاد ٿي ويو!" ساڻين سلاميءَ کان انڪار ڪيو ۽ هو ٻيهر "چيتي جيل" موڪليا ويا. اتي هنن کي ايترو ماريو ويو ۽ تشدد ڪيو ويو جيترو اسان تي. نون قيدين مان ساڻي چونگ بہ هو جنهن کي دشمن 3 ڀيرا چڙهڻ لاءِ راضي ٿيو پر هر دفعي آخري گهڙيءَ شڪر گذاري جي خط تي صحيح نہ ڪرڻ ڪري واپس آندو ويو. چونگ کي سخت سزا ڏني ويئي.

پنجن ساڻين تي جيڪي ٻيٽ مان ڀڄي وڃڻ ۾ ناڪام ٿيا هئا، سخت تشدد ڪيو ويو. گهربل هوا جي نہ هئڻ سبب سندن ٻيڙي سمنڊ ۾ هلي نہ سگهي. صبح جو سوير دشمن جي موٽر ٻيڙيءَ سندن پيڇو ڪيو هوجلد پڪڙجي پيا ۽ "چيتي جيل" ۾ آندا ويا، جتي مٽن وحشيانہ تشدد ڪيو ويو. دشمن پڃڻ واريءَ تنظيم جا تفصيل ڄاڻڻ چاهيان پي، پر ساڻين کوبہ راز ظاهر نہ ڪيو.

ان وقت "چيتي جيل" ۾ ٽن قسمن جا قيدي هئا: اهي جن کي دشمن آزاديءَ جي اجازت ڏني هئي، پر هنن "شڪر گذاري جي خط" تي صحيح ڪرڻ کان نابري واري هئي، اهي جن کي دشمن ٻيٽ تي رکيو هو ۽ جيڪي ڀڄندي پڪڙجي پيا هئا ۽ ٻيا اسان ڇهہ جن جي لاءِ دشمن فيصلو ڪري ڪونہ سگهيو هو تہ ڪٽي رکيا وڃن ۽

جيڪي موت جو انتظار ڪري رهيا هئا. حفاظتي چمچا متينءَ ماڙي تي گاريون ڏيڻ لڳا: "هنن 165 ڪتن جي پٽن، سالن تائين تربيت جو ڪورس پڙهيو آهي، هاڻي رڳو هنن کي گهر وڃڻ کان اڳ شڪر گذاري جي خط تي صحيح ڪرڻي آهي ۽ اجا هو انڪار پيا ڪن! سڄ پڄ منهنجي ڀالهه سمجهه ۾ نٿي اچي!" "۽ هو 5 لٽيرا وحشي آهن... هنن کي هن جاءِ تان پڃڻ جي همت ڪيئن ٿي: بس اصل ڀالهه صفا سمجهه ۾ نه ٿي اچي!"

"هي وري ڇهه جنڙا! ... اسپتال ۾ داخل ٿيڻ کان نابري واري وينا آهن ۽ هتي ليٽيا موت جو انتظار پيا ڪن! هي وڃڻ ته رڪ آهن. اسين ته جيڪر اهڙي هڪ رات به نه گهاري سگهون!"

هر دفعي پوليس ايجنٽ ٽو هوچ 65 ساٿين طرفان صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي، تشدد ڪرڻ ڪانپوءِ اسان وٽ ايندو هو ۽ پڇندو هو:

"ڇا اوهان آواز ٻڌو پيا؟ پنهنجي پارٽيءَ تان دستبردار ٿيو نه ته موت تائين موچڙا ڪائيندؤ"

اسان کي پل ماريو. اسين دستبردار ڪونه ٿينداسون. اسان جي وات مان گڏيل آواز نڪرندو هو. پوءِ اسان کي 65 ساٿين سان گڏ رکيو ويو ۽ انهن سان گڏ اسان کي به بي رحميءَ سان ماريو ويندو هو.

ان وقت "پولو ڪونڊر ٻيٽ تي لڙائيءَ جي هڪ وڏي لهر اچڻ ڪري سيڪشن 2 جي ساٿين جدوجهد جو وڏو جذبو ۽ جولان هو جيڪي هينگ ڊونگ قبرستان ۾ ڪميونسٽن جي قبرن جي بيحرمتي ڪرڻ جي خلاف هئا.

دشمن ڳجهي نموني پولو ڪونڊر ٻيٽ کي رسد جو اڏو بنائڻ جو منصوبو رٿيو هو. صلاحڪار جاءِ جي سروي ڪرڻ آيا. اها جڳهه پهرين فوجين جي سڪيا لاءِ ميدان طور استعمال ڪئي ويئي ۽ مونگ ۾ سيڪشن 2 جا نظر بند مهينن تائين هوائي اڏي ٽاهڻ لاءِ ڪم ڪندا هئا. هن منصوبي جي پورائيءَ لاءِ هينگ ڊونگ قبرستان کي تباهه ڪرڻ ضروري هو پر دشمن پنهنجو منصوبو خفيه رکيو ۽ اهو ظاهر ڪرڻ لڳا ته، "هو سورهيه قوم پرست انقلابي نگوئين اين منهه جي ياد

ھڪ شاندار يادگار ٺاھڻ" چاھين ٿا. ائين مشھور ڪرڻ سان ھو ھڪ پٿر سان ٻہ پکي مارڻ جي ڪوشش ڪري رھيا ھئا.

ھڪ طرف ھو اھو تصور ڏياري رھيا ھئا تہ، ھو قوم پرست انقلابين کي عزت ڏيندا آھن ۽ ٻئي طرف ھو ڪميونسٽ سرويچن جون قبرون ختم ڪري انقلاب جا پڏرا نشان مٽائي رھيا ھئا. دشمن دستبردار ٿيلن جي خوبيءَ کي تباہ ڪرڻ جي پڻ سازش ڪري رھيا ھئا. جيئن سندن نيڪناميءَ کي وڌيڪ نيچ ڪري سگھجي. ھو ان کي تہ ڪميونسٽن پنھنجي ساٿين جي قبرن جي بي عزتي ڪئي آھي. ھو ترب جي پتي طور استعمال ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃن ھا. پر سيڪشن 1 ۾ اسان جي ساٿين دشمن جا ارادا چڱيءَ ريت سمجھي ورتا. ھنن ڪنھن بہ قيمت تي قبرن کوٽڻ جي مخالف فيصلو ڪيو. ھو دٻاءَ وجھندي چوڻ لڳا:

"اسان جا ساٿي پڻ انقلابي آھن. جن پنھنجون سڄون زندگيون قربان ڪيون آھن. انھن جون قبرون ڇو پيون کوٽيون وڃن. جڏھن تہ ٻين کي سينگاريو پيو وڃي؟ اسين ائين ڪڏھن بہ ٿيڻ ڪونہ ڏينداسين!"

"اسين اڳيئي پنھنجن ساٿين گھڙيون گھاريل ھنڌن کي نہ ڏسي سگھڻ سبب سخت عذاب ۾ آھيون. اسين ايترا سنگدل ڪيئن ٿينداسون. جو انھن جون قبرون کوٽيون؟"

بھرحال دشمن ٽن قيدين کي نگوئين نوھين جي پرسان قبر کوٽڻ جو حڪم ڏنو. ان منجھان ھڏا ڪڍي اڇلايا ويا. ڪجھ ھڏن کي اڃان تائين گوشت جا ٽڪر چنبڙيل ھئا. ساٿين قبرن کوٽڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ دشمن جي چمچن کين ڪليل قبرن ۾ ڌڪا ڏيئي ڪم ڪرڻ لاءِ زور پريو. جڏھن ھو قبرن مان مٽي چڙھڻ جي ڪوشش ڪري رھيا ھئا. تڏھن کين سخت مار ڏيئي وري قبرن ۾ اڇلايو ويندو ھو. ھو مٽي ۽ رت ۾ ۽ لاشن جي ٽڪرن ۾ ڏڪجي ويندا ھئا. جڏھن سندن پٺي تي قبرن پرسان ڦٽڪن جو وسڪارو ٿيندو ھو. تڏھن باقي رھيل قبرن جي پرسان ويھي ڏاڏيان چوندا ھئا:

"ساٿيو اسين اوھان جي مثال جي پوئواري جو واعدو ٿا ڪريون!...."

پوءِ ٽام اوٽ ۾ اچي پنهنجي جٽن کي حڪم ڪيو جيڪي مشين گنن ۽ مارٽن سان اچي ساڻين کي وکوڙي ويا. ٽيءَ جي ڪمانڊ ۾ سپاهين چئني ڪنڊن تي بيهي، ٽلهن نيٽ جي لڪڻن سان ڪين ستيندا هئا. سوين قيدي جيڪي دشمن جا چمچا ٿي ويا، پوليس ايجنٽ ۽ سپاهي ساڻين کي چوڪ جي مرڪز ۾ آڻي سخت مار ڏيندا هئا. جڏهن هڪ نيٽ جو لڪڻ پڄي پوندو هو تہ ان جي جاءِ تي هڪدم ٻيو استعمال ڪيو ويندو هو ۽ مارڪٽ شام جو دير تائين جاري رهندي هئي، جيستائين نيٽ جي لڪڻن جا چار ڍڳ ختم ٿين.

سڄو ميدان ڳڙ ڳڙ نيٽ جي لڪڻن سان ڀرجي ويندو هو ۽ پٽ تي پيل واري رت سان آلي ٿي ويندي هئي. ان هوندي بہ ڪو ساڻي اسان جي سرويچن تي ڪوڙ هڻڻ ۽ سندن بيحرمتي ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو.

شڪست کائيندي بہ دشمن ڪميونسٽن جي باقي بچيل قبرن کي ڍاهڻ ۽ هونگ يونگ قبرستان کي سڏي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا. هو ٽڏا ساهه ڪٽي چوندا هئا: "اُف... سياسي قيدين سان پڄڻ ڏاڍو ڏکيو آهي."

سيڪشن 2 جي ساڻين جي ويڑهه جوهڙي اسين خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپياسون ۽ سندن ساراه جا گيت ڳائڻ لڳاسون. ڦٽڪا ۽ وهنجارڻ جي سزا، جيڪا اسان کي ملندي هئي، اها گهٽ عذاب محسوس ٿيڻ لڳي.

اسان کي مسلسل سموري سياري جي موسم ۾ آڪٽوبر کان ڊسمبر ۽ جنوري دوران ماريو ۽ برف واري پاڻي ۾ وهنجاريو ويندو هو....اسان جي صحت هاڻي اُجهامندڙ ڏيائيءَ وانگر پئي لڳي. هائي گيڪ، جيڪو اتر ويٽنام ڇڏي ڏکڻ پڄي آيو هو جنهن کي اسان جي حڪومت ڏوهاري ڪري قيد بہ ڪيو هو پنهنجي بک سيءَ جو طريقو اسان تي استعمال ڪيو. هاڻي اسان کي ٽڏي پاڻي ۾ وهنجارڻ کان سواءِ اُجيو ۽ ٻُکيو پڙ رکيو ويندو هو. چئن ڏينهن کان پوءِ پوليس جمعدار هائي گيڪ کي رپورٽ ڏني تہ"باس، ائين ٿو لڳي تہ هو جلد مري ويندا." ان کانپوءِ هائي گيڪ اسان کي ڏسڻ لاءِ جلد هليو آيو ۽ اسان کي اڳي وانگر ماني ڏيڻ جو حڪم ڪيائين، تنهن هوندي بہ اسان کي آڇر تي ٻکيو رکيو ويندو هو.

وقت بوقت جڏهن تہ هوچ جو مود ٿيندو هو اسان کي وراندي ۾ گهرائي مار ڏيارينندو هو. اسان مان هرهڪ کي ٽنيي تي بيهاري هٿ رسين سان ٻڌا ويندا هئا ۽ پير ٻئي ٽنيي ۾ جکڙيا ويندا هئا. هر هرهڪ کي پوريءَ طرح ٻڌي هُوتگ وحشيانہ مار ڏيندو هو. هو پنهنجي ڳوري بوٽ جو ڪڙيون ۽ چهنبون اسان جي سيني ۽ پيٽ تي هڻندو هو ۽ پنهنجو پاڻ کي اسان جي مٿان اڇلي ڇڏيندو هو. ساڳئي وقت سندس چمچا قيدي جيڪي اُت آندا ويندا هئا، اسان جي هڏن کي لڪڻ سان ڪُٽيندا هئا.

هو ڪنهن کي بہ ايترو نہ ماريندا هئا، جو هو مري وڃي. جڏهن کو بيهوش ٿي ويندو هو تہ، ان کي سندس کوليءَ ۾ اڇليو ويندو.

دشمن جي سخت وحشيانہ ايذائن هوندي، اسان جي ٻڌي اسان کي هڪ نئون روح بخشيندي هئي ۽ اسان ۾ همت وڌائيندي هئي. هڪ دفعي رات 9 وڳي وهنجڻ کان پوءِ جيئن ئي اسان پنهنجي جسم کي گرم رکڻ لاءِ مهٽي رهيا هئاسون، ساڻي الف آيو ۽ آهستي ٻڌايائين:

"ساڻي هڪ وٽندڙ خبر آندي اٿم!"

"ڪهڙي خبر؟" مان پنهنجي پيرن جي ڏڪڻي کي جهلي پڇڻ لڳس.

"ڏوهارين واري سيڪشن جي ساٿين، پنهنجي پوزيشن صاف ڪئي آهي."

جلدئي مان ساڻي الف جي پرسان ويس، بنا اهو سوچڻ جي تہ اتي آءٌ ڪيئن پڳس. "چاجي پوزيشن؟"

"دستبردار ٿيڻ يا تربيت جي ڪورس ۾ حاضري پرڻ کان اسان جي انڪار کي، هنن پارٽي جي نظرياتي اصولن سان ٽهڪ کي مڪمل طور سمجهي ورتو آهي."

"ها! ٻيو چا؟"

"هو سيڪشن 1 ۾ اوهان ساٿين جي جدوجهد ۽ آخر تائين پنهنجي پارٽيءَ سان وفاداريءَ جي ڏاڍي نيڪي پيا ڪن!"

هي ٽورڙا لفظ اسان لاءِ سپ ڪجهہ هئا! اسين ايترو تہ خوش هئاسون، جو سڄي رات نند نہ آئي. دل پئي چئي تہ جيڪر سيني ساٿين کي وڏي آواز سان سڏي، اها ڳالهہ ٻڌايان تہ ڏوهارين جي سيڪشن جي ساٿين پڻ اسان جي موقف جي پوئواري ڪئي آهي!

اسان کين موٽ ۾ چوراڻي موڪليو "همت کريو مڙسيءَ سان مقابلو کريو ڇو نہ پارٽيءَ تان دستبردار ٿيڻ جي خلاف جدوجهد ڪندي. اسان جي زندگي قربان ٿي وڃي." پر هڪ ڳالهہ هر هر ملامت پئي ڪري تہ. اسان کي پنهنجي موقف بابت ساٿين جي اڪثريت سان صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي ها. پر پوءِ هڪ ٻئي پويان هنن اسان جي موقف جي حمايت ڪئي. ان کان وڌيڪ اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ ٻي ڪهڙي هئي؟ اسين هاڻي چين ۾ سڪون پيا محسوس کريون. اسين ڪجھ عرصي کان پنهنجي موقف جي صحيح هجڻ جي باري ۾ پريشان هئاسون. اسان وڌيڪ چٽائيءَ سان بهتر ڪيترو سمجهي ورتو تہ جدوجهد جي ميدان ۾ پارٽي ۽ عوام هميشہ اسان جي رهنمائي ۽ مدد ڪندا.

ان رات مون کي ننڊ ڪونہ آئي ۽ سڄي رات سوچيندو رهيس. مان پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳس: "تاريخ جو ڦيٽو هميشہ ڦري پيو. هي هڪ عارضي عمل آهي. جيڪر هرهڪ تي هميشہ اثر وجهي ٿو جي ڪڏهن مان پنهنجي سِر ان کي تيز ڪرڻ ۾ حصو نٿو وٺي سگهان تہ گهٽ ۾ گهٽ مون کي ان سان قدم ملائڻ گهرجي."

ڪنهن جي آمريت کي قائم ڪرڻ لاءِ تمام خطرناڪ ۽ دڪدائڪ ٿيندو ۽ پارٽي کي غداريءَ جي واٽ مان چونڊڻ معنيٰ ٿيندو پاڻ کي ڪنهن ڦيٽي هيٺان ڏئي ڪچلڻ.

دشمن اسان کي ڏينهن جو مارڻ ۽ رات جو تڏي پاڻي ۾ وهنجارڻ جي سزا ڏيندو رهيو. اهو ضرور چئبو تہ. اهي ظالمانہ سزائون، سنگدل، نہ ختم ٿيندڙ ۽ دڳهيون عقوبتون، تمام وڏو اثر وجهنديون هيون. شڪستانہ خيال ائين اپرندا هئا، جيئن مينهن کان پوءِ کنيپيون، ۽ جيڪڏهن کو هڪ دفعو ان جي چنبي ۾ اچي ويو تہ پوءِ بدني سور ويتر وڌو لڳندو. جو سپاٽي جو باري ۾ وڌيڪ فڪر ڪرڻ سان اوهان ڪاوڙ خوف ۽ سستيءَ جي گهيري ۾ اچي ويندؤ.

انهن گهڙين ۾ مان پنهنجي سموريءَ طاقت سان پارٽيءَ ۽ عوام جي باري سوچيندو هئس. جيستائين آءٌ شڪستانہ خيالن کان مڪمل طور آجو ٿي ويس.

"ڪڏهن نہ۔ مان پنهنجو پاڻ کي ٻڌائڻ لڳس. مون اهو نہ سوچيو تہ مان ٻين کان وڌيڪ سٺو آهي. ان رڳو ان ڪري، جو تہ آءٌ اڄ ڪنڌ مٿي ڪٽي سگهان يا مستقبل ۾ ڪابہ شيءِ مون کي شرمسار نہ ڪري سگهي. جيڪڏهن توهان مقصدلاءِ مري وڃو ۽ پارٽي اوهان جي عملن جي ساراهہ بہ ڪري، پر رڳو خوشين جو بهار نہ ڏسي سگهڻ ڪري ماڻ ڪري ويهڻ لاءِ ڪڏهن بہ نہ سوچيو تہ اهي خيال جيڪي ذاتي مفادن جو عڪس آهن، ڪجهہ گهڙين لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا. ذاتي مستقبل ۽ سورهيائپ انقلاب جي مستقبل ۽ سورهيائپ جي مستقبل ۾ ئي سمايل آهي ۽ پهرين پوئين کان جدا نہ ٿي ڪري سگهجي. ذاتي مستقبل ۽ سورهيائپ پارٽي ۽ عوام جي ڪري ئي آهن، ڪوبہ ان کي اڪيلي سر خلقي نٽو سگهي ۽ اڪيلي سر اسين فقط اهو ڪري سگهون ٿا تہ مارڪس ازم ۽ لينن ازم جي نظرياتي اصون جي ۽ پارٽي جي سياسي واٽ جي روشنيءَ ۾ جدوجهد کي اڳتي وڌايون. اهائي ڪاميابي جي ڪنجي آهي."

اسانجا دشمن ڏينهن رات اسان کي تڪليف ڏيئي رهيا هئا. ٽوري چرپر ڪري بہ سور ٽيندو هو ۽ اسين هر وقت هڪ ڏکيءَ آزمائش مان لنگهي رهيا هئاسون. سچ پچ تہ ٽوري ننڊ ڪرڻ سان ڪجهہ سڪون ملندو هو پوءِ هر وقت خيال ۽ خواب ايندا هئا... دشمن اسان کي گهيرينداهئا ۽ موت جي اونداهي ۾ اڇلائڻ لاءِ حملو ڪندا هئا. ۽ ننڊ ۾ اونداهي ڪڏ جي تري ۾ هلڪي روشني ڪندو هو پر اسان ڄاتو پئي تہ اها حادثاتي ڦاسي هئي. هڪ خوف ڏيارينڊڙ ڄار "دستبردار ٽيڪ" ۽ ان ڄار مان ڀڄي وڃڻ جو رستو ڳوليندو هو. زندگيءَ جي ڪري هٿيار ڦٽا ڪرڻ... جيئڻ بہ ۽ دستبردار بہ ٽيڪ!....!

اسان جي جسم جي حالت ڏسڻ کان ٻاهر هئي. پر اسان جو جذبو اسان کي ويڙهہ ڪرڻ، سرڪش ٽيڪ ۽ تڪيفون تڙي ڪيڻ جو حڪم ڏيندو هو. هر گهڙيءَ اسين متضاد ڳالهين سان مقابلو ڪندا هئاسون ۽ تمام وڏي بيچيني هوندي هئي. اسان جي ذهن ۾ شوخ مقابلو هلندو هو. هٿيار ڦٽا ڪرڻ وارا خيال. اسان کي بکايل چور وانگر پٽيندا رهندا هئا. وڏيءَ جدوجهد کانپوءِ اهي تڙپا وڃا.

هر وقت اسين جسماني سور سبب گهريءَ ننڊ مان اوچتو اٿي ويهندا هئاسون. جيڪو پاڻ سان شڪستاڻ خيال کڻي ايندو هو.

هي اهم سچ اڳ ڪڏهن بہ تہ ككيو هو تہ: پنهنجي پنهنجي اندر ۾ خيالي دشمن کي شڪست ڏيئي نٽي سگهجي ۽ پهرين کي شڪست ڏيڻ ايتري آسان ۽ سولي بہ ڪونهي. اهو پنهنجو پاڻ کي وڏيءَ چالاکيءَ ۽ حرفت سان، ان پردي ۾ لڪائي رکندو آهي تہ. جيڪا دل ۽ دماغ جي مرضي- پنهنجو پاڻ ۾ ٻڌي وڇ ۽ آخري گهڙين ۾ دشمن پويان ڊکندي ڊکندي ڪنهن جي همت هارجي وڃڻ کري. اها مزيدار ۽ اڪثر ڪري وڻندڙ صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. جيل ۾ پاڻپائپ جي خيالن جو قيدي جي ذاتي زندگيءَ، سندس خاندان ۾ ايذايل جسم سان گهرو واسطو آهي... اهي خيال ڪڏهن ٻار جي معصوم اکين جي صورت ۾، ڪڏهن پياريءَ زال جي نرم ۽ نازڪ آواز جي صورت ۾ تہ ڪڏهن انهن دليلن جي صورت ۾ ايندا آهن تہ. شايد انقلاب جي آئيندي ۾ تنهنجي خدمتن جي ضرورت پوي، پوءِ تون هاڻ پنهنجي حياتي ڇو پيو برباد ڪرين؟ ڇا هي تنهنجي موت جو صحيح وقت ۽ جڳهہ آهي؟ ڇا اهو انسان جي زندگيءَ جو زيان ڪونهي؟

هرڪو محسوس ڪندو ڇڻ سندس جسم جا سمورا گهرڙا سموري زندگيءَ لاءِ ختم ٿي ويا آهن.

ڪو ڏينهن ۾ ڪائڻ جي تمنا ڪندو هو اها سندس خوابن ۾ رات جو موتي ايندي هئي ۽ هر خوشيءَ جي محتاجي هوندي هئي... مان رڳو هڪ مان فقط هڪ خصيص تڪليف تي سوچيندو هئس، جيڪي جيل کان آزاد ماڻهو سوچي بہ نٿا سگهن. اگهڻ جي ڪاغذ (Toilet Paper) جي ڪوٺ. نہ ڪو ڪاغذ، نہ وڻ جو پن ۽ نہ ئي ڪا اڇڙي ملندي هئي. دشمن کابہ شيءِ ڪونہ ڏيندا هئا. تنهنڪري ڪجهہ بلو ڪرٽو پوندو هو. هر روز اسين پنهنجا ڪاغذ، رڌل چانور جي ڳوهيل اٽي جي تهن جي وچ ۾ ڏيئي، سڪائي ٺاهيندا هئاسين. اهي ڪاغذ جيڪي ماچيس کان وڏا ڪونہ هئا، اسان جي حاجت جي پورائيءَ لاءِ ڪافي هئا.

توهان شايد اهو چئو تہ، اها تہ تمام معمولي ڳالهہ آهي، جي ايڏا بہ توهان هر روز گهرج جي اهميت کان مطمئن ڪونہ ٿيا آهيو تہ پوءِ اوهان کي وڌيڪ تڪليف ايندي.

جسماني طور اوهين شايد ٿلها متارا يا نازڪ هجو مضبوط يا نفيس هجو، پر بک يا سور جي ان کي ڪا پرواہ ڪونهي. صرف ويڙهہ آڏو همت ۽ ذهني پختي کان سواءِ توهين شڪست کائي ويندؤ پوءِ اوهين جسماني طور طاقتور هجو يا ڪمزور.

مون کي اها ڇڳيءَ ريت خبر هئي تہ ويڙهہ جي همت ۽ ذهني ارادي ئي فولادي مضبوطي بخشي آهي ۽ ان کانسواءِ هرڪو پاڻي ٿي ويندو ۽ ذاتي مفادن جي اونداهيءَ واري اوڙاهہ ۾ ڪري پوندو ان جا مفاد سندس لاءِ ڪابہ حيثيت ڪونہ رکندا. سندس نگاہ ۾ ساٿين جون قربانيون ڪابہ معنيٰ نہ رکنديون ۽ جوشيلي نفرت جي جڳهہ ذليل ترين دؤر واري ويندو.

هڪڙي سيڪنڊ لاءِ بہ چوڪسي نہ ڇڏي ۽ پورهيت دشمن خيالن کي ختم ڪرڻ لاءِ همت نہ هاريو. مون کي دشمن آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ دستبردار ٿيڻ خلاف جدوجهد ۾ پنهنجي حيثيت کي لڳاتار مضبوط ڪرڻ جي ضرورت هئي. مان مسلسل پنهنجو پاڻ کي ذهن نشين ڪرائيندو هوس تہ، مون کي پارٽي ميمبر جي عظيم الشان فرض کي پورو ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻو آهي. پنهنجي سڄي حياتي انقلاب کي سونپڻ، هرهڪ ڪولي ۾ جتي مون کي قيد ڪيو ويو ڪجهہ جڳهين تي مون هي لفظ لکيا: "سڄي ڄمار انقلاب لاءِ سونپيو."

چئن مهينن جي دردناہ سزائن کان کانپوءِ بہ دشمن ساڳي ريت بي رحم رهيا. انهن اسان جا سمورا پيالا ۽ کائڻ جون پتليون (Chop Sticks) کڻي ڇڏيون. اسان جا چانور هاٿي فرش تي هاريا ويندا هئا ۽ اسين انهن کي کائڻ لاءِ بانبڑا پائيندا هئاسون. چانور در جي ٻرسان اڇلايا ويندا هئا، جتي اسان پيشاب ۽ ڪاکوس ڪندا هئاسون. اسان کي اهو در جي ٻرسان ڪرڻو پوندو هو چو تہ اتي ٻي ڪابہ اهڙي جاءِ ڪونہ هئي. شروعات ۾ هو روز اڇي واريءَ ۽ پاڻي سان ان کي صاف ڪندا هئا، پر مهيني کان انهن کي ڪجهہ بہ نہ ڪيو هو. در جي ٻرسان

گند جا ڍيڙ ۾ پيشاب جا ڏٻا هوندا هئا. ماني جي وقت اهي دروازو کولينداهئا، چانورن جو پيالو پري هيٺ اڇلائيندا هئا ۽ اسين خاموشيءَ سان ريڑهيون پائيندا، ڪٽو ڪٽو ڪري کائيندا هئاسون.

اسين چانور کائيندا هئاسون! اسان اهي ڇو پئي کاڌا؟ جيترو وقت اسين زنده هئاسون، دشمن لاءِ اسين مسئلو هئاسون ۽ اهو مسئلو کنهن کي به آرام ڪرڻ نه ڏيندو هو جنهن نموني سان اسين زنده هئاسون. اسان جي مثال سيڪشن 2 جي ساٿين کي دشمن سان مقابلي جي همت ڏياري، جيل ۾ اسان کي پارٽي جهنڊو اوچو جهلڻو هو، جيڪو سالن جي ڏکي جدوجهد دوران اسان جي ساٿين پنهنجي رت سان رڱيو هو.

اسان جيئڻ لاءِ جدوجهد پئي ڪئي. جڏهن به اسان کي ٻاهر وڃڻ جو موقعو ملندو هو، اسان گندين جاين تي پوکيل ٻاڇيون گڏ ڪري، انهن کي کائيندا هئاسون. وڌيڪ کائڻ سان اسان جي زندگي ٿوري وڌي پئي سگهي، حالانڪ ان قسم جون ٻاڇيون صفائيءَ کان پري هيون.

اسان جي ڇهن جي گروپ ۾، ٻين وانگر مون کي به لنگهه کان رت اچڻ لڳو. اسان مان ساٿي هيو سخت بيمار هو. ان وقت "چيتي جيل" جي سيڪشن 2 ۾ 65 صحيح نه ڪندڙن جي اچڻ سبب ڏاڍي رش هئي. ساٿي منهه ۾ آڱ ساڳيءَ ڪوليءَ ۾ رهندا هئاسون، ان جي پرسان ڪوڻيءَ ۾ ساٿي اڪيلو هو. اسين هر وقت چٽائيءَ سان هن جي رت جي اُلٽين ڪرڻ دوران سندس لفظ ٻڌندا هئاسون: "مان مري ويندس... ڏاڍو رت پيو اچي... پر انقلاب جو جهنڊو بلند رکندس."

اسين هيو لاءِ ڏاڍو ڏک محسوس ڪندا هئاسون. هن کي اسان مان سمورا چاهيندا هئا ۽ سندس عزت ڪندا هئا. "چيتي جيل" ۾ جدوجهد جي وات جي باري ۾ بحث دوران سندس خيال سيني کان گهرا، نمائنده ۽ مدلل هوندا هئا.

منهنجي دل روئندي هئي، جڏهن مان هن کي ٽڏو ساه کڻي چوندي ٻڌندو هوس: "مان مري ويندس... ڏاڍو رت پيو اچي..." اسان سيني جي مرڻ جي اميد هئي، موت هيو ڏي سيني کان اول آيو. منهنجي دل رت ڳاڙيندي هئي، جڏهن آڱ سندس لاءِ سوچيندو هئس. هو پنجاه سالن

ڪان مٿي هو. پر سندس خوبصورت اکيون، سندس لاجواب سونهن ۽ چمڪندڙ شڪل جي نشاندهي ڪنديون هيون. انهن ۾ ڪنهن کي به ڪوڙيءَ مٿيءَ جو عڪس ڏسڻ ۾ ڪوبه ايندو هو. مون کي چٽي ريت محسوس ٿيو ته، ڪيس "چيتي جيل" ۾ جدوجهد ۾ حصو وٺڻ تي تمام گهڻو ناز هو. دشمن اهو ڏسندي به ته ڪيس رت جون الٽيون پيون اچن، ساٿس وڌيڪ سختيءَ سان هلڻ لڳا. پوليس جمعدار مٽينءَ ماڙيءَ تي پاڻ ۾ سس پس ڪندي چوندا هئا:

"هو سدائين رت جون گرڙيون پيو ڪري! فرش تي ڳاڙها ڏٻا ٿي پيا آهن!"

"مون باس کي رپورٽ ڪئي آهي، هن اڃان وڌيڪ وهنجارڻ جو حڪم ڏنو آهي!"

"سو ڇئبو ته هو هن سان به ٽن واري واردات ڪري رهيا آهن. جڏهن ٽن بڪ هڙتال ڪئي هئي، تڏهن هنن ڪيس نقصان پهچائڻ لاءِ تڪڙ ۾ پاٽي پياري جلدي ماري ڇڏيو. هاڻ هيو رت جون الٽيون پيو ڪري ته، ڪيس ٽڏي پاٽيءَ سان وهنجاريو پيو وڃي. سندس جيئري رهڻ جي اميد تمام گهٽ هئي! مون سوچيو: جڏهن هيو ليٽيل هو ۽ رت جون الٽيون پئي ڪيائين، تڏهن دشمن ڪيس ٽڏي پاٽيءَ سان وهنجاريو. منهنجي مان پاڻ ۾ چوڻ لڳاسين: "جيڪڏهن هيو رت پهاري ڇڏي ته دشمن هن کي مارڻ ۾ تڪڙ نه ڪندو. پر ان جو خيال هن کي نه آيو."

هر وقت اسين رت جون گرڙيون ڪندا هئاسون ۽ خبرداري سان فرش کي صاف ڪري ڇڏيندا هئاسون، جيئن ان جي دشمن کي خبر نه پوي. پر بدقسمتيءَ سان اسان هيو سان رابطو رکي، ڪيس ساڳي صلاح ڏيئي نه سگهياسين.

29 ڊسمبر تي اسان هيو کي اهو چوندي ٻڌو ته: "مان پوليس چيف سان ملڻ چاهيان ٿو."

"هي هاٽي مصروف آهي ۽ ڪنهن سان به ملي ڪونه سگهندو!؟" پوليس جمعدار نام ترانگ جواب ڏنو هيو. هن تيزائي سان، پر اطمينان سان ڳالهايو (هي هميشه دشمن سان اطمينان سان

ڳالهائيندو هو): "جي توهان مون کي اڄ رات بہ وهنجاريو تہ مان پنهنجو مٽو پت سان ٽکر هڻي مري ويندس."

"کتي جا پٽ، مان اڄ ڏيوٽي تي ناهيان!" نام ترانگ پونکيو.

ڪرسس تي هيوَ کي رات جو 9 بجي وڌيڪ وهنجاريو ويو. مٽس تشدد ڪندڙ چيو:

"تون ڏسين پيو هيو اسين معمول مطابق ڏيوٽي پوري پيا ڪريون!"

ٽڏو پاٽي ان جي مٿان هاريو ويو. هيو واڪا ڪري چيو: "مان پنهنجو مٽو ڦاڙيندس." اسان ٽهڪي ۽ ڪِرڻ جو آواز ٻڌو. هيو پنهنجي سموريءَ طاقت سان اٿي بيٺو ۽ پنهنجي اڳيان پت تي مٽو هڻڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر هي اڳيئي ڪمزور هو ۽ هن جو مٽو مس لڳو تہ هي زمين تي ڪري پيو. هن رڙ ڪئي:

"مون کي پل مرڻ تائين ماريو! مارڻ لاءِ وڌيڪ پاٽي وجهو! مان توهان کي ٻڌايان ٿو مان دستبردار ڪونہ ٿيندس! آءٌ غدار ڪونہ ٿي مرندس!"

"غدار ٿي نہ مرندس". هي لفظ سندس سچائي ۽ ايمانداريءَ جي نشاني ظاهر پيا ڪن. اسان هيو لاءِ اڪيچار پيا محسوس ڪرڻ لڳاسون.

"هـ... ها! دل اٿئي تہ وري ڪر!"

"جي مون کي اڃا طاقت رهيل هجي ها تہ نہ ڪيهايان ها، سوئر!"

"ٺيڪ آهي." وين چيو. "جوڙيوالو هن تي وڌيڪ پاٽي ڪيرايو!"

پاٽي آبشارواڱر وهندو رهيو. ڊپ کان اسين "چيتي جيل" ۾ هڪ هنڌ ويهي رهياسون. ٽڏو پاٽي مٿان وهندو رهيو صبح جو سوير دشمن بس ڪئي ۽ اسين رڙهندا هيو ۽ پنهنجي ڪولهءَ جي وچ ۾ پيل ويري ڏانهن وڌياسون تہ جيئن ڏسي سگهون تہ اسان جو ساٿي اڃان ساهہ ڪٽي پيو!

اسان سندس ٽٽڪڻ جو آواز ٻڌو. محافظ جيڪي ننڊ ۾ هئا، سي اسان جي ڪوٽيءَ کان ٿورو پري آرامده بسترن تي "چيتي جيل" جي هڪ ڪنڊ ۾ ليٽيا پيا هئا. اسان سڏڻ جي همت ڪئي سون.

"او هيو، تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟"

اسان کيس چوندي ٻڌو، شايد پنهنجو منهن اسان طرف پيو ڪري،

"مان سمورن جي تندرستي لاءِ دعاگو آهيان". هيو چيو "مان اوهان سيني کان "اول ڇڏندس".

"اول ڇڏڻ!" مطلب؟ اسين عجب مان هڪٻئي ڏي نهاريڻ لڳاسون. پولو ڪونڊر ٻيٽ تي "ڇڏڻ" مان مراد ٿيندي "دسبردار ٿيڻ" – ڇا هيو "دستبردار" ٿي رهيو آهي. اسين اهو سوچي ڏڪڻ لڳاسون. ان جو اهو ئي مطلب ٿيندو... يا ان جو مطلب اهو ئي ٿيندو... يا ان جو مطلب اهو ٿيندو ته هي "هانگ ڊونگ" وڃي رهيو آهي. قبر ۾ جنهن کي ظاهر ڪرڻ جو ٻيو اصطلاح آهي "ڇڏڻ".

اسين پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ هڪٻئي ڏي نهاريڻ لڳاسون. سوچڻ لڳاسون ته. هيو جي "ڇڏڻ" مان ڪهڙي مراد آهي ته هن وقت. هي يقينن برف جي پاٽيءَ وچ ۾ هيٺائي ۽ ڪمزوري مان ليٽيل هوندو.. او... هيو تون ڪيڏو نه ايماندار ۽ ڪيڏو نه سچو آهين. تو ڪڏهن به لفظ "ڇڏڻ" استعمال ڪري اسان کي ايتري عذاب ڏيڻ جو سوچيو هوندو! منجهند جو اسين هڪٻئي کي ٻڌائڻ لڳاسون:

"هيو ڪڏهن به دستبردار نه ٿيندو! ههڙو ماڻهو ڪڏهن به پاڙيو ٿي نڏو سگهي."

سو "ڇڏڻ" مان مطلب فقط مرڻ جو هوندو. جي هيو دستبردار ٿيو ته اسان کي ڏاڍي تڪليف ايندي. پر هن جو موت اسان جون دليون توڙي ڇڏيندو. اسين پنهنجون ڪاڏيون گوڏن تي رکيو وينا هئاسون. جو نام ترانگ اسان جي ڪوليءَ اڳيان سڏ ڪندي گذري ويو.

"هيو! هي، هيو!....هيو!..."

هن 7 يا 8 دفعا سڏ ڪيو. پر هيو ورندي ڪونه ڏني. اسان ڏانهن نهاري نام ترانگ چيو:

"مون ڏي ڏيان ڏيو... ٻاهر اچو!..."

هيو کي ٻيهر زور سان سڏڻ کانپوءِ نام ترانگ اسان کي چيو: "ڏسو؟ هي جاڻ ختم ٿي ويندو. خشڪ ڏيڏر وانگر پيو لڳي. هي چند منٽن ۾ مري ويندؤ... ٻاهر اچو!"

اسين خاموش رهياسون.

نام ترانگ رڙ ڪئي: "دروازو کوليو!"

پوءِ هن اسان کي چيو: "توهان ٻئي ٻاهر ويجوءِ هن کي ڏسي اچو!"

اسين ريڙهيون پائي ٻاهر هيو جي ڪوٺڙيءَ ۾ آياسون، هيو سچو هڏائون پيجرو ... حالت مان ظاهر هو ۽ سندس متو سمهڻ واري وهائي تي ٽيڪيل هو. هن جا ڏڳها گهنجيل وار ايجا تائين پاڻيءَ ۾ ڇڪل هئا. رت جي ڪري سندس چهرو سرخ ٽي ويو هو.

نام ترانگ سڏڻ لڳو: "هيو...هيو...هيو...هي هيو! پر هيو هڪ هنڌ ٽڪيو پيو هو.

"پر هي ته مري ويو آهي!" نام ترانگ حيرت مان چيو: محافظ هيو جو ڪنڌ لوڏيو. پر هيو خاموش ٽي ڇڪو هو.

ويٽنامي کھاڻيڪار: نگوين ڊُڪ ٽوان

سنڌيڪار: جمال سنڌي

ويٽنامي کهاڻيون

ـ ياگو ٻيو ـ

شهر ورائي وڃندا سين

ويٽ ڪانگن جي پوري دستي ۾ بي چيني ڦهلجي وئي. ڪمانڊر سائيان لاءِ رضاڪار گهريا هئا. هر گوريلو سائيگان وڃڻ لاءِ آيو هو. پر اهو آٽپڻ ڪمانڊر جي فيصلي تي اثر انداز نه ٿيو. ڪمانڊر چيو ته انهن کي اوليت ڏني ويندي، جيڪي اڳ سائيگان ڏسي چڪا آهن. آزيم سائيگان جو رهندڙ هو. ان کي ويٽ ڪانگن ۾ شامل ٿئي ۾ سال ٿي چڪا هئا. شهر کان 38 ميل پري، ايوتي انگ، جي ٻيلن ۾، سندس دستي کي هدايتون مليون هيون ته پندرهن تجربيڪار ۽ تيز ساٿين کي سائيگان لاءِ تيار ڪري.

هي نومبر 1968ع جو واقعو آهي. آزيم کي چوهن ساٿين جو ڪمانڊر چونڊيو ويو. چوڏهن ۾ ٽي چوڪريون ۽ هيون. ٻن ٻن جي ٽولي کي جدا جدا رستن تان سائيگان پهچڻو هو. اهو مرحلو سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ هو. سائيگان جي حفاظت لاءِ آمريڪي ۽ ان جي چاڙتيءَ فوج جون گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڊويزن، هر رستي جي سخت نگراني ڪري رهيون هيون.

آزيم جي ساٿي ڪامريڊ ڦان هائي مقرر ٿي، ان کي نائب ڪمانڊر جي حيثيت حاصل هئي. ايڪيهه سالن جي ڦان هائي، اڻ ڳڻين مهمن ۾ حصو ورتي چڪي هئي. جرئت ۽ بهادريءَ ۾ هوءَ هر ويٽ ڪانگ نوجوان کان چار وکون اڳتي هئي. هوءَ انتهائي سنجيده چوڪري هئي، ان کي ڪلندي تمام گهٽ ڏٺو ويو هو. لڙائيءَ کان پوءِ زخمين جي تيمارداري ۽ ساٿين جي ڪپڙن جي مرمت ۾ خاص دلچسپي وٺندي هئي، ان کان سواءِ دستي جي سياسي تعليم ڪرڻ جي ذميواري به سندس حوالي هئي.

آزيم سائيگان، يونيورسٽي جو شاگرد هو شاگردن جي تنظيم ۾ سرگرم هو هڪ پيري گرفتار ٿيو. اتان آزاد ٿيڻ کان پوءِ سڌو هن ٻيلن ڏانهن منهن ڪيو ۽ گوريلن جي دستي ۾ شامل ٿي ويو. هو مرڻ مارڻ وارو جوان هو. دستي جي ڪمانڊر چونڊجڻ کان پوءِ، هڪ پاسي ڪيس ان اعزاز تي فخر ٻه هو ته، ٻئي پاسي پنهنجي ذميوارين ڪري هو سنجيدو ٿي ويو هو.

هڪ هفتي کان پوءِ هر روز ٻن ٻن گوريلن جي ٽولي سائيگان لاءِ رواني ٿي. هر هڪ ٽولي کي مڪمل هدايتون ملي چڪيون هيون ته، انهن کي شهر جي ڪهڙي هنڌ پهچڻو آهي ۽ ڪنهن سان ملڻو آهي. آخر ۾ آزيم ۽ ڦان هائيءَ جو وارو آيو. انهن کي مهاڻن جي لباس ۾ سفر ڪرڻو هو. انهن ٻنهي کي مڪمل ۽ تفصيلي هدايتون ۽ حڪم ملي ويا. سائيگان ۾ سندن باقي ساٿي منتظر هئا. انهن کي ڇا ڪرڻو هو، سو ڪيس سائيگان جي گوريلن واري ڪمانڊر کي ٻڌائڻو هو. 30 نومبر تي ٻئي هڪ ڳوٺ روانا ٿيا، اتي کين ٻيڙي ملڻي هئي. اهو ڳوٺ درياهه جي ڪناري تي هو ۽ ويٽ ڪانگن جي نگراني ۾ پوري رات سفر ڪندا رهيا ۽ صبح جو ان ڳوٺ ۾ پهتا.

ڳوٺ ۾ گوريلن واري ڪمانڊر سندن آڌر ڀاءُ ڪيو. اتي هو پورو ڏينهن آرام ڪندا رهيا. شام جو کين مهاڻن وارو لباس ۽ هڪ ننڍي ٻيڙي ڏني وئي. ڪمانڊر کين صلاح ڏينڊي چيو "سفر دوران هٿيارن جو هجڻ موت جو سبب بنجي سگهي ٿو ڪجهه پنڌ تي دشمن جون ٻيڙيون ۽ لانچون درياهه جو جائزو وٺنديون آهن، جيڪڏهن اوهان وٽ هٿيار هوندا ته اوهان جو گذرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو."

ڦان هائي ان تجويز مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ هوءَ ان تي اڙجي بيٺي ته، هٿيارن کان سواءِ سندن سفر وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. خير هو ٻئي پنهنجا هٿيار ڪٽي، ننڍي ٻيڙي ۾ سوار ٿيا. چاندوڪي رات ۽ وٽندڙ موسم ۾ هنن پنهنجي سفر جي شروعات ڪئي.

هر ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ٻيڙيءَ جي ونجهه هلائڻ جو وارو بدلبو رهيو ائين هو صبح تائين سفر ڪندا رهيا. هو ڪناري سان ڪانن جي اوٽ ۾ ٻيڙي هلائي رهيا هئا. سج اڃا مس ئي اپريو هو ته، پريان

رائيفل جي ٻن گولين جا ٽڪاءُ ٻڌڻ ۾ آيا. ايڄا هو ان تي ويچار ئي ڪري رهيا هئا تہ وڏي مشين گن جي گولين جي وسڪاري جو دل ڌاريندڙ آواز بلند ٿيو ان کان پوءِ مڪمل خاموشي ڇانئجي وئي.

آزيم ءِ ڦان هائي هڪٻئي کي ائين گهوريو. جهڙوڪ هو ان آواز جا منتظر هجن. آزيم جي هٿن ۾ رونجهه هئا. هو ٻيڙي کي سرن ڏانهن ڏکيندو ويو.

"اڄيان ڳوٺ آهي. اتان ئي اهو آواز آيو آهي." ڦان هائي چيو.

"هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

"اسين پنڌ ڳوٺ هلون ٿا. اُتان صورتحال جو جائزو وٺي پوءِ سفر جاري رکنداسين." ڦان هائي جواب ڏنو.

آزيم ٻيڙي سرن ڏانهن وڌائي. ڦان هاڻي پنهنجي سب مشين گن وٺي پاڻيءَ ۾ لٿي. ان سان گڏ آزيم به هيٺ لٿو. ٻنهي گڏجي ٻيڙي کي سَرن جي وچ ۾ لڪائي ڇڏيو ءِ ڪناري سان هلڻ لڳا. ايڄا مس ٻه فرلانگ هليا تہ کين وٽن پويان دونهون اٿندو نظر آيو.

هو سمجهي ويا تہ ڳوٺ پري ڪونهي. ڪاهي هٿ تي کين ڪيلن جي وٽن جو جهڳٽو نظر آيو. جيڪو ننڍي رستي تي هو. ٻئي ان جي اوٽ ۾ بيهي رهيا. ساڃي هٿ مٿانهين تي ڪجهه جڳهيون هيون. ڪيلن جي وٽن ءِ جهڳين جي وچ ۾ قدرتي گاهه هو.

آزيم ڪيلي جي پنن کي ٽورو هٽائي ڏٺو تہ ان کي جُهڳين واري پاسي کان ٻه ماڻهو ايندا نظر آيا. هي حيران ٿي ويا. ٻئي سندن اهي ساٿي هئا جيڪي ٽيون ڏينهن سائگان لاءِ روانا ٿيا هئا. سندن هٿ پٽيان ٻڌل هئا ءِ انهن پٽيان ٻه فوجي رائفلون تاٽي اچي رهيا هئا.

آزيم ڦان هائي کي اشارو ڪيو ءِ پاڻ مشين گن سان فوجين جو نشانو وٺڻ لڳو. سندس نڙي خشڪ ٿيڻ لڳي تہ متان سندس ساٿي نہ سڃاڻي وڃن. ڦان هائي، آزيم کان پنجن والن جي فاصلي تي ليٽي پيئي. هوءَ ڪيلي جي پنن جي اوٽ مان کين ڏسي پئي سگهي.

آزيم گهوڙو ڊهايو. ڏسندي ئي ڏسندي ٻنهي فوجين ڏهڪو اچي ڪيو. سندن قيدي ساٿي ليٽي پيا. هڪ منٽ لاءِ خاموشي طاري ٿي وئي. آزيم ءِ ڦان هائي ڪيلن جي جهڳٽي مان نڪري ڊنگرن پويان لڪي ويا. هاڻي کين ڪجهه به نظر نہ پئي آيو.

ايتري ۾ سندن پٺ ۾ ڪيلن جي وڻن تي وڏيءَ مشين گن سان هڪ برسٽ هلايو ويو.

آزيم ڦان هائي ڪي اتي رهڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ ڇڪندو ڇڪندو اڳتي وڌيو. مشين گن جي گولين جو ٻيو وسڪارو ڪيلن جي وڻن اڳيان ٿيو. دشمن ڪيلي جي وڻن ۾ سندن موجودگيءَ کي ڄاڻي ويو هو. آزيم کي وڏي مشين گن نظر نه پئي آئي ۽ ان پاسي وڏو موت کي دعوت ڏيڻ هئي.

آزيم اڃا به پنهنجي قيدي ساٿين جي تلاش ۾ هو. انهن جي ملڻ سان ڪيس صورتحال جي صحيح ڄاڻ ملي ٿي سگهي. هو انهن ڏانهن وڌڻ لڳو. ان جي پٺ ۾ ڦان هائي ڪجهه والن تي مشين گن ڪنيو ويٺي هئي. آزيم ٽورو هٿيوَ ڪجهه والن تي گاهه ۾ ڪيس ڳڻڻي نظر آئي. هن ريڙهيون پائڻ شروع ڪيون. جڏهن ويجهو پهتو ته اهو سندس ساٿي وانگ هو. آزيم تڪڙ ۾ سندس رسي ڪٽي.

"ٻيو ڪٽي آهي؟" آزيم سرڀاڻ ڪيو.

"هو ٻئي پاسي ڪسڪي ويو آهي." وانگ پنهنجي ٻانهن مهٽيندي جواب ڏنو.

"ڳوٺ ۾ ڪيترا فوجي آهن؟"

"پندرهن ٽيندا. جهڳين جي تلاشي وٺي رهيا آهن."

"ڪهڙي پاسي کان آيا آهن؟"

"درياهه واري پاسي کان. اوهان انهن جي موٽر لانچ ڪونه ڏٺي!"

آزيم خاموش ٿي ويو. هو ڄاڻي ويو هو ته ساڄي پاسي جهڳين ۾ فوجي ۽ کاهي پاسي جنگي ٻيڙي هئي.

هو پٺتي هٽڻ لڳو. ڦان هائي گوڏن تي مشين گن رکي ويٺي هئي. آزيم کيس سموري صورتحال کان آگاهه ڪيو.

"منهنجي خيال ۾ اسان کي جهڳين جي پُٺ ۾ هلڻ گهرجي. هي هنڌ پنهنجي لاءِ محفوظ ڪونهي." آزيم چيو.

"پر هو ٻيو ساٿي ڪٽي آهي؟" ڦان هائي پڇيو.

"ان جي خبر ڪونهي. اهو به ڪٽي لڪل هوندو."

هن جي لاءِ هٿيار جي ضرورت آهي؟" ڦان هائي بي هٿيار ساٿيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"ها، پر مئل سپاهين ويجهو وڃڻ خطري کان خالي ڪونهي. في الحال هن کي بي هٿيار ئي رهڻو پوندو."

ٽيئي گاهه ۾ گوڏن پر هلي رهيا هئا. جهڳين ۾ خاموشي جو راج هو ۽ آهستي آهستي اها خاموشي سندن ذهنن تي سوار ٿيڻ لڳي.

ائين اڌ ميل جو چڪر ڪاٽي، هو جُهڳين جي پٺئين حصي ۾ پهتا. ڪان هائي کي هڪڙي ڪڏ ۾ لڪڻ لاءِ چئي، هو پئي هوري هوري جهڳين ڏانهن وڌايا. ٻوڙن مان هنن ڏٺو ته جُهڳين جي هن پاسي فوجي مشين گن ڪنيو بيٺا هئا ۽ بيزاريءَ واري حالت ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيا هئا.

هاڻي سوال اهو هو ته، جيڪڏهن انهن فوجين کي مارجي ۽ ته باقي ٻين کي ڪيئن منهن ڏبو جيڪي گولين جي ٽڪاٽن تي هيڏانهن ايندا، سندس ساٿي ۽ ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ هو.

اوچتو سندن پُٺ ۾ فائر ٿيا. هو ٻوڙن ۾ سمهي پيا. فوجي هوشيار ٿي چڪا هئا ۽ چوڌاري برسٽ پئي لڳا. آزيم ٻوڙن ۾ پيٽ پر هلندو ڪان هائي ڏانهن وڌيو.

ڪنڊن سان سندس ڪپڙا ليڑون ليڑون ٿي ويا ۽ بدن تي ڪيس الاهي رهڙون آيل هيون. هو ڪسڪندو ان ڪڏ وٽ پهتو پر ڪان هائي اتي ڪونہ هئي. هن پريشانيءَ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو هوءَ ڪڏ جي پئي پاسي ٻوڙن ۾ ليٽي پئي هئي، سندس مشين گن جي نالي ساڃي پاسي هئي. هو اڳتي وڌيو ته ڪان هائي جي نظر مٽس پئي، ان اشاري سان ڪيس ٻڌايو ته فوجي سندس پيڇو پيا ڪن.

آزيم منهن ورائي پوئتي ڏٺو ته وانگ لڪو ويٺو هو. آزيم وٽس ويو. "سپاهي ٻوڙن ۾ لڪا ويٺا آهن، تعداد ۾ ڪيترا آهن، اِها خبر ڪونهي. تون منهنجي اڳيان اڳيان هل. آءٌ تنهنجي حفاظت ڪندس."

وانگ جاڻي ويو هو ته، جيڪڏهن ڪنهن فوجيءَ جي نظر ان تي پئي ته اڻ ماريندو. پوءِ ۽ جاڻي واڻي موت جي منهن ۾ وڃي رهيو هو. ڊپ کان سڄو پگهرجي چڪو هو پر تڏهن ۽ اڳتي وڌندو رهيو. هڪ وال جي وچوٽيءَ تي آزيم سندس پٺيان هو.

ٻوڙن سان گڏ وڻ شروع ٿي ويا. پر کين ايڏا تائين ڪنهن ۽ فوجيءَ جو پاڇو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو هو.

آزيم هڪڙي اٽڪل سوچي، وانگ کي ڏهه وال اڇتي ويڙ لاءِ چيو ۽ پاڻ هڪ وڻ جي اوٽ ۾ بيهي رهيو پوءِ زمين تان هڪ ٽاري کڻي، ان پاسي اڇلي، جنهن پاسي فوجين جي هجڻ جو اندازو هو. ٽاريءَ جي هوا ۾ بلند ٿيڻ سان گڏ ڊڊز..... ڊڊز..... گولين وسڻ لڳيون، پر تيسين آزيم وڻ جي هيٺان سمهي چڪو هو.

وانگ به هاٿي ڇاٽي چڪو هو ته سپاهي ٽورو اڳيان اترين پاسي ٻوڙن ۾ لڪل آهن. ٻئي وڻ جي اوٽ ۾ لڪل هئا. اوچتو ساڳي وڻ جي ٽڙ ۾ گولي اچي لڳي. دشمن کين ڏسي ورتو هو. هو زمين تي ليٽي پيا ۽ پوئتي گهاٽن ٻوڙن ڏانهن سرڻ لڳا. پر ايڏا ڪجهه ئي هٿيا هئا ته مشين گن جي گولين جو وسڪارو ٿي ويو.

"هيءَ ڦان هائي آهي." آزيم سُرهاٽ ڪيو.

وانگ سندس ٻانهن کي ڏبائي اشارو ڪيو. هڪ فوجي لڪندو لڪندو وڻ ڏانهن اچي رهيو هو. آزيم اَکِ چنبي ۾ ان جو نشانو ورتو. ٻئي پاسي هو فوجيءَ ڏانهن پڳو. آزيم جون نگاهون به ان پاسي ئي هيون. تيسين سندس نظر ٻئي فوجي تي پئي، جيڪو رائفل تاڻي پنهنجي پيل ساٿي ڏانهن وڌي رهيو هو. ان وانگ کي ڏسي ورتو ۽ اهو ايڏا وانگ جو نشانو وٺي رهيو هو تيسين آزيم ڪيس تيزيءَ سان مشين گن جي گوليءَ جو ڪاڇ بنائي ڇڏيو.

ايتري ۾ وانگ مئل فوجين وٽ پهچي تڪڙ ۾ لاشن وٽان رائفلون ڪنيون ۽ ڪيسي مان دستي بم ميگزين کڻي واپس ڪسڪي آيو. هاٿي سندس منهن مان اطمينان جهلڪڻ لڳي. بي هٿيار هئڻ ڪري ڪيس جيڪو خوف هو سو هاٿي ختم ٿي چڪو هو.

ٻئي جهڪندا جهڪندا ڦان هائي ڏانهن پڳا. ڪڏ پرسان هڪڙو فوجي ٻينو هو جنهن جو مطلب هو ته يا ڦان هائي گرفتار ٿي وئي آهي، يا مارجي چڪي آهي. وانگ فوجيءَ تي فوراً فائر ڪري ان کي ماري وڌو. گوليءَ جي ڌڪاءَ سان جوابي گولين جي بوڇاڙ ٿي وئي، ٻئي ٻوڙن ۾ ليٽي پيا. ڏماڪي جي ڪري هنن جي هيٺان زمين ڏڏي وئي هئي، جڙ ڪو بم سندس پرسان ڦاٽو هو.

گهڙيءَ ڪن ڪان پوءِ هو ٻئي ٻوڙن مان نڪري گهاٽي جهنگ ۾ لڪي ويا. دشمن کين ختم ڪرڻ جو پڪو عزم ڪيو هو. فوجي ڪاٽيتي ۾ وڌيڪ هٿيار ۽ ڪين وڌيڪ مدد به پهچي ٽي سگهي.

"وانگ اسان کي تڪڙو ٻيڙين کي تباهه ڪرڻ گهرجي. تڏهن ئي فوجين سان مقابلو ڪري سگهنداسين."

وانگ هاڪار ڪري ڪنڌ لوڏيو. سامهون درياءَ ۾ ٻيڙيون ٻيٽيون هيون ۽ وڏي مشين گن سان هڪ فوجي اتي ٻيٺو هو. جيڪو سامهون واري سموري چر پر ڏسي پئي سگهيو.

ٻئي ٻيڙين کان اڌ ڦرلانگ تي سَرن ۾ لڪل هٿيار. آزيم وانگ کان رائفل ونڊي فوجيءَ جو نشانو ونڊي ٽرائگر دٻايو. پر فوجيءَ جي ڪرڻ شرط ٻيو فوجي اچي ويو ۽ ان هنن ڏانهن انڌا ڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني. تيسين هي ان جي گهيري مان نڪري چڪا هئا. هاڻي به هو گهاٽي سرن هيٺ جهڪندا هلندا ٽي ويا. آزيم ان فوجيءَ جو نشانو ورتو ۽ ان سان گڏ وانگ دستي بم ٻيڙي تي اُڇليو. ڏماڪي سان ٻيڙي لڏي وئي. وانگ ٻيو بم اُڇليو. ٻيڙي چڪنا چور ٽي وئي.

ٻيڙيءَ جي تباهيءَ کان پوءِ ڪافي فوجي اوڏانهن ڀڄندا پئي آيا. پهرين ٽن چئن کي ته انهن اتي ئي ٽڏو ڪري ڇڏيو. باقي رهيل زمين تي ليٽي پيا.

وانگ ۽ آزيم ٻنهي پاسي، اڌ گول جي شڪل ۾ وڌڻ لڳا. فوجي جوابي فائرنگ ڪري رهيا هئا. ڪين ٻئي ڏسڻ ۾ نه پئي آيا. آزيم کاٻي ۽ وانگ ساڄي پاسي هو. ٿورو اڳتي وانگ کي پنهنجو ساٿي مليو جيڪو ڪڏ ۾ اونڌي منهن ليٽيو پيو هو. ان سندس تڪڙ ۾ رسي کولي. اڪثر تي ڪلاڪ ساهه منجهڻ ڪري هو بيهوش ٽي ويو هو. وانگ ڪيس ٻي ڪسيل رائفل ڏني ۽ پاڻ سان هلڻ جو اشارو ڪيو. آزيم ساڄي پاسي هڪ جهگيءَ جي پٺئين پت تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٽي ويو. ان پنهنجي کاٻي ڏنو ته وانگ ۽ سندس ساٿي جُهڪندا جُهڪندا وڌي رهيا هئا. هو ڪنڌ واريءَ جهگيءَ جي پرسان پهچي چڪا هئا. ڪين تعجب هو ته فوجي ڪيڏانهن غائب ٽي ويا.

آزيم انهن کي ٻيهڙ جو اشارو ڪري پاڻ زمين تي پيٽ پر رڙهڻ شروع ڪيو. هن جهڪيءَ جو اڌ چڪر ڪاٽي اڳتي ڏنو تہ سندس دماغ چڪرائڻ لڳو.

ڪان هائي اگهاڙي ۽ زخمي ٻيٽي هئي، سندس هٿ پٽيان ٻڌل هئا. پرسان هڪ ليفٽيننٽ ريوالور ڪنيو ٻيٺو هو ۽ ان سان گڏ ٻئي پاسي اشارو ڪري رهيو هو.

آزيم اوڏانهن ڏنو تہ جهڪين ۾ رهندڙ ٻار، عورتون ۽ مرد زمين تي ليٽيل هئا. ان جي پرسان ست فوجي رائفلون تاڻي ٻيٺا هئا. آزيم پوئين پير واپس موٽيو وانگ ۽ سندس ساٿي ليٽي ئي سندس انتظار ڪري رهيا هئا. آزيم هٿ جي اشاري سان کين دشمنن جي صورتحال ٻڌائي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ چيو.

آزيم ريڑهيون پائيندو اڳتي وڌيو ۽ هن ليٽيل هوندي ئي ليفٽيننٽ جو نشانو ورتو وانگ ۽ سندس ساٿيءَ باقي فوجين کي گولين جو ڪاڇ ٻڌائي ڇڏيو. ٽن چئن پڇڙ جي ڪوشش ڪئي، پر اهي آزيم جي سب مشين گن جي برسٽن کان نہ بچي سگهيا.

آزيم، ڪان هائي ڏانهن وڌيو ۽ چاقو ڪڍي سندس رسي ڪٽڻ لڳو. وانگ ڳوٺاڻي عورت کان چادر ونڊي ڍوڙندو آيو ۽ اها ڪان هائي جي اڌ مئي جسم تي وڌائين آزيم کيس ٻنهي ٻانهن تي ڪنيو ۽ هڪ جُهڪيءَ ۾ هليو ويو. ڳوٺاڻيءَ عورت سندس منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا وڌا. کيس ڪجهہ هوش آيو. سندس ڪاهي ٻانهن ۾ وڏو گهاءُ هو. آزيم کيس ملهم پٽي ڪئي. ڪجهہ گهڙين کان پوءِ هوءَ پاڻ اٿي ويهي رهي. وانگ ۽ سندس ساٿي جُهڪيءَ ٻاهران ڪناري تي پهرو ڏئي رهيا هئا.

"هتي فوجي ڪيئن پهتا؟" آزيم پڇيو.

سمورا ڳوٺ جا مرد، عورتون ۽ ٻار جُهڪيءَ جي پرسان ٻيٺا هئا.

"اسان کي خبر ڪونهي." وڏيءَ عمر واري هڪ مرد وراڻيو.

"هتي جو ليڊر ڪٿي آهي؟" آزيم پڇيو.

"هو ڪجهہ ساٿين سان گڏ ڪنهن مهم تي ويل آهي." ڪيس جواب مليو.

"ان جو مطلب تہ هن ڳوٺ جي حفاظت جو ڪو بہ بندوبست نہ ڪيو آهي ۽ جڏهن اسان جا ساٿي هتي پهتا تہ فوج بہ اچي ڪڙڪي. آخر ڪار معاملو چا آهي." آزيم تيز لهجي ۾ پڇيو.

"اسان کي ڪاخبر ناهي. اڄ شام جو اسان جو اڳواڻ پهچڻو آهي."

"ان جي غير موجودگيءَ ۾ نائب ڪير آهي؟"

"هو ڪالهہ رات کان غائب آهي." هڪ عورت جواب ڏنو.

"اهي ڪرتوت ان جا ئي پيا لڳن. جيڪڏهن اسان نہ اچون ها تہ اسان جي بہ ساٿين جون جانيون ضايع ٿي وڃن ها." آزيم چيو.

"ڪامريڊ هيءَ ڪنهن جي غداري ڪونهي. نائب ائين نہ ٿو ڪري سگهي."

"آخر نائب ڪٿي آهي؟ ان کي هر حالت ۾ هتي هجڻ گهنڊو هو. ڳوٺ جي حفاظت جو بہ ڪو بندوبست ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي." آزيم گجندڙ آواز ۾ چيو.

"آءٌ هتي آهيان ڪامريڊ." هجوم ۾ پٺيان هڪ هيٺو آواز آيو.

سمورن ڳوناڻن جو ڌيان ان پاسي ٿي ويو ۽ عورتون ۽ ٻار هڪ پاسي ٿي ويا. هڪ چاليهن سالن وارو مرد رڙهندو پئي آيو. سندس ٻئي ٽنگون بريءَ طرح زخميل هيون.

"ڪامريڊ! مون ۽ منهنجي ساٿي، ڳوٺ جي ايرندي ۾ گهيري ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. هو مري ويو..... ۽ ...."

"پر اوهان کي تہ هتي هٽڻ گهنڊو هو. سرڪاري ٻيڙي هتي ڪيئن پهتي؟"

"اها مون کي خبر ڪونهي. رات جي پوئين پهر ۾ هڪ ساٿي ساڻ ڪري ٻيڙين ڏانهن ويا هئاسين. جيڪي هتان کان چار ميل پري هڪ ننڍي جزيري ۾ لڪايل هيون. هڪ ٻيڙي اوهان جي ساٿين لاءِ آڻڻ هئي. واپسيءَ ۾ اسان گولين جي ڪائن تي بيٺاسين ۽ لڪندا لڪندا جڏهن اسان ڳوٺ جي پرسان پهتاسين تہ فوجي اوهان کي هوڙن ۾ تلاش ڪري رهيا هئا. اسان جي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ پئي آيو. آخر اسان چئن فوجين کي شوٽ ڪيو.

آزيم وانگ کي سڏيو جيڪو جُهڪيءَ جي پرسان بيٺو هو. وانگ نائب جي ڳالهه جي تصديق ڪئي. عورتون، ٻار پنهنجي پنهنجي جُهڪين ڏانهن ويا ۽ ڪائڊ پيئڻ جو بندوبست ڪرڻ لڳا.

سج لهڻ تي هو ته ڳوٺ جو ڪمانڊر اٽڻ نوجوانن سان گڏ پهتو. ڪمانڊر ٻڌايو ته پهريون پيرو سندن ڳوٺ تي حملو ٿيو آهي. هي ننڍو ڳوٺ عام رستي کان پري آهي، جنهن جي ڪري فوجين جو ان پاسي ڪوبه ڌيان نه ويو. پر گذريل ٻن هفتن کان درياه ۾ لانچون ۽ ٻيڙيون گشت ڪري رهيون آهن. ان سلسلي ۾ هو ڪجهه ميلن تي درياهه جي موڙ وٽ هڪ ڳوٺ ۾ ويو هو. اتي ٽي پيرا ياڙيتو فوج حملو ڪري چڪي آهي، اسان کي ڳوناڻن جي مدد لاءِ گهرايو ويو هو. پر اهو وهم ۽ گمان ۾ به ڪونه هو ته فوجي هتي به اچي ڪڙڪندا.

"منهنجي ساٿين کي ٻيڙيون ڏنيون ويون، هي هاٿي مٿي ويندا. اڇوکو ڏينهن به خراب ٿي چڪو آهي." آزيم چيو.

ڪمانڊر پنهنجي زخمي نائب ڪمانڊر کان پڇيو ته، ٻيڙي ڪٿي آهي. نائب ڪمانڊر ڪيس هنڌ ٻڌايو. ڪمانڊر پنهنجي ساٿيءَ کي وانگ سان موڪليو. ڪلاڪ کن کان پوءِ وانگ ۽ سندس ساٿي ٻيڙي ۾ چڙهي پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿي چڪا هئا. آزيم کي ڏان هائي جي تمام گهڻي ڳڻتي هئي. زخمي هئڻ ڪري هوءَ ڪافي ڪمزور ٿي چڪي هئي. سندس ڪاپي ٻانهن شديد ڦٽيل، پر هڏي سلامت هئي ۽ گولي ماس چيري نڪري وئي هئي.

آزيم جو خيال هو ته ان حالت ۾ هوءَ خطرناڪ سفر ڪرڻ لاءِ لائق ناهي، پر ڏان هائي جو اسرار هو ته ساٿس گڏي ويندي. آخر فيصلو ٿيو ته هو رات جا ڪجهه پهر آرام ڪن ۽ رات جي پوئين پهر ۾ پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿي ويجن.

آزيم فرش تي ليٽندي ئي سمهي رهيو. ڪمانڊر ۽ سندس ساٿي جهڪيءَ ٻاهران ڪاهي ڪوٽڙ ۾ مشغول هئا. صبح جو ٽين وڳي آزيم کي جاڳايو ويو. ڏان هائي تيار هئي ۽ ٻئي ٻيڙيءَ طرف روانا ٿيا. پرهه ڦٽڻ کان اول هو ڳوٺ کان ڪافي پري نڪري چڪا هئا.

ڏان هائي ٻيڙي ۾ سمهي رهي ۽ آزيم ونجهه هلائي رهيو هو. هنن پنهنجا هٿيار ٻيڙيءَ ۾ لڪائي ڇڏيا هئا. ڪجهه اڳيان درياهه ۾ ڪين هڪ سرڪاري ٻيڙيءَ روڪيو اتفاق سان سندن ٻيڙيءَ جي تلاش نه ورتي وئي، فقط سندن ڪاغذ ڏٺا ويا، جن ۾ ڪين مهاڻو ڄاڻايو ويو هو. ٻارهين وڳي هو سائيگان کي ويجهو اچي پهتا. درياهه جي ڪپر تي مهاڻن جون بيشمار ٻيڙيون بيٺيون هيون، هو پنهنجي ٻيڙيءَ انهن جي ٻيڙين ۾ بيهاري انتظار ڪرڻ لڳا.

ڏان هائي جي زخم مان سور جون سٽون اپري رهيون هيون، پر هوءَ ان کي نظر انداز ڪري، وڏيءَ همت سان تڪليف برداشت ڪري رهي هئي. سندس معصوم ۽ خوبصورت چهري تي سور جا اهجاڻ نمايان هئا. آزيم سندس پرسان ويهي ان ماڻهوءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو جنهن کي ڪين محفوظ جڳهه تي پهچائڻو هو. ٽن چئن ڪلاڪن جو انتظار هنن لاءِ هڪ عذاب ٻڌجي ويو. چئين وڳي ڏاران هڪ چوڪرو ڪپر تي لڏندو لمندو نظر آيو هو ٻيڙين کي غور سان ڏسڻ لڳو. آزيم سوچيو شايد هي چوڪرو ئي ڪين ونڻ آيو آهي. ڏان هائي به ڪيس غور سان ڏسي رهيو هئي.

"اوهان وٽ مڇيون آهن؟" چوڪر پڇيو.

"تو کي ڪيتريون ڪپن؟" آزيم جواب ڏنو.

"مون کي گهرجن ته پندرهن، پر هن وقت تائين ڇهه مليون آهن. صاف پاڻي وارين مڇين جي ڪوٺ ٿي وئي آهي."

"هن وقت تائين فقط ڇهه مڇيون مليون آهن." ڏان هائي حيرت مان پڇيو.

چوڪر کي ڪنڌ لوڏيو. هي ڳجهو پيغام هو. هي اهو ئي چوڪر هو جنهن جو ڪين انتظار هو. هيستائين آزيم جا ڇهه ساٿي پهچي چڪا هئا. ٻئي ٻيڙيءَ مان هيٺ لٿا.

"ڪجهه سامان آهي!" آزيم چيو.

"پيو هجي. مون سان گڏ هلو پوءِ ڪٽي ويندا سين."

آزيم ۽ ڏان هائي چوڪري جي پويان پويان هلڻ لڳا. هو ڪناري جي پرسان ڪولون جي آباديءَ ۾ داخل ٿيا. جهڳين جي وچ مان ورن

وڪڙن وارن سوڙهن رستن تان ٽيندا، ڪولون جي وچ ۾ پهچي ويا، اتي هو هڪ جُهڱيءَ وٽ بيهي رهيو.

آزيم دروازو کولي جُهڱيءَ ۾ داخل ٿيو. هڪ پراڻيءَ کٽ تي هڪ نوجوان چوڪري ويٺي هئي. هوءَ کين ڏسي اٿي بيهي رهي.

"اوهان کي ڪالهه پهچڻو هو." چوڪريءَ پڇيو. "ها، پر رستي ۾ ترسٽو پيو."

"اوهان جا ست ساٿي، انهن جي ڪا خبر چار."

"نه انهن کي ته اسان کان پهرين پهچڻو هو." اسان کي طبي امداد جي گهرج آهي." آزيم ڄاڻ هائيءَ ڏانهن اشارو ڪيو.

"مون سان گڏ اچ." چوڪريءَ چيو.

چوڪري ۽ ڄاڻ هائي جُهڱيءَ جي پٺئين حصي ۾ هليون ويون.

آزيم کي پنهنجي ستن ساٿين جو انتظار هو انهن کي هر حالت ۾ ڪالهه تائين پهچڻ گهرجي ها. جيڪڏهن سپاٽي تائين نه پهتا ته پوءِ انهن کي مئل يا گرفتار تصور ڪيو ويجي. سائيگان جي گوريلا ڪمانڊر کين سندن اڇلڻ جو مقصد ڪونه ٻڌايو هو. فقط ايترو چيو ته، 48 ڪلاڪ آرام ڪن ۽ جي ممڪن هجي ته پنهنجي ذميواريءَ تي شهر گهمي ڦري اچن.

آزيم پنهنجي ماڻهن سان ملڻ ٿي گهريو. ان ڄاڻ هائيءَ سان مشورو ڪيو. ٻئي ڪولون جي آبادي‌ءَ مان نڪري، سائيڪل رڪشا تي چڙهي، ست ماڙ ڪسالوئي پگوڊا ڏانهن هلڻ لڳا. هيءَ عبادتگاه نئين تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. هي ٻڌن جي ملڪ گير تحريڪ جو مرڪز هئي. نام نهاد صدر نگوڊنهه ڊيم ۽ ان جي خاندان جي حڪومت جو خاتمو ان تحريڪ جو ڪارنامو چئي سگهجي ٿو.

پگوڊا سان گڏ بازار ۾ آزيم جي مامي جو دڪان هو. ان بازار جي ڪنڊ تي رڪشا روڪائي، ڄاڻ هائيءَ کي وٺي هو دڪان ڏانهن هلڻ لڳو. پهرين هو دڪان سجاٽي ڪونه سگهيو چو ته دڪان نئين طرز جي اسٽور ۾ تبديل ٿي چڪو هو. آزيم شيشي جي در مان اندر نهاريو. دخل ٿي هڪ چوڪرو گراهڪن کي سودو ڏئي رهيو هو دخل جي آخري ڪنڊ ۾ سندس مامون ڪاغذن متان جهڪيل هو.

هو دڪان ۾ داخل ٿيو ۽ سڌو مامي آڏو وڃي بيهي رهيو. مامنهس ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺو: "آزيم." هو فقط ايترو چئي سگهيو ۽ خوف وچان سندس گول مٽول منهن هيڏو ٿي ويو.

"اوهان خوش آهيو؟ آزيم ڪلندي کانئس پڇيو. "ها، ها" مامنهس مرٽينگ آواز ۾ چيو ۽ دڪان ۾ بيٺل گراهڪن تي نظر وڌي.

"اندر هليا اچو." اهو چئي هو دڪان جي پٺ ۾ ننڍي ڪمري ۾ داخل ٿيو. سندس پويان آزيم ۽ ڪان هائي هئا.

"هي ڪير آهن؟" ڪان هائي ڏانهن اشارو ڪندي مامي کانئس پڇيو.

"هيءَ، هيءَ منهنجي مڱيندي آهي. آئون امان ۽ اوهان کان دعائون ونڻ آيو آهيان."

"چگو چگو ويهو" مامي ڪان هائيءَ کي چيو. هو ايڏا به پنهنجي ڊپ تي حاوي ٿي نه سگهيو هو.

"امان جو ڪهڙو حال آهي؟"

"ادي، تنهنجي ماءُ، هوءَ ته هڪ سال ٿيو لاڏاٿو ڪري وئي آهي ۽ خبر اٿئي مرڻ مهل به سندس زبان تي تنهنجو ئي نالو هو."

اهو ٻڌي آزيم کي شديد ڏڪو لڳو. هو ڪنڌ هيٺ ڪري ڪافي دير خاموش ويٺو رهيو.

"بيمار هئي." آزيم خاموشيءَ کي ٽوڙيو.

"ڪجهه ڏينهن بيمار رهي، پوءِ سندس روح گوتم ٻڌ سان وڃي مليو." مامي جواب ڏنو.

"ڪاش مان آخري وقت ۾ امان کي ڏسان ها." آزيم پاڻ کي چيو.

"آزيم، ڇا اهو سچ آهي ته تون ويٽڪانگن ۾ شامل ٿي ويو آهين؟" مامهس سرهاڻ ڪندي پڇيو. آزيم ڪنڌ مٿي ڪٽي مامي کي ڏٺو. ننڍين اکين ۾ دهشت ظاهر هئي. "جيڪڏهن مان ويٽ ڪانگن سان هجان ها ته پوءِ توهان سان ملڻ ڪيئن اچان ها." آزيم جواب ڏنو.

"شهر ۾ عجيب افواه ڦهلجي ويا آهن. نئين سال جي ستن ڏينهن واري جنگ بنديءَ دوران ويٽ ڪانگ شهر ۾ داخل ٿي رهيا آهن ۽ هو شهر تي قبضو ڪرڻ جو ارادو ڪري رهيا آهن. ڇا اهو سچ آهي؟"

"مون کي خبر ڪونهي. اوهان ويٽ ڪانگن کان ايترو ڊنل ڇو آهيو؟" آزيم ڪلندي پڇيو.

"مان ڏڃان ڪونہ ٿو امن امان ٿو چاهيان، سال ڪن ڪان مس دڪان هلڻ لڳو آهي. ٻہ پيرا هي دڪان تباهہ ٿي چڪو آهي، تو کي خبر ڪونهي ۽..." مامنهس ايترو چئي آزيم جي منهن ۾ غور سان ڏسڻ لڳو.

"ها! پوءِ ٻڌاءِ."

"۽ ٿوت فوج ۾ ڪپتان ٿي ويو آهي." مامنهس اهو چئي زيم جي منهن جا تاثرات ڏسڻ لڳو.

"ٿوت منهنجو ماروٽ ۽ منهنجو ساٿي ٿوت، ان جو ارادو تہ اهڙو ڪونہ هو." آزيم جي لهجي ۾ فڪر جو عنصر غالب هو.

"تو کي ڇا خبر تہ اسان سان ڇا وهيو واپريو. بهرحال ان لاءِ اهو ئي رستو هو ۽ هو خوش آهي!"

"اڃڪلهہ ٿوت ڪٿي آهي؟"

"مون کي خبر ڪونهي. گذريل مهيني اسان سان ملڻ آيو هو." مامهس ايجا ٻہ آزيم جي منهن ۾ ڏسي رهيو هو.

"منهنجي لاءِ ڇا چوندو هو؟ آزيم پڇيو.

"ان اسان کي ٻڌايو تہ تون جهنگ ۾ وڃي ويٽ ڪانگن سان ملي ويو آهين. ان ڪان پوءِ ڪڏهن ٻہ تنهنجو ذڪر ئي نہ ٿيو آهي."

"ها تہ منهنجي باري ۾ اهي افواه ٿوت ئي ڦهلايا آهن."

"نہ نہ اسپيشل برانچ پوليس جا ماڻهو مون وٽ ڪيترا ڀيرا اچي چڪا آهن. پوليس جو ٻہ اهو ئي خيال آهي."

"اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟"

"منهنجو منهنجو ڪو ٻہ خيال ناهي. منهنجي سمجهہ ۾ تہ ڪجهہ ٻہ نہ ٿو اچي. گهر هلندين؟" مامنهس هڪدم ڳالهہ جو رخ مٽايو.

"هن ڀيري نہ مان مامي ۽ سان ملڻ ضرور ايندس. ساڳيو گهر آهي يا مٽايو اٿو؟"

"اهو ئي آهي. ڪڏهن ايندين؟"

"ڪجهہ چئي نٿو سگهان. هڪ بن ڏينهن ۾ ايندس."

اهو چئي آزيم ڪمري مان نڪري، دڪان تي سودو وٺندڙ ماڻهن تي سرسري نظر وجهندو، دڪان کان ٻاهر نڪري ويو.

آزيم ۽ ڦان هائيءَ جي وڃڻ کان پوءِ سندس مامو ڪجھ دير لاءِ خاموش رهيو. اوچتو فون جي گھنٽي وڄڻ سان ھو چرڪي پيو. رسيور کڻڻ سان ھيڪيو پر جڏھن ڪنھن گراھڪ جو آواز ٻڌائين تڏھن وڃي منھن تي اطمينان جا آثار ظاھر ٿيا.

آزيم لاءِ ماءُ جي مرڻ کان وڌيڪ ٿوٽ جي فوج ۾ شامل ٿيڻ واري خبر تشويشناڪ ھئي. ھو ٻئي گھرا دوست ھئا. ھو سوچي رهيو ھو تہ ڪھڙين حالتن ان کي فوج ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور ڪيو. ھو ان ئي خيال ۾ گم سم وڃي رهيو ھو.

"ڪامريڊ مان ڪڏھن کان تنھنجي مڱيندي ٿي آھيان؟" ڦان هائيءَ پڇيو. آزيم پھريون پيرو سور سببان پيلي ٿيل چھري تي ڳاڙھاڻ مائل مرڪ ڏني.

"مامي جي دڪان تي. جيڪڏھن تو کي ڪو اعتراض ھجي؟"

"اعتراض آھي، منھنجي اجازت کان سواءِ."

"ضرورت ۽ مصلحت ھئي. جيڪڏھن تون اجازت ڏين تہ پوءِ چا گھرجي؟"

"تنھنجو مامو پوليس جي مخبري ڪندڙ ٿو معلوم ٿئي." ڦان هائي خوبصورتيءَ سان ڳالھ جو رخ موڙيو.

"ممڪن آھي، پر ھو منھنجي مخبري ڪري نہ ٿو سگھي." ان لاءِ تہ مان ھن جي اڪيليءَ ڀيڻ جو اڪيلو پٽ آھيان ۽ ان ئي منھنجي پالنا ڪئي آھي. مان پنھنجي پيءُ کي تہ ڏٺو ئي ڪونہ ھو اھو ئي منھنجي پيءُ جي حيثيت رکي ٿو. ان بابت سوچي رهيو آھيان. منھنجي وھم ۽ گمان ۾ بہ نہ ٿو اچي تہ ھو اھڙو قدم کڻندو. ضرور ڪا خاص ڳالھ ھوندي."

پگوڌا وٽ ھو سائيڪل رڪشا تي سوار ٿي شھر جي مرڪز ڏانھن ويا.

شام جو ڇھين وڳي ھو واپس ڪولون پھچي ويا. ڦان هائي جي ٻانھن جي ٻيھر ملھم پٽي ڪئي وئي. زخم تيزيءَ سان پرجڻ لڳو ھو. تيسين آزيم جا ٻيا ساٿي بہ پھچي چڪا ھئا. ان رات آزيم پنھنجي ساٿين جي ميٽنگ گھرائي. سائيگان بابت ڳالھ ٻولھ ٿيندي رهي.

ڪين جيڪو خاص ڪم حوالي ٿيڻو هو تنهن جي ذري جيتري به خبر ڪونہ هئن، پر هو هر ڪم لاءِ پاڻ کي تيار ڪيو ويٺا هئا.

ٻئي ڏينهن آزيم اڪيلو ڪولون کان نڪتو. ان ڳوٺ جي ٻاهران هڪ فرلانگ تي تمام وڏو ۽ جديد قسم جو پوليس ٽاڻو هو ۽ اها سيمينٽ جي ٺهيل ٻہ منزلہ عمارت هئي. ڪولون ڏانهن هڪ ننڍو مينار هو. ان تي مشين گن جي نالي چٽي نظر اچي رهي هئي. ريڊئي، ٽيليويزن ۽ آمد رفت جو بندوبست پڻ هو.

آزيم گهمندو ٽاڻي جي ٻاهران ڪنڊيدار تارن جي گهيري مان گذريو. هڪ هٿياربند سنتري ٻاهران بيٺو هو. اڳڻ ۾ ٻہ ٽرڪون ۽ چار جيپون بيٺيون هيون. پٺ سان گڏ ٻہ موٽر سائيڪلون پڻ بيٺيون هيون. ٽاڻي جو جائزو وٺي، هو پوين پاسي ڏانهن هلڻ لڳو. ٽاڻي کان ٿورو اڳتي فليٽن جي نئين عمارت ٺهيل هئي. پوليس ٽاڻي کان پاسي روڊ آمريڪي سفارتخاني ۽ آمريڪي هيڊ ڪوارٽر ڏانهن پئي ويو. ڪاپي پاسي وارو روڊ درياه جي بندرگاهہ تي پورو پئي ٿيو.

آزيم چوڪ جو جازو وٺندو درياهہ واري پاسي هلڻ لڳو. بندرگاهہ تي ننڍيون وڏيون هٿياربند ٻيڙيون بيٺيون هيون. ماڻهو پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ مصروف هئا. ان علائقي ۾ آمريڪي سپاهين جو ڇڳو خاص تعداد موجود هو.

اتان هو پيادل روانو ٿيو. هڪ ٻئي رستي تان ڪولون ۾ داخل ٿيو جڏهن هو پنهنجي جهڳيءَ ۾ پهتو تہ قان هائي سندس انتظار ڪري رهي هئي.

"مقامي ڪمانڊر جو پيغام آيو آهي تہ اڄ رات سمورن دستن جي ڪمانڊرن جي گڏجاڻي ٿيندي"

"ڪيڏي مهل؟"

"اسان کي وٺي وڃڻ لاءِ ڪو ڪامريڊ ايندو!"

"اسان کي؟"

"اسين ٻئي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندا سين."

"ٻي ڪا خبر؟"

"اسان جا ٻہ ساٿي ٻيا ٻہ پهچي چڪا آهن، پر انهن مان هڪ کي تمام گهٽو بخار آهي، ان کي مقامي ساٿين جي حوالي ڪيو ويو آهي."

"ان جو مطلب ته اسان پندرهن مان تيرهن هتي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون ۽ ٻارهن ڊيوٽي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون."

"ها."

"تنهنجي ٻانهن جو ڪهڙو حال آهي، رائفل هلائي سگهندينءَ؟"

"ڪوشش ڪنديس. ايڏا تائين زخم مان سور جون سٽون اٿن ٿيون."

ان رات گوريلا ڪمانڊرن ۽ نائب ڪمانڊرن جو هڪ خاص اجلاس ٿيو. مقامي ڪمانڊر سياسي صورتحال تي تبصرو ڪيو ۽ پوءِ هر ڪمانڊر کي خاص فرض حوالي ڪيا ويا.

هي اجلاس صبح تائين هلندو رهيو. جڏهن اجلاس ختم ٿيو ته ڪمانڊرن کي ايندڙ ٻارنهن ڪلاڪن ۾ تيار رهڻ جو حڪم مليو. آزيم ۽ ڦان هائي پنهنجن ساٿين کي گڏ ڪيو حملي ۽ پيش قدميءَ ۽ ٻين مسئلن تي تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ٿي.

آزيم جي دستي جي حوالي، پوليس اسٽيشن ۽ ان کان پوءِ چوڪ تي قبضو ڪرڻ جو ذمو هو. پر ان کان وڌيڪ اهم ڪم جيڪو سندن حوالي هو ان ۾ آمريڪي هيڊ ڪوارٽر جي رسد کي ڪٽڻ هو.

هو پورو ڏينهن انتظامن ۾ رڌل هئا. رات جو ڪين ڏهين وڳي ڌاري هٿيار ڏنا ويا ۽ ٺيڪ ٻي وڳي حملي ڪرڻ جو وقت مقرر ٿيل هو.

ٻن ۾ اڃا ويهه منٽ هئا ته، آزيم جي اڳواڻيءَ ۾، ان جا ساٿي پوليس اسٽيشن ڏانهن روانا ٿيا. اونداهي رات هئي، ويٽ ڪانگ سپاهين جون وردیون ۽ ڪاريون هيون، پوليس اسٽيشن تي خاموشي ڇانيل هئي، فقط رابطي واري ڪمري ۾ روشني هئي. آزيم ڏٺو ته بُرج تي ڪا به چر پر نظر نه پئي آئي، هڪ سنتري پهرو ڏئي رهيو هو.

آزيم اشارو ڪيو. وانگ جهڪندو سپاهيءَ ڏانهن وڌيو. ٻيو ساٿي خاردار تارن کي ڪٽڻ لاءِ پيٽ ۾ رڙهڻ لڳو.

وانگ سنتريءَ تي بل ڏئي ڪيس زور سان زمين تي ڪيرايو. آزيم سڌو ريڊيو رابطي واري ڪمري ڏانهن ڇڪو. ڦان هائي برج (مينار) ڏانهن ڊوڙي. آزيم دستي بم راطلي واري ڪمري ۾ اڇليو ڌماڪي سان ريڊيو رسيور ۽ وائرليس جو سامان تباهه ٿي ويو.

حملو ايترو تيز هو جو اڪثر پنجاهه سپاهي پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪجهه ٻ ڪري نه سگهيا ۽ انهن کي گرفتار ڪيو ويو. انهن کي وٺي وڃڻ لاءِ ٻيا پندرهن ويٽ ڪانگي آيا. ڦان هائي هاٿي انهن نون آيل ساٿين جي ڪمانڊر هئي. انهن ۾ ڇوڪرين جي اڪثريت هئي. پوليس اسٽيشن تي قبضو مڪمل ٿي چڪو هو.

آزيم ۽ سندس ساٿي ٻاهر نڪري ڊڪندا چوڪ ڏانهن وڌڻ لڳا. ان وچ ۾ شهر جي مختلف حصن ۾ گولين جا آواز اچي رهيا هئا. ويٽ ڪانگن شهر جي اهم هنڌن تي حملو شروع ڪري ڏنو هو.

آزيم جڏهن چوڪ تي پهتو ته هڪ منٽ کان پوءِ درياهه واري پاسي کان ٻ فوجي ٽرڪون ايندیون نظر آيون. جڏهن ٽرڪون سندن ويجهو پهتيون ته آزيم پهريون دستي ٻر انهن تي اڇليو فوجي خوف وچان چڙوچڙ ٿي پيڻ لڳا. پر آزيم جي ساٿين انهن کي ڏڪي تي ختم ڪري ڇڏيو. ٽرڪ جو ٻ ساڙيو حشر ٿيو ٻئي ٽرڪون سڙي رهيون هيون.

روڊ جي ٻنهي پاسن کان ويٽ ڪانگن تڪڙ ۾ ڪاهيون کوٽيون ۽ مورچا ٺاهي ويهي رهيا. روڊ جي ٻئي پاسي وانگ پنهنجن پنجن ساٿين سان گڏ دشمن جو انتظار ڪري رهيو هو. پندرهن منٽن کان پوءِ ان رستي کان ٻ ٽينڪون ايندیون نظر آيون. سڙندڙ ٽرڪن کي ڏسي ٽينڪون بيهي رهيون. ڪجهه وقت کان پوءِ هڪڙي ٽينڪ اڳتي وڌي. اها ٽرڪ کان ڪجهه والن تي هئي ته ٻنهي پاسن کان ان تي دستي بم وسڻ لڳا. ٽينڪ بيهي رهي. ان مان فوجي تڪڙا پيڻ لڳا. پر انهن کي اتي ئي پورو ڪيو ويو.

ٻي ٽينڪ مان گولا وسڻ لڳا. گولا ٽرڪ جي هن پاسي کان هلي رهيا هئا. آزيم پنهنجي مورچي مان نڪري ٽينڪ ڏانهن پيڻ لڳو هاٿي ٽينڪ جي مشين گن مان اڌ گول جي دائري ۾ گولين هلي رهيون هيون.

آزيم جي مٿي تان گولين زوزاٽ ڪنديون گذري ويون. ان پنهنجي پٺ ۾ ڏنو ته هڪ ساٿي ڪرونڊڙو ٿي هلي رهيو هو ان کي هن اشارو ڪيو هو ساڃي پاسي مڙي ويو.

آزيم دستي بم اڇليو بم ٽينڪ جي پرسان ڪريو ڏماڪي ۽ دونهين جو فائدو وٺي هو ٽينڪ جي پرسان پهچي ويو ۽ هن ٻ دستي بم

ٻيا ڪيرايا، ٻم نشاني تي ڪِريا. آزيم زمين تي ليٽي ٽينڪ کان پري ٽيو. ٽينڪ مان شعلا نڪري رهيا هئا، انهن شعلن جي روشني ۾ هن ڏٺو ته فوجي مورچا سنيالي رهيا آهن. هو روڊ جي ٻنهي پاسن، وٽن ۽ ڪوڪن جي اوٽ ۾ آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيا هئا. آزيم واپس پنهنجي جڳهه تي اچي ويو.

فوجين طرفان مسلسل گوليون هلي رهيون هيون. ٽرڪن جا باقي ڊانچا وڃي بچيا هئا. آزيم پنهنجي ساٿين کي چيو ته، هو سڙندڙ ٽينڪن جي پرسان مورچا سنيالين، جيئن ڪو به فوجي وڃي نه سگهي ۽ پاڻ تباهه ٽيل ٽرڪن جي اوٽ ۾ روڊ جي ٻي پاسي پڳو.

وانگ مشين گن سان جوابي برسٽ هلائي رهيو هو ان کي به اڳتي وڌڻ لاءِ چيو ويو. ويٽ ڪانگ روڊ جي ٻنهي پاسي اڳتي وڌيا. فوجي زمين تي ليٽي گوليون هلائي رهيا هئا.

وانگ پنهنجي پنجن ساٿين کي اشارو ڪيو ۽ انهن فائرنگ بند ڪئي. آزيم ڏانهن خاموشي هئي. ڪجهه گهڙين لاءِ فوجين جو انتظار ٽيندو رهيو.

فوجي حملو ڪندي وڌاندا پئي ويا، ٻي پاسي کان دستي بمن ۽ مشين گن جي گولين سان آڏر پاءُ پئي ٽيو. فوجي واپس پوڻ لڳا. انهن دشمن تي سَوَ والن تائين دٻاءُ جاري رکيو. هو واپس تباهه ٽيل ٽينڪن وٽ آيا. جڏهن پرهه ڦٽڻ لڳي ته آزيم اشارو ڪيو گوريلا پوليس اسٽيشن طرف وڌيا. ان وچ ۾ پوليس اسٽيشن تي مورچا ٺاهيا ويا هئا. زخمين کي ڪولون جي محفوظ هنڌ تي پهچايو ويو.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ دشمن ٻن ٽينڪن جي اوٽ ۾ وڌيو.

ٽينڪن جي پٺ ۾ فوجي به هئا. اڳا سڄ به ڪونه ايريو هو ته، پهرين ٽينڪ وڌي ڏماڪي سان بارودي سرنگ سان اچي ٽڪرائي ۽ ٻيءَ مان فائرنگ شروع ٿي وئي. ٽينڪ جو هڪ گولو مينار تي اچي ڪريو ۽ ان ۾ تمام وڏا وڏا ڊار پئجي ويا. اڳا تائين موٽ ۾ گوريلن کي به فائر نه ڪيو هو ۽ قبرستان جهڙي خاموشي ڇانيل هئي.

آزيم، وانگ ڏانهن اشارو ڪيو. هو ڪڏ مان نڪري خاردار تارن ڏانهن وڌيو. آزيم ان جي پويان سندس حفاظت ڪندو رهيو. وانگ

تارن کان اڳتي وڌيو. ان هڪ ٻئي پٽيان ٽي دستي بم ٽينڪ تي اڇلايا ۽ ڏماڪي سان ٽينڪ بيڪار ٿي وئي، پر تيسين هڪ گمنام گولي وانگ کي اچي لڳي، هو تڙپڻ لڳو ۽ ڪجهه دير کان پوءِ بي حس ٿي ويو.

آزيم پنهنجي مشين گن کلهي تي لٽڪائي، وانگ ڏانهن ڀڳو ۽ کيس گهلي تارن ڏانهن وڌيو. ٻئي پاسي فائرنگ ٿي رهي هئي. ساڄي پاسي تي ڦان هائي هئي، جنهن آزيم جي بچاءَ ۾ فائر کوليو.

وانگ کي آڻڻ ۾ آزيم کي پنج منٽ لڳا، ان وچ ۾ فوجين حملو ڪيو. آزيم ٻنهي پاسن کان ٽيندڙ فائرنگ جي گهيري ۾ اچي ويو. وانگ بيهوش هو.

آزيم کيس اتي ڇڏڻ نه ٻئي چاهيو ۽ ساٿس گڏ ئي زمين تي ليٽي پيو ۽ اتان اڳتي وڌندڙ فوجين تي دستي بم اڇلڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ وانگ کي کڻي تارن ڏانهن وڌيو. آزيم جڏهن گڏ وٽ پهتو تہ کيس اوچتو پنيءَ ۾ گولي پار ٿي وئي ۽ وانگ کي ٻہ ٻيون گوليون بہ لڳيون. وانگ بهادر هو ۽ آواز ڪرڻ بنان دم ڏنائين. آزيم پنيءَ تي زور سان رومال ٻڌو ۽ مشين گن کڻي وانگ جي لاش کان ٻن والن تي ويهي رهيو. هن جي هٿ بلند ڪرڻ سان گوريلن فائرنگ بند ڪئي.

هاڻي فوجي دليريءَ سان اڳتي وڌڻ لڳا. سندن خيال هو تہ ويٽ ڪانگي پٺتي هٽي رهيا آهن، پر جڏهن هو تارن جي ويجهو آيا تہ انهن مان فقط چار پنج ئي جان بچائي سگهيا. پهريون حملو ناڪام ڪيو ويو.

ڦان هائي آزيم وٽ آئي، وانگ جي لاش کي ڏسي، هن جي اکين مان ڳوڙها تري آيا. پوءِ لاش کي ڪولون موڪليو ويو.

ڪلاڪ کان پوءِ وري ٻيو حملو ٿيو. هن دفعي استيشن تي راڪيٽن سان حملو ڪيو ويو. راڪيٽ عمارت جي ٻيءَ منزل تي اچي ڪريا. چند منٽن ۾ عمارت پٽرن جو ڊير نظر اچڻ لڳي. راڪيٽ جهاز مان ڪيرايا ويا.

پوليس استيشن کان سؤ والن تي هڪ هيليڪاپٽر لٿو ان مان فوجي نڪري استيشن ڏانهن وڌڻ لڳا، پر ڪين خاردار تارن ويجهو بہ پهچڻ نصيب ڪونہ ٿيو.

گوريلن هڪ راڪيٽ چوڙيو ۽ هيليڪاپٽر تباهه ٿي ويو. شام تائين دشمن کي ان پاسي اڳتي وڌڻ جي جرئت ئي نه ٿي.

شهر جي ٻين محاذن تي به ويٽ ڪانگن جا حملا جاري هئا. آمريڪي هائي ڪمانڊ ۽ ان جي چاڙتي ويٽنامي فوج جا جرنيل به بدحواس ٿي ويا. انهن جو خيال هو ته ويٽ ڪانگ شهر تي قبضو ڪري ئي جان ڇڏيندا. آخر انهن ڇهن پاسن کان چار ڊويزن فوج گهرائي. آمريڪي سپاهين جي تازي کيپ اوڪي ناوا مان جهاز رستي پهتي. هوائي اڈي تي ٻيهر قبضو ڪيو ويو ۽ آمريڪي ويٽ ڪانگن سان هڪ هڪ انچ لاءِ وڙهڻ لڳا، پر نقصان وري به آمريڪي ۽ سندن چاڙتيءَ فوج جو ئي ٿيو چو ته کين ويٽ ڪانگن جي طاقت جو صحيح اندازو ڪونه هو.

آمريڪي جڏهن زمين تي هار کائيندا آهن ته پوءِ آخري سهارو فضائي بمباريءَ جو ئي ونندا آهن. آخر ويٽ ڪانگن جي حملي کان چوويهه ڪلاڪ پوءِ آمريڪا جي بي-25 بمبار جهاز ڪولون تي بمباري ڪري ڏني. هي جهاز ٽائي لينڊ جي هوائي اڈن تان پئي اُڏاٽا. اهي جهاز فضا ۾ ايترا مٿي هئا، جو زمين تان کين جهاز شڪن (اينٽي ايئر ڪرافٽ) توب جو گولو به نه ٿي پهچي سگهيو ۽ هو يڪي بمر ڪيرائي رهيا هئا، اهي پنج سؤ پاند وزني هئا. تمام گهٽ بمر نشاني تي پئي ڪريا.

بمباريءَ کان پوءِ استيشن تي ٻيهر حملو ٿيو. هي حملو صبح ساڻ ٻنهي پاسن کان ڪيو ويو.

آزيمر جي مدد لاءِ پندرهن ويٽ ڪانگن ٻيا به پهچي چڪا هئا ۽ کين هدايتون مليون ته استيشن تي هر حال ۾ قبضو جاري رکيو وڃي.

هاڻي دشمن ڇهن ٽينڪن جي اوٽ ۾ وڌڻ لڳو. آزيمر کي انهن کان ڪوبه ڊپ ڪونه هو چو ته نوان ساڻي ٽينڪن کي تباهه ڪرڻ لاءِ توپون کڻي آيا هئا.

پوليس استيشن جي پٺ واري فليٽن ۾ فوجي داخل ٿيڻ سان هنن لاءِ هڪ نئين مصيبت شروع ٿي وئي ۽ هاڻي اتان به مٿن فائرنگ ٿيڻ لڳي. گوريلا سپاهي مورچن ۾ ڪا به چر پر نه پئي ڪري سگهيا.

ان صورتحال کي سڌارڻ لاءِ هڪ چوڪريءَ کي ڪولون موڪليو ويو. هوءَ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ واپس آئي ۽ جواب آندائين ته انهن فليٽن جو ڪو به ڪٽڪو نه ڪيو. ان دوران ٽينڪن کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو ويو. ٽينڪ شڪن توپن سان هڪ ٽينڪ کي بيڪار بنايو ويو.

پوليس اسٽيشن تي ويٽ ڪانگن بچاءَ واري جنگ وڙهي رهيا هئا. آزيم بار بار فليٽن ڏانهن پئي ڏٺو. چند منٽن کان پوءِ هن ڏٺو ته ويٽ ڪانگ عمارت تي چڙهي رهيا آهن ۽ انهن تمام تيز رفتاريءَ سان فوجين تي قبضو ڪري ورتو. ان پاسي کان مطمئن ٿي هن پنهنجو سمورو خيال ٽينڪن ڏانهن رکيو.

ٽينڪن مان برابر گولاباري ٿي رهي هئي. گوريلا انهن کان محفوظ هئا. گولا پٿر ۽ سرن جي ڍير تي ڪري رهيا هئا. انهن خاردار تارن جي گهيري وٽ چار فوٽ اونهي ڪڍ ڪوٽي چڏي هئي ۽ انڊا ڏنڊ گولين هلائڻ کان پاسو ڪيائون.

ايتري ۾ ٻن ٽينڪن جو منهن ٻئي پاسي ٽيو چوته گوريلن سندن اڳتي وڌڻ جو رستو ڪٽي چڏيو هو. پوليس اسٽيشن جي پٺ ۾ فليٽن تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ هو رستي تي اچي ويا. آزيم ٽينڪ شڪن توپچيءَ کي اشارو ڪيو ان هڪ گولو اڇليو. اهو ٽينڪ جي ويجهو ڪريو. ٻئي گولي سان ان ۾ ڏار پئجي ويا. آمريڪي سپاهي ٻاهر نڪري پناهه وٺڻ لاءِ ٻڌا. پر پناهه ڪٿي ٿي ملي سگهي. ٻئي گولين جو ڪاڇ ٿي اتي ئي ٽڏا ٿي ويا.

هڪ ٽينڪ کي ٻئي پاسي وارن گوريلن تباهه ڪري چڏيو. ان سان گڏ آزيم پنهنجي ساٿين کي اشارو ڪيو ۽ سندس ساٿي ڪاڻ مان نڪري دشمن تي ڪڙڪي پيا. چوٽين ٽينڪ کي تباهه ڪيو ويو ۽ پڇندڙ فوجين جو پيڇو ڪري ڪيترن کي ماريو ويو.

آزيم وارا هي حملو ڪري ساٿين سميت واپس پنهنجن مورچن ۾ آيا. اوچتو جهازن بمباري شروع ڪري ڏني. بمباري ايتري تيز هئي جو ڪين مورچن ۾ هڪ هنڌ ڪافي دير بنان ڪنهن چر پر جي ويهڻو پيو. بمباريءَ سان پوليس اسٽيشن جي پٺ وري فليٽن جي عمارت تباهه ٿي وئي.

بمباري کان ڪلاڪ پوءِ تازين فوجين ٻيهر حملو ڪيو. هن ڀيري فوجي تباهه ٿيل ٽينڪن ۽ ٽرڪن جي اوٽ ۾ پوليس اسٽيشن ڏانهن وڌڻ لڳا. ويٽ ڪانگن انهن کي پوليس اسٽيشن جي ويجهو اچڻ ڏنو پوءِ مشين گنن جي برسٽن سان گڏ الاهي دستي بم اڇلايا. فوجي لاش چڏي پوئتي موٽيا پاڻ ڪائيندڙ فوجين کي گولين جو نشانو بنايو ويو.

شام جو اوندهه ٿيڻ واري هئي آزيم کي پيغام مليو ته هو پنهنجي ساٿين کي واپس وٺي ڪولون پهچي وڃي، جڏهن آزيم پنهنجا ساٿي گڏ ڪيا ته اهي تعداد ۾ صرف چار هئا. ڪان هائي زخمي ٿي چڪي هي، باقي ٻيا ٻه ساٿي به زخمي هئا پر هو هلي پئي سگهيا. آزيم پوليس اسٽيشن جو مورچو ٻئي ڪمانڊر جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ جهڪندا لڪندا ڪولون ڏانهن هلڻ لڳا.

سائيگان جي ڪمانڊر زير زمين سرنگ ۾ سندن انتظار پئي ڪيو. ان آزيم ۽ سندن ساٿين جو ٽورو مڃيو ۽ چيو:

"ڪامريڊ اوهان جو ڪم ختم ٿيو. هاڻ ڪمان جو فيصلو آهي ته ٻاهران آيل ساٿين کي واپس پنهنجن پنهنجن مرڪزن ڏانهن موڪليو وڃي. ڪولون بمباري ڪري تقريباً تباهه ٿي ويو آهي، ڪولون جي شهرين جو ڪچ تعداد مارجي ويو آهي، يا زخمي ٿي پيا آهن. بهرحال اسان جي تنظيم ۽ اسان جا چار مورچا محفوظ آهن. ٻيو ڪم شهر جا گوريلا سپاهي ڪندا."

"شهر کان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو بندوبست آهي!"

آزيم پڇيو.

اوهان ڪجهه ڏينهن اسان وٽ ترسي پؤ اوهان جا ۽ اوهان جي ساٿين جا زخم ٺيڪ ٿين، ان کان پوءِ شهر کان ٻاهر موڪلڻ جو بندوبست ڪيو ويندو." ڪمانڊر جواب ڏنو.

جيڪڏهن اوهان اجازت ڏيو ته مان ڪان هائيءَ کي وٺي شهر ۾ ترسي پوان، باقي ٻين ٻن ساٿين کي اوهان محفوظ هنڌ ڏانهن موڪلڻ جو بندوبست ڪيو. ان حالت ۾ اسان جي موجودگي اوهان لاءِ پريشانيءَ جو باعث نه بڻجي.

"نيڪ آهي، سياڻي رات جو اوهان جي ساڻين کي ٻاهر موڪليو ويندو پر اوهان پنهنجي ذميواريءَ تي شهر وڃي سگهو ٿا. گذريل چوويهن ڪلاڪن کان ڪرفيو لڳل آهي. ڪنهن به شهريءَ کي ڏسندي ئي فوجي گولي هلائن ٿا. ان کان سواءِ اوهان ۾ اوهان جي ساڻياڻي به زخمي آهي ان لاءِ احتياط ضروري آهي."

"اوهان فڪر نه ڪريو. مان ڪولون مان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندس." آزيم چيو.

اها رات آزيم ڪان هائي ۾ سندس ساڻين تهه خاني ۾ گذاري چارئي ايترا ٿڪل هئا، جو ليٽندي ئي کين ننڊ اچي وئي، بمن ۾ گولين جا ڌڪاءَ به کين جاڳائي نه سگهيا.

صبح جو کين ننڊ مان جاڳايو ويو. هڪ ويٽ ڪانگي چوڪري ماني کڻي آئي هئي. آزيم جڏهن اٿڻ جي ڪوشش ڪئي ته کيس جسم ڪٽيل محسوس ٿيو. پنيءَ جي زخم کان سواءِ ان جي سيني ۾ مٿي تي به گهرا گهاءَ هئا. هن جي پٽي سُڄي چڪي هئي. ساڻيو حال ڪان هائي جو هو ان جي کاپي ٻانهن ته جهڙوڪي هئي ئي ڪوڙ هڪ گولي کيس ران ۾ لڳي هئي، مٿي ۾ زخم هئس. باقي ٻن ساڻين جي حالت ڪافي بهتر هئي.

آزيم چوڪريءَ کان ملم پٽيءَ جو سامان گهرايو. پهريائين هن ڪان هائي جي زخمن جي ملم پٽي ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي ٻن ساڻين جا زخم صاف ڪري ۽ انهن تي پٽي ٻڌائين. سندس ساڻين وري آزيم جي ملم پٽي ڪئي.

ڪولون تي بمباري ٿي رهي هئي. هو تهخاني مان ٻاهر نه ڀئي نڪري سگهيا. سڄو ڏينهن ليٽيا رهيا. رات جو ننڍيءَ عمر جو چوڪرو آيو ان ٻڌايو ته هو آزيم جي ٻن ساڻين کي جهنگ ۾ وٽي وڃڻ لاءِ آيو آهي.

آزيم جا ٻئي ساڻي روانا ٿيا، کين درياءَ جي ڪپر تي ننڍي جهنگ ۾ پهچائن جو بندوبست ڪيو ويو هو باقي آزيم ۽ ڪان هائي جو ڪولون کان نڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو. ان کان سواءِ هو هلي به نه ٻئي سگهيا. ٻه ڏينهن هو ان تهه خاني ۾ رهيا، ان وچ ۾ کين ٻاهر جو خبرون لاڳيتو ملي رهيون هيون. ڪولون جو گهيرو ٿي ڇڪو هو ويٽ ڪانگن جي ڳولا شروع ٿيڻ واري هئي.

ٽئين ڏينهن آزيم تهه خاني مان نڪرڻ جو ارادو ڪيو. ٻنهي کي ڪپڙا ڏنا ويا. صبح جو ڏهين وڳي تن ڪلاڪن لاءِ ڪرفيو کنيو ويو هو.

"چا مان تن ڪلاڪن ۾ مامي جي گهر پهچي ويندس." آزيم جي ذهن ۾ خيال آيو.

کين زير زمين سرنگ مان درياه جي ڪپر تي پهچايو ويو جتي آزيم ۽ ڦان هائي ويٽ ڪانگي ڇوڪري کان موڪلائڻ لڳا. جيڪا سندن خدمت چاڪريءَ ۽ تيمارداريءَ لاءِ مقرر ٿيل هئي.

درياه جي ڪناري مهاڻن، ريڙهين، ٻارن ۽ عورتن جو انبوهه هو. هر ماڻهو ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ونڊ لاءِ شهر ڏانهن اچي رهيو هو. آزيم ۽ ڦان هائي ان گوڙ ۾ وڏندا رهيا. هو ٻئي ڪناري تي منڊڪائي هلي رهيا هئا. هر چاليهه والن تي هڪ فوجي ٽرڪ بيٺي هئي. پرسان ئي سادن ڪپڙن ۾ ٻه ماڻهو هجوم ۾ ماڻهن جا منهن ڏسي رهيا هئا.

آزيم ۽ ڦان هائي پهرين ٽرڪ وٽان بنا روڪ ٽوڪ جي لنگهي ويا. ٻي ٽرڪ وٽ پهتا ته پڇا ڳاڇا ٿي رهي هئي. آزيم ٽرڪ کان ٿورو پر پري ٿي هلڻ لڳو. ايتري ۾ ڪيس سائيڪل رڪشا نظر آيو. ان کي هن آواز ڏنو.

"مان گهٽو پرتي نه هلي سگهندس." رڪشا ڊرائيور پهرين چيو.

"اسان کي پگوڊا ڪيسالوئي تائين وڃڻو آهي." آزيم چيو.

"چگو جلدي ڪيو ويهو." ڊرائيور جواب ڏنو.

هو ٻئي رڪشا ۾ ويٺا. آزيم کي خيال آيو ته کين هڪ پائي ٻه ڪونهي، ساڳي حالت ڦان هائي جي ٻه هئي. پگوڊان وٽ رڪشا بيهي رهي.

"ادا هن جي پٽئينءَ گهٽيءَ ۾ هل!"

"اوهان پگوڊا چيو هو. مان اڳتي نه ٿو هلي سگهان." ڊرائيور چيو.

"ان حالت ۾ هڪ پيسو به تو کي نه ڏيندس."

جيڪڏهن تون گهر پهچائين ته پوءِ توکي وڌيڪ پئسا ڏيندس." آزيم چيو.

ڊرائيور کيس غور سان ڏسي رهيو هو. آخر ڪنڌ لوڏي رڪشا هلائڻ لڳو. گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽ هڪ ننڍي ٽينڪ بيٺي هئي. رڪشا اتان لنگهيو فوجين مٽن کو ڏيان نه ڏنو. آزيم رڪشا مان

هيٺ لٿو ۽ دروازو کڙڪايو. ٿورو دروازو کليو وٽي ۽ مان سندن مامون نهارڻ لڳو.

"ماما سائين ڪجهه پيسا ڏيو. رڪشا واري کي پاڙو ڏيڻو آهي."

مامنهس جهڙوڪر سندس ڳالهه ئي نه ٻڌي.

"ماما!" آزيم جو لهجو سخت هو.

مامنهس تکڙو ڪيسي مان نوٽ ڪڍي آزيم کي ڏنا. جيڪي هن وٽي ڊرائيور ڏي وڌايا.

"نه مهرباني. مان توهان کان ڪجهه به نه ونندس."

"چو اڳ ته تون هيڏانهن اچڻ لاءِ به تيار نه هئين."

"مان اوهان کي سڃاتو آهي. اوهين عوامي سپاهي آهيو ۽ آءٌ ڪولون جو رهندڙ آهيان." اهو چئي هن رڪشا جي پيڊل تي پير هنيو ۽ رڪشا هلڻ لڳي. آزيم ڦان هائي سندس ان ڳالهه تان ڌاڏو متاثر ٿيا. ٻئي گهر ۾ داخل ٿيا.

مامي۽ آزيم کي پاڪر پاتو پر سندس مامو بيٺو رهيو. ان جي منهن تي فڪر جا آثار ظاهر هتا. مامينهس ٻنهي کي هڪ پوئين ڪمري ۾ وٺي وئي. ڦان هائي جون نظرون مامي تي ڪتل هيون. ڪيس ڊپ هو ته ڪٿي فوجين کي اطلاع ڪري. ڪين جيل حوالي نه ڪرائي.

ٻئي پاسي آزيم وڌي اطمينان سان مامي۽ سان ڳالهائي رهيو هو.

"تون زخمي ڪيئن ٿئين."

"آئون جتي ترسيل هوس اهو هنڌ جنگ هيٺ اچي ويو." آزيم چيو.

آزيم، اسان کان چا ٿو لڪائين؟ تون ويٽ ڪانگ گوريلو سپاهي آهين ۽ اسان لاءِ اهو ئي...." مامس چيو.

"بس ڪر- جيڪڏهن هي ويٽ ڪانگي آهي ته پلي هجي، پر اسان جو پٽ آهي. هن وقت ڪيس پريشان چو ٿو ڪرين." مامي۽ چيو.

"ماما سائين! اوهان بي فڪر رهو." اوهان کي ڪو به نقصان ڪونه پهچندو. پر اوهان پنهنجي زبان يک بند رکو."

"اسان ڪجهه ڏينهن ۾ هليا ويندا سين" آزيم چيو.

"ڪجهه ڏينهن ۾..." اهو چئي مامو ڪمري مان هليو ويو.

ڪيترن ڏينهن کان پوءِ کين گرم چانهه پيئڻ لاءِ نصيب ٿي هئي.

مامس چانهه رکڻ کان پوءِ آزيم جي ماءُ جي بيماريءَ ۽ موت جو قصو ڪٽي ويني. آزيم ڪمري جي ڪنڊ ۾ رکيل مهاتما ٻڌ جي مجسمي کي ڏسي رهيو هو مجسمي جي پيرن ۾ سڪل گل پيا هئا.

"مامي! اوهان کي هڪ تڪليف ڏيڻ ٿو گهران." آزيم چيو.

"ها چئُ، چا ڳالهه آهي؟"

"ڦان هائي لاءِ گرم پاڻي جو بندوبست ڪيو.

ان کي پنهنجي ڏيءَ سمجهه ۽ ڪيس غسل ۾ مدد ڪر." آزيم چيو.

پڪيءَ عمر واري آزيم جي ماميءَ کلندي ڦان هائيءَ کي ڏٺو.

"مان ڪجهه منٽن ۾ پاڻي گرم ٿي ڪيان." اهو چئي هوءَ ڪمري مان هلي وئي.

"تون گرم پاڻي سان غسل ڪري پوءِ زخمن تي ملم پٽي ڪراءِ." آزيم ڦان هائي کي چيو.

"مون کي تنهنجي مامي کان خطرو آهي، هو ڏاڍو گهبرايل هو ڪٽي..." ڦان هائي چيو.

"تون فڪر نه ڪر، مان مامي کي سڃاڻان، هو دل جو ڪمزور آهي، اهڙي حرڪت ڪڏهن نه ڪندو جنهن سان اسان کي نقصان پهچي." آزيم جواب ڏنو.

"هتان ڪڏهن هلنداسين؟" ڦان هائي پڇيو.

"جڏهن اسين پنڌ هلڻ جي لائق ٿي سگهياسين." آزيم جواب ڏنو.

ماميءَ پاڻي گرم ڪري ورتو ۽ ڦان هائي وهنجڻ جي جاءِ ۾ هلي وئي.

آزيم ۽ ڦان هائي اتي ڇهه ڏينهن ترسيا، انهن ڇهن ڏينهن ۾ مامون پريشان ۽ بيزار گهر ۾ گهمندو رهيو ڇهين ڏينهن مامون دڪان تي ويو. ڪولون کان سواءِ ٻين علائقن مان ڪرفيو کنيو ويو هو. ويٽ ڪانگ گوريلا پنهنجي مرڪزن ڏانهن پهچي چڪا هئا، جيڪي بچيا هئا، اهي وڃڻ جي تياري ڪري رهيا هئا.

جنهن ڏينهن مامون دڪان تي ويو ان ڏينهن ڦان هائي پريشان هئي. ان کي يقين هو ته مامو اسپيشل پوليس کي سندن موجودگيءَ کان آگاهه ڪري ڇڏيندو.

ٻنهي وٽ کوبہ هٿيار کونہ هو ان لاءِ ڪان هائي پاڻ کي بي وس پئي محسوس ڪيو. سندس زخم پرجي چڪا هئا. هاڻي ڪيس گهمڻ ڦرڻ ۾ تڪليف نہ پئي ٿي، پر هن پاڻ کي ڪمزور پئي محسوس ڪيو.

آزيم بہ گهڻي قدر پريشان رهيو باوجود ان جي جو ڪيس پڪ هئي تہ مامو کوبہ قدم کڻي نٿو سگهي، پر ذهني دٻاءَ ۽ پريشانيءَ ۾ متان ڪا غلطي ڪري ويهي.

مامياس سندن خدمت ڪرڻ ۾ ڪا بہ گهٽائي ڪانہ ڪئي. ان جي مهرباني‌ءَ سان سڀ خوراڪ ۽ آرام ميسر هو. مامياس، آزيم سان پنهنجي پٽ ٿوت جون ڀالهيون ڪري رهي هئي. سندس ڀالهين مان ظاهر پئي ٿيو تہ ٿوت، آزيم کي ياد ڪيو ٻئي هم عمر ۽ بي تڪلف دوست هئا. اهڙن رشتن تي زماني جا مسئلا ۽ ڦيرا وڌيڪ اثر انداز نہ ٿيندا آهن.

انين ڏينهن گهر جي ٻاهران هڪ جيپ بيٺي. ڪان هائي دريءَ جي ٻاهران ڏسي رهي هئي. هڪ نوجوان ڪيپٽن جي وردي‌ءَ ۾ هيٺ لٿو. ان در کڙڪايو.

ڪان هائي آزيم کي اشارو ڪيو. اهو بہ دري جي وٽي وٽ آيو. مامنهس دروازو کوليو ۽ ڪيپٽن سان وڏي ٻاهوهہ مان ٻاڪر ٻاتو.

"ٿوت! اڄ ڏس ڪير آيو آهي." اهو چئي مامي ٿوت کي وٺي ڪمري ۾ داخل ٿي.

"آزيم." ٿوت جي زبان مان بي اختيار رڙ نڪتي.

آزيم موٽ ۾ صرف مسڪرايو. ٿوت، ڪان هائي‌ءَ کي ڏٺو ۽ آزيم ۾ اکيون وجهي بيهي رهيو. ٻئي جهڙوڪ هڪٻئي جا خيال پڙهڻ لڳا.

"ويهي رهو! هڪٻئي جي منهن ڇا تا ڏسو؟" ۾ ٿوت پنهنجي ماءُ جي آواز تي چرڪ پريو.

"امان مان چند منٽن لاءِ اوهان کي ڏسڻ آيو آهيان. مان هاڻي وڃي رهيو آهيان."

"ترس! ٽن مهينن کان پوءِ آيو آهين. چانهہ پي، مان اجها چانهہ ڪٽي ٿي اچان." اهو چئي ٿوت جي ماءُ ڪمري مان ٻاهر نڪتي.

"مان اوهان جي مدد ٿي ڪيان." اهو چئي ڪان هائي بہ ڪمري مان نڪري وئي. چند گهڙين لاءِ ڪمري ۾ خاموشي ڇانئي رهي.

ٿوتا! مون کي اها اميد ڪونہ هئي تہ ڪو مان توکي هڪ ڏينهن ان وردي ۾ ڏسندس." آزيم ڪلندي چيو.

"مون کي به اها اميد ڪونہ هئي تہ تون ويٽ ڪانگ گوريلي جي روپ ۾ منهنجي گهر ۾ پناه ونڊدين." ٿوت جواب ڏنو.

"منهنجو اچڻ توکي ڪونہ وڻيو آهي؟" آزيم چيو.

"خوشي به ڪونهي، تنهنجي ڪري مون کي گهڻي ڏهني اذيت ملي آهي ۽ منهنجي هن وردي جو ذميوار تون آهين." ٿوت جذبات ۾ ڏکندڙ آواز ۾ چيو.

"مان...؟" آزيم حيرت مان پڇيو.

"ها تون. تنهنجي غائب ٿي وڃڻ کان پوءِ، اسان تي جيڪا مصيبت آئي، ان جي ڪري ئي يونيورسٽيءَ مان ڪڍيو ويس تہ مان آزيم جو ماروٽ آهيان ۽ اسان ساڳئي گهر ۾ رهون ٿا. پيءُ جو دڪان ۽ پيرا صدر نگوڊين ڊيم جي غنڊن لٽيو. مون کي ڪٿي به نوڪري نہ پئي ملي سگهي. تون ماڻ ميڙ ۾ هتان هليو وئين."

"ٿوت اهو غلط آهي. منهنجي وڃڻ جي توکي خبر هئي ۽ آءٌ توکي ٻڌائي ويو هوس."

پر پوري خاندان کي مصيبت ۾ وجهي وئين. ڊيم جي حڪومت کان پوءِ ٻڌ نوجوانن کي فوج ۾ پرتي ڪرڻ جو ڪم شروع ٿيو. پيءُ زور پرڻ لڳو ۽ ٻڌن جي قومپرست جماعت جي ميمبرن به مون تي زور رکيو. آخر فوج ۾ داخل ٿيڻو پيو. ان تنظيم جي ڪري ڪميشن به ملي وئي ۽ ليفٽيننٽ پرتي ٿيس."

"ڇهن سالن کان پوءِ تون ڪيپٽن ٿي وئين." آزيم سندس ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيو."تون پنهنجي ضمير کي مطمئن ڪرڻ لاءِ مون تي الزام پيو هڻين، پر اصل حقيقت هيءَ آهي تہ ڪيٿوليڪ ۽ ٻڌن جي فرقن واري فساد ۾ اچي تون پوري قوم جي مفادن کي نظر انداز ڪري وينو آهين. مون کي خبر آهي تہ، مامون ڪٽر مذهبي ماڻهو آهي ان ڪري ان جي تنگ نظري سمجهہ ۾ اچي ٿي، پر تون.... ٿوت.... منهنجا .... ياءِ منهنجا دوست...." جوش ۾ آزيم جي زبان جهڙوڪ بند ٿي وئي.

"حالتون.... مان چوان ٿو تہ تون حالتن کي نہ ٿو سمجهي سگهين. تون پنهنجي لاءِ تہ سڏو رستو ورتو پر اسان جيڪي پناهگير بڻيل آهيون، انهن کي جيئري رهڻ جو حق آهي. موجود خطرناڪ ۽ غير يقيني صورتحال ۾ سپ کان پهريون فرض زنده رهڻ جو آهي."

"جيئرو.... تہ تون جيئرو آهين. پنهنجي عهدي جي ترقيءَ لاءِ ۽ پنهنجي پيءُ کي خوش رکڻ لاءِ مون کي گرفتار ڪراءِ، تہ جيئن پنهنجي زنده رهڻ جو عمل وڌيڪ فائديمند بڻائي سگهين." آزيم جي آواز ۾ ڏک، جوش ۽ ڪاوڙ جا جذبا واضح هئا.

ٿوٽ خاموش رهيو.

"خاموش ڇو آهين! تون ماءُ پيءُ جي زندگيءَ لاءِ اهو قدم کنيو آهي، جيڪو منهنجي لاءِ شرم جو باعث آهي. پر اهو قدم کڻڻ کان اول اهو سوچي ڇڏين ها تہ هزارين نہ، لکين خاندان تو جهڙن ويٽنامين جي ڪري تباه ٿي چڪا آهن. تون جنهن جي اکين تي مذهبي هڪ هٿي، خاندان جي تحفظ ۽ مطلب جون پٽيون چڙهيل آهن، اهي سچ ڏسڻ کان وانجهيل آهن. اڄ اسان سمورن ويٽنامين جو دشمن ڪير آهي؟

آمريڪا..... ان کان تون بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهين، پر امريڪي فوجين کي اچڻ جي دعوت ڪنهن ڏني، تو جهڙن، جيڪي قومي مسئلن کي پنهنجي نقطہ نگاهہ کان ڏسندا آهن. ٿوٽ! مان سمجهان ٿو تہ منهنجي جدوجهد رائيگان وئي آهي، تون دشمن جي صفن ۾ هليو ويو آهين، مان تو کي ياءُ ڪيئن ٿو چئي سگهان..."

آزيم هڪدم خاموش ٿي ويو. دروازي تي مامو بيٺو هو. ڪين خبر ڪونہ هئي تہ ڪيتري وقت کان دروازي تي بيٺو انهن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو.

ٿوٽ پوئتي هٽيو ۽ پنهنجي پيءُ کي ڪجهہ چوڻ بنان ڪمري مان هليو ويو. ٿورن گهڙين کان پوءِ جيپ جي دروازي بند ٿيڻ جو آواز آيو ۽ ان سان گڏ جيپ جي انجڻ بہ چالو ٿي وئي.

آزيم کي مامو ائين ڏسي رهيو هو جهڙوڪ ڪنهن پوت کي ڏسندو هجي.

"ماما! مان اڄ شام جو وڃي رهيو آهيان." آزيم ايترو چئي دروازي مان نڪري بورچيخاني ۾ هليو ويو.

مامي‌ءَ جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي، آزيم کي احساس ٿيو ته ان جون ڳالهيون مامي‌ءَ ٻڌي ورتيون آهن. کيس پاڻ تي ڪاوڙ ۽ پشيماني ٿيڻ لڳي. کيس جذباتي ٿيڻ نه کپندو هو آخر کيس ٿوٽ تي ڪاوڙ چو هئي!

ڦان هائي جي پٽ آزيم ڏانهن هئي، ان ڪري هو سندس جذبات معلوم ڪري نه سگهيو.

"مامي! اسان اڄ شام جو وڃي رهيا آهيون. آءٌ تنهنجي پيار کي ڪڏهن به وساري نه سگهندس." آزيم اهو چئي ڪمري ۾ هليو ويو.

چند منٽن لاءِ آزيم پنهنجي خيالن ۾ گم هو. کيس نه صرف پشيماني هئي، پر پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ به پئي آيس. آخرڪار کيس ڪاوڙ ۽ چو آئي، ڇا گذريل هفتي واري لڙائي‌ءَ سندس ذهن تي بار وڌو هو يا وري هن گهر ۾ هو پاڻ کي قيدي سمجهي رهيو هو.

ڦان هائي، ڪمري ۾ آئي، هوءَ منڊڪائي هلي رهي هئي. ان سندس آڏو ڇانهه وڌائي، آزيم سندس منهن ۾ نهاريو. هن جو خيال هو ته جذباتي بحث جو رد عمل ڦان هائي جي منهن مان ظاهر ٿيندو. پر هوءَ انتهائي مات ۾ آرام سان هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

"هتان ڪڏهن هلڻو آهي؟" آخر ڦان هائي جي منهن مان آواز نڪتو.

"شام جو اونده ٿيڻ وقت ئي هتان هلنداسين ۽ ڪولون هلڻ جي ڪوشش ڪنداسين."

"ڪولون ۾ ساڻين سان رابطي ڪرڻ ۾ وقت لڳي ويندو. ان کان سواءِ فوج ۽ خفيه پوليس ڪولون جو مڪمل گهيرو ڪيو آهي. اسان جو اتي وڃڻ خطري کان خالي ناهي." ڦان هائي ساڳي لهجي ۾ چيو.

"ٻيو ڪٿي وڃڻ گهرجي؟ اسان وٽ هٿيار به ڪونهن، مان هتي اچي غلطي ڪئي آهي." آزيم چيو.

ڦان هائي ان جو ڪو به جواب نه ڏنو.

ٻئي ڪمري ۾ مامو‌ءِ مامي آهستي آهستي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا.

"جيڪڏهن ٿوٽ واقعي اسان کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ اچي وڃي ته..." ڦان هائي آهستي چيو.

"تون ان صورتحال ۾ پنهنجو پاڻ کي مامي‌ءَ جي گهر جي نوڪرياڻي ٻڌائجانءِ. منهنجو خيال آهي ته مامي توکي پناه ڏيندي. منهنجي گرفتاريءَ جو خير آهي." آزيم آهستي چيو.

"منهنجي حفاظت تنهنجي ذميواري آهي. ساڳيءَ طرح تنهنجي حفاظت منهنجو فرض آهي. مان تنهنجي مامي جي پناه وٺڻ نٿي چاهيان." ڦان هائي چيو.

"شام جو هتان نڪرون ٿا. ان کان پوءِ ڏٺو ويندو." آزيم چيو.

شام تائين گهر اندر موت جهڙي خاموشي ڇانيل رهي. جڏهن سج لهڻ لڳو ته آزيم اُٽيو ۽ مامي‌ءَ وٽ ويو: "چڱو مامي مان وڃان ٿو... زندگي رهي ته وري ملنداسين." آزيم چيو.

"ٿوت سان صلح ڪري وڃي ها ته مون کي اطمينان ٿئي ها. مان ته توهان ٻنهي کي پنهنجو پٽ سمجهان ٿي. ٻنهي پائرن ۾ ڪاوڙ ڇگي ڳالهه ناهي." مامي‌ءَ جواب ڏنو.

"ٿوت سان ملڻ مشڪل آهي. هو اڇي ته منهنجي پاران معافي وٺي ڇڏجو ۽ ڇئجوس ته مون کان غلطي ٿي آهي. اسان ٻنهي جا رستا جدا آهن ۽ منهنجي دعا آهي ته هن گهر کان ٻاهر اسان هڪٻئي جي سامهون نه ٿيون." آزيم چيو.

"هي ڇا چئي رهيو آهين؟" مامي‌س روئڻهارڪي آواز ۾ چيو.

ايتري ۾ دروازو ڪڙڪيو. مامي اٿي دروازو کولڻ لڳي. ٿوت، آزيم جي سامهون بيٺو هو. ڪجهه گهڙين لاءِ ته آزيم ان اوچتي ۽ غير يقيني ملاقات سان هڪ هنڌ بت بڻيو بيٺو رهيو. پوءِ ٿورو هن پاڻ کي سنياليو.

"ٿوت! منهنجا ڀاءُ مون کان غلطي ٿي وئي. مان پنهنجي ڳالهين تي پشيمان آهيان." ايترو چئي هن پنهنجو هٿ ملائڻ لاءِ وڌايو. مان وڃي رهيو آهيان. سنو ٿيو جو تو سان ملاقات ٿي وئي.

ٿوت ڪلندي ان جي هٿ کي پڪڙي ورتو.

"پر تون شهر مان ڪيئن نڪرندين. هر روڊ تي سخت پهرو آهي. مشڪوڪ ماڻهو کي ڏسڻ سان گولي ٿي هنئي وڃي."

"بهرحال مان هتان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندس." آزيم جواب ڏنو.

"پوءِ بہ اوهان سفر جو ڪهڙو انتظام ڪيو آهي؟"

"ڪوبہ بندوبست ڪونهي. مان ڪولون وڃڻ پئي گهريو. پر اوڏانهن وڃڻ بہ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان لاءِ درياءَ تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندس." آزيم جي لهجي ۾ غير يقيني ڪيفيت جا اهڃان نظر اچي رهيا هئا.

"آزيم. تنهنجي ڳالهين کي مان خراب ضرور محسوس ڪيو هو." ٽوت ڳالهہ مٽائيندي چيو "پر پوءِ مان انهن ڳالهين تي سوچيو ۽ موجود صورتحال ۾ مان فقط اها ئي مدد ڪري سگهان ٿو." ايترو چئي هن هڪ ڪاغذ ڪڍيو. "توهان ٻنهي لاءِ هي پاس آهي ۽ پنهنجي جيب ۾ آءٌ توهان کي آخري چوڪيءَ تائين ڇڏي ايندس." ٽوت چيو.

آزيم ڪجهہ دير لاءِ ماڻ ٿي ويو. ٽوت جي زندگي عجيب ۽ غريب ورن وڪڙن سان پُر هئي.

"مان تنهنجو شڪريو ادا ڪيان ٿو." آزيم چيو.

"اسان اوهان جي مدد کي ياد رکنداسين. اسان تو کي ٻيو آزيم سمجهنداسين." ڦان هائي چيو.

ٽوت، ڦان هائي کي ڏٺو.

"آزيم چوندو هو تہ هر ماڻهو جدوجهد ۾ شريڪ آهي. جيڪڏهن مون کي ٻيو موقعو مليو تہ مان پنهنجي ياءُ جي اعتماد کي ڇيهو نہ رسائيندس ۽ مون کي پڪ آهي تہ پاڻ هي شهر ورائي وٺنداسين. هاڻي جلدي ڪيو وقت تمام ٿورو آهي."

مامي، آزيم ۽ ٽوت کي پرتل ڏسي ڪلي رهي هئي. ان سان گڏ سندس اکين ۾ ڳوڙها بہ تري رهيا هئا.

ڦان هائي، ماميءَ سان ياکر پاتو.

"ڏيءَ مهاتما گوتم بڌ تنهنجي حفاظت ڪري" ماميءَ روئندڙ آواز ۾ چيو.

"مامي مان وري ايندس." آزيم چيو.

"پٽ! ڪڏهن؟"

"ايندڙ سال يا ان کان پوءِ. پر ايندس ضرور."

ايترو چئي آزيم ۽ ڦان هائي هٿ هٿ ۾ ڏيئي گهر مان نڪري ويا.

انقلابي مجاهد

آمريڪي حملو ڪندڙ صوبي گوانگ نالي هڪ ڳوٺ ڇون لائي جي انهن مورچن تي قبضو ڪيو هو. آمريڪي سپاهين انهن مورچن تي وزني مشن ڳنون تيار ڪيون ۽ ڏينهن رات چوڌاري ڳوٺن تي بمباري ڪرڻ لڳا. بمباريءَ کان پوءِ هنن ڳوٺ تي حملو ڪيو. ڳوٺ جي رکاوٽن وارين سرنگن کي تباهه ڪيو. ڪيترائي ڳوٺاڻا مڻا ۽ زخمي ٿيا. هن ڳوٺ جي زندگي مسلسل عذاب ٻڌجي وئي.

ڇا ڪرڻ کپي؟ ڇا ڪرڻ کپي؟

ڳوٺ جو هڪ باشندو لي ڊين گوانگ پنهنجي مٿي کي پڪڙي بار بار اهو سوال ورجائي رهيو هو. هو دشمن جي ان تباهيءَ کي روڪڻ لاءِ پنهنجي ذهن جي پوري طاقت استعمال ڪري ڪوئي حل تلاش ڪري رهيو هو.

لي ڊين گوانگ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪارڪن هو. پارٽيءَ جي ٻين ڪارڪنن جهڙو جيڪو هارين جي مقامي انجمنن جو ميمبر ۽ هو ۽ اهو ويٽ ڪانگي گوريلو ۽ هو. هو آمريڪي ڏاري آبادڪاريءَ ۽ ان جي ڏاريءَ حڪومت جي خلاف جڏهن ويٽنام جي اوير حصي ۾ بغاوت ٿي ته هي اتي سوين لڙائين ۾ حصو ونڊي چڪو هو. هٿياربند جدوجهد ۾ هي ۽ هن جا ساٿي تجربيڪار ٿي چڪا هئا.

جڏهن آمريڪي سپاهي هنن جي ڳوٺ ۾ داخل ٿيا ته لي ڊين گوانگ ۽ ان جي ساٿين جي روبرو اهو ئي بنيادي مسئلو هو ته انهن حملو ڪندڙن کي ڪيئن سزا ڏني وڃي؟ دشمن طاقتور ۽ هو ۽ ان جا وسيلا ۽ هئا. بربادي ۽ تباهيءَ ۽ تباهيءَ کي روڪڻ جي لاءِ هنن کي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو هو. فيلصه ڪن جنگيون ۽ فتحون، ويٽنام جي شاندار

۽ تاريخي روايت آهي. هن روايت عوام جي اجتماعي سمجهه قائم ڪئي آهي ۽ انهن کي هن نازڪ ترين سوال جو جواب به عوامي سمجهه ڏنو ته:

"دشمن جي خلاف جنگ جاري رکو."

اهڙيءَ طرح هر ڳوٺ ۾ آمريڪي سپاهين تي جوابي حملا ٿيڻ لڳا. هر ممڪن ذريعي سان، آمريڪي حملو ڪندڙن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. عورتن ڇهنبدار بانس جا پيچرا تيار ڪيا ۽ انهن کي آمريڪي سپاهين جي رستي ۾ لڪايو. جڏهن آمريڪي ڳوٺ جون حفاظتي سرنگون تباه ڪرڻ جي لاءِ وڏن پيا ته پوڙها ماڻهو انهن جي ٽنگن ۾ چنبڙي هنن کي روڪڻ جي ڪوشش پيا ڪن. جوان مردن جو جٿو منظم ڪيو ويو هڪ جٿي جو ڪم دشمن جي هيليڪاپٽرن کي تباهه ڪرڻ هو ته ٻئي جٿي جو فرض ڳوٺ کان واپس ڪيل جانورن کي دشمن کان ڪسٽو هو جڏهن ته ٽئين جٿي جو ڪم ڳوٺ جي ويجهو زيرِ زمين سرنگون تعمير ڪرڻيون. ڇوٽين جٿي جو ڪم دشمن جي رستن تي لڪيل ڪاهيون ۽ بارودي سرنگون وڇائڻ هو. ان سان گڏ ئي ڳوناٽي آزمايل ويٽ ڪانگن دشمن تي ڏينهن رات ڇاپا هڻڻ شروع ڪيا. بارودي سرنگن، لڪيل ڪاهين ۽ ويٽ ڪانگن جي گولين سان دشمن تباهه ٿي، پنهنجي مورچن ۾ وڃي لڪي ويهي رهيا.

پر دشمن ان شڪست کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. هو آزادي پرست ويٽ ڪانگن تي پنهنجي ساز و سامان جي برتريءَ سان فتح حاصل ڪرڻ جي لاءِ وري اڳتي وڌيو. هڪ صبح لي ڊين گوانگ ڏٺو پري کان ڏوڙ اڏامي رهي هئي، ٿوري دير کان پوءِ دشمن جو ٽينڪون ڳوٺ جي طرف وڌي رهيون هيون. انهن جي وزن سان زمين ڏڪجندي پئي وڃي. ٽينڪن تي هلڪي توپن جون نالیون، ڪڇوءَ جي ڳچيءَ وانگر حرڪت ڪري رهيون هيون. هيءَ ٽينڪ آمريڪا جي فولادي طاقت جو مظاهرو هئي.

ٻئي ڏينهن صبح ٿيڻ سان ئي ٽيهن کان چاليهن ٽنن تائين وزني آمريڪي ٽينڪون، پنهنجي چوڪيءَ کان نڪتيون. لڪيل ڪاهين،

زمين جي وچ ۾ ننڍين پلين ۽ مورچن تي پهچي، فوجي اڳتي وڌڻ لڳا. گوريلا سپاهين انهن مورچن کي گهٽيءَ محنت ۽ احتياط سان تعمير ڪيو هو. پر ڏسندي ئي ڏسندي ڳوٺ جا دفاعي انتظام ۽ مورچا ختم ٿي ويا. ٽينڪن تي آمريڪي سوار ان برباديءَ ۾ تباهيءَ تي ٽهڪ ڏئي رهيا هئا. لي ڊين گوانگ پري تارين ۾ لڪيو ۽ انهن آمريڪين کي نفرت سان ڏسي رهيو هو.

هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ ڪپي؟ هن پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو. اسان انهن وحشين تي ڪيئن حاوي ٿي سگهنداسين؟ رات جو هن ڳوٺ جي گوريلا ساٿين جو اجلاس گهرايو. نئين صورتحال تي غور ويچار ڪيو ويو. لي ڊين گوانگ پنهنجي ساٿين جي خيالن کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو.

"اسان اڪثر چوندا آهيون ته جيڪڏهن آمريڪين وٽ ٽينڪون ۽ جهاز نه هجن ها ته صرف اسان جي ڳوٺ جا گوريلا، سڄي هڪ آمريڪي ريجمينٽ جي صفائي ڪري سگهن ٿا ۽ اها حقيقت آهي. ان کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. جهازن ۽ ٽينڪن کان بغير آمريڪي سپاهي پهرين درجي جا بزدل هوندا آهن. ان جي لاءِ اسان جو پهريون ڪم هنن جي ٽينڪن کي تباهه ڪرڻو آهي. ته جيئن انهن ڏاڙيل سان نبري سگهجي."

هاڻي سوال اهو هو ته انهن ٽينڪن کي ڪهڙيءَ طرح تباهه ڪيو وڃي؟ جيستائين آمريڪي ٽينڪون تباهه نه ٿيندیون، تيستائين انهن کان ڳوٺاڻا محفوظ نه ٿيندا. ان جو حل به لي ڊين گوانگ پاڻ ئي تلاش ڪري ورتو هو.

هو رات جو دير تائين آمريڪي توپن جو آواز ٻڌندو رهيو. بمباري هڪ ويجهي ٽڪريءَ تي ٿي رهي هئي. هو گولن جي ڌماڪن کي شمار ڪندو رهيو ۽ اندازو لڳائيندو رهيو ته هو ڪهڙيءَ جڳهه تي ڪريا هوندا.

پرهه ڦٽندي ئي هي اُٽيو پنهنجي مٽي تي هارين وارو جوڙو تنگ انگريزي ٽُوپي، هڪ هٿ ۾ آٽوميٽڪ رائيفل ۽ ٻئي هٿ ۾ بيلچو کڻي، ٽڪريءَ جي طرف روانو ٿي ويو. هن جو اندازو صحيح نڪتو. جلد ئي

هن ڇڪي تعداد ۾ 105 ملي ميٽر جا گولا تلاش ڪري ورتا. جيڪي ڦاٽي نه سگهيا هئا. هن ڪجهه گولا زمين مان ڪڍيا. انهن گولن کي ڪيڙ لاءِ هن کي سڄو ڏينهن صرف ڪرڻو پيو. جيڪي پنج يا ڇهه فوٽ هيٺ هليا ويا هئا. هن جي ساٿين انهن گولن کي اتان کڻڻ ۾ هن جي مدد ڪئي ۽ هي ننڍڙو هٿيار خانو آمريڪي چوڪيءَ جي ويجهو ئي لڪايو ويو.

ويٽ ڪانگن جي لاءِ لوهه ۽ بارود، آمريڪي حملي ڪندڙن بغير قيمت مهيا ڪيو. ان سان گوريلا سپاهين کي جيڪي هٿيار حاصل ٿي نه سگهيا تہ انهن کي مقامي ذريعن سان حاصل ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

لي ڊين گوانگ بانس جا ڪڙا ۽ سُڃَ تيار ڪيا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ آمريڪي گولن سان بارودي سرنگون تيار ٿي ويون. هاڻي لي ڊين گوانگ کي محاذ آرائي جي باقاعده فوج جي انجينئر جي ضرورت هئي، جيڪو بارودي سرنگن جو ماهر هجي. ان جي لاءِ هي ڳوٺ کان نڪري ٽڪريءَ جي پويان پنهنجي فوج جي مورچن تي ويو. اتي هن کي اهڙو انجنيئر ملي ويو. مون سان گڏ هلو ۽ اسان جي پهرين جنگ ۾ اسان جي مدد ڪريو؟ لي ڊين گوانگ چيو. مون وٽ بارودي سرنگون، تارون ۽ ڪڙا موجود آهن. توهان کي هتان ڪجهه ڪٽي هلڻ جي ضرورت ناهي. مان صرف توهان جي تجربي جو فائدو وٺڻ چاهيان ٿو.

محاذ آزاديءَ جي باقاعده فوج جي ان انجنيئر سان گڏ هي پنهنجي مورچي ۾ پهتو. هن پهرين تجربي لاءِ کليل جڳهه کي منتخب ڪيو. ان جڳهه تي پنهنجي تيار ڪيل بارودي سرنگن کي پوريو ۽ پاڻ پنهنجي ساٿين سان گڏ پري لڪي ويهي رهيو.

هيءَ تہ صرف ضرورت آهي." لي ڊين گوانگ پنهنجي ساٿي انجنيئر کي چيو "اسان جو اصل مقصد دشمن کي تباه ڪرڻو آهي. مان اهو ڏسڻ چاهيان ٿو تہ ان بارودي سرنگ مان ڪيتري زور جو ڌماڪو ۽ ڪيترو نقصان ٿئي ٿو ان تي دشمن جو رد عمل چا هوندو. ان جڳهه تي اسان آسانيءَ سان هن 'تجربي' جو مشاهدو ڪري سگهنداسين."

ٿوري دير کان پوءِ آمريڪي ٽينڪون پنهنجي چوڪيءَ کان نڪتيون. جڏهن پهرين ٽينڪ زير زمين بارودي سرنگ جي ويجهو

پهتي تہ لي ڊين گوانگ سُڄُ ڏهايو ڪنن جا پڙدا ڦاڙيندڙ ڏماڪو ٻڌو. ٽينڪ دونهين ۾ لٿجي وئي. ٻيءَ گهڙيءَ ٽينڪ مان آمريڪي سپاهين ٽپا ڏنا ۽ پنهنجي ساٿين کي مرمت ڪرڻ جي لاءِ گهرايو ۽ خود مٿي تي پير رکي اتان ٻيجي ويا.

لي ڊين گوانگ وڏي غور سان ڏسي رهيو هو. ان خاص طور تي ٻہ ڳالهيون محسوس ڪيون. پهرين ڳالهہ هيءَ هئي تہ ٽينڪ کي ايتري قدر تباهہ ٿيڻ کپي، جو هوءَ مرمت جي قابل نہ رهي. ان جو مطلب آهي تہ بارود گهٽي مقدار ۾ استعمال ٿيڻ کپي. ٻي ڳالهہ جيڪا هن محسوس ڪئي تہ بارودي سرنگون هٽائڻ کان پوءِ آمريڪي سپاهي ٽينڪ کان ٽپي پوڻ لڳندا آهن. انهن کي مارڻ جو اهو بهترين موقعو هوندو آهي. ان جو مطلب هي ٿيو تہ ان کي آئيندہ اهڙيءَ جڳهہ کي منتخب ڪرڻ کپي، جتي آسپاس گوريلا سپاهي لڪي سگهندا هجن ۽ انهن کي دشمن جي گولين کان ڪجهہ تحفظ ملي سگهي. ڇاڪاڻ تہ ٻجندڙ آمريڪي سپاهي کي قبضي ۾ آڻي سگهجي. پهريان بچاءَ جي لاءِ دشمن ڪجهہ ٻہ ڪري، پر اهي گوريلن جي تيار ڪيل لڪل ڪاهين ۾ وڃي ڪرن ۽ گڏ ٿيل آزادپرستن جا دستي ٻہ دشمن جاپرزا اڏائي ڇڏين.

جڏهن لي ڊين گوانگ واپس آيو تہ حملي جي لاءِ پورو نقشو ان جي ذهن ۾ هو.

ٻئي حملي لاءِ لي ڊين گوانگ آمريڪي چوڪيءَ جي ويجهو ئي هڪ سوڙهي سڙڪ کي منتخب ڪيو سڙڪ جي ان حصي کي دشمن محفوظ ترين سمجهندو هو هن ان حصي تي اهڙيون بارودي سرنگون پوريون، جيڪي ڏماڪي سان ئي هڪ ٻئي پٺيان ڦاٽي سگهن. جڏهن دشمن جو ٽينڪون علائقي جي 'نگراني' لاءِ نڪتيون،وزني ٽينڪ اڇا چوڪيءَ کان ٻاهر ئي مس نڪتي تہ بارودي سرنگ سان ٽڪرائجي، زوردار ڏماڪي سان گڏ ٽينڪ زمين کان اُڏي ۽ ذرا ذرا ٿي ويئي. ٻاهہ ۽ دونهين جو دڦ ٿيو پوائتا سپاهي ٻي ٽينڪ کان ٻاهر ٽپا ڏئي، سڙڪ وٽ هيٺ زمين جي طرف رائيفلون سڌيون ڪري 'پوزيشن' ونڍ جي لاءِ وڌيا. هڪدم انهن جي پيرن ۾ بارودي سرنگون ڦاٽي پيون. ڪيترن ئي سپاهين جا عضوا جسمن کان الڳ

ٽي ڪريا. ڪيترائي مري ويا، زخمي رڙيون ڪرڻ لڳا. گڏ ئي انهن تي لڪيل ويٽ ڪانگن دستي بم اڇلڻ شروع ڪيا. سپاهين مدد جي لاءِ وائرليس ذريعي پيغام موڪليو. ڪجهه دير کان پوءِ انهن جي مٿان هڪ هيليڪاپٽر ظاهر ٿيو ان جي پويان ٻه ٻيا هيليڪاپٽر ٻه پهچي رهيا هئا. پهريون هيليڪاپٽر زمين کي لڳو ئي مس ته زبردست ڌماڪي سان ذرا ذرا ٿي ويو. ٻئي ۽ ٽئين هيليڪاپٽر جو ٻه اهو ئي حشر ٿيو. ٽنهي هيليڪاپٽرن مان باهه جا اُلا اُڏڻ لڳا. سپاهي پڇڻ جي ڪوشش ڪن پيا ته ويٽ ڪانگن جون گوليون انهن کي اتي ئي ڍير پيون ڪن. تقريباً هڪ ڪلاڪ تائين دشمن جا سپاهي پڳڙن وانگر پڇندا رهيا.

لڙائيءَ کان پوءِ آمريڪين 36 ڪلاڪن ۾ پندرهن هيليڪاپٽرن جي مدد سان پنهنجن زخمين ۽ لاشن کي کنيو.

لي ڊين گوانگ ٻه ڪلوميٽر ڊگهي سڙڪ تي بارودي سرنگون وڇايون هيون. ان سڙڪ جي ٻنهي طرف مورچا هئا. هيءَ سڙڪ انهن جي ننڍيين توپن ۽ وزني مشين گنن جي زد ۾ هئي. ان جي باوجود لي ڊين گوانگ مسلسل بارودي سرنگون وڇائيندو رهيو ۽ دشمن کي وڏو نقصان ڪڍو پيو.

آخر آمريڪي سڙڪ جي هن حصي تي پهرو لڳايو. پر لي ڊين گوانگ ۽ ان جا ساٿي لڪندي لڪندي آمريڪي چوڪيءَ جي ويجهو پهچي ويا ٿي. جيئن ئي آمريڪي ٽينڪون خاردار تارن جي حد کان باهر نڪرن ته اتي انهن کي دستي بم اڇلي تباهه ڪري پيا ڇڏين. جڏهن آمريڪين پراڻي سڙڪ جي مرمت شروع ڪئي ته ويٽ ڪانگن نئين سڙڪ کي پنهنجو نشانو بنايو ۽ بارودي سرنگون وڇائڻ شروع ڪيون. جڏهن آمريڪي بکتر بند گاڏين ۾ چوڪيءَ کان باهر نڪرن ها ته ويٽ ڪانگي انهن تي حملو ڪن ها ۽ تباه ڪن ها.

هڪ پيرو وري لي ڊين گوانگ بارودي سرنگن جي ٻن 'نشستن' کي گڏ ٻڌو ان سان ٽينڪ لڳڻ سان ئي تباهه ٿي وئي ۽ رڙيون ڪوڪون ڪندڙ آمريڪي سپاهي ان ٽينڪ مان نڪري پڇڻ لڳا ته ٻي بارودي سرنگ ڦاٽي پيئي ۽ هو سڀ مري ويا. صرف ان حملي ۾ لي ڊين گوانگ ۽ ان جي ساٿين دشمن جون چار ٽينڪون تباهه

ڪيون، هڪ ڪي سخت نقصان پهچايو ہن هيليڪاپٽرن ڪي تباهہ ڪيو ۽ ايڪيهن آمريڪي سپاهين کي ختم ڪيو ويو.

اڄ بہ رات جو لي ڊين گوانگ ۽ ان جا ساٿي، جڏهن آمريڪي توپن جو آواز ٻڌندا آهن تہ اندازو لڳائيندا آهن تہ گولا ڪهڙيءَ جڳهہ تي ڪريا هوندا، هو پرهہ ڦٽندي ئي انهن گولن جي تلاش ۾ نڪري پوندا آهن. "جيڪي ڦاٽي نہ سگهيا" ان کي ۽ عام ڳوناڻا هنن جو هٿ ونڊائيندا آهن، انهن گولن سان بارودي سرنگون تباهہ ڪيو وڃن ٿيون.

پوڙها هاري، موقعو ملندي ئي ٽيليگراف جون تارون ڪاٽي ڇڏيندا آهن. ٻڌندڙ آمريڪي سپاهيءَ جي ڪا هٿڪڙي ملي وڃي تہ ان کي بہ ڪٽي لي ڊين گوانگ جي حوالي ڪندا آهن. ائين هو هن عوامي انقلاب ۾ حصو وٺندا آهن.

ڳوناڻن جي ان مدد ۽ تعاون ڪري ويٽ ڪانگن جا حوصلا هميشه بلند رهندا آهن ۽ انهن کي يقين آهي تہ هنن کي ڪو بہ مجبور نٿو ڪري سگهي. ويٽنام جو ڏاکڻيو حصو آزاد ٿيندو ۽ انقلاب ڪامياب رهندو.

وسکارو

رئيفل هلڻ جو آواز آيو. پوءِ هجوم تي خاموشي پکڙجي وئي پر هارين جو هجوم چريو ئي ڪين. ڏهن ٻيڙين تي فوجي چڙهيل هئا، هر ٻيڙي تي ڏهه فوجي هئا، پهرين ٻيڙيءَ تي ليفٽيننٽ به هو. هن هڪ پيرو وري پنهنجي سامهون ٻوڙن جي وچ ۾ بينل هجوم کي ڏنو. "مان آخري پيرو چوان ٿو تہ رستي کان هٽي ويجو." ليفٽيننٽ رڙ ڪري چيو.

"اسان پنهنجي فصل کي ڪنهن به صورت ۾ ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهيون. جيڪڏهن فوجي نہ ويا تہ اسان ان فصل کي باهہ لڳائينداسين. اهو اسان جو آخري فيصلو آهي." هجوم مان هڪ شخص ڳالهايو.

"هي... هي ويٽ ڪانگن جو ايجنٽ آهي." ليفٽيننٽ وٽ بينل ڊريس پهريل هڪ شخص ڳالهايو.

"هي فيصلو اسان جي ڳوٺ جي هاري جماعت جو آهي.... توهان جيڪي ڏهن سالن کان پوءِ زمين جا مالڪ بنجي آيا آهيو فرانسين جي خلاف جنگ جي دوران ڪٽي هئا؟" ڪوانگ ها چيو.

"ٻُڪَ نہ! توهان ماڻهو حڪومت جي خلاف بغاوت ڪري رهيا آهيو توهان کي ان جي سزا ملندي..." ليفٽيننٽ چيو ۽ فوجين طرف ڏنو.

فوجي رائفلين تي سنگينون چاڙهي، ٻيڙين کان لهڻ جي لاءِ تيار هئا.

"لهو....." ليفٽيننٽ رڙ ڪري حڪم ڏنو.

پهرين چئن ٻيڙين کان رائيفلون ڪٽي، فوجين ٻيڙين تان ٽپا ڏنا. هو پاڻيءَ ۾ ڪريا. پاڻي انهن کي گوڏن تائين پيو اچي. هڪدم خشڪيءَ تي ٻيڻا. هاري هنن تي اچي ڪڙڪيا. هو سڀ هنن کان رائيفلون کسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

ليفٽيننٽ ريوالور ڪڍي چڪو هو ۽ هن پنهنجي ٻيڙيءَ تي مشين گن تي ويٺل فوجيءَ کي حڪم ڏنو. "فائر"، ۽ خود هجوم تي ريوالور سان گوليون هلائڻ لڳو.

هارين ۾ گولين سان قيامت مچي وئي. هڪ افراتفري پيدا ٿي وئي. ڪجھ هاري پڇڙ لڳا. جن فوجين کان رائيفلون کسيون هيون، هنن انهن ئي رائيفلن سان سپاهين تي حملو ڪيو. پوءِ... هڪدم ٻيڙيون اونڌيون ٽيڙ لڳيون. ليفٽيننٽ جي ٻيڙي اونڌي ٿي ۽ هو رڙ ڪري پاڻيءَ ۾ ڪريو ان سان گڏ ئي ڳوٺ جو زميندار ۽ سرڪاري انتظامي ڪائونسل جو صدر پاڻيءَ ۾ ڪريا.

نوجوان هاري پاڻيءَ کان مٿي ترندي ترندي پويان ٻيڙين تائين پهچي ويا هئا. چئن چئن نوجوانن هڪ هڪ ٻيڙي اونڌي ڪئي، ڪجھ فوجي جان بچائڻ لاءِ ٻوڙن ۾ لڪڻ لڳا. پر انهن کي اتان گهلي ڪڍيو ويو ليفٽيننٽ کي هن هارين پاڻيءَ ۾ غرق ڪيو.

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ پاڻيءَ ۾ اونڌيون ٽيل ٻيڙيون پيون هيون، پنجاهه فوجي گرفتار ۽ پنجاهه مري ويا. ڳوٺاڻن ۾ ويهه زخمي ۽ پنج شهيد ٿي چڪا هئا.

هاڻي ڳوٺاڻن وٽ سؤ رائيفلون هيون ۽ هڪ وزني مشين گن. هو زخمين کي کٽي جهوپڙين ۾ ويا، قيدين کي هڪ طرف ويهاريو ويو.

هي واقعو 1960ع جو آهي ۽ ڳوٺ جو نالو "ڪين ڦونگ" آهي.

"ڪين ڦونگ" ميڪانگ نديءَ جي اولهه ۽ هون جي ميدانن جي ويجهو آهي. هن ڳوٺ جي چئني طرفن کان پاڻي آهي، تقريباً ٽن ميلن جي پکيڙ ۾ ڳوٺ وارا زمين آباد ڪندا آهن. ڪين ڦونگ جي اولهه ۾ خشڪي تي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، پر ٻنهي ڳوٺن ۾ اڌ ميل تائين پاڻي آهي. "ڪين ڦونگ" جي آبادي ڇهه هزار آهي. ڳوٺ جي اتر اوپر ۾ ٻوڙن جا وڏا جهنڊ آهن، جتي ڪيترن ئي جڳهن تي ڏهڻيون به آهن.

1958ع ۾ هن ڳوٺ تي آمريڪا جو مقرر ڪيل صدر نگوڊنهه ڊيم جي حڪومت قبضو ڪيو. هي ڳوٺ 1950ع ۾ آباد ٿيو هو. آبادي جي اڪثريت "ويٽ منهه" عوام جي آزاد فوجي رضاڪارن تي مشتمل هئي، جيڪي فرانس جي خلاف مختلف محاذن تي وڙهي رهيا هئا.

ڊيم جي حڪومت پهرين سال، لاؤڊانگ پارٽي (عوامي پارٽيءَ) جا سؤ ميمبر گرفتار ڪيا، ۾ سيڪريٽرين کي گوليءَ سان ماريو ويو. سائيگان ڳوٺ تي حڪومت جو مڪمل قبضو هو. وڏي زميندار جي اڳواڻيءَ ۾ انتظامي ڪائونسل جوڙي وئي. وڏي زميندار کان پوءِ پندرهن ٻيا زميندار پيدا ٿي ويا، جن کي زمين جي ملڪيت جا حق، ڊيم حڪومت حوالي ڪيا. زميندار نه صرف فصل ۾ پنهنجو حصو وٺڻ لڳا، بلڪ گذريل سالن جي ڪرائي جو مطالبو پڻ ڪرڻ لڳا.

هڪ سال جي خفيه جدوجهد کان پوءِ "ڪين ڦونگ" ۾ وري تنظيم شروع ڪئي وئي. پارٽي ميمبر ڏينهن جو ٻوڙن ۾ لڪندا هئا ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ جهوپڙين ۾ هارين سان ملندا هئا. انتظامي ڪائونسل ۽ پوليس جي سخت نگرانيءَ جي باوجود ٻئي سال ڳوٺ ۾ 26 ويٽ ڪانگ لاؤڊانگ پارٽيءَ جي 131 ڪارڪن، هاري پارٽيءَ جي 274 نوجوان تنظيم جي 150، ۽ انجمن آزاد عورتن جا 119 ميمبر بنجي ويا.

هاري پنهنجي فصل جا ٽي حصا حڪومت ۽ زميندارن کي ڏيڻ جي لاءِ تيار نه هئا. ڇاڪاڻ ته انهن فصل جو لاب ڪري، محفوظ جڳهين تي رکيو هو. انتظامي ڪميٽيءَ جا رڪن ڳوٺ کان ٻاهر ويا ۽ ٻئي ڏينهن فوج وٽي ڳوٺ تي حملو ڪرڻ پيا چاهين. اهو حملو ناڪام رهيو.

"ڪين ڦونگ" ۾ انقلابي جدوجهد جو نئون دور شروع ٿيو ۽ ان اجلاس ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته، ڳوٺ جي حفاظت لاءِ پهرين چوڪي خشڪيءَ جو ڳوٺ "هوانگ" ٽيڻ کپي، ڇاڪاڻ ته ڪونگ ها، جيڪو ويٽنام جو رهنما هو، ان جي اڳواڻيءَ ۾ ٻه دستا ٺاهيا ويا. هڪ دستو ڊانگ ٽائيءَ جي قيادت ۾ ڳوٺ اندر مورچي بنديءَ جو ذميوار ڪيو ويو ۽ ڪوانگ ها پنجويهن رضاڪارن جي دستي کي وٽي، خشڪيءَ واري ڳوٺ طرف روانو ٿيو.

قيدين جي سنيال جو ڪم مزدور جماعت مجلس عمل جي حوالي ڪيو ويو. سڄو ڏينهن ڳوٺ جي الاهي حصي ۾ ٻوڙن جي پويان ڪاهيون ڪوٽيون ويون، پين حصن ۾ پڙ چهنبدار بانس جا لڪڙا پوريا ويا.

ڪوانگ ها، جڏهن خشڪيءَ تي پهتو ته شام جي اونداهي پکڙجي رهي هئي، ڳوٺ جون جهوپڙيون ٻه فرلانگ پري هيون، هر طرف خاموشي

پکڑيل هئي. ڪوانگ ها پنهنجي ٻن ساٿين کي جهوپڙين جي طرف موڪليو ۽ پاڻ پنهنجي ٻين ساٿين سميت ٻوڙن ۾ انتظار ڪندو رهيو.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هنن جا ٻئي ساٿي سهڪندا آيا. انهن جي منهن جو رنگ ڦڪو ٿي چڪو هو.

"غضب ٿي ويو!" انهن مان هڪ پنهنجي ساهه تي قابو ٽيندي چيو.

"چا ٿيو؟" ڪوانگ ها گهبرائيندي پڇيو.

"ڳوٺ کي تباهه ڪيو ويو آهي. ٻارن، پوڙهن ۽ عورتن جا لاش پکڑيل پيا آهن. فوجي غائب ٿي چڪا آهن." ان ٻڌايو.

سيئي جهوپڙين جي طرف ڀڳا. هي ڳوٺ ويهن جهوپڙين تي مشتمل هو جهوپڙين ۾ ڪوئي انسان موجود نه هو. جهوپڙين کان ٽورو پري پوليس جي چوڪي هئي. اها به خالي هئي. پهرين پنجن جهوپڙين کان ٻاهر ڪجهه ٻارن ۽ عورتن جا لاش پيل هئا. هڪ جهوپڙيءَ جي دروازي تي هڪ ضعيف ماڻهو ڏاڙ ڏاڙ ڪري رهيو هو.

ڪوانگ ها ان تي جهڪيو "چاچا دنگ چا ٿيو"، هن گنپير آواز ۾ پڇيو.

"پاڻي...." چاچي دانگ جي وات مان اهو لفظ نڪتو.

ڏکندو هڪ ساٿي پاڻي ڪڍي آيو ۽ پوڙهي جي وات ۾ ڪجهه قطار ڳاڙيائين.

"چا ٿيو؟" ڪوانگ ها پنهنجو سوال وري ورجايو.

"ٻپهريءَ کان هتان کان پوليس جا ڪجهه ماڻهو توهان جي ڳوٺ طرف ويا. اهي جلد ئي واپس اچي ويا ۽ انهن اسان تي گوليون هلائڻ شروع ڪيون. جيڪي ماڻهو پڄي سگهن پيا اهي پڄي ويا. گوليون هلائڻ کان پوءِ فوجي ٽرڪن ۾ چڙهي هليا ويا. پوڙهي ساهه کڻي چيو.

ڳوٺ جا نوجوان ڪٿي آهن؟" ڪونگ ها پڇيو.

"اهي جهنگ طرف پڄي ويا آهن." پوڙهي مئل آواز ۾ جواب ڏنو.

چاچي دانگ کي جهوپڙيءَ ۾ وٺي وڃو ۽ هن جي زخمن تي پٽي ٻڌو ۽ لاشن کي جهوپڙين کان ٻاهر ڪڍي وڃو." ڪونگ ها پنهنجن ڪجهه ساٿين کي چيو پاڻ پوليس چوڪيءَ طرف اُتي هليو ۽ ان سان

گڏ ان جا باقي ساٿي هئا. مٽيءَ جي چت بانس جي لکڙن تي بيٺل هئي، ڪا بہ پت نہ هئي. هيءَ چوڪي خالي هئي، فوجي پنهنجو سامان ڪٽي فرار ٿي ويا هئا.

فوجين جي ان ظلم سان گهٽن ساٿين تي گهرو اثر پيو. انهن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو. فوج جو مقابلو ڪرڻ کان پهرين ڳوٺ وارن کي خبردار ڪرڻ ڪپندو هو. اڏ ڪلاڪ کان پوءِ ڳوٺ جا مرد جهنگ کان واپس اچي ويا. انهن بہ پوڙهي جي ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ، "فوجين بغير ڪنهن چوٽ پڏڻ جي ڳوٺ تي فائرنگ شروع ڪئي ۽ پوءِ پڄي ويا." ان ڳوٺ "هوآنگ" ۾ نوجوانن جي تنظيم جو رهنما ٽائي ٽونالي نوجوان هو. ان ڪونگ ها کي ٻڌايو تہ، ڳوٺ تي حملو ٿيڻ يقيني آهي، ان جي لاءِ دفاعي مورچي بندي ڪرڻ ضروري آهي.

اڏ ڪلاڪ کان پوءِ پوليس چوڪيءَ جي ويجهو ڪاهين ڪوٺڻ جو بندوبست ٿيو. ڪاهيون ڪوٺڻ ۾ هوآنگ جي هارن ۽ عورتن بہ هٿ وڌايو. مورچي بنديءَ ۾ سڄي رات گذري وئي. پرهہ ڦٽندي ئي ٻن نوجوانن کي روانو ڪيو ويو. جيڪڏهن دشمن هن طرف اچي رهيو هجي تہ، اطلاع ڏيو. ڪين ڦونگ کان بہ ڪيترائي نوجوان اچي ويا، انهن مان هڪ موٽيل عمر وارو ماڻهو جنهن کي ٻار توڙي نوجوان، چاچا سائين چون پيا، ان ڳوٺ جي دفاعي انتظامن کي ڏسي، سوچيندي ڪنڌ لوڏيو هن ڪونگ ها ۽ ٽائي ڦوءَ کي پاڻ وٽ گهرايو.

"پٽا! ڳوٺ جي چوڌاري ڪاهيون ڪوٺڻ صحيح آهي، پر توهان دشمن تي فوقيت حاصل نٿا ڪري سگهو. ٿوري نظم ۽ ضبط کان سواءِ توهان ان تي خود حملو نہ ڪريو." چاچي دانگ چيو.

ڪونگ ها ۽ ٽائي ڦوءَ ان جي ڳالهہ وڏي غور سان ٻڌي، چاچو دانگ فرانسين جي خلاف ڪيترن ئي جنگين ۾ شامل ٿي چڪو هو. هاڻي هو مستقل بيمار هو ان لاءِ عملي طور تي هو ڪجهہ نہ پيو ڪري سگهي. هو ڪين ڦونگ جي هاري ڪميٽيءَ جو صدر هو.

"منهنجي راءِ آهي تہ هن سامهون ڊيرَ جي پويان توهان پنهنجي ساٿين کي وٺي لِکو فوجي ڳوٺ تي حملو ڪن تہ انهن جو مقابلو

انهن ڪاهين ۾ ويڙهل ماڻهو ڪن، ان وچ ۾ توهان فوج تي پويان حملو ڪريو." چاچي دانگ چيو.

اها تجويز سڀني پسند ڪئي. ڪونگ ها ويهه نوجوان وڻي وڃي ويهي رهيو. ڪاهين جي پويان عورتون، ٻارن کي وڻي وڃي محفوظ جڳهن تي لڪيون.

هاڻي دشمن جو انتظار ٿيڻ لڳو سج نڪتو روشني پکڙجڻ لڳي، پر دشمن جو نالو نشان نظر نه آيو. تقريباً اڌين وڳي هڪ نوجوان پڇندو آيو ان ٻڌايو ته ترڪون هن طرف ايندي ڏٺيون ويون آهن.

ٽائي ڦوءِ پنهنجي ساٿين کي تيار رهڻ جو حڪم ڏنو ۽ چيو ته جيستائين هو اشارو نه ڪري، گولي نه هلائي وڃي.

ويهن منٽن کان پوءِ پري کان فوجي ترڪن جي گهر گهراهٽ ٻڌڻ ۾ آئي. ڳوٺ وارا خاموش ٿي ويهي رهيا. هن پيري چار ترڪون هيون، هو هنن جي ڪاهين کان پنجاهه گز جي فاصلي تي بيهي رهيون. فوجين ترڪن مان ٽپا ڏنا ۽ نيم دائرو بنائي، جهوپڙين جي طرف وڌڻ لڳا. جڏهن هو ويهه گز پري هئا ته ٽائي ڦوءَ فائر جو اشارو ڪيو. پهرين وسڪاري پوڻ سان ئي فوجي ليٽي پيا، ٻيڪ ان وقت ڪونگ ها ترڪن تي حملو ڪيو.

ترڪن تي چار مشين گنون فٽ هيون، چارئي مشين گنون شعلا ڪيڻ لڳيون، جهوپڙين جي طرف حملو ڪرڻ وارا فوجي وري وڌڻ لڳا، مشين گن جون گوليون ڪاهين جي آسپاس ڪِرڻ لڳيون.

ڪونگ ها ڏنو ته جيستائين دشمن جو مشين گنون خاموش نه ڪيون ويندیون، تيستائين هنن جو جاني نقصان گهٽو ٿيندو. هن پنهنجي ٻن ساٿين کي اشارو ڪيو ۽ ويجهي ترڪ جي طرف وڌيا، ترڪ جي هيٺان به فوجي مورچو جمائي وينا هئا، هن دستي بم ترڪ تي اڇليو.

ترڪ جي پوئين حصي کي باهه لڳي وئي، پر مشين گن جيڪا ڊرائيور جي سيٽ سان گڏ چٽ تي فٽ هئي، ان کي ڪجهه نه ٿيو.

هن جي ساٿين اهڙا ٻه بم ٻين ترڪن جي هيٺان اڇليا، فوجي ترڪن کان نڪري ٻئي طرف ڀڳا ۽ هنن تي گوليون وسائڻ لڳا.

ڪونگ ها ڏنو تہ مشين گن ۽ فوجين جي رائيفلن سان هنن جا ڪجھ ساٿي زخمي ٿي چڪا هئا.

هو پوئتي هٽيو ۽ ترڪ جي ٻئي طرف فوج تي نشانو ٻيهاري گوليون هلائڻ لڳو. ترڪ سڙي رهي هئي، ان جا اُلا جڏهن ڊرائيور جي ڪيبن تي پهتا تہ فوجي مشين گن کي ڪٽي هيٺ ٽپ ڏنا. اتي ئي هڪ نوجوان ٽارين ۾ لڪيو ويٺو هو ان فوجيءَ جي مٿي ۾ رائيفل جو ڪنداق ايتري زور سان هنيو جو ان کي ساهہ کڻڻ جي مهلت ٻہ نہ ملي. ڪونگ ها ٻڌندي وڌيو ۽ مشين گن کي ڇڪي ٽارين ۾ ڪٽي ويو.

هن گولين جو پهريون وسڪارو ترڪ جي پويان فوجين تي هنيو هو ٻڌا تہ هن پنهنجي ساٿين کي اشارو ڪيو تہ هو هنن جو پيڇو ڪن. هي رڙهندا انهن جي طرف وڌيا.

ڪونگ ها مشين گن ٻي ترڪ جي طرف ڪئي، ان ئي وچ ۾ ان تي ٻہ پيٽرول بم اڇليا ويا، شعلن جي بلند ٿيڻ سان ئي مشين گن ڇڏي فوجي ٻڌڻ لڳو ان کي ڪونگ ها خاموش ڪري ڇڏيو. ٻہ ترڪون بيڪار ٿي ڇڪيون هيون ۽ ٻہ مشين گنون هن جي قبضي ۾ اچي ويون. هاڻي هنن باقي ٻن ترڪن تي زبردست حملو ڪيو. جڏهن هي ٻئي ترڪون ٻہ تباهہ ڪيون ويون تہ فوجين جي همت جواب ڏئي وئي. جيڪي فوجي بچي ويا هئا، انهن هٿيار ڦٽا ڪيا.

صرف پنج فوجي گرفتار ٿيا، باقي مري چڪا هئا. گوريلا سپاهين جو نقصان تمام گهڻو ٿيو هو ان حملي ۾ ويهہ گوريلا مري چڪا هئا. فوجين جا لاش ڳڻيا ويا، اهي پنجاهہ هئا.

هٿيار گڏ ڪري گوريلا سپاهي واپس ڳوٺ آيا. قيدين کي ڪين ڦُونگ روانو ڪيو ويو.

شام جو پنهي ڳوٺن جي هارين جو اجلاس ٿيو ڪجھ هاري جن جا پٽ مري ويا هئا، اهي هن جدوجهد کي گهڻو عرصو رکڻ جي حق ۾ نہ هئا، اهڙن هارين جو تعداد گهڻو هو جيڪي پنهنجي جاني نقصان کي گهٽ ڪرڻ جي باري ۾ سوچ وبچار ڪرڻ چاهين پيا. آخر طئي ڪيو ويو تہ آئيندہ ڳوٺ کان پري دشمن جي ترڪن کي روڪي حملو ڪيو

وڃي ۽ هٿيارن جي استعمال ۾ گوريلا سپاهي گهٽي کان گهٽي مهارت حاصل ڪن.

پنجن ڏينهن تائين ڇوٽ جي طرف ڪوئي فوجي نه آيو. انهن ڏينهن ۾ ڇوٽ اندر زير زمين ڪاهيون ڪوٽيون ويون، جهين ڏينهن ويٽ ڪانگ جي مرڪز کان ٻه تجربيڪار گوريلا سپاهي اچي ويا. انهن ڇوٽ جي نئين سر تنظيم ڪئي.

ٻنهي ڇوڙن مان ٻه سؤ نوجوان گوريلا سپاهي بنيا. انهن کي پنجويهن پنجويهن دستن ۾ تقسيم ڪيو ويو. ڇوٽ ۾ نوجوان چوڪرين جي دفاعي فوج ٺاهي وئي. انهن کي هٿيارن جو استعمال سيکاريو ويو. ڪوهانگ ها پنجويهن گوريلا سپاهين جو ڪمانڊر منتخب ٿيو ان جي حوالي "هوانگ" ڇوٽ جي حفاظت هئي.

جهين ڏينهن، هي ٻئي "هوانگ" ڇوٽ کان ٿي ميل پري سڙڪ جي ٻنهي طرفن کان مورچا ٺاهي ويٺا. هنن هڪ جڳهه تي سڙڪ ۾ وڏو ڪڏو کوٽيو ۽ ان تي بانس سان لڪڙا رکي گاهه وڇايو. ڪڏي جي ٻنهي طرف ٽارين ۾ ڪاهيون کوٽيون ويون، انهن ڪاهين ۾ پنج گوريلا سپاهي ويهي سگهن پيا. ان ڪڏي جي آسپاس خوشبودار وڻ هئا ۽ انهن تي محفوظ جڳهه بنائي وئي. هتان کان فارغ ٿي هو ٻه ميل اڳتي وڌيا. هتان کان ڪابي طرف هڪ ڇوٽ هو. ان ڇوٽ ۾ فوجي چوڪي هئي. ڇوٽ تي مڪمل قبضو ڪيو ويو. سڀ شڪي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا هئا، يا هو ڀڄي چڪا هئا. ڇوٽ جي ماڻهن سان رابطي ڪرڻ ۾ ٻه ڏينهن لڳي ويا. آخر انهن کي فوجي چوڪيءَ جي بحث مباحثي واري جڳهه ۽ فوجين جي تعداد جي مڪمل تفصيل ملي ويو.

ٻنهي دستن، اتر ۽ اوپر جي طرف کان هن ڇوٽ تي حملو ڪرڻ جو منصوبو بنايو. ڊانگ ٽائي پنهنجي ساٿين کي وٽي ڏهه ميل جهنگ مان ٽيندو ڇوٽ جي اتر طرف پهتو. ڪونگ ها ڇوٽ جي اوپر ۾ جهنگ ۾ لِڪي انتظار ڪندو رهيو. ٻئي ڏينهن رات جو ٽين وڳي ڊانگ ٽائيءَ فوجي چوڪيءَ تي حملو ڪيو. هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ڪونگ ها ٻه اوپر کان حملو ڪري چڪو هو.

دشمن جو خاتمو قريب هو تہ ٻيڪ ان وقت هن کي مدد پهچي وئي. ڊانگ ٽائي پنهنجي زخمي ساٿين کي ڪٽي واپس جهنگ جو رخ ڪيو. ڪونگ ها بہ ڪمزور طاقت سمجهي هو چڪر ڪاٽي سڙڪ جي ڪڏي وٽ لڪي ويٺو. ان پنهنجي ساٿين کي مورچن تي ويهاريو ۽ ڪجهہ ساٿين کي وٽن تي ٻيهر شڪار گاهن تي ويهاريو. هن جا ساٿي اٽويهہ هئا ۽ ڇهہ مري چڪا هئا. اٽويهن مان بہ ڪجهہ زخمي هئا، پر هو وڙهڻ جي قابل نہ هئا. ڪونگ ها هڪ ماڻهو ڳوٺ موڪليو. ڇاڪاڻ تہ هو حالتن کان هارين کي باخبر ڪري، هن پيري دشمن زبردست حملو ڪرڻ وارو هو. ٽائي، قوءَ کي پيغام موڪليو ويو تہ هو هنن جي مدد لاءِ پهچي ڊانگ ٽائي جيڪو جهنگ جي طرف کان ڳوٺ پهچڻ وارو هو، ان جي لاءِ بہ پيغام ڇڏيو ويو تہ هو ڳوٺ کان فوراً هن وٽ پهچي وڃي.

هارين جي جدوجهد جو هي پهريون دور هو. هٿيار گهٽ، وڙهڻ جي تربيت بہ مضبوط نہ هئي. ڇاڪاڻ تہ ڳوٺ کي سرڪاري فوجن کان آزاد ڪرڻ جو جذبو هارين جي اڪثريت ۾ موجود هو. ان کان علاوه انهن جي جاني نقصان سان هاري ايڪا بہ ضد ڪري بيهي رهيا هئا.

ڪونگ ها جو اندازو صحيح نڪتو. پيهريءَ کان پوءِ انهن کي بکتر بند گاڏي ۽ ان جي پويان بہ وڏيون ٽرڪون ايندي نظر آيون. ڪونگ ها وٽن تي ويڙل ساٿين کي چيو تہ، ٽرڪن تي فٽ ٿيل مشين گنن کي ختم ڪرڻ تي خاص توجهہ ڏني وڃي.

هن پيري هو سڙڪ جي ٻنهي طرف ڇڪيءَ طرح لڪيل هئا. بکتر بند گاڏي آهستي آهستي وڌي رهي هئي، ان جي ڇت کان ڊڪڻ ڪولي. هڪ آفيسر دوربين سان پنهنجي ساڃي ڪاپي ۽ سامهون وڌي غور سان ڏسي رهيو هو.

بکتر بند گاڏي ڪڏي کان چند گز جي مفاصلي تي رکجي وئي. اهو ڏسي ڪونگ ها جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هڪ منٽ تائين ڪابہ حرڪت نہ ٿي. ٽرڪون بہ ان جي پويان ٿوري مفاصلي تي بيهي رهيون.

ٻن منٽن کانپوءِ ٽرڪ مان بہ فوجي نڪتا. هو بکتربند گاڏيءَ وٽ آيا. گاڏيءَ تي آفيسر انهن کي ڪجهہ چيو ڳڏ ٿي مشين گن جي نال کي

ڪڏي جي طرف ڪيو فوجي ڪڏي وٽ آيا. اڃا هڪ فوجي سنگين چڙهيل رائيفل سان ڪڏي تي پيل گاهه جي تلاش ئي ڪري رهيو هو ته، ڪونگ ها ان کي گولي هنئي. ٻيو فوجي واپس پڇڙ لڳو پر ان کي به ديير ڪيو ويو. وٽن تي ويٽل ساڻين ٽرڪن تي گوليون هلائڻ شروع ڪيون.

ڪونگ ها بڪتر بند گاڏيءَ تي پيٽرول بم اڇلايو. پر ان جي آئيني پليٽين تي ڪوئي اثر نه ٿيو. بڪتر بند گاڏيءَ کان وزني مشين گن جو هڪ وسڪارو وٽن تي پيو. وٽن کان هن جا به ساڻي زمين تي ڪريا. ٻيو وسڪارو سڙڪ جي ٻنهي طرف ٿيو.

پوئين ٽرڪ واپس مڙي، پهرين ٽرڪ جي مشين گن مان به طوفاني گوليون هلي رهيون هيون. گوريلا رائيفلن سان برابر گوليون وسائي رهيا هئا. ٽرڪ جي مشين گن هلائيندڙ کي ماريو ويو. پر ان جي جڳهه تي ٻيو فوجي اچي مشين گن هلائڻ لڳو.

ڪونگ ها ڏنو ته دشمن جو پاسو وزني آهي. بڪتر بند گاڏيءَ جي ٻنهي طرفن کان گوليون وسي رهيون هيون. ان جي چند قدمن تي اهو فوجي اوندي منهن لينڊيل هو ان جي پيٽيءَ ۾ بم پيل هئا. جيڪڏهن مان انهن بمن کي حاصل ڪري سگهان! اهو سوچيندي هو فوجيءَ جي لاش جي طرف رڙهڻ لڳو. ان جي ويجهو پهتو ۽ هن ان جي پيٽيءَ تي هٿ رکيو ئي هو ته هڪ گولي ان جي پنيءَ ۾ لڳي. هو چند گهڙيون درد تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. آخر ان تابوت جي پيٽيءَ مان به بم کنيا ۽ وڏيءَ مشڪل سان رڙهڻ لڳو. گوليون ان جي ويجهو ڪري رهيون هيون. ڪا به گولي ان کي ختم ڪري سگهي ڏئي.

ڪونگ ها سڙڪ جي ڪناري هڪ ننديءَ کڏ ۾ پهتو ۽ هن ڦيري ڏئي هڪ بم بڪتر بند گاڏيءَ تي اُڇليو. ان سان وڏو ڌماڪو پيدا ٿيو. هن ٻيو بم به اڇليو. گاڏي پوئتي هلڻ شروع ٿي. گوليون وسائيندي ٽرڪ به نڪري چڪي هئي. پر هي هڪ فرلانگ جي مفاصلي تي وڃي رڪجي ويا. اها جڳهه سڙڪ جي ٻنهي طرف زمين کان مٿي هئي ۽ اتي ننڍا ديير ۽ گاهه وغيره هو. فوجي ٽرڪن کان لهي انهن ديرن جي آڙ ۾ ويهي رهيا.

ڪونگ ها پهرين پنهنجي زخمي پنيءَ تي پٽي ٻڌي، پوءِ اتان رڙهندو اڳتي وڌيو. هن جو هڪ ساٿي مشين گن سميت وڻ تان ڪريو هو ۽ گولي ان جي دل تي لڳي هئي. ڪونگ ها مشين گن ڪنڌي ۽ ترڪن جي طرف رڙهڻ لڳو ان انتظام ڪيو ته هو هاٿي واپس نه ٽيندو. ڇاڪاڻ ته ان جا ڏهه ساٿي مئا ۽ شديد زخمي ٿي چڪا هئا.

دشمن خبردار ٿي چڪو هو. وٽن ڪان باقي ٽي ساٿي لٽا ۽ انهن ٽارين جي آڙ ۾ ترڪن جي طرف گوليون وسائڻ شروع ڪيون. هن طرف ڪان وزني مشين گن سان فائرنگ ٽيڻ لڳي.

ڊانگ ٽائيءَ فائرنگ جو آواز ٻڌو ته. هن ڇوٽ جي طرف وڃڻ بجاءِ ان طرف جو رخ ڪيو. ان هڪ ساٿي موڪليو ته وڃي ڏسي ته صورتحال ڪهڙي آهي؟ هو ساٿي هن طرف پڇندو آيو. هن هڪ وڻ تي چڙهي ڪري نظر ڊوڙائي. ان کي بڪتر بند گاڏي ۽ ترڪ نظر آئي. هو وڻ کان لهي واپس ڊنگ ٽائيءَ وٽ پهتو ان ترڪن جي پويان پهچڻ جوارادو ڪيو ۽ سڀ ساٿي ترڪن جي طرف پڇڻ لڳا.

ڪونگ ها ٿوريءَ دير کان پوءِ فوجين جي فائرنگ جو جواب ڏيئي رهيو هو. فوجي به وٽن ۽ ڀيرن جي آڙ ۾ ويهي، هنن جي طرف مسلسل گوليون وسائي رهيا هئا.

ٽائي ڦو ڇوٽ کان پنهنجي ويهن ساٿين کي وٽي، هن طرف وڌي رهيو هو. هڪ ڪلاڪ کان پوءِ هو ڪڏي جي ويجهو پهتو. هن سان ڪوانگ ها ۽ ٽائي ڦو مليا. صورتحال سنگين هئي. جيڪڏهن هو واپس ٽين ٽا ته فوجي ضرور ڇوٽ تي حملو ڪن ها. هتان دفاعي لڙائي جو ڪوئي فائدو نه هو.

ٽائي ڦوءَ پنهنجا ساٿي وٽي ترڪن جي طرف وڌيو. به ٻه گوريلا سپاهي اڳتي وڌڻ لڳا. ايڪا هو چند قدم اڳتي وڌيا ته بڪتر بند گاڏيءَ ۾ حرڪت ٿي. هوءَ وري انهن جي طرف وڌي رهي هئي. هن جي مشين گن مان تڙ تڙ گوليون هلڻ شروع ٿيون.

گوريلا سپاهي رڪجي ويا. گولين کان محفوظ رهڻ جي لاءِ سڀ ليٽي پيا. بڪتر بند گاڏيءَ جي پويان فوجي اچي رهيا هئا.

ٽائي ڦوءَ ڪونگ ها کي چيو تہ "بڪتر بند گاڏيءَ کي ختم نہ ڪيو ويو تہ پوءِ اسان جو خير ناهي. توهان فوجين سان نبرو مان گاڏيءَ کي تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو."

"توهان وٽ بم آهي؟" ڪونگ ها پڇيو.

"پيٽرول جون بہ بوتلون آهن." ٽائي ڦوءَ جواب ڏنو.

"گاڏيءَ تي انهن جو ڪو بہ اثر نٿو ٿئي" هن چيو.

"بهرحال توهان مون کي مشين گن جو تحفظ ڏيو. مان انهن جي ڦيٽن ۾ باهہ لڳائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو." اهو چئي ٽائي ڦو بڪتر بند گاڏيءَ جي طرف رڙهڻ لڳو.

ٽيڪ ان وقت ڏان ٽائيءَ ترڪن جي پويان حملو ڪيو. اوچتي حملي سان فوجي بدحواس ٿي ويا. ڪيترائي فوجي بڪتر بند گاڏيءَ جي طرف پڇڻ لڳا ۽ انهن مان ڪوئي بچي نہ سگهيو. ڏانگ ٽائيءَ جي ساٿين ٻنهي ترڪن کي باهہ لڳائي.

هاڻي بڪتر بند گاڏيءَ جو مسئلو هو. ٽائي ڦوءَ ان جي ڦيٽن تي ٻئي پيٽرول جون بوتلون اڇليون، باهہ جا اُلا اٽيا، پر گاڏيءَ جي چئني طرفن کان گوليون هلنديون رهيون. ايتري ۾ هڪ ساٿيءَ چار دستي بم، جيڪي ان فوجين جي تابوتن مان کنيا هئا، کٽي اچي پهتو. ٽائي ڦوءَ انهن بمن کي هڪ هڪ ڪري گاڏيءَ تي اڇليو. چوٽين بم تي گاڏي بيڪار ٿي وئي، ۽ منٽن کان پوءِ مشين گن خاموش ٿي وئي.

مسلسل ٻن ڪلاڪن کان پوءِ سيپ گوريلا سپاهي ٽڪجي پيا هئا. چند منٽن تائين هي بي ساها ٿي پيا ۽ پوءِ وري هنن هٿيار گڏ ڪرڻ شروع ڪيا.

شام جي اونداهي پکڙجي رهي هئي تہ هو ڇوٽ پهتا. هن حملي ۾ هي ڪامياب تہ ٿيا هئا، پر هنن جو جاني نقصان بہ ڇگو ٿيو هو. ان سان هنن کي تجربو ٿي ويو هو. سيني کان وڌي ڳالهہ تہ هاڻي هنن وٽ هٿيار بہ ڪافي گڏ ٿي چڪا هئا.

ڪين ڦوءِ هوانگ گوريلا سپاهين جو مرڪز بنجي ويو. سرڪار فوجن ڪيترائي ڀيرا حملا ڪيا، پر انهن کي ڪاميابي حاصل نہ ٿي.

ڇهن مهينن کان پوءِ ڪين ڦوءِ هوانگ جا گوريلا سپاهي ويهه ميل پکيڙيل ايريا جي سيني ڀُونءَ کي آزاد ڪرائي چڪا هئا.

ڪين ڦوجتان انقلابي جنگ جي شروعات ٿي هئي، هي سائيگان کان پنجهتر ميل پري آهي، ۽ پهرين جنگ کان پوءِ مسلسل سرڪاري فوجون هنن تي حملا ڪنديون رهيون، پر اڄ به هي ڀُوءَ آزاد آهن. انهن ڀُونءَ جي پويان ہوڙن جا وڏا ميدان آهن، انهن ئي ميدانن ۾ ويٽ ڪانگن جي حڪومت قائم آهي.

ڪين ڦوءِ هوانگ ہوڙن جي ميدانن جي پهرين چوڪي آهي.

هوئي شهر ۾ چوويهه ڏينهن

مسلسل ستن ڪلاڪن جي بمباريءَ کان پوءِ شهر ۾ ائين خاموشي پکڙجي وئي جڙ هي ڳوٺ ناهي، پر جيئن ڪو قبرستان هجي. 'هوتان کي' ان گهريءَ خاموشيءَ جيئن ننڊ جي حالت مان سجاڳ ٿيو هجي. هن پنهنجو منهن گوڏن کان مٿي ڪيو تہ هن کي محسوس ٿيو تہ هن جو مٿو ڦاٽي ريو آهي. هن پنهنجي پيشاني مشين گن جي ٽڏيءَ ناليءَ تي رکي، ان سان هن کي چند سيڪنڊ تہ سکون مليو پر جڏهن پيشانيءَ جي زور سان نال بہ ٽڏي نہ رهي تہ هن پنهنجو مٿو ڪنيو. پيشانيءَ تي هٿ رکندي ئي هن سوراخ کان ٻاهر لٿو پائي ڏٺو. هن جي سامهون اڳڙ واري جڳهہ تي آمريڪي ۽ انهن جا پاڙيتو ويٽنامي فوجين جا اٺ لاش پيل هئا. صبح جي پهرينءَ روشنيءَ ۾ هي لاش گهٽو خوفناڪ نظر اچي رهيا هئا. اڳڙ جي پويان ڪريل جڳهہ ڊير ٿي چڪي هئي، پراڻي قلعي جي هيءَ پت جيڪا چار فوٽ ويڪري هئي، ان دشمن جي ڪيترن ئي گولن جو مقابلو ڪيو آخر هڪ ڊير ٿي پئي، ان جي پويان هن کي ڪجهہ نظر نہ آيو.

اڳڙ ۾ دشمن جا لاش ڪالهہ ٻپهريءَ جي جنگ جي نشاني هئا. بمباريءَ کان پوءِ دشمن پنهنجي جاني نقصان جي پرواهہ ڪرڻ کان بغير قلعي جي ان زير زمين مورچي تائين آيو هو. هوتان ۽ ان جي ساٿيءَ انهن کي اتي ئي ڊير ڪيو ان کان پوءِ بمباري ٿي هئي، پر هن جي زير زمين مورچي کي نقصان نہ پهتو هو.

هوا جو هڪ جهٽڪو هن طرف آيو لاش جي بدبوءِ سان هن کي الٽي اچڻ لڳي. هن نڪ تي هٿ رکيو ۽ سوراخ کان هٽي، گن مشين وٽ ويهي رهيو. هن ساڃي طرف ڏٺو تہ هن جو ساٿي لي ليکي پنهنجي

مشين گن تي مٿو رکي هلڪا هلڪا ڪونگهرا هڻي رهيو هو. هوتان ان کي سجاڳ ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. هو گذريل چوويهن ڪلاڪن کان جاڳي رهيو هو. ان وچ ۾ هن دشمن جا ٻه حملا ناڪام ڪيا هئا.

ويٽنام جي تاريخي شهر هوئيءَ تي ويٽ ڪانگن جي قبضي جو چوويهون ڏينهن هو. هي خوبصورت شهر جنهن جا قديم گهر، محلاتون، قلعن ۽ پگوڈن سان ويٽنام جي ثقافت ۽ تهذيب نمايان هئا. آمريڪي فضائيه انهن کي دفن ڪرڻ لاءِ هٽ ڏوئي پويان پئي هئي. شهر جو ڪافي حصو بمباريءَ سان مڪمل تباهه ٿي چڪو هو. انهن چوويهن ڏينهن ۾ آمريڪي فوج ڪافي حملا ڪيا، پر هو ويٽ ڪانگن کان شهر خالي نه ڪرائي سگهي.

پهريون ڏينهن: هوتان جي ڏهن ۾ هوئيءَ تي ويٽ ڪانگن جي حملي جو پهريون ڏينهن تصوير وانگر اُپريو. هو هن شهر جو باشندو هو هن قديم شهر جي تنگ ۽ اونداهين گهٽين ۾ هوش سنياليو هو.

آمريڪين ۽ ان جا چاڙتا جرنيل هوئيءَ کي محفوظ ترين سمجهندا هئا. پنجيتاليهه هزار ماڻهن تي مشتمل هي شهر چا هو. انقلاب ڏسي آمريڪا جو پهريون هٽ ٿوڪيو نام نهاد صدر نگوڊنهه ڊيم، سائيگان جي هنگامن کان هن شهر ۾ پناهه ونڊندو هو. هوئي جيڪو قديم سلطنت جي دارالحڪومت هو ان تي ڊيم جو پاءُ آرچ پشب ٽوڪ ۽ ٻئي پاءُ نگو ڊنهه ڊيم ڪان جو مڪل قبضو هو. هي شهر رياست در رياست وانگر ڪان جي ذاتي رياست ۾ شمار هوندو هو. ڪيٽولڪ فرقي جا ماڻهو آرچ پشب ٽوڪ جي اشارن تي نچندا هئا ۽ ڪان جنهن کي خوني ڪان چيو ويندو هو ان جي پنهنجي ذاتي خفيه پوليس ۽ خفيه جيل خانو هو ۽ هن شهر ۾ آمريڪي قونصل جي آفيس به هئي، جيڪا هوئي يونيورسٽي ۾ آمريڪي نوازيءَ جي لاءِ شاگردن جي سوچن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

هن شهر کان ٻُڌن جي ڊيم خاندان خلاف تحريڪ جو آغاز ٿيو. 8 مئي 1936ع ۾ ٻڌن جي جلوس تي ڪان جي ماڻهن دستي بم اڇلايا هئا ۽ ان ئي شهر جي مشهور پگوڊا ۾ ٻُڌ رهنما ٽيچ تري گوانگ، ڊيم جي خاندان جي حڪومت جي خاتمي جو مطالبو ڪيو هو.

آمريڪي حڪومت کي جڏهن معلوم ٿي ويو ته، ان جو پاليل ڊيم ان ئي مقصد ۾ رڌل آهي ته هن کي اقتدار کان هٽائڻ جي لاءِ جرنيلن کي اشارو ڪيو ۽ ان جو پاڻ نگو ڏنهه هو مري ويا ته، ڪان، هوئيءَ جي آمريڪي قونصل آفيس ۾ پناهه ورتي هئي، ان سڄي عرصي ۾ هوئيءَ ۾ آزاديءَ پرست، ويٽ ڪانگن جو وجود به نه پيو سمجهيو وڃي.

انهن ڏينهن ۾ تان هو هاءِ اسڪول جو شاگرد هو. ٻڌن جي جلوس ۾ ڊيم ۽ آمريڪا جي خلاف نعرا هڻڻ جي الزام ۾ هن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ خوني ڪان جي خفيه جيل ۾ ان کي ايتري مار ڏني وئي، جو هو ٽن مهينن تائين اسپتال ۾ پيو رهيو. ان وچ ۾ هن کي يقين ٿي ويو ته ملڪ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جلسن جلوسن جو وقت ناهي، قوم جو مستقبل رائيفل جي ناليءَ واسطي آهي.

اسپتال کان نڪرڻ کان پوءِ هو بظاهر ته پنهنجي تعليم ۾ مصروف رهيو پر هو شهر ۾ ويٽ ڪانگن تنظيم جو هڪ طوفاني ڪارڪن بنجي چڪو هو. هو هن هٿياربند جدوجهد لاءِ تيار ڪري رهيو هو.

جڏهن پنجن سالن کان پوءِ مارچ 1968ع ۾ ويٽ ڪانگن جي گوريلا ۽ باقاعده فوج شهر تي حملا شروع ڪيا ته، ان کي به ميدان عمل ۾ نڪرڻ جي هدايت ملي وئي.

هوئي شهر ۾ مشهور ۽ قديم بازار "ميڊرين روڊ" هئي، ان تي قديم گهرن ۽ دڪانن جي مٿان جديد طرز جا فليٽ ۽ آفيسون به موجود هيون. هيءَ بازار درياءَ مهڪ جي پل تائين وڃي ٿي. هن بازار جي ٻئي طرف شهر جي ڪنڌ ۾ آمريڪي قونصل جي آفيس هئي.

تان هو ۽ ان جي ڏهن ساٿين کي ميڊرين بازار تي دشمن کي روڪڻو هو ۽ پل کي ويٽ ڪانگن جي لاءِ ڪليل رکڻو هو.

تان هو ايترو سوچي وري پنهنجي چؤطرف ماحول کي ڏسڻ لڳو. هن جو ساٿي ايڄا تائين ڪونگهرا هٽي رهيو هو. انهن جي هن زير زمين مورچي جو رستو صرف زير زمين سرنگ هئي. هي هڪ بارود خانو هو جيڪو ان جڳهه تي ختم ٿي وڃي پيو ان جي پٽ ۾ ٻه وڏا وڏا دنگا هئا، جيڪي ٻاهر اڳڻ ۾ پوندا هئا. اڳڻ کي ٽنهي طرفن کان ويڪري پٽ ڏنل

هئي. ان بارود خاني سان مليل هڪ بغير تاکن جي دروازو هو ان دروازي کان دشمن اچي پئي سگهي. ان بارود خاني جي مٿان قلعي جا وڏا وڏا ڪمرا هئا. بمباريءَ سان انهن جي پناهگاهه تباهه ٿي چڪي هئي.

اڳڙ جي ساڃي طرف هڪ ننڍڙو دروازو هو ان دروازي جي ويجهو هڪ کوهه هو هي کوهه خشڪ ٿي چڪو هو. کوهه کان گذري دروازي تي پهچي سگهجي پيو ڇاڪاڻ ته دروازي کي اندران سرن سان مضبوط ڪيو ويو ان جي لاءِ هو محفوظ هو آمريڪي ان دروازي تي پهچڻ جي ڪوشش ۾ ٻيهر حملو ڪري چڪا هئا.

هوتان لي نيگي جي طرف ڏٺو هو تلهڙو جوان هو پر ان جو جسم لوهه جيان هو. هو ڪيترن ئي جنگين ۾ حصو وٺي چڪو هو. خوف ۽ حراس ته ان کي ٿيو ئي نه هو. گولين جي وسڪاري، بمن جي ڌماڪن ۽ هوائي بمباريءَ جي وچ ۾ ان جي منهن تي ڪنهن به قسم جي بيچيني ظاهر نه پئي ٿي. هوتان کي ان تي رشڪ اچي رهيو هو. ان جي ڇاڻ سڃاڻ به هن سان لڙائيءَ جي وقت ٿي هئي. لي نيگي، هيرون شهر کان اڇڻ وارن ويٽ ڪانگن مان هو.

هوتان کي خيال آيو ته حملي جي وقت ان جي ترين ۾ پگهر ايندو آهي. هڪ نامعلوم ڊپ جي لهر هن جي سڃي جسم ۾ گهمندي آهي. هن کي پهريون ڏينهن ياد اچي ويو هو ۽ ان جا ڏهه ساٿي، رات جو ٻي وڳي خاموشيءَ سان ميدرين روڊ جا مورچا سنياليو چڪا هئا. هر طرف خاموشي هئي، اڻ وٽندڙ چاندوڪيءَ ۾ روڊ جي ٻنهي طرفن کان گهر ڪجهه گهٽو ئي مٽي نظر اچي رهيا هئا. هن جي دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي.

هڪدم شهر جي اترئين ۽ اولهائين حصن کان گولين ۽ ڌماڪن جا آواز پڌڻ ۾ آيا. حملو شروع ٿي چڪو هو. هوتان جي ترين ۾ پگهر اچي ويو هن اڃ تائين دشمن تي مشين گن يا رائيفل سان وار نه ڪيو هو. هاڻي مشين گن جي گهوڙي تي هٿ رکندي ئي هن جي جسم ۾ ڏڪڻي حاوي ٿي رهي هئي.

هن بيقرار طور تي ميدرين روڊ جي گهرن تي نظر وڌي. هر طرف کان خاموشي هئي. دريون ۽ دروازا بند هئا. هو هتي جي ڪيترن ئي

رهندڙن کي سڃاڻندو هو. هن کي خيال آيو ته ڏينهن جي روشنيءَ ۾ جڏهن انهن گهرن جا رهندڙ هن کي مشين گن سنپالينديءَ ڏسندا ته تمام گهٽو حيران ٿيندا. کنهن کي کو به گمان نه پيو ٿي سگهي ته هوتان ويٽ ڪانگ سپاهي آهي، هو پنهنجي ان خيال تي مرڪيو.

هن کي والد جو خيال آيو هو شهر جي قديم حصي ۾ رهائش پذير هو. ان هن کي چيو هو ته شهر کان ٻاهر ڳوٺ ۾ هليو وڃي، پر ان هن جي ڳالهه تي توجهه نه ڏني ۽ وري هو هن کي ويٽ ڪانگن جي حملي جي باري ۾ به ته ڪجهه ٻڌائي نه پيو سگهي، ان لاءِ هو ڪيس وڌيڪ ڪجهه چوڻ جي هليو ويو.

هن پنهنجي ساڃي طرف ڏٺو هن جو شاگرد ساٿي سڙڪ تي ليٽيو پيو هو ان کي چانڊوڪيءَ هوندي به ان جو منهن صاف نظر نه پيو اچي، پر هوتان کي ائين محسوس ٿيو ته جڙ هو به ان قسم جي خيالن ۾ گم آهي. هر شاگرد جو هي پهريون تجربو هو هر هڪ پنهنجو پاڻ کي جڙ موت لاءِ تيار ڪري رهيو هو.

ڪجهه منٽن کان پوءِ هڪ جيپ روڊ تي ظاهر ٿي، اها سڌي هن طرف وڌي رهي هئي. هوتان مشين گن کي جيپ جي طرف ڪيو هن جي دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي. پهرين گولي هن کي هلائڻي هئي، هن ڏکندڙ هٽن سان فائر ڪيو گولين جو پهريون وسڪارو جيپ جي مٿان گذريو ۽ اُها هڪدم بيهي رهي. هن جي ساٿين جي گولين سان جيپ جي بتين جا شيشا ڀڄي پيا.

هوتان نيم اونداهيءَ ۾ ڏٺو ته جيپ کان ٽپي ڪجهه فوجي روڊ تي ليٽيا، ۽ انهن طرفان گوليون هلڻ لڳيون.

هوتان کي هدايت هئي ته دشمن جي جيپ يا ٽرڪ کي فوري طور تي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. هاڻي جيپ هنن کان اڌ فرلانگ تي بيٺي هئي، اوستائين دستي بم پهچي نه پيا سگهن. ان کي اهو احساس ضرور هو ته ان جي معمولي غلطي هن جي ساٿين لاءِ موت ثابت ٿي سگهي ٿي.

هن پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي اشاري سان پاڻ وٽ گهرايو.

مان جيپ وٽ وڃي رهيو آهيان. باقي ساٿي پنهنجي جڳهه تي مضبوط رهن.

"مان بہ توهان سان گڏ هلان ٿو." ان ساٿيءَ چيو.

باقي ساٿين کي باخبر ڪيو ويو ۽ هوتان رڙهندو گهرن جي اوٽ ۾ ويڙ ڇاهي پيو. پر سرڙاٽ ڪندڙ گوليون هن جي مٿان گذري ويون. هڪ پل لاءِ هوتان ۽ ان جو ساٿي بي ساخته بيهي رهيا.

وري هوتان جمپ ڏنو ۽ ڏوڙي وڃي ٿورو اڳتي ليٽي پيو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ هن ٻيو جمپ ڏنو ۽ زمين تي ليٽي پيو. هاڻي جيپ هن کان ڏهن گزن جي مفاصلي تي مس هئي. هن ڏڪندڙ هٿن سان دستي بم ڪڍيو. ان جي سڻي ڏندن سان ڪيري ۽ زور سان بم جيپ تي اڇلايو. هڪ زبردست ڌماڪو ٿيو. هن جي ساٿيءَ ٻيو بم اڇلايو.

اڃا هنن پاڻ کي سنڀاليو ئي ڪين هو تہ هنن کي پري کان فوجي ٽرڪ نظر آئي. سڙندڙ جيپ کي ڏسي تقريباً سؤ گز پري بيهي رهي. ان مان فوجي نڪري سڙڪ جي ٻنهي طرف گهرن جي اوٽ ۾ پوزيشن سنڀالڻ لڳا. هو اڃا تائين اهو فيصلو ڪري نہ سگهيا هئا تہ پنهنجي ساٿين وٽ واپس ويڃي يا ٽرڪ طرف وڌڻ جي ڪوشش ڪجي. جيئن جيپ جي پويان گوليون هنن جي طرف آيون تہ خوش قسمتيءَ سان هو هڪ وڻ هيٺان ليٽيل هو ۽ هڪ گولي اچي وڻ جي تڙ ۾ لڳي.

"منهنجي پويان هلندا اچو." هوتان پنهنجي ساٿين کي چيو.

هو گهرن جي طرف رڙهندو رڙهندو وڌيو ۽ هڪ تنگ گهٽيءَ ۾ لڙي ويو. اتان کان هو بغير ڪنهن سائيڊ وٺڻ جي ڀڳو ۽ گهرن جي پويان ٽيندو روڊ تي اچي پهتو. فوجي ٽرڪ هن جي سامهون هئي. هن ٽرڪ جو نشانو وٺي بم اڇليا. ڌماڪي سان گڏ ٽرڪ سڙڻ لڳي. هڪ ٻہ سپاهي مئا يا زخمي ٿيا. پر ان جو نتيجو اهو نڪتو جو فوجي واپس سڙندڙ ٽرڪ ڏانهن مڙيا. انهن کي اهو خيال ٿيو تہ هو گهيري ۾ اچي ويا آهن. هو ان ۽ ان جي ساٿيءَ انهن تي مشين گن سان گوليون وسائڻ شروع ڪيون. ٻن رائونڊن کان پوءِ هو وري زمين تي ليٽي پيا ۽ فوجين جي طرف گوليون وسائڻ لڳا.

هوتان فائرنگ بند ڪئي ۽ پوئتي هٽيو ليڪن پري کان هڪ بکتر بند گاڏي ايندي نظر آئي. ان جي ڇت کان وزندار مشين گن مان تڙ تڙ گوليون هلي رهيون هيون. هوتان هڪ تنگ گهٽيءَ ۾ لڪو پر

بکتربند گاڏي ٽيڪ گهٽيءَ جي سامهون بيهي رهي ۽ گهٽيءَ ۾ گوليون وسڻ لڳيون. هوتان گهٽيءَ ۾ هڪ گهر جي پوئين دروازي تي سڏ ڪيو پر جواب نه مليو. چند گهڙين کان پوءِ هن وري دروازي تي هٿ هنيو ته اندران ڪمزور آواز آيو.

"ڪير آهين؟"

"وانگ! مان آهيان هوتان، جلدي دروازو کول!"

"تورو دروازو کوليو." هوتان ٻنهي هٿن سان دروازو کوليو.

"چا.... چا؟" ڊپ جي ڪري وانگ جي واتان ايترو نڪتو.

"ڊج نه... دروازو بند ڪر، ۽ هاڻي نه کولجانءِ..." هوتان اهو چئي ڏاڪڻ جي طرف هليو ويو. تيرهن ساله وانگ، هن کي خوف وارين اکين سان ڏسي رهيو هو.

گهر ۾ ٻيو ڪو ماڻهو ڪونه هو. هوتان ۽ ان جو ساٿي گهر جي چت تي ويا. هن جي اڳيان هڪ ٻيو گهر هو. هوتان ٽپو ڏئي ان گهر جي چت تي چڙهي ويو ۽ هن چت تي رڙهڻ شروع ڪيو. هن روڊ تي ڏٺو ته بکتربند گاڏي بيٺي هئي. هن جي مشين گن جو رخ گهٽيءَ جي طرف هو. هن زور سان ان تي بم اڇلايو ۽ هن ٻيو بم پڻ ساٿيءَ کان وٺي بکتربند گاڏيءَ مٿان اڇلايو ۽ اها پرزا پرزا ٿي وئي.

هڪدم هو خاموشيءَ ۾ اچي ويا. هڪ گولي انهن جي مٿان ٽيندي پوئينءَ ٻت ۾ لڳي.

"هيءَ گولي ڪٿان آئي."

"هوتان! هيءَ گولي سامهون واري گهر مان آئي آهي." هن جي ساٿيءَ چيو.

"هتي ڪير رهندو آهي؟" هوتان پڇيو.

"توڪي خبر ناهي.... سيڪيورٽي پوليس جو آفيسر رهندو آهي. چند هفتا ٿيا آهن جو هتي آيو آهي." جواب ۾ هوتان ڪنڌ لوڏيو.

ان کان پوءِ هن مشين گن جو رخ سامهون گهر ڏي ڪيو ۽ سڄو رائونڊ ان جي دروازن ۽ درين تي ختم ڪيو. شيشن جي ڀڃڻ سان پرزن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

"توڪي! هن گهر تي قبضو ڪرڻ ضروري آهي."

جيڪڏهن آفيسر زنده رهيو ته هتي فوجي اچي ويندا." هوتان چيو.
ٽوڪيءَ صرف پنهنجو ڪنڌ لوڏي.
"تو وٽ بم آهي؟"
"ختم ٿي ويا آهن."
هو ٻئي چت تي پيٽ ڀر ليٽيل هئا ۽ هيٺ روڊ تي گولين جو هڪ جهڙو آواز اچي رهيو هو.
هوتان آهستي آهستي دروازي جي طرف کسڪڻ لڳو. هن دروازي تي هٿ رکيو ته انداران بند هو. هن کي خبر هئي ته دروازو کولڻ کوبہ نہ ايندو. دروازي کولڻ لاءِ هن گولين هلايون. دروازي ۾ سوراخ ٿي پيا، زور سان هن دروازي کي ڏکو ڏنو ته دروازو کلي پيو. ڏاڪڻ کان لهي جڏهن ڪمري ۾ پهتو ته ٻہ عورتون ۽ ٽي ٻار بينا هئا.
"ڊجونہ... توهان هينئين محفوظ ڪمري ۾ هليا وڃو." هوتان چيو.
عورتن ۽ ٻارن جي وڃڻ کان پوءِ هن روڊ جي طرف دريون کوليون. آهستي دريءَ جو هڪ تاڪ کليو.
پڳل شيشن جي پويان هن کي پاڇو نظر آيو. هن مشين گن جو نالُ ڪڍي ۽ ان تي گولين جو وسڪارو ڪيو. ان سان گڏ ئي هن وڏي مشين گن جي جهلڪ ڏٺي. هن جو مطلب هو ته سيڪيورٽي آفيسر فوجين جي مدد ورتي هئي، هاٿي گهر تي مورچو ٺهي چڪو هو.
جوابي فائر هن گهر کان ٿيو. هوتان ۽ ٽوڪي فرش تي ليٽي پيا هئا. هوتان درين جو جائزو ورتو.
"آخري دريءَ وٽ بيهي رهہ. مان هن طرف جي دريءَ کان گولين هلائيندس. تون ٻيءَ دريءَ کان فوجيءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪر."
ٽوڪي فرش تان رڙهندو ڪمري جي آخري دريءَ جي طرف وڌيو ۽ آهستي ان دريءَ جو خاتمو ڪيائين.
هن طرف کان هوتان گولين هلائي وري ليٽي پيو. فوجيءَ جي مشين گن جو رخ هن طرف هو. ٽوڪي ٻئي طرف کان گولين هلايون ۽ فوجيءَ جي مشين گن خاموش ٿي وئي.
هاٿي هنن کي هڪ ٻيو ڊپ هو ته فوجي ان گهر تي بم نہ اڇلائين. هوتان دريءَ کان ليئو پائي ڏنو گهر ۾ ڪا بہ چر پر ڪانہ هئي، مشين بہ

نظر نہ پئي اچي. هن هيٺ ڏنو تہ چار فوجي بلڊنگ جي وچ مان گهر ۾ چڑهڻ لاءِ وڌي رهيا هئا.

هن پنهنجي مشين گن کي سڌو ڪيو ۽ هنن تي گوليون هلائڻ شروع ڪيون. ۽ زخمي ٿيا باقي پڇي ويا. ايتري ۾ سامهون واري گهر کان مشين گن هلي. ان جي گهر جون سڀ دريون پڇي پيون. ٻئي فرش تي ليٽيا. چند گهڙين کان پوءِ وري گولين جو وسڪارو ٿيو. وزني مشين گن جيون گوليون ڏماڪي سان گڏ درين جي ويجهو پٽ ۾ وڏا وڏا ڏرڙ وجهي رهيون هيون.

هوتان ۽ ٽوڪي درين جي هيٺان پٽ سان لڳي بيٺا هئا. هوتان کي صرف هڪ ئي خيال هو تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سامهون گهر جي وڏي مشين گن کي خاموش ڪيو وڃي. ۽ اهو ڪجهہ ناممڪن نظر اچي رهيو هو. ٻيو خيال هن کي اهو ستائي رهيو هو تہ ٻنهي وٽ گوليون ۽ ختم ٿيڻ واريون هيون. هو هن گهر ۾ بريءَ طرح ڦاسي پيا آهن. جيڪڏهن فوجي گهر ۾ چڑهڻ جي ڪوشش ڪن ها تہ انهن کي ڪوبہ روڪي نہ پيو سگهي.

ڪجهہ منٽن کان پوءِ وري گوليون هليون. جڏهن گوليون بند ٿيون تہ هوتان. ٽوڪي کي چيو تہ مان مٿي چت تي وڃان ٿو تون اتي ئي رهي پٺ ۽ بغير ضرورت جي گولي نہ هلائج. هو رڙهندو دروازي وٽ ويو. هو دروازي کان ٽپي ٻئي ڪمري ۾ پهتو تہ ان سان گڏ ئي سامهون واري گهر مان گولين جو وسڪارو آيو. دشمن هن کي ڏسي چڪو هو.

هن ڏاڪڻ تي پنهنجي مشين گن ۾ ميگزين وڌي ۽ آهستي آهستي ڏاڪڻ تي چڑهيو. چت تي ليٽي هوا ڪٽي رڙهڻ لڳو.

هاڻي صبح ٿي چڪو هو. هر طرف روشني هئي. هن پلوڙي کان منهن مٿي ڪري ڏنو مشين گن جو رخ هينئين ڪمري جي طرف هو ۽ ۽ فوجي هن جي پويان ويٺا هئا. هن نشان وٺي ٻنهي کي گولي هنئي. هن انهن کي ڦٽڪندي ڏنو ۽ پوءِ پوئين پير واپس پڳو. هو هيٺ وڃڻ بجاءِ چت تي ٽپي ويو. جڏهن ان گهر ۾ پهتو تہ وانگ بيٺو هو. "وانگ منهنجا ياءُ هڪ ڪم ڪندين؟" هوتان چيو.

"چا؟" وانگ جي لهجي ۾ اشتياق هو.

"روڊ جي موڙ تي وڃي سگهين ٿو. اتان ڪان هٿيار ڪٽي اڃ اڇنجاڻ ۾ تو ڪي مان موڪليو آهي."

"هتان ڪيئن ٿو نڪري سگهان؟"

گهٽيءَ ڪان نڪري، ساڃي طرف گهرن جي هيٺان وڏندو وڃ، فوجي اتي ڪونهن." هوتان چيو.

وانگ ڪجهه گهڙيون خاموش رهيو. هو ڪجهه سوچي رهيو هو.

"ڪوبه وڃي سگهندين" هوتان مايوسيءَ مان چيو.

"چتن تان وڃڻ آسان آهي، مان ڪوشش ڪريان ٿو."

"پر احتياط ضروري آهي، هل مون سان گڏ ٻئي گهر جي ڇت تي، ان گهر تي هٿيار آڻڻ ۾ جيڪڏهن ڪوئي ساڻي تو سان گڏ اڇڻ جي لاءِ تيار هجي ته وٺي اچجانس! مان تنهنجو انتظار ڪندس."

هوتان ان کي وٺي ڇت تي آيو. سامهون واري گهر ۾ خاموشي هئي. وانگ ڏڙتيءَ سان ٻئي گهر جي ڇت تي ٽپو ڏنو ۽ هوتان ان کي ڏسندو رهيو. جڏهن هن ٽئين گهر جي ڇت تي ٽپو ڏنو ۽ هن جي نظر ڪان غائب ٿي ويو ته هي هيٺ لٿو ۽ ڪمري جي دروازي تي پهچندي ئي ليٽي پيو. ٽيڪ ان وقت ٽوڪي سامهون گهر تي فائرنگ شروع ڪئي. هو رڙهندو ان وٽ پهتو ۽ هن ٻيءَ دريءَ ڪان ليئو پائي ڏٺو گهر ۾ چار فوجي اچي ويا هئا، هو زخمي فوجين جي جڳهه سنياڻي چڪا هئا. ٽوڪي جي گولين سان هو فرش تي ليٽي پيو. پوءِ هن طرف گولين جو وسڪارو ٽيو ۽ ان ڪان پوءِ خاموشي پکڙجي وئي. هوتان دريءَ جي اوٽ مان گولين هلايون. هاڻي هن وٽ چند گولين ئي بچيون هيون، ٽوڪي وٽ گولين ختم ٿي چڪيون هيون. هو ٻئي خاموش ويهي وانگ جو وڏيءَ بي صبريءَ سان انتظار ڪرڻ لڳا. سامهون گهر ڪان بـ ڪا گولي نه هلي، ائين ئي پنج منٽ گذري ويا.

"هٽ مٽي ڪريو! معمولي حرڪت توهان کي موت جي نند سمهاريندي" ٻنهي پنهنجي مٽي کي جهٽڪو ڏنو. دروازي تي هڪ ليفٽيننٽ هٿن ۾ وزني مشين گن کنيو بيٺو هو. ان جي پويان پنج فوجي رائيفلون اُڀيون ڪيو بيٺا هئا.

"ڇا وانگ اسان سان غداري ڪئي آهي!" اهو سوچيندي هوتان پنهنجا هٿ مٿي ڪيا. ٽوڪي به پنهنجا هٿ مٿي ڪري چڪو هو.

"ان پٽ سان گڏ بيهي رهو..." وري حڪم مليو.

گڏ ئي سامهون واري گهر مان مشين گن هلڻ جو آواز آيو. هن پيري گولين جو رخ هيٺ روڊ تي هو.

هوتان ۽ ٽوڪي پٽ سان گڏ بيهي رهيا. ليفٽيننٽ پنهنجي ساٿين کي اشارو ڪيو. ۽ سپاهي مشين گن کڻي ڪمري ۾ داخل ٿيا ۽ دري کولي، ان کي اُتي فٽ ڪيو ويو.

"هنن جا هٿ ٻڌو!" ليفٽيننٽ ٻئي فوجيءَ کي حڪم ڏنو.

هوتان ۽ ٽوڪيءَ جو پگهر وهڻ لڳو هنن جو رنگ ڦڪو ٿي ويو هو. ٻنهي کي اهو احساس گهٽو خوفائتو ۽ پريشان ڪري رهيو هو ته، اسين ناڪام ٿي ويا آهيون. لڙائيءَ جو رخ تبديل ٿي چڪو آهي.

هڪ فوجيءَ واري واري سان ٻنهي جا هٿ هنن جي پويان هڪ رسيءَ سان ٻڌا.

"بيوقوف! هنن جي تلاشي وٺ" ليفٽيننٽ رڙ ڪري چيو. ايڇا ۽ هنن جي مشين گن جو رخ هنن جي طرف هو. دريءَ ۾ بيهاريل مشين گن هيٺ روڊ تي گولين هلائڻ لڳي.

"جناب! ڇت تي ڪوئي ڪونهي" هڪ فوجيءَ ليفٽيننٽ کي چيو.

"ٺيڪ آهي..." ليفٽيننٽ چيو.

هڪ فوجي هوتان ۽ ٽوڪيءَ جي ڪپڙن جي تلاشي وٺي رهيو هو. هنن جي ڪيسي مان ڪجهه نه نڪتو.

"توهان هن ئي شهر جا باشندا آهيو؟" ليفٽيننٽ پڇيو.

ٻئي خاموش رهيا. هنن کي يقين ٿي چڪو هو ته هنن جو آخري وقت اچي ويو آهي.

"جيڪڏهن توهان خاموش رهڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو آهي ته مان توهان کي گولي هڻڻ تي مجبور آهيان." ليفٽيننٽ چيو.

ليفٽيننٽ هنن جي سامهون بيٺو هو. هنن جي ساڄي طرف هڪ ٻي دروازي جي ٻاهران ٻه فوجي بيٺا هئا. هوتان کي ڏاڪڻ کان گولين جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ان سان گڏ ئي ليفٽيننٽ ۽ سپاهي ڊير ٿي ٻيا. سڀ کان

پهرين ائين ٿيو جو مٿان دريءَ مان ئي انهن جا جسم گولين سان پروڙ بڻايا ويا هئا. ان سان گڏ ئي لي نيگي ڪمري ۾ داخل ٿيو. هيڏي هوڏي ڏسڻ بغير هن سامهون گهر تي بم اڇلايو. بم ڪمري جي دريءَ وٽ ڪريو. ڌماڪي سان ڪمري جي ڀت ۾ سوراخ پيدا ٿي پيو.

اهو ايتري تيزيءَ سان ٿيو جو هوتان ۾ ٽوڪيءَ کي پنهنجي اکين تي يقين ئي نه پيو اچي. وانگ ڪمري ۾ داخل ٿي چڪو هو ان جڏهن هنن جا هٿ رسين سان ٻڌل ڏٺا تہ پنهنجي ڏندن سان رسيءَ جون ڳنڍيون کولڻ لڳو هو ايترو بدحواس ٿي چڪو هو جو کنهن مئل فوجيءَ جي رائيفل مان سنگين بہ لاهي نہ سگهيو.

لي نيگيءَ هن جي طرف ڏنو ۽ خاموشيءَ سان پنهنجو چاقو ڪڍي هنن جون رسيون ڪاٽيائين.

"مون کي هوتان چوندا آهن ۽ هي منهنجو ساٿي ٽوڪي آهي. توهان ٺيڪ وقت تي پهتا آهيو!" هوتان صرف ايترو چئي سگهيو.

"مون کي لي نيگي چوندا آهن. فرش تي ليٽو!" لي نيگي اهو چوندي ليٽي پيو.

هوتان ۽ ٽوڪي، لي نيگيءَ کي تعجب ۽ احترام جي نظرن سان ڏسي رهيا هئا. هنن پهريون پيرو تجربيڪار ويٽ ڪانگ گوريلو سپاهي ڏٺو هو. هوتان پنهنجي ساٿين جي باري ۾ پڇڻ ٿئي چاهي پر لي نيگيءَ چيو:

"سامهون واري فليٽن تي دشمن جو قبضو آهي. هن طرف جي گهرن تي اسان جو قبضو ٿي چڪو آهي. هاڻي اسان کي سڀ کان پهريائين انهن گهرن تي قبضو ڪرڻو آهي." لي نيگيءَ ان لهجي ۾ چيو جيئن هو موسم جو حال ٻڌائي رهيو هجي.

"توهان هن گهر ۾ رهو. اسان ڇت کان ٻئي گهر ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪنداسين. سامهون وارن فليٽن تي نظر رکو ۽ ها هٿيار گڏ ڪري ٻئي ڪمري ۾ رکجو. هي ڇوڪرو وانگ توهان جي مدد ڪندو. وانگ بهادر ۽ ذهين ڇوڪرو آهي."

هوتان، لي نيگيءَ کي ونڊي ڇت تي ويو. روڊ تي هيٺان گولين جو آواز اڃي رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڌماڪا بہ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. هو ڇت

تي ليٽي پيا، ٻي ڇت ان کان مٿي هئي. لي نيگيءَ منهن مٿي ڪري هيڏي هوڏي ڏٺو سامهون گهر جي پر واري گهر تي هن کي هڪ پاڇو نظر آيو.

"هوتان، هن ڇت جي طرف نظر رک، مان سامهون واري گهر جو خيال ٿو رکان." نيگيءَ چيو.

هاڻي ڊپ هو تہ دشمن هنن جي ساڄي طرف ڇت جي مٿان نہ چڙهي اچي، ۽ جيڪڏهن هو ڇت تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري تہ سامهون گهر مان گوليون هنن کي ڊيڄر نہ ڪن. لي نيگيءَ پنهنجي ڪلهي کان رائيفل لاٿي ۽ وزني مشين گن هن پنهنجي پيرن تي رکي ۽ پٽ جي اوٽ ۾ سامهون گهرن ۾ فوجين جي نقل حرڪت جو منتظر رهيو. هوتان پنهنجي مشين گن جو رخ پنهنجي ساڄي طرف ڇت ڏي ڪري ويهي رهيو.

ائين هن کي پنج منٽ گذري ويا. لي نيگيءَ ساڄي طرف ڇت کي ڏٺو. جيڪڏهن هوتان لي نيگيءَ جي ڪلهن تي بيهي رهي تہ ان جا هٿ ڇت تي پهچي پيا سگهن. پر خطرو اهو هو تہ سامهون واري گهر مان گولي هلي سگهي ٿي. هو هڪ منٽ تائين اهو ئي سوچيندو رهيو. هن کي سامهون ڪوئي فوجي نظر نہ پيو اچي.

هن هوتان کي پنهنجي تجويز ٻڌائي. هوتان تيار ٿي ويو. لي نيگيءَ هڪ پيرو وري ٻئي گهر جي ڇت ڏانهن ڏٺو ۽ پٽ سان گڏ ٻئي ٻانهون رکي بيهي رهيو. هوتان ٽپو ڏئي هن جي ڪلهي تي چڙهيو. هن اڃا پٽ جي مٿان هٿ رکيو ئي مس تہ آواز سان گولي آئي ۽ هوتان هيٺ ڪرڻ لڳو. لي نيگيءَ ان کي سنياليو ۽ ان کي اتي ئي ڇڏي رائيفل کڻي موٽيو ۽ ٻئي گهر تي ڪوئي نہ هو.

خوش قسمتيءَ سان هوتان معمولي زخمي ٿيو هو گولي ان جي مغز جي کل چيريندي نڪري وئي هئي ۽ رت تيزيءَ سان وهي رهيو هو. لي نيگيءَ جلديءَ ۾ پنهنجي ننڍي ٽيلهي مان ڪپڙو ڪڍيو ۽ هن جي مغز کي ٻڌي ڇڏيو. هوتان هوش ۾ هو.

ايتري ۾ وانگ دروازي تي ظاهر ٿيو. هنن کي ڏسي رڙهندو هنن وٽ آيو.

"هوتان تنهنجو نشانو ڪيئن آهي؟" لي نيگيءَ پڇيو.

"بس واجبي آهي." هوتان چيو.

"تہ پوءِ تون پت تي بيهي رهہ ۽ وانگ چت تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري. مان ان نشاني باز سان نبران ٿو."

هوتان جو متو چڪرائجي رهيو هو ۽ زخم سان درد جون لهرون پٽي رهيون هيون. ان لاءِ هو پت سان گڏ بيهي رهيو. هن جي ڪلهن تي وانگ چڙهيو.

هن پيري لي نيگيءَ گولي هلائي. نشاني بازُ ختم ٿي چڪو هو. وانگ چت تي چڙهي ويو. هو رڙهندو دروازي وٽ پهتو. دروازو اندران بند هو. واپس اچي ان هنن کي ٻڌايو تہ چت تي ڪوبہ ڪونهي.

هاڻي چت تي چڙهڻ جو سوال هو. وانگ جُهڪي هوتان جو هٿ پڪڙي، ڪيس متي چڪيو. هوتان چت تي چڙهي ويو ۽ پهريون ڪم هن دروازي پيڇ جو ڪيو. هن پنهنجي ڪلهي جي زور سان دروازي کي ڏکو ڏنو ڪنڊي پڇي پيئي. هو احتياط سان هيٺ لٿو. فليٽ ۾ ڪوبہ نہ هو. ان چؤطرف نظر ڊوڙائي تہ ان کي هڪ معمولي رسو نظر آيو. اهو رسو ڪٽي متي چٽ تي ويو. هوتان دريءَ کان ٻاهر جو جائزو وٺڻ لڳو.

هن فليٽ جو سامهون وارو ڪمرو بازار ۾ ڪلندو هو. هن دري کولي ٻاهر ليئو پاتو تہ ڪيس بازار جي ٻئي طرف کان گهر تي فوجي نظر آيا. ان جو مطلب هو تہ سامهون واري گهر تي انهن جو قبضو ٿي چڪو هو.

لي نيگي ۽ وانگ اچي ويا. هن نئين صورتحال جو جائزو ورتائون ۽ گهٽيءَ جي طرف کلڻ واريءَ دريءَ کي کولي ڏٺون.

"ان گهٽيءَ تائين گهر اسان جي قبضي ۾ آهن. هاڻي اسان کي گهٽيءَ جو رستو ڪليل رکڻ کپي." جيئن لي نيگيءَ پنهنجو پاڻ کي چيو هن هڪدم دري کولي ۽ خود جلديءَ سان پوئتي هٽي ويو. سامهون واري گهر جون ٻہ دريون بند هيون.

"هن گهر جو دروازو ڪٿي آهي؟" لي نيگيءَ پڇيو.

گهٽيءَ ۾ هڪ دروازو آهي ۽ ٻيو بازار ۾ دڪان جي وچ ۾ آهي." وانگ جواب ڏنو.

"وانگ پٽا تون ٽوڪيءَ کي وٽي اچي هتي پهچ!"

"منهنجو خيال آهي ته ٽوڪي کي پوئين طرف کان هن گهٽيءَ ۾ آڻي پنهنجي گهر ۾ وٽي وڃ." هوتان مشورو ڏنو.

"اِئين ڪري سگهين ٿو؟"

وانگ ڪنڌ لوڏيو.

"چگو پلا هٿيار بہ گڏ ڪٽي اچجانءِ! پنجن منٽن جي اندر اندر هتي پهچي وڃو."

وانگ ڏاڪڻيون ٽپي ويو.

لي نيگيءَ پنهنجي مشين گن سنيالي ۽ ان ۾ ميگزين وجهي، هڪ برسٽ گهٽيءَ واري گهر جي بند دريءَ تي هنيو. درين جا شيشا پڄي پيا، پر هن طرف کان خاموشي رهي.

"ان جو مطلب آهي ته گهر ۾ ڪوئي ڪونهي. اسان جي ساڻين انهن کي بازار جي طرف وڌڻ نہ ڏنو." لي نيگيءَ چيو.

بازار جي ڪاپي طرف مشين گن جو وسڪارو ٽيو. اهو اوچتو غير متوقع هو. لي نيگي ۽ هوتان محفوظ رهي نہ سگهيا. هڪ گولي لي نيگيءَ جي ڪلهي کي چيريندي نڪري وئي ۽ هوتان جي ڪاپي ٻانهن زخمي ٿي پئي.

هوتان پنهنجي زخم کي نظر انداز ڪندي لي نيگيءَ جي ڪلهي مان جلديءَ ۾ ڪپڙو ڦاڙيو. زخم اونهو نہ هو هن ان کي ان ئي ڪپڙي جي پٽي ٻڌي، پوءِ لي نيگيءَ هن جي ٻانهن تي پٽي ٻڌي ۽ ايجا بہ قسمت هنن جو ساٿ ڏئي رهي هئي. ٻنهي جا زخم معمولي هئا ۽ هو پاڻ ۾ رڙهڻ جي طاقت پائڻ پيا.

ٻئي رڙهندا ٻئي ڪمري ۾ اچي ويا، ڪين وانگ جو انتظار هو. ڏهن منٽن کان پوءِ وانگ اچي ويو هو بريءَ طرح سهڪي رهيو هو ان جي پويان ٽوڪي هو.

"ليٽي پئو." لي نيگيءَ چيو.

"ٽوڪي کا خاص ڳالهہ!" هوتان پڇيو.

"نہ.... توهان جي وڃڻ کان پوءِ کا گولي نہ هلي، هن طرف کان خاموشي رهي."

"ٽوڪي! توهان هن گهر ۾ رهو سامهون واري گهر ۾ دشمن جو قبضو آهي، اسان ٻئي گهٽيءَ جي منڊ واري گهر ۾ وڃون ٿا." لي نيگيءَ چيو.

ٽوڪي پنهنجي گن مشين کڻي پهرين ڪمري ۾ آيو. هن دريءَ جو تاڪ کولي سامهون واري گهر تي نظر رکي. هوتان ۽ لي نيگي اتان کان ڏاڪڻ جي ذريعي هيٺ لٿا. گهٽيءَ جي ٻئي سامهون روڊ جي ٻئي طرف گهر کان مشين گن جي گولين جو هڪ وسڪارو آيو. ان جو جواب ٽوڪيءَ ڏنو. ۽ ان وچ ۾ ئي هي ٻئي ڊوڙندا گهر تي چڙهي ويا.

اتي هنن گهٽيءَ جي سامهون واري گهر جي فوجين تي نظر رکڻ شروع ڪئي. لي نيگيءَ، هوتان کي چيو: "رائيفل سان نشانو ٻڌڪ لڳايو. مشين گن سان ڪو فائدو ناهي." ٻئي رائيفلون کڻي فوجين جي تاڙ ۾ بيهي رهيا.

فوجين کي مدد نہ ٻئي پهچي سگهي. ويٽ ڪانگن شهر جي ٻنهي پاسن تي قبضو ڪري ورتو هو. پر آمريڪي حملو ڪري شهر ۾ داخل ٿيڻ چاهين پيا.

پري کان ڏماڪن ۽ گولين جا مسلسل آواز اچي رهيا هئا. لي نيگيءَ ڪنڊ واريءَ دريءَ جي اوٽ ۾ بيٺو هو. ان سامهون هڪ فوجيءَ کي تازي گولي هلائي اچي پٽ پيو. پر ان جي ساٿيءَ سب مشين گن جو رخ هن جي طرف ڪيو. ۽ غصي ۾ ٻه رائونڊ هلايائين.

اڃ ڪلاڪ کان پوءِ گهٽيءَ مان هنن جا پنج ساٿي آيا ۽ ٻنهي گهرن تي چڙهي ويا. لي نيگي ۽ هوتان معمولي زخمي هئا. ساٿين اچي کين ٻڌايو تہ سامهون گهرن جي قطار کي دشمن کان صاف ڪرڻو آهي، ان لاءِ گهرن تي حملو ڪرڻ ضروري آهي ۽ اهو ٽئي ڪيو ويو تہ، گهٽيءَ جي ٻنهي گهرن کان انهن ساٿين کي مشين گن سان تحفظ ڏنو وڃي ۽ هو سامهون واري گهر ۾ چڙهڻ جي ڪوشش ڪندا.

تقريباً ڏهن منٽن کان پوءِ ٻہ ساٿي گهٽيءَ کان نڪري سامهون وارن گهرن طرف ڀڳا. ٻنهي گهرن کان گولين هلڻ لڳيون. فوجي روڊ تي پڄندي ويٽ ڪانگن تي گولين هلائڻ لڳا. هڪ ويٽ ڪانگي گوريلي کي گولين لڳيون ۽ هو ڦٽڪڻ لڳو. ٻيو گهر جي اوٽ ۾ لڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

زخمي ويٽ ڪانگي گوريلو دم ڏئي چڪو هو. ان کي اتي ئي چڏي ٽئي گهر ۾ ڏاکڻين جي طرف وڌيا.

هوتان انهن کي دڪان جي وچ مان هڪ ٻاهرين رستي کان ويندي ڏٺو هن وري گهر جي فوجين جو توجهه پنهنجي طرف ڪرڻ لاءِ مشين گن سان گوليون هلايون.

لي نيگي مٿي وڃي چڪو هو. ان ڇت تي ليٽي سامهون واري گهر جي ساڄي طرف جي گهر تي گوليون هلايون. گهٽيءَ جي ٻئي گهر کان ٽوڪيءَ جا ساٿي ۽ ٻيا ويٽ ڪانگ گوليون هلائي رهيا هئا.

هنن جا ساٿي سامهون واري گهر ۾ چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. اتي صرف ٽي فوجي باقي هئا. انهن هٿيار ڦٽا ڪيا. ان کان پوءِ ٻئي گهر کان فوجين کي ڪڍڻ آسان هو.

تقريباً ٻي وڳي ميڊرين روڊ تي ويٽ ڪانگ جو پورو قبضو ٿي ويو هو ۽ ٽين وڳي فضائي بمباري شروع ٿي وئي. چاڪاڻ ته هاٿي 'هوئيءَ' تي ويٽ ڪانگن جو پورو قبضو ٿي ويو هو.

آخري ڏينهن

هوتا. لي نيگيءَ جي طرف ڏٺو هو اڃا به پنهنجي مشين گن تي مٿو رکي سمهيو پيو هو. پهرين ڏينهن جي لڙائيءَ کان پوءِ هوتان ۽ لي نيگي شهر جي ٻاهران مورچن تي موڪليا ويا ۽ وري بمباريءَ جي دوران پاڻ کي بچائڻ ۽ وري حملي کي ڪمزور ڪرڻ ۾ ڪيترائي ڏينهن لڳي ويا. هوتان جي شاگرد ساٿين مان اڪثر زخمي مري چڪا هئا.

هڪ گوليءَ جي زد ۾ اچي ٽوڪي شهيد ٿي چڪو هو.

آمريڪين هن شهر تي ٻيهر قبضو ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري طاقت لڳائي چڏي. آمريڪي بمباريءَ جي دوران، شهر مان ٻارن ۽ عورتن کي ڪڍڻ جو ڪم به شروع ٿي چڪو هو. بمباريءَ سان هن ننڍڙي تاريخي شهر ۾ ڪا به عمارت محفوظ نه رهي هئا.

مسلسل حملن ۽ بمباريءَ سان ويٽ ڪانگ، منظم طريقي سان مضبوط ٽيڙ لڳا. هو وڏا ڪان وڏا دشمن جي صفائي ڪن ٿا ۽ ان وچ ۾ انهن تقريباً شهر جي سڄيءَ آبادي کي ٻاهر ڪڍڻ ڏانهن موڪلي چڏيو هو.

آخري مورچو هي پراڻو قلعو هو. دشمن هڪ هفتي کان ان تي قبضو ڪرڻ پئي چاهيو پر هو ڪامياب ٿي نه سگهيو.

اڄ چوويهون ڏينهن هو ٿوريءَ دير کان پوءِ هنن جو راشن اچي ويو. ٻن قسمن جي پيالن ۾ گرم گرم چانور اچي ويا ۽ راشن آڻڻ وارو اهو ئي چوڪرو وانگ هو.

لي نيگي ۽ هوتان چانور کائڻ لڳا.

"وانگ! ڪهڙو حال آهي" هوتان پڇيو.

"سڀ حال آهي." وانگ جواب ڏنو.

"ٻڌو آهي، تون اسان سان گڏ هلڻ لاءِ تيار آهين؟" لي نيگي چيو.

"ها..... منهنجو پاءُ ته مري چڪو آهي، هاڻي مان توهان سان گڏ هلندس." وانگ چيو.

"وانگ ڪامياب گوريلو سپاهي بنجندو." هوتان چيو.

"ها.... هي بهادر چوڪرو آهي."

ايتري ۾ پري کان جهاز جو آواز آيو. هوتان کاڏي کائڻ کان هٿ روڪيو.

"ٻڌو توهان!.... هو وري اسان جي طبيعت بگاڙڻ جي لاءِ اچي رهيا آهن. لي نيگيءَ صرف ڪنڌ لوڏيو.

ڪجهه سيڪنڊن کان پوءِ وڻني ۾ جي فضا ۾ رڙ پيدا ٿي ۽ وري انهن جي سامهون اڳڻ جي ٻاهرين پٽ تي گولو ڪريو. پٽ جو ڇڪو حصو ڏهي ڌير ٿي ويو.

هنن جو مورچو زبردست ڏماڪي سان ڏڪي ويو. وانگ برتن وڻي چڪو هو. هوتان سوراخ کان ليئو پائڻ شروع ڪيو. ٻاهر سرن جو ڌير هو اڳڻ جي ٻاهرين پٽ نظر نه پئي آئي ۽ زير زمين مورچي ۾ اونداهي وڏي چڪي هئي.

فضا ۾ جهازن جي گونج ٻڌڻ ۾ اچي رهي هئي. هڪ ڊگهي وقفي کان پوءِ وري زمين ڏڏي. قلعي جي پوئين حصي تي وزني بم ڪريو. تقريباً هڪ ڪلاڪ تائين بمباري ٿيندي رهي. جڏهن ڪجهه منٽن لاءِ خاموشي ٿي وئي، ته هوتان ۽ لي نيگيءَ کي پيغام پهتو ته هو زير زمين مورچي کي ڇڏي ڏين ۽ ان مورچي جي مٿان ورانڊي ۾ مورچو سنڀالين.

ٻئي سرنگ جي رستي سان مٿي پھتا. ورانڊو ڇا ھو مڪمل تباھ ٿي چڪو ھو نہ ڪا ڀت ھئي، نہ ڪا ڇت، بس ھر طرف پٿر ۽ مٽيءَ جا ڍير ھئا. قلعي جي ٻاھرين دروازي جي طرف، برآمد جا ٻہ ضروري حصا ائين ڪريا ھئا. جو انھن جي وچ ۾ خال پيدا ٿي پيو ھو. لي نيگيءَ پنھنجي مشين گن اتي فٽ ڪئي، ھوتان کي پنھنجي ڪاپي طرف ڏھن گزن جي مفاصلي تي ويھاريو ويو ھن پٿر جي اوٽ ۾ مورچو سنياليو.

ان ڏينھن آسمان صاف ھو. اُس ۾ چمڪي خاص چمڪ ھئي، ھنن کي اتان درياءَ کان پرينءَ ۾ ھوئي شھر جي ڏنل برجن جون ڇتيون نظر اچي رھيون ھيون. انھن جي ويجھان تقريباً ويھن گزن جي مفاصلي تي، قلعي جون وڏيون منزلون ھيون. ان تي ويٽ ڪانگ جو جھنڊو ڦڙڪي رھيو ھو. منزلون ڍھي چڪيون ھيون، پر ڀت تي آزادي پرستن جو جھنڊو موجود ھو.

اڇا ھو پنھنجي ڇوڪرن جائزو وٺي رھيو ھو تہ ھڪ ھيليڪاپٽر شھر جي طرف کان ايندو نظر آيو. ٻنھي پنھنجا منھن ڍير ۾ لڪايا. ھيليڪاپٽر قلعي جي مٿان چڪر لڳائي واپس موٽي. اڇا ان جي 'ڦڙڦڙاھٽ' ٻڌن ۾ اچي رھي ھئي تہ آمريڪي فوجين قلعي تي حملو ڪيو.

لي نيگيءَ منھن مٽي ڪري ڏنو تہ آمريڪي سپاھي طرف وڌي رھيا آھن. ھن ھوتان جي طرف ڏٺو تہ ان جو نظرون بہ آمريڪي سپاھين ڏانھن ھيون.

ھو ٻئي مٽي ھٽا ۽ فوجين کي وڌندي ڏسي رھيا ھئا. ھوتان فوجين جي ڳٽپ ڪري رھيو ھو. ھو پندرھن فوجي ڳڻي سگھيو. ٻنھي آمريڪي فوجين کي وڌڻ ڏنو. جڏھن ھو چند گزن جي مفاصلي تي پھتا تہ لي نيگيءَ فائر ڪيو. پھرئين وسڪاري سان پنج فوجي ڪيرايا ويا. باقي پوئتي ھٽيا ۽ پٽرن جي اوٽ ۾ ويھي گوليون وسائڻ لڳا.

لي نيگيءَ ھوتان کي اشارو ڪيو ھو رڙھندو ھن جي ويجھو آيو. تون منھنجي جڳھ تي ويھ ۽ مون کي تحفظ ڏي. مان ساڃي طرف کان انھن تي حملو ٿو ڪريان." اھو چئي لي نگيءَ دستي بمن جو جائزو ورتو ۽ ھلڪي مشين گن کي ھٿ ۾ ڪٽي ساڃي طرف رڙھڻ لڳو.

هو پندرهن گز اهڙيءَ طرح رڙهندو رهيو. هن جو اندازو صحيح نڪتو. پندرهن فوجي هڪ ڊنل پٽ جي اوٽ ۾ ويهي رهيا هئا. وائر ليس سان پنهنجي پويان مدد لاءِ پيغام ڏنو پئي ويو.

لي نيگي انهن تي مسلسل چار بم اڇلايا. ان سان گڏ ئي اتان کان ڊوڙندي پنهنجي مورچي جي طرف ويو ان وچ ۾ هوتان به فائر ڪيو هو. آمريڪي سپاهي پنهنجي زخميءَ کي کڻي پڄي ويا.

آمريڪين جي تباهيءَ کان پوءِ لي نيگي ۽ هوتان پنهنجي جڳهه کي ڇڏيو. لي نيگي ساڄي طرف هليو ويو ۽ هوتان کاٻي طرف. ائين وچ وارو حصو خالي ڪيو ويو. هو ٻنهي ڊيرن کي هٽائي ويهي رهيا. هاڻي ٻنهي طرفن تي نظر رکي پيا سگهن.

تباهه ٿيل شهر جي اندر اڌ فرلانگ جڳهه هئي، هڪ هيليڪاپٽر چڪر لڳائيندو اتي لٿو. اڃا هو زمين سان لڳو ئي نه هو ته زبردست ڌماڪو ٿيو. هيليڪاپٽر جا پرزا اُڏي ويا. چار پنج آمريڪي فوجي هيليڪاپٽر مان اڏئي ٽپي پڄڻ لڳا. لي نيگي انهن جو منتظر هو ڪنهن به آمريڪيءَ کي پڄڻ نه ڏنو ويو.

ٽيڪ ان وقت هميشه مطابق وري بمباري شروع ٿي وئي. جهاز بغير ڪنهن نشاني جي قلعي تي لڳاتار بم وسائڻ لڳا. آمريڪي ڪمانڊر کي خبر نه هئي ته قلعي ۾ ڪيترا ويٽ ڪانگي گوريلا موجود آهن. انهن جي خيال ۾ ويٽ ڪانگن جي پوري رجمينٽ هئي ان ريجمينٽ جي بربادي جا سڀ رستا روڪڻ لاءِ هو هيٽ لٽا هئا. بمباري ڏينهن ڪان ٽپهريءَ تائين جاري رهي. جڏهن پاڇو لڙڻ شروع ٿيو ته وري حملو ٿيو هن ڀيري آمريڪي فوجين ساڄي طرف حملو ڪيو. پهرين انهن مارٽرن جا گولا مارڻ شروع ڪيا. جڏهن انهن جو ڪوئي جواب نه مليو ته هو وري اڳتي وڌيا.

هوتان ان جو انتظار ڪري رهيو هو. هن لي نيگيءَ جي طرف ڏنو ان کي هو نظر نه آيو. هو وري آمريڪي فوجين کي پنهنجي طرف وڌندي ڏسڻ لڳو.

هو مشين گن جو گهوڙو دٻائڻ تي ئي هو ته آمريڪين جي کاٻي طرف انهن تي گوليون وسڻ لڳيون. ان سان گڏ ئي انهن تي دستي بم اڇلايا ويا.

هوتان بہ فائر ڪيا. هن پيري امريڪي ڊيرن ۾ پٽرن جي اوٽ ۾ ويهي رهيا. انهن جا زخمي فوجي اتي ئي پيا هئا. پر هو فائر جو جواب ڏئي رهيا هئا. اونداهي بہ وڌي رهي هئي. ان جي لاءِ آمريڪي پنهنجي جڳهہ تي جمي ويا.

هوتان هڪدم اُٿيو. لي نيگي هن جي ڪلهي تي هٿ رکي ڪلي رهيو هو.

"ڪهڙي ڳالهہ آهي؟" لي نيگيءَ آهستگي سان پڇيو.

"هو پٽرن جي اوٽ ۾ لڪيا ويٺا آهن." هوتان جواب ڏنو.

"تعداد ۾ ڪيترا هوندا؟"

"ڇئي نٽوس گهجي."

ايتري ۾ هڪ ٻيو ساٿي رڙهندو هن جي ويجهو آيو. لي نيگيءَ کي ان جي حفاظت لاءِ اتي ئي رهڻ ڏنو ويو ۽ ٽيون ساٿي هوتن کي وٺي تباهہ ٽيل گهر جي ڪاپي طرف هليو ويو.

ڏهن منٽن کان پوءِ آمريڪي فوجين جي صفائي ڪئي وئي ۽ ان جڳهہ تي بارودي سرنگون وڇايون ويون. هوتان جڏهن واپس آيو تہ اونداهي تيز ٿي چڪي هئي. هنن جو ٽيون ساٿي واپس وڃي چڪو هو. قلعي تي خاموشي ڇانيل هئي.

"هن شهر ۾ اسان جو چوويهون ڏينهن آهي." هوتان چيو.

"هي آخري ڏينهن آهي." لي نيگي جواب ڏنو.

"آخري؟" هوتان پڇيو.

"ها! آخري اڄ رات جو آخري پهر ۾ اسان هتان کان وڃي رهيا آهيون."

"ڇو؟"

"هائي ڪمان جو فيصلو آهي. اسان جو مقصد پورو ٿي چڪو آهي. آمريڪي ۽ ان جا پاڙيتو فوجي شهر ۽ ان جي آسپاس جي آبادين ۾ قابض ٿي چڪا آهن. هاڻي اسان جو هتي گهٽو عرصو رهڻ بيڪار آهي."

"ڪامريد لي نيگي! شهر تي قبضي ڪرڻ جو مقصد ڪهڙو هو؟"

"اسان جو مقصد... حملو ۽ آمريڪا کي ٻڌائڻو هو تہ اسان شهرن تي بہ قابض ٿي سگهون ٿا. اسان پاڻ کان ڪيترائي ڀيرا طاقتور دشمن جو چوويهن ڏينهن تائين مقابلو ڪندا رهياسين ۽ هاڻي اسان پنهنجي ڪوناٽن مرڪزن ۾ واپس وڃي رهيا آهيون."

"اسان وري واپس ايندا سين؟" لي نيگيءَ چيو.

"ايترو خون خرابو آخر ڇا جي لاءِ؟"

"هي جنگ جو هڪ پهلو آهي. اسان جي جنگ ڏڳهي ۽ تجربي واري آهي. اسان کي آخري فتح جي لاءِ، اهڙن ڪيترن ئي مرحلن مان گذرڻو پوندو. هوتان! منهنجا پاءُ ياد رک، اسان جنهن دشمن سان جنگ ڪري رهيا آهيون، اهو اسان کان ڪيترائي پيرا وڌيڪ طاقتور آهي، ان جي طاقت کي مڪمل ختم ڪرڻ اسان جو آخري مقصد آهي ۽ ان ئي صورت ۾ اسان ڪامياب ٿيندا سين". لي نيگيءَ، هوتان جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

هوتان اها خبر ٻڌي غمگين ٿي ويو. پنهنجي شهر کي ائين ئي خدا حافظ چوندي افسوس ٿي رهيو هئس. هو مُنجهي پيو هو ته ويٽڪانگ، جوابي حملو ڪري شهر تي قابض ٿي ويندا، پر تباهيءَ جو هي..... آخر چو؟"

هن کي خاموش ڏسي لي نيگيءَ چيو "تو کي پنهجي شهر ڇڏڻ تي افسوس آهي؟"

"ها." هوتان مئل آواز ۾ جواب ڏنو.

"پر تنهنجو شهر.... ويٽنام جو سڄو ڏاکڻو حصو آهي، هر ڳوٺ، هر بستي اسان جي لاءِ 'هوئي' جهڙي حيثيت رکندي آهي، هوتان! توهان ڪنهن ڳوٺ يا ڪنهن شهر جي لاءِ نه، پر سڄي ملڪ، پوري قوم ۽ سڃائيءَ جي لاءِ وڙهي رهيا آهيو."

"ها، اهو صحيح آهي."

"تہ پوءِ غمگيني ڪهڙي، توهان جهڙا جوان سڃائيءَ ۽ آزاديءَ جا علمبردار آهن. توهان جي غمگيني اسان جي ڪمزوريءَ جو سبب بنجي سگهي ٿي." لي نيگيءَ چيو.

هوتان خاموش رهيو. هن جي اکين جي سامهون، هن جا اهي شاگرد ساٿي اچي ويا، جن هن جي اباڻي شهر جي آزاديءَ لاءِ جانيون قربان ڪيون هيون. لي نيگيءَ جي سمجهائڻ سان، هو متاثر ٿي چڪو هو. واقعي جنگ ڏڳهي ۽ تجربي واري آهي، ان اهو سوچيو ۽ لي نيگيءَ جي منهن کي تڪڻ لڳو. ڪيس اونداهيءَ ۾ ان جو گول منهن صاف نظر نہ پيو اچي.

تقريباً رات جو پي وڃي هن وٽ هڪ ساٿي آيو. ان هنن کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو. هو تباهه ٿيل وراندي جي پويان هڪ سرنگ ۾ داخل ٿيا. پندرهن منٽ رهڻ کان پوءِ هو سرنگ کان ٻاهر درياءَ جي ڪناري تي بيٺا هئا.

ڪمانڊر هنن جو انتظار ڪري رهيو هن خاموشي ۾ گرمجوشيءَ سان هوتان ۾ لي نيگيءَ سان هٿ ملايو.

"ٻل ڪري آيا ڪامريڊ! توهان جي جرائت ۾ بردباريءَ اسان جي نون ساٿين جي لاءِ روشني آهي، خاص طور تي مان ڪامريڊ هوتان کي مبارڪباد ڏيان ٿو جنهن هوئيءَ جي آزاديءَ پريستن جي جان بازيءَ جو مثال قائم ڪيو آهي."

ڪمانڊر هوتان سان ٻيهر هٿ ملايو.

ٻن منٽن کان پوءِ هو ٻيڙيءَ تي چڙهي ويا. هوتان اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته هو ڪل تعداد ۾ پنج هئا. هنن مان ڪو به اهڙو نه هو جيڪو زخمي نه هجي، خود هوتان جي جسم تي ڪيترائي زخم هئا، سيني جا لباس رت ۾ ٻڏل هئا.

"اسان پنج ڪيترا ڏينهن آمريڪي حملن جو مقابلو ڪندا رهياسين؟" هوتان کي خيال آيو ته ٽيڪ ان جي سامهون ڪمانڊر وينو هو ۾ ٻيڙي رواني ٿي چڪي هئي.

صبح جي روشنيءَ ۾ هن ڏٺو ته ڪمانڊر جو منهن سنجيده ٿي ويو آهي، هو پري خلا ۾ ڏسي رهيو هو هن هڪدم سندس سلوٽ لاءِ هٿ کنيو. هوتان پنهنجي پويان ڏٺو پر هوئيءَ جي قلعي تي ايجا به ويٽ ڪانگن جو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو ڪمانڊران کي سلامي ڏئي رهيو هو.

هوتان جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

"خدا حافظ" هوتان دل ۾ چيو مان وري ايندس.

ڏرتيءَ جو قرض

رات گهٽي گذري چڪي هئي، پر نگوين ۽ سندس زال تيدو اڃا تائين چپ چاپ جاڳي رهيا هئا. جهوپڙيءَ ۾ هرندڙ ڏيئي جي هلڪي روشنيءَ ۾ انهن جي منهن تي سوچ ويچار جون ريکائون نظر اچي رهيون هيون. پوءِ اوچتو نگوين ڏاڍي مضبوط لهجي ۾ چيو: "آئون ان ڳالهه جو فيصلو ڪري چڪو آهيان." تيدوءَ اکيون ڇنيي هن ڏانهن ڏٺو هوءَ چپ هئي، پر هن جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا. تڪليف جي وڌڻ ڪري هن جي منهن جو رنگ بدلجي ويو هو. هوءَ اندر ئي اندر سڏڪي رهي هئي ۽ هن جو پوڙهو بدن ڏڪي رهيو هو. مختلف وقفن سان گڏ رائيفل جا فائر رات جي ماڻ کي ٽوڙي رهيا هئا. پر شهري نظر بندن جي هن ڪيمپ ۾ اها ڳالهه ايتري ته عام هئي، جو ان تي ڪنهن به ڌيان نه ڏنو. فائرن جو شور ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ ٻيرو وري ڪيمپ ۾ موت جهڙي مانڊار ڇانئجي ويئي. پر نگوين ۽ تيدو جهوپڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ ستل پنهنجي سورهن سالن جي پٽ تونگ جا ڪونگهرا ٻڌي سگهيا ٿي. پوءِ تيدو جُهڪي سرڻاٽ ڪندي پڇيو: "ترنگ ڪڏهن ويندو؟"

"في الحال ڪجهه نٿو ٻڌائي سگهان. ها باقي اهو ضرور چوندس ته ڪيس تمام جلد هتان وڃڻو پوندو. آئون گيانگ سان ڳالهائڻ وارو آهيان. جنهن ڏينهن به گيٽ تي هن جي ڊيوٽي لڳندي، ان رات ترنگ هليو ويندو."

"آهه".... گهٽيءَ ڪوشش جي باوجود به هوءَ آهه روڪي نه سگهي.

نگوين مُڙي پنهنجي زال ڏانهن ڏٺو پوءِ سمجهائڻ واري انداز ۾ ڪيس ٽوريءَ کاوڙ مان چوڻ لڳو: "لڙڪ ته اوهان عورتن جي اکين تي

رکيا ئي آهن. ٿورو ڪجھ چئُہ تہ بس توبھ. روڄ شروع! چا تون اھو سھي سگھندينءَ تہ اسان جو ترنگ سرڪاري فوج ۾ پرتي ٿئي." اھو ٻڌي تيدو ڏکندڙھٽن سان لڙڪ اُگھيا ۽ پنھنجي مامتا کي تسلي ڏيڻ لڳي. ڪيس خبر ھئي تہ نگوين ھڪ مستقل مزاج شخص آھي. جيڪو فيصلو ڪندو آھي تہ پوءِ ڪڏھن بہ ڦرندو ناھي. گذريل ٻن ھفتن کان ھو اھڙي قسم جي ڀالھ ٻولھ ڪري رھيو ھو. نگوين ھن کي سمجھايو ھو تہ. ترنگ ھاڻي جوان ٿي چڪو آھي ۽ ڪنھن بہ وقت ڪيس سرڪاري پڙيتو فوج ۾ پرتي ٿيڻ لاءِ مجبور ڪري سگھن ٿا. ان لاءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگھي ترنگ. کي ڪيمپ مان پڇايو وڃي. جيئن ھو ويٽ ڪانگ گوريلن سان ملي. گوريلا ڪيس تربيت ڏيندا. رائيفل ھلائڻ سيکارينداھ ۽ پوءِ ھو انھن غدارن کي ماريندو جيڪي وطن جي سيني جو ناسور آھن. نگورين ڏاڍي جذباتي انداز ۾ چيو ھو: "پروسو ڪرا جيڪڏھن منھنجو ترنگ وطن جي آزاديءَ لاءِ ويرين سان وڙھندي مارجي بہ ويو تہ مون کي ڏرو بہ ڏڪ نہ ٿيندو."

تيدو جڏھن پنھنجي مڙس واتان پھريون پيرو اھڙيون ڳالھيون ٻڌيون ھيون تہ ڏکي ويئي ھئي. سکيلڊي پٽ جي جوانيءَ جي خيال ھن کي ويڳاڻو ڪري ڇڏيو. اھو ٺيڪ آھي تہ ھو ھن ڪيمپ ۾ ڏاڍي ڏکي زندگي گذاري رھيا ھئا. پر ڪين اھو اطمينان ھو تہ ھو گڏ آھن. پر جڏھن ھن ٽڏيءَ دل سان ان مسئلي تي ويچاريو تہ ھوءَ بہ ان نتيجي تي پھتي تہ ترنگ کي ھاڻي ڪيمپ مان پڇي وڃڻ کپي. نہ تہ جلدي ڪيس زوريءَ سرڪاري فوج ۾ پرتي ڪيو ويندو ۽ ھوءَ اھا ذلت سھڻ لاءِ تيار نہ ھئي. ھن جي دل جو ٽڪرو ترنگ وطن جي آزادي ڪسيندڙن جا ھٿ مضبوط ڪري. اھو سوچي گذريل ٻن ھفتن کان ھن جي راتين جي ننڊ اُڏي وئي ھئي. ھن کي ھر ھر اھو وقت ياد پئي آيو جڏھن سورنھن سال اڳ ھن ترنگ کي جنم ڏنو ھو. ان رات ھوءَ ھڪ نئين انسان جي تخليقي عمل مان لنگھي رھي ھئي ۽ ھڪ بھادر انقلابي چوڪريءَ ھن جي سار سنيال لڌي ھئي. تڏھن ويٽنامي عوام فرانسيسي ظلمن جي خلاف وڙھي رھي ھئي. نگوين ۽ ھوءَ جن ٻنين ۾ ڪم ڪري پيٽ پالينداھئا. گوريلن اچڻ وڌي انھن تي قبضو ڪري ورتو ھو. ان کان

ٿورو اڳيان فرانسيسين هڪ مضبوط چوڪي قائم ڪئي هئي، جنهن کي تباهه ڪرڻ جو ڪم مجاهدن کي سونپيل هو. ڏينهن رات چوڪيءَ مان فائرن جا آواز ايندا رهندا هئا، پر مجاهدن همت نه هاري هئي. هنن نگوين ۾ سندس زال سان ڏاڍو سهڻو سلوڪ ڪيو هو. هنن کين ڪپڙا ڏنا، ترنگ جي پالنا ۾ سندن مدد ڪئي ۽ پوءِ ملڪ ۾ انقلابي حڪومت قائم ٿي تہ نگوين کي ٽي ايڪڙ زمين ڏني ويئي، جيئن هو پنهنجي گهراٽي جي گذاري لاءِ اناج پيدا ڪري سگهي. پر ڪجهه وقت کان پوءِ هنن جو وطن وري آمريڪي سامراج جي قبضي جي باهه ۾ جلڻ لڳو. ويٽ ڪانگ گوريلن جي مدد هنن کي ڏاڍي ڏکي پئي ۽ ڪجهه مهينا اڳ ڏکڻ ويٽنام ۾ آمريڪا جي پٺو حڪومت جي سپاهين، هنن کي پنهنجي گهرن مان بي دخل ڪري ڇڏيو. نگوين جڏهن اعتراض ڪيو تہ سپاهين هن کي ماري ماري بيهوش ڪري ڇڏيو ۽ هاٽي هي هن ڪيمپ ۾ پنهنجي زندگيءَ جا بيڪار ۾ بيڪار ڏينهن گذاري رهيا هئا. نگوين عام طور تي پنهنجي زال کي چوندو هو: "انقلاب جي ڪري اسان کي هنيون مليون ۽ انهن هنين جي پيداوار مان اسان ترنگ کي پالي جوان ڪيو. اسان کي انقلاب ۽ انقلابين جو ٿورائتو هئڻ گهرجي. ٺيڪ آهي نہ؟... تہ ڇا اسان ترنگ کي ان لاءِ جوان ڪيو آهي تہ اسين سرڪاري فوج جي ڏٻاءَ ۾ اچي، هن جي هٿ ۾ رائيفل ڏيون، جنهن جو منهن انهن ڏانهن هجي، جيڪي يانڪين (آمريڪن) ۽ غدارن جي قبضي کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا. مون کي ورندي ڏي، ڇا قرض ائين لاهبو آهي؟"..

حقيقت هيءَ آهي تہ تيدو ڪڏهن بہ پنهنجي مڙس جي فيصلي جي مخالفت نہ ڪئي هئي ۽ گذريل هڪ هفتي کان هوءَ پاڻ بہ پنهنجي پٽ جي روانگيءَ جي انتظامن ۾ رڌل هئي، پر هاٽي جيئن جيئن ترنگ جي روانگيءَ جو وقت ويجهو پي آيو تہ، هن جي بي چيني بہ وڌندي ٿي ويئي. آخر هوءَ ماءُ هئي ۽ اها ماءُ پاڻ تي ڪيئن قابو رکي ٿي سگهي. جنهن جو سڪيلڊو پٽ ڪانئس جدا ٿيڻ وارو هو. شايد هميشه لاءِ! نگوين پنهنجي آخري فيصلي جو اظهار ڪري هنڊ تي ليٽيو ۽ گهريءَ ننڊ ۾ ٻڏي ويو پر تيدوءَ جي ننڊ اُڏي چڪي هئي. هوءَ

اکيون ڦاڙيو پٽ کي گهوري رهي هئي. اوچتو اٿي ويني هٽ ۾ ڏيئو کڻي ترنگ جي هنڌ جي ويجهو آئي ۽ روشنيءَ ۾ پنهنجي پٽ جو منهن ڏيان سان ڏسڻ لڳي. جيڪو گهري نند ۾ ستل هو. هن ترنگ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو ۽ هي محسوس ڪري. هڪ عجيب خوشي محسوس ڪرڻ لڳي ته هن جي پٽ جا هٿ ڏاڍا مضبوط ۽ توانا هئا. هن جو پٽ جوان ٿي ويو هو پوءِ مڙي. ڪپڙن جي پيتيءَ مان ترنگ جا ڪپڙا جدا ڪيا ۽ جتان جتان ڦاٽل هئا. ڏيئي جي روشنيءَ ۾ اهي سبڻ لڳي. نظر جي ڪمزوريءَ ڪري هن جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. جڻ ڪيس روئڻ جو بهانو هٿ اچي ويو هجي. هوءَ آهستي آهستي روئندي به رهي. ڪپڙا به سبندي رهي. پهر ٿوري ٿوريءَ دير کان پوءِ فائرن جا آواز رات جي پوائتي ماڻ کي لڳاتار ٽوڙي رهيا هئا.

(2)

"هي منهنجو فيصلو آهي. جيڪو مون ڪيترن ڏينهن جي سوچ ويچار کان پوءِ ڪيو آهي." نگوين. ترنگ کي چئي رهيو هو.

"چا تو کي منهنجو فيصلو قبول آهي.....؟ تون ڊڄين ته ڪونہ ٿو؟

ترنگ نظرون جهڪائي ڏاڍي اداس لهجي ۾ جواب ڏنو "مون کي ڪو به ڊپ ڊاءُ ڪونهي. جيڪي ڳالهيون اڄ تو مون کي ٻڌايون آهن. تن تي مان ڪيترن ئي ڏينهن کان ويچاري رهيو آهيان. مان هينئر ئي وڃڻ لاءِ تيار آهيان. پر سوچيان ٿو ته منهنجي وڃڻ کان پوءِ هو اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا.

"تون اسان جو فڪر نہ ڪر.... اصل ڳالهہ تنهنجي پڃڻ جي آهي. جيڪڏهن تون ان مقصد ۾ ڪامياب ٿي وئين ته اسين سڀ سختيون صبر سان سهي ويندا سين؟" ترنگ سوچ ۾ ٻڏي ويو هو سوچي رهيو هو ته هن جي وڃڻ کان پوءِ هن جي ماءُ جي ڪهڙي حالت ٿيندي. پڪ سان هوءَ روئي اکيون سُڄائي ويهندي. کيس هڪ پاسي پنهنجي روانگيءَ ۽ ويٽ ڪانگن سان ملي غلاميءَ جي خلاف جنگ ۾ وڙهڻ جي خوشي هئي ته ٻئي پاسي ماءُ پيءُ جي جدائيءَ جو خيال ستائي رهيو هو. هن سوچيو "ڪاش! منهنجي ڪا ڀيڻ هجي ها. جيڪا

منهنجي وڃڻ کان پوءِ امان ۽ بابا کي منهنجي نہ هئڻ جو احساس ٿيڻ نہ ڏئي ها. پوءِ اوچتو هن کي گانگٽن جي خوشبوءِ اچڻ لڳي، جنهن کي هي ڏاڍي شوق سان کائيندو هو پر هاٽي ڪيمپ ۾ تہ ڪچ عرصي کان ڪو نہ کاڌا هٿائين ۽ کائي بہ ڪيئن؟ ڪيمپ جي بازار ۾ اهي ايترا تہ مهانگا هٿا، جو هنن ۾ خريدڻ جي سگهہ ئي کانہ هئي، پر اڄ ماٽس پنهنجي گڏ ڪيل پونجي پندرهن پياسٽر (ويتنام جي سکي جو نالو) خرچ ڪري خاص هن لاءِ گانگٽ ورتا هٿا، چو تہ جدائيءَ کان اڳ ۾ هن پنهنجي پٽ کي سندس پسند جو کاڌو کارائڻ ٿي چاهيو.

بلڪل ان وقت جڏهن هي کاڌو کائڻ وارا هٿا، فوجي بوٽن جو آواز در تي اچي رڪجي ويو ۽ پوءِ ڪنهن کنگهيو. نگوين ڇاڻي ويو تہ، اهو کنگهڙ جو آواز هائيءَ جو آهي، هو چئي رهيو هو "اڄ شام جو جلسي گاهہ ۾ اڇج حڪومت جي فوجي پاليسيءَ تي ليڪچر ٿيندو جيڪڏهن تنهنجو ڪو مٽ مائٽ ويٽ ڪانگ سان ملي ويو هجي تہ، ان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪر تہ چو هرو پرو پنهنجي زندگيءَ جي پويان هٿ ڏوئي پيو آهي....؟ ۽ ها هي چا رڌيو اٿوَ ڏاڍي سٺي خوشبو پئي اچي؟"

تيدوءَ جلدي وراٽيو "ڪا خاص شيءِ ڪانهي، اسين غريب آهيون ۽ ڪا سٺي شيءِ کائڻ اسان جي لاءِ اتفاق کان گهٽ ڪونهي!" هوءَ ڪوڙ ڳالهائي تہ اڄ چا رڌيو اٽس تہ هاٽي پيٽروڙين وانگر سڄي ديگڙي چٽ ڪري چڏيندو ڪيمپ جا سپاهي گهٽو ڪري اهڙيون حرڪتون ڪندا ئي رهندا هٿا. جڏهن هو ويو هليو تہ، نگوين پنهنجي زال ڏانهن ڏنو ۽ ڪلڻ لڳو. ڇڻ ان معصوم ڪوڙ تي جوٽس کي داد ڏيئي رهيو هجي، پوءِ هڪدم هن جون مُنيون پکوڙجي ويون، "هونهہ، اڄ فوجي پاليسيءَ تي ليڪچر آهي، اسان کي پنهنجن مائٽن کي ويٽ ڪانگ جو ساٿ ڏيڻ کان روڪڻ گهرجي، ٺيڪ آهي پر اڄ تہ پنهنجي پٽ کي ويٽ ڪانگ ڏانهن موڪلي رهيو آهيان."

ماني کائڻ کان پوءِ نگوين ترنگ کي پين پنو آڻڻ لاءِ چيو. هن ويٽ ڪانگ ڪمانڊر جي نالي، پنهنجي پٽ لاءِ خط لکڻ ٿي چاهيو. هن ترنگ کي دروازي جي ويجهو ويهڻ لاءِ چيو تہ، جيڪڏهن ڪو

سپاهي ويجهو اچي تہ، هو ڪنگهي هن کي هوشيار ڪري، جيئن هي خط لِکائي سگهي، ٻي صورت ۾ هن جو سڄو منصوبو ختم ٿي سگهيو ٿي. ائين هو ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان پنهنجي پٽ جي جدائيءَ جو پروانو لکڻ ۾ ڪامياب ٿيو. رات جي مانيءَ هنن وقت کان اڳ ۾ ڪائڻ شروع ڪئي. تيدوءَ جو عجيب حال هو هوءَ تہ بس ڪائڻ جو بهانو ڪري رهي هئي، نہ تہ گرهہ هن جي نڙيءَ مان هيٺ لٿو ئي ڪونہ ٿي. ترنگ جي بک بہ ختم ٿي چڪي هئي، پر نگوين ڏاڍي سڪون ۾ اطمينان سان ڪائڻ ۾ رڌل هو. جڏهن هن ترنگ کي ڪائڻ کان لاپرواهہ ڏٺو تہ پيار مان چوڻ لڳو "پٽ! وڌ ۾ وڌ جيڪو ڪائي سگهين سو ڪاءِ، شايد هن کان پوءِ تون پنهنجي ماءُ جي هٿن جو رڌيل کاڌو ڪڏهن بہ ڪائي نہ سگهين."

پنهنجي مڙس جي اها ڳالهہ ٻڌي تيدوءَ ڪائڻ ڇڏي ڏنو ۽ سڏڪا پرڻ لڳي. ترنگ جلدي جلدي کاڌو ختم ڪري چيو "امان تون روئين ڇو ٿي، منهنجي دل نہ ٽوڙ. اوندهہ ٿيڻ واري آهي، منهنجو سامان ڪٽي آهي؟"

"هي وٺ!" تيدوءَ لڙڪ اُگهندي هنڌ تان ننڍڙي هڙ کڻي، هن کي ڏني. هن جي (تيدو)شاديءَ واري رومال ۾ ترنگ جا ڪپڙا ٻڌل هئا. ترنگ هڙ ماڻس کان ورتي ۽ رومال کي ڏسي هن جون اکيون پرجي آيون. ڪيس خبر هئي تہ اهو رومال سڄي عمر ماڻس ساهہ سان سانڍيو هو ۽ هاڻي هن کي سوڪڙي ڪري ڏيئي رهي هئي. هن دل ۾ پڪو ارادو ڪيو تہ ماءُ جي ان نشانيءَ کي پاڻ کان ڪڏهن بہ جدا نہ ڪندو. ان وچ ۾ نگوين ٻاهر نڪتو ۽ واپس موٽي چيائين تہ، "مون گيانگ سان وري ملاقات ڪئي آهي ۽ هو منصوبي مطابق ترنگ کي ڪيمپ مان ڪڍڻ لاءِ تيار آهي."

"تہ ڇا آءٌ هلان؟" ترنگ چيو.

"نہ! اڃان وڌيڪ اوندهہ ٿيڻ ڏي... ۽ ها هي وٺ." اهو چئي هن پنهنجي پٽ کي خط ڏنو جيڪو هن سڄو ڏينهن محنت ڪري لکيو هو. "هن خط کي سنيالي رک ۽ فقط ويٽ ڪانگ جي ڪمانڊر کي ڏج، يا جيڪڏهن هو توکي نہ ملي تہ سامهون ايندڙ ڪنهن بہ گوريلي جي حوالي ڪج. هو تو کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو. ٿوريءَ دير کان پوءِ تون هتان نڪري گيٽ ڏانهن ويندين. اڄ گيانگ جي ڊيوٽي آهي. هو تو کي

ٻاهر نڪرڻ ڏيندو. پوءِ درياهه جي هن پار پڪو ڏيئي متان هلين. نه ته جهلجي پوندين. ندي ۾ لهي ٻئي پاسي هليو ويجج. ٻي پاسي آزاد علائقو آهي. اتي پاٿهي گوريلن سان تنهنجي ملاقات ٿيندي. منهنجي سڄي ڳالهه سمجهي وين نه؟"

"ها...." ترنگ مضبوط لهجي ۾ ورندي ڏني.

لڳ پڳ هڪ ڪلاڪ کان پوءِ هو گهر مان نڪتو. ان وقت سڄي ڪيمپ ۾ موت جهڙي مانڌار ڇانيل هئي. هو ڏاڍي احتياط سان چٽني پاسن ڏسندو. ڊهيل قدمن سان اڳيان وڌڻ لڳو. گهٽو پويان نڪري ويڙ کان پوءِ هي ٻينو ۽ مُڙي پنهنجي گهر ڏانهن ڏنائين. پريان اوندهه ۾ هن جي ماءُ ۽ پيءُ جون شڪليون موجود هيون. هن کي پنهنجي ماءُ جي شڪل سڃاڻڻ ۾ ڏکيائي ٿيڻ لڳي. پر تنهن هوندي به هن کي پڪ هئي ته هوءَ روئي رهي هئي. هي هتي ايترو پري هئڻ جي باوجود به ان جي سڏڪڻ کي محسوس ڪري رهيو هو.

هاٿي هو وڏي دروازي جي ويجهو هو. هن ڏٺو ته منصوبي مطابق گيانگ دروازي کي تالو لڳائڻ بدران فقط ٻيڪڙيو ٻينو هو. هي هوريان هوريان پير پير ۾ ڏيندو دروازي ڏانهن وڌيو. ڏروبه آواز پيدا ڪرڻ کان سواءِ دروازي کي کولي. ڏاڍيءَ خاموشيءَ سان بند ڪري ٻاهر نڪي ويو. دروازي کان ڪجهه پر پرو ٻنين تائين هن کوشش ڪئي ته. پاڻ کي ڏوڙڻ کان روڪي. پر ٻنين جي ويجهو پڄي هي پاڻ کي قابو رکي نه سگهيو ۽ پوريءَ قوت سان ڏوڙڻ لڳو. گهٽو پريان ويجي ساهي ڪٽڻ لاءِ رکيو. هڪ ڊگهيءَ مدت کان پوءِ آزاد فضا ۾ ساهه ڪٽندي. هن کي ڏاڍو سکون محسوس ٿيو. درياهه جي ڪناري تي پهچي هن ڪپڙا لاٿا ۽ ماٽس جي رومال واريءَ هڙ ۾ ٻڌائين ۽ ائين ترڻ لڳو جو هڪ هٿ مٿي تي رکيل هئس. ته جيئن ڪپڙن واريءَ هڙ کي ٻُسڻ کان بچائي. جڏهن هو ٻئي ڪناري تي پهتو ته هن کي پنهنجي پويان ڪيمپ مان فائر جو تيز آواز ٻڌڻ ۾ آيو. پر هن ڪونه گهبرايو. ڏاڍي اطمينان سان ڪپڙا پائي. ڪيمپ ڏانهن ڏسڻ لڳو. جتان هن کي اِجهو هينئر چونڪارو مليو هو ۽ جتي هن جا مائٽ ايجان قيد ۾ هئا. پوءِ هن ڪيمپ ۾ بتيون ٻرنديون ڏٺيون ۽ هن سوچيو "پڪ هو مون کي ڳولي رهيا آهن."

دريا کان ٽورو پريان پکو روڊ هو پر هو پٽس جي هدايت موجب رستي کان لهي هيٺ هلڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ هي هڪ نديءَ جي ڪناري تي پهتو جنهن جي هن پار آزاد علائقو هو. هن هڪ پيرو وري ڪپڙا لاٽا ۽ نديءَ ۾ گهڙيو نديءَ ۾ پاڻي ننڍو هو ۽ هن جي پيٽ تي ٿي آيو. پريان هن کي ڪناري تي ڪيترا پاڇا هن کي گهيري ويا ۽ هن تي سوالن جي بوڇاڙ شروع ڪري ڏنائون. "ڇا تون اڪيلو آيو آهين؟ ڇا جي لاءِ آيو آهين؟"

پهرين ته هي گهبرائجي ويو پر پوءِ چيائين. "آءٌ اوهان جي ڪمانڊر سان ملڻ ٿو چاهيان. منهنجي پيءُ ان جي نالي هڪ چٺي ڏني آهي." ويٽ ڪانگ گوريلا هن کي پاڻ سان گڏ وٽن جي جهُنڊ ۾ لڪيل هڪ جھوپڙيءَ ۾ اندر وٺي ويا. جھوپڙيءَ ۾ ويڇايل تڏي تي هڪ پوڙهو شخص ويٺو ڏيئي جي روشنيءَ ۾ ڪجهه پڙهي رهيو هو. جڏهن گوريلن هن کي سڃي ڳالهه ٻڌائي ته. هو هڪدم خط وٺي بلند آواز ۾ پڙهڻ لڳو:

آزاديءَ ۽ انقلابي محاذ جا ڀائرو! "ترنگ منهنجو ۽ منهنجي زال جو اڪيلو ۽ سڪيلڏو اولاد آهي. اتفاق سان اڄ اسين هن ڪيمپ ۾ قيد آهيون. پر گذريل وقت ۾ انقلاب جي ڪري اسان سڀني زندگي گذاري آهي. اسان کي تي ايڪڙ زمين بہ ڏني ويئي هئي. جنهن جي ڪري اسان زال مڙس سڀني ٽياتي گذاري رهيا هئاسين. انقلاب ۽ آزاديءَ جي متوالن لاءِ اسان ۾ سدائين عزت ۽ احترام رهيو آهي. هاڻي جيئن ته منهنجو پٽ جوان ٿي چڪو آهي ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته اسان تي ان زمين جو حق آهي. جنهن جي زرخيز سيني مان هن زندگيءَ جو رس چوسيو آهي. ان لاءِ چاهيان ٿو ته اوهان هن کي پاڻ سان شامل ڪريو نه ته زوري سرڪاري فوج ۾ پرتي ڪيو ويندو ۽ مهرباني ڪري قبول ڪجو! هن کي اسان جي پاران هن ڏرتيءَ جي لاءِ هڪ حقير سوکڙي ڪري قبول ڪندا. جنهن جون پاڙون اسان جي اندر ڏاڍيءَ گهرائيءَ ۾ آهن ۽ جنهن جي آزادي اسان جي وڏي خواهش آهي. جيتوڻيڪ هي ننڍو ۽ ناتجربيڪار آهي. پر مون کي پڪ آهي ته اوهان جي صحبت ۾

رهي، هي هن ڏرتيءَ جو سچو محافظ ثابت ٿيندو. آءٌ ۽ منهنجي گهر واري اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

اوهان جو ساٿي
نگوين

خط پڙهي پوڙهي ڪمانڊر جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا ۽ اکين ئي اکين ۾ ترنگ کي ڏسي خوشيءَ مان چيائين، "نگوين پاءُ! اسان کي تنهنجي سوکڙي قبول آ....." پوءِ هن ساٿين کي حڪم ڏنو: "اسان جي نئين ساٿيءَ جي آرام جو بندوبست ڪيو وڃي، ڏاڍو ٽڪجي پيو هوندو سياڻي کان هن جي تربيت ڪئي ويندي."

(3)

ٻي ڏينهن صبح جو جلسي گاهه ۾ زبردستي ڪيمپ جي سيني رهاڪن کي گڏ ڪيو ويو. نگوين ۽ سندس زال ٻئي ڏوهارين جي ڪٺهڙيءَ ۾ بيٺا هئا. کين ڏسي هر ڪو اهو سمجهي ٿي سگهيو ٿو ته انهن تي ڪيترو تشدد ڪيو ويو آهي. نگوين جا ڏند ڀڳل هئا ۽ وات مان رت اڃي رهيو هئس. ۽ سندس زال تيدو هر هر بيهوش ٿي ويئي ۽ ڪِري ٿي پئي. پر ڪيمپ جي سپاهين ڪيس وري اڌاري ٿي بيهاريو.

ڪيمپ جي اعليٰ آفيسر جي اڇڻ سان ئي جلسي جي باقاعده ڪارروائي شروع ٿي. نگوين ۽ سندس زال تي الزام لڳايو ويو هو ته. هنن سازش وسيلي پنهنجي پُٽ کي پڃايو هو. اهو هڪ وڏو ڏوهه هو ۽ جيڪڏهن ان ڏوهه جي پاداش ۾ ڪين اها سزا نه ڏني وڃي ها ته. اهو ڏوهه ويا جي صورت اختيار ڪري سگهيو ٿي. سو ڪيمپ جي سيني رهاڪن کي سبق سيکارڻ لاءِ ڪيمپ جي اعليٰ آفيسر ٻڌايو ته. نگوين کي سيني جي سامهون ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي. البت سندس زال کي عورت هئڻ جي ناتي رعايت ڏيئي جيئرو رهڻ ڏنو ويو.

ان حڪم سان ئي ٻه سپاهي اڳيان وڌيا ۽ نگوين کي گُلهن کان جهليائون. سندس زال واويلا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ ايتري ته ڪمزور هئي، جو هن جي نڙيءَ مان هڪ لفظ به نه ٿي نڪتو. بس هوءَ بي وسيءَ مان بيٺي پنهنجي اکين سان پنهنجي مڙس کي ڦاسيءَ جي

تختي ڏانهن ويندي ڏسي رهي هئي. نگوين جي گلي ۾ ڦندو وڌو ويو. زندگي ۽ موت جي وچ ۾ ڪجهه گهڙين جو فاصلو هو. هن آخري پيرو اکيون پٽي سامهون ڏنو ۽ هن جي مُکَ تي هڪ انوکي مرڪ پکڙجي ويئي، ان سان گڏ سپاهي ليور ڇڪيو..... ۽ ڪجهه گهڙين جي مزاحمت کان پوءِ هن جو روح هن جو جسم ڇڏي ڇڪي هئي.

سيني جي سامهون نگوين جو ڇڇريل لاش جهولي رهيو هو. پر هن جي منهن تي سڪون، شانتي ۽ سدا بهار مرڪ هئي.

ليکڪ: آنهه ڊڪ (ويٽنام)

مترجم: يوسف سنڌي

